
بک عشق ادب
(آتم کتا)
موهن کلپنا

بُـک عشق ادب

مختصر آتم ڪٿا

موهن ڪلپنا

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ارپيم

هر ٽين رات خواب ۾ ايندڙ
ڪجهه ڏنڌلي،
ڪجهه مبهم،
سنڌ کي...

موهن ڪلپنا

جمعو 14 آگسٽ 1984

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"بُڪ عشق ادب"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ ليکڪ **موهن ڪلپنا** جي مختصر آتم ڪٿا آهي.

موهن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ دل کولي سيڪجهه لکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو موهن جو نالو؛ اسان سمورن سنڌين جي دلين تي اُڪريل آهي ۽ ان کي ڪو به مٽائي نه ٿو سگهي. هو لکي ٿو:

"جهاز هليو ۽ مان آهستي آهستي سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري ٿيندو ويس. سڀ ته ياد اٿم.

خيال آيم ته هوا جو جهوٽو بڻجي وڃان ۽ سنڌ جي زمين، مڪانن ۽ ماڻهن کي چمڻ شروع ڪريان. ڪتو ٿي وڃان ۽ سنڌ جي رستن تي هلڻ شروع ڪريان. پنگي ٿيان ۽ سنڌ جي زمين تي ٻهاري ڏئي ان جي مٽيءَ سان سنانَ ڪريان. شايد چيز جو قدر وڃائڻ مهل پائبو آهي".

هي ڪتاب 2002ع ۾ **سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين رزاق بجير جا جنهن هن ناول کي فيسبوڪ پيج تي قسطوار ڪمپوز ڪري رکيو آهي ۽ اسانکي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ به رکڻ لاءِ موڪليو. پياري راشد شر کي جس هجي جنهن هن ناول جون سڀ قسطون سهيڙي ڪتابي شڪل ڏني. پروف جون چُڪون ڪمپوز ڪندڙ ۽ اسان طرفان سمجهجو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پہ اکم

”بک عشق ادب“ سنڌيءَ جي مشهور قلمڪار موهن ڪلپنا جي مختصر آتم ڪٿا آهي جيڪا سنڌ ۾ هن ڪان ٻہ دفعا پهرين ٻہ ڇپجي پڙهندڙن وٽ مقبوليت ماڻي چُڪي آهي. هي تہ موهن جي آتم ڪٿا آهي پر ان جي اُها ڪهڙي تحرير آهي جنهن اسان سنڌين وٽ مانُ نہ ماڻيو آهي. اها ان جي شاعريءَ هجي، ڪهاڻيون هجن، رپوتاز هجي، مضمون هجن، ناول هجن يا ناوليٽ. سمورين تحريرن هڪجهڙو مانُ پئي ماڻيو آهي، شايد ان ڪري جو موهن جي تحريرن ۾ آيل درد، رُڳو ان جو درد ڪونهي پر اسان جي سڄي ماحول/سموري ارد گرد ۽ سموري آس پاس جو درد آهي ۽ جڏهن اسين درد سان ٽٻ ٽيل سندس انهن تحريرن کي پڙهون ٿا تہ انهن ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي آس پاس جو اولڙو پسون ٿا.

”بک عشق ادب“ نہ رڳو موهن ڪلپنا جو بهترين ڪتاب آهي پر هيءُ سنڌيءَ جو ٻہ بهترين ڪتاب آهي. آتم ڪٿائن ۾ بهترين ڪتاب آهي ۽ آتم ڪٿائن جا جيڪي سنڌيءَ ۾ ڪتاب آيل آهن، انهن ۾ ٻہ ان جو مٿانهون درجو آهي. ”بک عشق ادب“ ۾ موهن جي بک جي ٻہ ڪهاڻي آهي. هُن زندگيءَ ۾ جيڪا بک ڪٽي آهي، جيڪي رولڙا ڪٽيا آهن، جيڪي پريشانيون ان کي پلئه پيون آهن، جيڪي مشڪلاتون ان جي راهن ۾ رنڊڪون بڻيون آهن، اُهي سڀ هن ڪتاب، هن آتم ڪٿا جي هر ورق ۾ موجود آهن ۽ هن اها آتم ڪٿا ٻہ ان ڪري لکي جو هن کي ان ڳالهہ جو ڀرپور احساس هو.

”مون جيون سان ڀرپور پيار ڪيو آهي، ان جا دک، سک، آنيو، خواب، آدرش ۽ اڻپوريون ٿيل خواهشن جا درد وندڻ چاهيان ٿو. “ ۽ انهن دردن کي وندڻ لاءِ هن آتم ڪٿا کي تحرير ڪيو ۽ پنهنجو شروع ۾ ئي تعارف ڪرائيندي ٻڌائي ٿو:

”ان ڪري زندگيءَ جو گهڻو حصو فاقه ڪشيءَ ۾ گذاريو اٿم. جيتوڻيڪ ان سوچ کان ٻہ واقف آهيان تہ ماڻهو هميشه سچ ڳالهائي نہ ٿو سگهي. “

”جيل ٻہ ڪٽيا اٿم تہ گولين جي سامهون سينو ٻہ ساهيو اٿم. ادبي محفلن ۾ سر ڪٽيا اٿم ۽ ڪٽايا اٿم. زلفن جي پينگهن ۾ وڪڙ بڻجي لطف ماڻيو اٿم ۽ غلط گلاسن جو زهر پيتو اٿم. پنهنجو رت ٻہ پياريو اٿم. حاصل مطلب اهوئي تہ جتي هوس. اتي آهيان. منهنجو بئنڪ بئلنس فقط ڪي يادون آهن. ڪجهہ ٻہ تہ نہ آهيان مان. قوم جي قسمت ناهي نٿو سگهان. قوم تہ قوم پنهنجو مقدر ٻہ ناهي نہ سگهيو آهيان ۽ عمر جي اڌ صديءَ ۾ فقط خوابن جي لاشن کي اکين ۾ چيندو ڏٺو اٿم“.

ان جي عشق/عشقن جي ڪليل ڪهاڻي هن آتم ڪتا ۾ آيل آهي. هن جي زندگيءَ ۾ جن به عورتن /محبوبائن پير رکيو يا جن به ان جو دروازو کڙڪايو يا جن جي پيار ۾ هو بار بار وڃائجي ويو، اهو سڄو تذڪرو هتي اسين پڙهي سگهنداسين هو چوي ٿو :

”شايد ڪنهن ڪلاڪار جي زندگيءَ ۾ به چار عورتون هڪ خاص اثر ڇڏي ٿيون وڃن. پوءِ هو ڪين مختلف ڪندن کان چٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. آرٽسٽ جي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به عورتون ضرور اچڻ گهرجن. ٻن وٽن جي باهه چٽڻ ۽ تن جو اختلاف ٻڌائڻ ئي ڪلا آهي. “

هن ڪوٽڙيءَ ۾ جنم ورتو. جنم ڀومیءَ جي حوالي سان ته ڪوٽڙي ان کي پياري هئي. سنڌ پياري هئي پر ڪوٽڙي ان کي نياضيءَ جي ڪري به پياري هئي. هن ڪيڏن نه دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ لکيو آهي:

”ڪوٽڙيءَ جي سرزمين تي شاهه لطيف جي پيرن جا نشان به ته آهن. ڪٿي ته پير سائين لطيف جي پير جي جڳهه مٿان آيو هوندو. منهنجو ۽ سندس تصوف جو ڪجهه حصو منهنجي من ۾. وجود ۾ گهسي ويو هوندو. پر اتي مون گهٽو. سنڌوءَ کي نه. نياضيءَ کي ڏٺو آهي. ڪراچيءَ ۾ جوانيءَ جڏهن جسم ۾ پچڻ شروع ڪيو ته سوچيم ڪوٽڙيءَ وڃان ۽ ڪيس پڃائي اچان.

نياضيءَ لسيءَ جا گلاس موڪليندي هئي. ڪڏهن مان نياضيءَ جي گهر. چاچ پياريندي پاڪر به پائيندي ۽ چميون به ڏيندي هئي. تڏهن ڏسان ته من جا گل تاج جي گلن جيان سنگمرمر جيان سخت ٿيندا وڃن...“.

"جڏهن سورنهن سالن جو ٿيس ته سيني ۾ سور جي ست اپريم. هن جي ياد آئي مون ماءُ کان پنج روپيا ورتا. رپئي نوين آني ڪوٽڙيءَ جي ٽڪيٽ ورتم. اسٽيشن تي ٽانگي ۾ وينس. به آنا پاڙو، به ميل پنڌ. لڳم ته هاڻي جوان ٿيو آهيان ۽ ڪيس پاڪر پائي چمي ڏئي سگهندس....

منهنجي اکين ۾ ڪلور فارم پريل اٿئي. مان ان وقت هوس هڪ پڪو هندو ۽ آر -ايس-ايس جو ميمبر هئس. مگر عشق ۾ فقط هڪ انسان هئس. رُڪ جهڙو بدن، سقراط جهڙي زبان، ماڪيءَ ۽ زهر جهڙو آواز، نظر ائين جڻ ست ديوارون پار ڏسي. ڪپڙا ته ڪجهه نه هئا. پر اها اُڪندڙ ۽ اُڪير حوس مٿان حاوي ٿي وئي.... ڏسان ته گهر کي تالو جو جڻ منهن تي لڳل. دل جڻ بيهجي وئي“.

نياضيءَ سان موهن ڪيترو پيار ڪيو. اچو ته اُهو به پڙهون:

”ڏهن سالن جي عمر بعد مون ڪيس وري ڪونه ڏٺو. آرزو اٿم ته ڪيس ڏسان. ٻڌي هوندي. شايد سڃاڻي به نه. مان به شايد نه سڃاڻانس. الائي جيئري به هوندي يا نه. ضرور

ٿورو مون کي بہ ياد ڪندي هوندي. مون کان ڪو حياتيءَ جو سال کسي وني ۽ هڪ منٽ نياضيءَ سان ملاقات ڪرائي تہ مان وڏيڪ سال ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃان. شايد اهو منهنجو پهريون پيار هو. معصوم، الڙ، نادان، پر مان اهو دعويٰ سان چئي ٿو سگهان تہ هن جي پيار ۾ پاڪ ۽ چمين ۾ هڪ شفقت هئي. اها چمي جا ماءُ، زال ۽ پريمڪا جي چميءَ کان مختلف هئي..“.

ان جي زندگيءَ ۾ رڳو نياضي ڪانہ آئي هئي. نياضي تہ ان جو پهريون پيار هئي. "عشق مون گهڻا ڪيا آهن ۽ مان اڪثر صادق ۽ ثابت قدم رهيو آهيان اڪثر ماڻهو پيار ڪن ۽ سمجهن تہ سچو پيار ٿا ڪن ۽ پوءِ جڏهن اهو پيار ختم ٿي وڃي تہ ان کي دوکو ڪوڙ چون ۽ ٻئي پيار کي صحيح معنيٰ ۾ سچو چون ....“

سرجوءَ جڏهن پهريون دفعو مون کي چمي ڏني تہ بنهہ ان کن نياضي ياد آيم. پر سوچيم تہ جنهن سان آهيان. ان کن ان جو خيال ڪندس. ان جي جذبن ۽ احساسن جو. هو بہ اندر جو سچ آهي جو موقعي جي ساڳيائي ڏسي ياداشت جي دريءَ مان پنهنجو سيس ڪڍي ٿي. پر چمي هڪ جي ۽ لطف ٻئي جو وٺان. مون پاڻ کي اهڙي تربيت نہ ڏني“.

پيار تہ مون گهڻا ڪيا. ڄڻ عشق جو ٽرئفڪ پوليس مئن هوس. حسينائون جي موٽرون آهن. جي هٿ جي اشاري سان بيهن ۽ هليون وڃن“.

هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ نہ رڳو پنهنجي بک ۽ عشق جي سچائين کي تحرير ڪيو آهي پر ادب ۽ سياست تي بہ ڪلي دل سان پنهنجي راين کي اظهاريو آهي. لکي ٿو :

مان آتم ڪٿا مان تاريخ ۾ انڪروچمينٽ نٿو ڪرڻ چاهيان. پر ڪو بہ شخص تاريخي طاقتن کان ٻاهر نٿو جيئي. هڪ ساڌو مهاتما جي غلطيءَ ۽ ان جي ايڏي سزا؟ منزل گاهہ تہ ويو. سنڌ بہ ويئي. هاڻ چمڙن جيان آسمان ۾ ابتا لٽڪيا پيا آهيون ۽ وينا سنڌ ڏانهن نهاريون. ڪڏهن ماڻ ۾ منزل گاهہ جا آواز ڪن تي پوندا آهن. هو هو، دانهون ڪوڪون، مليٽريءَ جي آمد ۽ هڪ لنبي ڪٽڪندڙ ماڻ. ڄڻ سيڪجهہ مري ويو آهي. گهٽيءَ، شهر، انسان ائين هر ملڪ جي تاريخ ۾ آهي. ڳالهيون عام جام ڏسجن ٿيون. بنگال، بهار، پنجاب جا فساد. هوڏانهن ٻي مهاڀاري جنگ مون ڏني آهي. وڏا ننڍا ٿيندا آهن. تنگ دل. تنگ خيال. تعصبيءَ مان هندستان ۾ گاندڻيءَ، نهروءَ ۽ سباش کي ائين نہ ٿو سمجهان. جي اُهي ئي نهن ها ۽ عبدالله سنڌيءَ ۽ جناح کي پاڻ سان ڪٽن ها تہ قصو ڪجهہ ٻيو هجي ها“.

”ڪاش ان وقت ڪو مون کي قوم جو وڳيانڪ تصور ڏئي ها. مان يارنهن سالن جي عمر ۾ انقلابي ٿيس. سورهن سال اندر گرائونڊ بہ ويس. ارڙهن ۾ ٽي مهينا جيل ۾ بند بہ ٿيس. پر ان وقت مون کي خبر نہ هئي تہ قوم ڇا هئي ۽ ڪهڙيءَ قوم لاءِ لڙڻو هو.

منهنجي جيون جو اهو اهم دؤر هڪ غلط آدر شواد جو شڪار ٿيو. مون جڻ ڪجهه پاڻ خلاف لڙائي ڪئي. پاڻ کي زخمي ڪيو. ڪنهن جڳهه تي بندوق، ڪارتوسن ۽ ڪرچين جي سنڀالڻ جي جوابداري به ڪنيم“.

"مون ڪٿي لکيو آهي ته هندستان جي آزاديءَ مون کي ڪا خوشي نه ڏني آهي ۽ مون گذريل 355 سالن ۾ هندستان جي قومي جهنڊي جي سلامي نه ڪئي آهي. اڄا آزادي لولي لنگڙي سمجهي اٿم ۽ آزاديءَ جي ڏينهن ڪڏهن به جشن ۾ شامل نه ٿيندو آهيان. اهو ڏينهن مون کي ياد ڏياريندو آهي ته اسان پنهنجي وطن کي ان ڏينهن وڃايو هو. “

"جهاز هليو ۽ مان آهستي آهستي سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري ٿيندو ويس. سڀ ته ياد اٿم.

خوش رهو اي اهل وطن هم تو سفر ڪرتي هين؛
در ديوار پر حسرت کي نظر ڪرتي هين.

خيال آيم ته هوا جو جهوٽو بڻجي وڃان ۽ سنڌ جي زمين، مڪانن ۽ ماڻهن کي چمڻ شروع ڪريان. ڪتو ٿي وڃان ۽ سنڌ جي رستن تي هلڻ شروع ڪريان. پنگي ٿيان ۽ سنڌ جي زمين تي ٻهاري ڏئي ان جي مٽيءَ سان سنانَ ڪريان. شايد چيز جو قدر وڃائڻ مهل پائبو آهي“.

موهن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ دل کولي سيڪجهه لکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو موهن جو نالو؛ اسان سمورن سنڌين جي دلين تي اُڪريل آهي ۽ ان کي ڪو به مٽائي نه ٿو سگهي. موهن پنهنجي ٻاراڻيءَ وهي جي هڪ ياد کي تحرير ڪندي لکيو آهي؛

”مان سکر راجا رام هاءِ اسڪول ۾ ڪچي ٻاراڻي کان ٽئين درجي تائين پڙهيس. سامهون سنڌوءَ جو شاهي درياءِ هو جتي مائي راجا نالي ڪو مندر هو. اتي هڪ پير جو وڻ به هو. جتي پٿر سان هڪ نالو لکيو هوم؛ موهن، وڏو بند هو. پاڻي اٽڪل اٺ ڏهه فوٽ هيٺ. چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿيو آهي. سکر نه ڏٺو اٿم. ڪڏهن ڏسندو آهيان. هڪ ٻار آهي. پيل جي وڻ وٽ بيٺو آهي. سنڌوءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي. چاهيندو آهيان ڪاش! هڪ دفعو اتي پهچي وڃان. ان وڻ هيٺان جيڪڏهن اڄا به اتي آهي ۽ جي نه آهي ته ڪو تصور جو وڻ ڪڙو ڪريان. ائين تصور ۾ گهڻا دفعا سنڌوءَ جي ڪپ تي پيل جي وڻ هيٺان بيٺو آهيان. هاڻي به ڪيترا اتي بيهندا هوندا. ڪنهن کي خبر نه هوندي ته ان جڳهه تي ستن سالن جي عمر جو موهن ڪلپنا به بيهندو هو“.

۽ هن وقت موهن. اسان وٽ موجود ناهي. هو سنڌ کي هڪ پيرو ڏسڻ جي تمنا رکي رکي موڪلائي ويو. ڪاش هو هاڻي ڏسي سگهي. محسوس ڪري سگهي. تصور ڪري سگهي ته هن ستين سالن جي عمر ۾ سنڌ ۾ جنهن وڻ تي موهن ڪلپنا جو نالو

تحرير ڪيو هو اهو وڻ سلامت آهي. اهو نالو سلامت آهي. نہ رڳو اهو نالو ان وڻ تي تحرير ٿيل آهي پر هر سڀاجهو سنڌي پنهنجي دل تي موهن جي نالي کي ايڏي تہ پيار ۽ قرب مان تحرير ڪري چڪو آهي جيڏي پيار پاڀوهہ مان موهن پنهنجي هن آتم ڪٿا کي تحرير ڪيو آهي.

ناز سنائي

5 ڊسمبر 2001ع

شاهہ فيصل ڪالونيءَ

حيدرآباد سنڌ.



ڪمل ۽ موهن شاديءَ بعد نئين گهر ڀاڙان (1966)

ڪمل ۽ موهن شاديءَ بعد مالٽيران هل اسٽيشن تي (1966)



موهن ڪلپنا مائيران هل اسٽيشن تي (1962) فوٽو طارق اشرف جو ڪڍيل

ڪمل، گيتا ۽ موهن ڪلڪتي ۾ (31 ڊسمبر 1976)

ڪلڪتي ۾ مليل مرحبا جي موقعي تي (1976) فوٽو ۾:
لڪي ڪلاڻي، موهن ڪلپنا (ڳالهائيندي)، شري ڪلياڻي، ڪمل،
گيتا، هرومل سدا رنگاڻي خادم ۽ ٻيا.

ڪابي ڪان ساڄي: هيرو شيوڪاڻي، نارائڻ پارتي، رام شرما،
ايشور آنچل ۽ موهن ڪپلنا



ڪمل ۽ موهن ايلفنٽا ڪيوز ۾ (1967)

موهن ڪلپنا جي ڌيءَ گيتا
سورهن سالن ۾ قدم رکندي (1982)

ڪاٻي کان ساڄي: جئويي، نارائڻ شيام،
؛ آتم ۽ موهن ڪلپنا

ناول

هڪ نهايت ڊگهو رستو طئ ڪيو آهي مون. هونءَ ڪو رستو ٿيندو ته نه آهي زندگيءَ ۾ پيچرا، پهاڙ، ميدان تي ڪريل گُل. پير رکجن ته اڪثر ڪنڊا لڳن، واديون لهندو وڃجي، ڪرندو وڃجي، ڪرڻ ۾ موج آهي. ڪنهن سان ڪوڙ، ڪنهن سان دوکو، ڪڏهن اجايو ايمان پر مون اڪثر مٿي چڙهڻ چاهيو آهي، مٿي ۽ مٿي. ان ڪان به مٿي. ان ڪري مون ڌرم شاسترن جي به اوٽ ورتي آهي. ڏسان ته اتي ئي بينو آهيان. ياترا فقط من جي ڪئي اٿم. آدرشن جا پهاڙ، عمل جون ڪاهيون، ڪڏهن عمل جون باهيون، جيل به ڪاٽيا اٿم ته گولين جي سامهون سينو به ساهيو اٿم. ادبي محفلن ۾ سر ڪٽيا اٿم. ڪٽايا اٿم. زلفن جي پينگهن ۾ وڪڙ بڻجي لطف ماڻيو اٿم ۽ غلط گلاسن جو زهر پيتو اٿم. پنهنجو رت به پياريو اٿم. حاصل مطلب اهوئي ته جتي هوس، اتي آهيان. منهنجو بئنڪ بئلنس فقط يادون آهن. ڪجهه به ته نه آهيان مان. قوم جي قسمت ناهي نٿو سگهان، قوم ته قوم پنهنجو مقدر پڻ ناهي نه سگهيو آهيان. ۽ عمر جي اڌ صديءَ ۾ فقط خوابن جي لاش کي اکين ۾ چنيندو ڏٺو اٿم. مان هڪ ليکڪ آهيان، اڌ زندگي ٽيبل تي گذاري اٿم. روشنيءَ جي تلاش ۾ اوندهه ۾ قلم ڪنيو آهي مون. رواجي ماڻهو آهيان مان. رواجي ڪير به مونسان گڏجي ڪيس خسيسپڻي جو احساس نه ٿئي، ڪنهن ڪنهن سان به گڏجان مان ته ساڳيو احساس مون کي به نه جاڳي. خسيس ماڻهوءَ کي خسيسپڻي جو احساس مشڪل ئي جاڳندو آهي. ته پوءِ آتم ڪٿا ڇا جي؟ مون جيون سان ڀرپور پيار ڪيو آهي... ان جا دڪ، سڪ، آنيو، خواب، آدرش ۽ اڻپوريون ٿيل خواهشن جا درد وندڻ چاهيان ٿو مان. ائين مون رستي جي فقيرن سان گفتگو ڪئي آهي ته ملڪ جي وزيرن ۽ وزيراعظم سان پڻ ملاقاتون ڪيون آهن. فلم ائڪٽريسن سان شامون گذاريون اٿم ته ڪن سان راتيون جاڳي ڪچهريون ڪيون اٿم. مان شايد ڏيڪارڻ ٿو چاهيان ته ڪٿا فقط وڏن ماڻهن جي نه ٿيندي آهي، ننڍن جي به ٿيندي آهي. ته زندگيءَ جو لطف ماڻڻ لاءِ بنگلن، ڪارن ۽ هيليڪاپٽرن جي ضرورت نه آهي؛ چاهي من خلاف جهاد ڪڙو ڪرڻ به جهالت آهي. زندگيءَ جيئڻ هڪ ڪلا آهي. شايد مان پنهنجي سوچ ۾، وهنوار ۾، فطرت ۾ نهايت تخليقي آهيان. مان مصنوعيت کان ڀڳو آهيان. مون قدرن جي تلاش ڪئي آهي ۽ ان لاءِ ڪي اصول قائم ڪيا. قدرن کي پائي نه سگهيس ته قدر نه ڇڏيم، اصولن کي ڇڏيم. نيم يا ماپا غلط هوندا ته قدرن تي عمل ٿي نه سگهندو. اصول گنگا جيان آهن. اها رشي ڪشن وٽ اجول آهي. ڪانپور ۾ ساڳي گنگا ۾ لاش پيا وهن ۽ ڪناري تي وينل ڳجهين جا ڪليل پر ۽ ڪتل چنبا، ساڳي گنگا جو روپ امرت بدران زهر جو ٿا ڏين. اصول ڪوڙڪا آهن ته ان ۾ قدرن جا شينهن ڦاسن، جن کي ڦاسائي هيسائي، ٻڪرين سان دوستي رکائي وڃي.

دنيا ۾ سڀ کان وڏو قدر آهي انسان جي پاڪ ۽ مقدس جذبن جو بچاءُ. اهو قدر هندوستانين ۾ ورڻ سرشتي ۾ مار ٿو کائي. ڪن کي ڀڳوان منهن مان، ڪن کي ٻانهن ٽنگن مان، ڪن کي پيرن مان پيدا ڪيو. برهمڻ، ڪتري، وئش شودر، شودرن کي اڇوت ٻه چون. پر اهي برهمڻ جڏهن ڀڳوان جي مورتيءَ جي پوڄا ڪن ته ڏوئن هن جا پير ٿا. ڪيڏو ٻهروپ! ڪين ڀڳوان جا پير اصل نه ڏوئڻ گهرجن جو اهي اڇوت آهن. برهمڻ جو ڪم آهي وديا ڏيڻ. مگر برهمڻ وٽ هن ديش کي مضبوط ۽ طاقتور بنائڻ لاءِ ڪو علم نه آهي. جڏهن هنن بيلچيءَ جي ڪن اڇوت ڪٽنبن کي جيئري جلائي ڇڏيو ته جڻ پنهنجي ورڻ تي فتويٰ ڏني ته هندوستان ۾ فلسفانه سطح تي اهو طبقو ختم آهي.

هاڻي ته ڪتري به اهي آهن جي فوج ۾ آهن. هر ذات آهي ان ۾ ساڳي حالت واپار جي آهي:ڪوڙ، ٺڳي، ملاوٽ، ڪارو ڏنڌو. ۽ شودر به وزير ٿيڻ لڳا آهن ۽ هندوستان جي بچاءُ جهڙا وڏا ڪاتا سنڀاليا آهن.

سو جنم مان ڪير به ڪجهه نٿو ٿئي. اهو سرشتو ختم ٿي رهيو آهي. جرمن ۽ يهودي، يهودي ۽ عرب، مسلمان ۽ هندو، انهن سيني جا گڙ، ڪنهن سطح تي ته هڪ ڳالهه ڪن ٿا مگر ان جي غلط پڙهائي سبب ڪي شخص ۽ سرشتا، انسان جي سوڪيم عمل ۽ سريشٺ ڀاونائن جي هنسا ڪن ٿا. انهن پوڄا لائق ڪتابن ۾، اصولن جون وڏيون وڏيون ڳالهيون آهن ۽ اهي سڀ اصول تاريخ ۾ انساني قدرن کي ڪچليندا نظر اچن ٿا. ٻن جرمنين جي وچ ۾ ديوار ڇو آهي؟ فلسطيني ملڪ وجود ۾ ڇو نٿو اچي؟ ٻه ڪوريائون ڇو آهن؟ ڪجهه ۽ ڇا ڪٿي ٿو ضربجي ۽ اها قوميت جي هنسا آهي.

منهنجي جيون ۾ انهن سوالن جي مناسبت آهي به ۽ نه به آهي. قدرت انسان کي اهو ستايو آهي جو هو پنهنجي وجود جي پاڇي کان ڏکي ٿو ۽ ان کي گولي هڻي ٿو. ۽ جڏهن پاڇو نٿو مري تڏهن هو سچ جي ڳولا ڪري پاڻ کي گولي هڻي ٿو ڇڏي. مهاڀارت کان وٺي ٻي عالمگير جنگ تائين انسان ائين ڪيو آهي. مون گهٽن وڏن ماڻهن جون جيونيون پڙهيون آهن. اهي مون کي ڏاڍا ننڍا لڳندا آهن. بس پنهنجي زمين جو ٽڪر، پنهنجا ماڻهو، پنهنجو ڪلچر ۽ نظام، جنگ ۽ تباهي. ڪتاب نيپولين کي وڏو جنگي سورمو سمجهندا آهن. هڪ غنڊو، شخصي سطح تي هڪ خون ڪري ته اسين ان کي پڪڙي، ڪيس ٽڪون ۽ مڪون هڻي، جيلن ۾ بند ڪرائيندا آهيون پر اهو ساڳيو ماڻهو قومي سطح تي خونريزي ڪري ته ان کي سورمو سڏيندا آهيون. ڪرشن ڀڳوان سچ جو طرفدار ٿيو پر هڪ هڪ ڪورو کي ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ سان مارايو.

چي: هنن ڪوروَن به ته اوهان سان دولاب ڪيو. يعني جو ڪوروَن پهرين ڪيو سو پانڊوَن پوءِ ڪيو ۽ سڀ خلاص. اهي سڀ قومي سورما آهن. هٽلر ۽ مسولني قومي

غندا هئا. ڪين انسان جي سچن دشمنن جي خبر نہ هيءَ تہ اهي آهن بک، غريبي، بيماري، جهالت، قدرت طرفان ٻوڏ سوڪ زلزلا، ان ڪري منهنجو يقين آهي تہ دنيا ۾ فقط ٻن قسمن جا وڏا ماڻهو پيدا ٿيا آهن:

هڪڙا و گياني ۽ ٻيا ڪلاڪار.

وگيانين دنيا کي بهتر بڻايو آهي. چاهي ان ۾ اهي مفڪر اچن ٿا جن کي وگيانڪ سوچ آهي ۽ ڪلاڪار، جن جي ڪلا جيون سان پيار ڪرڻ ٿي سيکاري. باقي اهو ماڻهو، جن جيون جي بهتريءَ لاءِ جدوجهد ڪئي، مسيح کان وٺي گانڌي تائين انهن جي فهرست بہ وڏي آهي. انهن کان الڳ اهي درويش، صوفي جن زندگيءَ جي قدرن تي زور ڏنو، جيئن نانڪ، ڪبير، شاهہ لطيف آهن.

سچا سورما اهي خسيس ماڻهو آهن جن جي ڪا نہ ڪا خواهش مسيح جيان صليب تي چڙهي ٿي ۽ ڪو انسان گانڌيءَ جيان گولي کائي ٿو يا سندس ڪو خواب سقراط جيان زهر پيئي ٿو. ان ڪري مون قبول ڪري ڇڏيو آهي تہ منهنجي جيون ڪٿا هڪ اهڙي خسيس ماڻهو جو داستان آهي.

مان سکر راجا رام هاءِ اسڪول ۾ ڪچي ٻاراڻي کان ٽئين درجي تائين پڙهيس. سامهون سنڌوءَ جو شاهي درياءَ هو جتي مائي راجا نالي ڪو مندر بہ هو. اتي هڪ پپر جو وڻ بہ هو، جتي پٿر سان هڪ نالو لکيو هوم: موهن، وڏو بند هو. پاڻي اٽڪل اٺ ڏهہ فوٽ هيٺ. چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿيو آهي، سکر نہ ڏٺو اٿم. ڪڏهن ڏسندو آهيان: هڪ ٻار آهي، پپل جي وڻ وٽ بيٺو آهي، سنڌوءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي. چاهيندو آهيان ڪاش! هڪ دفعو اتي پهچي وڃان. ان وڻ هيٺان جيڪڏهن اهو اڃا بہ اتي آهي ۽ جي نہ آهي تہ ڪو تصور جو وڻ ڪڙو ڪريان. ائين تصور ۾ گهڻا دفعا سنڌوءَ جي ڪپ تي، پپل جي هيٺان بيٺو آهيان. هاڻي بہ ڪيترا شخص اتي بيهندا هوندا. ڪنهن کي خبر نہ هوندي تہ ان جڳهہ تي ستن سالن جي عمر جو موهن ڪلپنا بہ بيهندو هو:

رهندو فريئر روڊ تي ڪنهن پريس جي مٿان هوس، جنهن جو منهن پنئين گهٽيءَ ۾ هوندو هو. پريس اڪثر بند رهندي هئي ۽ اندر ٻليون پيون گهمنديون هيون. نم جي چاڙهيءَ وٽ شايد پوڪرداس ائنڊ سنس جو شاهي ڪتاب گهر هو. ٿلهي تي ٽانگا استينڊ هو. رستا پڪين سرن جا هئا، جتي ميونسپالٽيءَ جون ٽرڪون پاڻي هاري ٽڌڪار ڪنديون هيون يا ڪڏهن اهو ڪم پخالي ڪندا هئا. مون کي اصل خبر نہ هئي تہ انهيءَ شهر ۾ مونکان پنج ڏهہ سال وڏا، شيخ اياز، سڳن آهوجا، هيمون ڪالاڻي ۽ رشيد پٽي رهندا هئا يا ان جي گهٽين مان خطرناڪ انقلابي پرچو وديارٿي لنگهندو هو.

مان هڪ ٻار.

اسڪول مان موٽي تير ڪمان کڻي ٻلين جا شڪار ڪندو هوس. مون کي خبر ناهي ڪنهن جي مون هڪ ٻلي ماري وڌي. ڪنڊ تي هڪ گراموفون جو دڪان هو. اتي بيهي ڪتي واري فوني جا رڪارڊ ٻڌندو هوس، جا عادت اڳواڻن جون تقريرون ٻڌڻ ۾ تبديل ٿي. مان ان دوڪان واري ڪان فوني جون سيون وڻندو هوس ۽ تيرن ۾ اڳيان، ٿلهو پاسو اندر وجهي شڪار تي نڪرندو هوس. هڪ دفعي پريس جي شيخن واري در مان هڪ ٻليءَ کي پيٽ تي تير هنيم. ٻليءَ دانهن ڪئي: ميائون... سئي اندر هلي ويس ۽ تير سڌو ٻاهران اٽڪي پيس. ڪجهه ڪري نه سگهي. مان به ڪيس ڏسندو رهيس. به چار دفعا اچ وچ ڪري پوءِ اندر هلي ويئي. ان گهٽيءَ ۾ ڪا جڳهه ٿي نهي. اتي ريتي، سرون ۽ چني جو منو ڀريل ٽب پيو. هڪ ڏينهن ڏٺم ته هڪ ڪاري ٻلي ٽب ڀرسان وينئي آهي. اکيون بند، ڄڻ عبادت ۾ مشغول هئي. طوفان جي تيزيءَ سان هيٺ جهڪي مون ڪيس پڇ کان جهليو ۽ ڪيس ڇڪي چني جي ٽب ۾ وجهي ڇڏيم. ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر. ڏاڍي جدوجهد ڪيائين. هئي ڪاري اڇي ٿي وئي. ڪافي وقت ڪيس ڏٺم. آخر هوءَ ان ٽب ۾ غرق ٿي ويئي.

زندگيءَ ۾ جڏهن ڪڏهن ڪو دڪ ڏسندو آهيان، جڏهن بيوسيءَ جو احساس من کي سوگهو جهليندو آهي، روشنيءَ جو ڪو ترورو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي، من ۾ تازي هوا جي ڪمي محسوس ٿيندي آهي، تڏهن ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان، من عجائب گهر مان اها ٻلي اجاگر ٿيندي آهي ۽ ٽب مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٽپا ڏيندي نظر ايندي آهي. في الحال مفڪرانه سطح تي، مون لاءِ اهو ٽب هندوستان آهي ۽ ان ٽب کان ٻاهر فقط سنڌ آهي.

هڪ ماڻهوءَ پاڻ کي ماري ڇڏيو. ڳچيءَ ۾ نوڙي ٻڌي. ڪافي ماڻهو جمع ٿيا. ڇت ۾ ڪمان ۾ لٽڪيو پيو هو. اکيون ڦاٽل، زبان ٻاهر، ڳچي ڇڪيل، ٻاهر جوڙس ۽ ماءُ پيءُ روئي رهيا هئس. منهنجي من ۾ ان وقت فقط هڪ ويچار آيو: ائين نه ٿيڻ ڪپندو هو. شايد مايوسيءَ جي مستقل لمحن ۾ ڪڏهن مان آپگهات ڪري ڇڏيان ها، مگر مون کي زندگيءَ سيکاري ڇڏيو هو : نه، ائين نه! هوءَ عورت جوان، ڪيترو هن رنو. ڇا ان سورمي کي هن جو نه سوچڻ ڪپندو هو؟ ان ڪري منهنجا ڪردار آپگهات ڪندي ڪندي ان جو خيال لاهي ڇڏيندا آهن.

وشنو پاٽيا، منهنجو پيارو دوست. شايد هندستان جي سنڌي اديبن ۾ مون جيان وشنو پاٽيا آهي، جنهن ڪافي معاشرتي تڪليفون ڏٺيون آهن.

عشق ۾ ڦڪا ڪانا چوسيا آهن. هن جا ڪيسا اڪثر خالي رهندا آهن. پنج سؤ نوڪريون ڪيون اٽائين ۽ ڇڏيون اٽائين يعني نه ڪيون اٽائين.

مائونٽ ابوءَ جي هڪ پهاڙ تي وينا هئاسين. اديب چوندا آهن، وشنو کي ڳالهائڻ نہ ايندو آهي. غلط چوندا آهن. وشنو ڪچهرين ۾ نہ، دوستن ۾ ڳالهائيندو آهي. مادرن آرٽ، ميوزڪ، لٽريچر، رليجن، فلاسافي چيائين: آمريڪا جي اخبارن ۾ چرچ طرفان هڪ اشتهار ڇپجندو آهي: خدا واسطي، آپگهات ڪرڻ کان اڳ هڪ دفعو اسانکي فون ڪريو.

”ڇو آمريڪا ڪوچ ڪرڻ جو خيال ڪيو اٿئي“؟

”ڪلي، منهنجي آمريڪا انديا ۾ آهي.“

”اڇا.“

”منهنجي دل ۾، جڏهن بہ آپگهات ڪرڻ جو خيال ايندو آهي، مان تو وٽ هليو ايندو آهيان“.

ايشور آنچل بہ چوندو آهي ”آپگهات جو فلسفو غلط آهي. اسين موهن کي ڏسندا آهيون، اسان کي لڳندو آهي، آپگهات سچ پچ ڪانئرتا آهي“.

منهنجو شخص جيون جيئڻ جو اتساه ڏئي تہ ان مان مون کي پنهنجي شخص کي جائز فخر ٿيندو آهي. مون کي زندگيءَ سيکاريو؛ نہ، ائين نہ، ڪيس ائين نہ ڪرڻ ڪپندو هو، مون کي، ڪنهن کي ائين نہ ڪرڻ ڪپي، گم ٿيل شخص جي ڳولا باقي بچيل شخص کي مارڻ ۾ نہ آهي.

هڪ ڏينهن ڏسان تہ بزار بند ٿيڻ لڳي آهي. ڪي ماڻهو دڪان لٽي رهيا آهن. منزل گاهہ ! منزل گاهہ! چون شهر ۾ هندن مسلمانن جو فساد ٿيو آهي. تڏهن مون کي خبر نہ هئي ماڻهو هندو بہ ٿيندا آهن ۽ مسلمان بہ ٿيندا آهن. ساهہ هوندو تہ ٻنهي کي پيارو آهي، پر ٻئي سمجهندا آهن فقط هڪڙن کي ۽ ٻين کي پيارو نہ هوندو آهي.

دادا منهنجو پيءُ بہ دڪان تان نوان بوٽ ڪٽي آيو. پوءِ جڏهن مليٽري آئي تہ دادا اهي بوٽ هيٺ ڦٽا ڪري ڇڏيا مليٽري ايندي هئي تہ شهر ۾ راڪاس گهمي ويندو هو، ماءُ ٻارن کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڊپ ۽ هراس وچان آسمان ڏانهن نهاريندي ۽ مان سوچڻ لڳندس تہ هي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ڇو ٿا.

گهڻو پوءِ سمجهيم تہ ماڻهو وڙهندا نہ آهن، ويڙهايا ويندا آهن.

هڪ ڏينهن مون دادا کان پڇيو: ”دادا منزل گاهہ ڇا آهي“؟

”توکي اها جڳهہ ڏيکاري اٿم“.

”پر آهي ڇا“؟

”مسلمان چون ٿا تہ اتي هڪ پراڻي مسجد آهي“.

”مسجد ڇا کي چئبو آهي“؟

”هندو ڀڳوان جي مندر ۾ پوڄا ڪن ۽ مسلمان مسجد ۾ خدا جي“.
”ڀڳوان ۽ خدا ۾ ڪهڙو فرق آهي“؟
”ڪو به نہ!“
”مندر ۽ مسجد ۾ ڪهڙو فرق آهي“؟
”ڪو به نہ“.
”ڀلا هندن ۽ مسمانن ۾“؟
متي تي هٿ رکي پيار ڪندي چيائين” سچ پچ تہ ڪو به نہ“ .
”جڏهن ڪنهن به ڳالهہ ۾ ڪو فرق ناهي تہ پوءِ ماڻهو وڙهن ڇو ٿا“؟
”اڻ پڙهيل آهن“.
”فساد ٿيو ڄڻ طوفان لڳو. چؤ طرف ويراني ۽ سنسناهٽ، ڊپ ۽ هراس ۽ هوءَ منهنجي ماءُ ؟ متان منهنجن ٻچڙن کي ڪجهہ ٿي پئي. جي دنيا جون مائرون ٻڌي ڪن تہ دنيا ۾ ڪا جنگ نہ لڳي. ڪو دنگو فساد نہ ٿئي. ماءُ هڪ يونيورسٽي آهي. زبان به اها ڏئي، تهذيب به، پيار به، موهہ، ممتا، وشواس ۽ تياڳ. جمهوري ملڪن جون پارليامينٽون اهو قاعدو پاس ڪن تہ ملڪ جا صدر ۽ وزيراعظم فقط عورتون ٿي سگهن ٿيون.
گهٽيءَ ۾ مليٽري پريڊ، شوٽ ائٽ سائيٽ جا آرڊر.
مان صبح جو پنجين لڳي اڪثر خالصن وارو وڏو گلاس ڪٽي دادا لاءِ چانهہ وٺڻ وڃان. سخت اوندهہ، تہ واچ مئن پڇندو: ڪير؟
اڙي موهن آهين، وڃ وڃ.
پئسي ۾ هي گلاس، پئسي پلو مون ورتو، پنجين پئسي سير ڪير، هڪ پائيءَ ۾ نو يعني پيسي ستاويهہ مرچن جا پڪوڙا. پئسي ۾ ست ننڍا بسڪيٽ. مون کي ياد آهي. ٿلهي تان چانهہ وني ايندو هوس. اهي ڏينهن هئا، سکر ۾ ڀڳتون به ٿينديون هيون، رام ليلائون به. مشاعرا، راڳين جون مجلسون مون ڪو نہ ڏٺيون.
ڪنهن درويش جي مائٽ کي ڪن خبيث هندن ماري ڇڏيو، ٻين خبيثن بدلي ۾ ڀڳت ڪنور جو خون ڪيو. تيرٿ بسنت ڪنور تي زبردست ڪتاب لکيو آهي سال کن ٿيو تہ وري پڙهيم:
ڪنور نہ هندو _نہ مسلمان هو.
۽ اجا سنڌ جي قومپرستن ڪنور جو ڏينهن نہ ملهايو آهي.
ڪين رهڙڪيءَ ۾ ڪنور جي سماڌيءَ اڳيان گوڏا کوڙي پنهنجن وڏن جي گناهن جي معافي وٺڻ گهرجي.

مان ان سرگس ۾ شامل هوس. ٻيا رنا پئي، مون نہ رنو. ڪجھ سمجھيم بہ نہ تہ ڪنور کي ڇو ماريو اٿائون. مون سندس ڪليل شڪل ڏٺي منھن ۾ نور هئس. ماڻھن ڳايو پئي؛ ڪجھ ھن ريت:

هئه هئه اسان جا سنت سچا ڪنور ڪسي وئين.
اڄ اوچتو ئي اوچتو...

ان سرگس ۾ مسلمان بہ هئا. هندن ۽ مسلمانن جي شڪلين ۾ فرق صرف ڏاڙهين مڇن ۽ ڪپڙن جو هو. ساڳيا مهاندا، خط و خال، قد بت. ڳالهائڻ جو انداز، مسلمانن جي ڇاتين ۾ ڪعبا، هندن جي ڇاتين ۾ ڪاشيون، سنڌ تہ ڄڻ ڏسڻ ۾ نٿي آئي. سنڌ فقط لطيف جي ڪلام ۾ هئي.

مان ڪن خاص حالتن ۾ آر-ايس ايس ۾ پرتي ٿيس. ڪراچيءَ ۾ شايد 11 سالن جو هئس. 1942ع کان 1951ع تائين. پر مان هر مسلمان کان نفرت ڪري نہ سگهيس؛ بلڪہ مون هندن کان وڌيڪ مسلمانن سان محبت ڪئي. جو سنڌ ڌرتيءَ مسلمانن ۾ ڏاڍا سنا ماڻھو، فنڪار، مفڪر درويش پيدا ڪيا آهن. پر هاءِ پير علي محمد راشدي، جنھن مسلمانن کي سنو انسان بنائڻ بدران غلط بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنھن ۾ جي- ايم سيد ڪافي مدد ڪيس.

سو مون هوش سنڀاليو تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ مان هندو هئس.

منھنجو جنم ڇنڇر 22 نومبر 1930ع ڪوٽڙيءَ ۾ صبح جو ساڍي پنجين لڳي ٿيو. ڏاڏيءَ جو پھريون پوٽو، ناني ۽ نانيءَ جو پھريون ڏوهٽو ۽ ماءُ پيءُ جو پھريون پٽ هئس. چوندا آهن؛ پئسو هٿن جي مَير آهي. شايد جنم جي پھرين ڏينھن منھنجا هٿ ايترا تہ چمياڻون جو منھنجي هٿن ۾ اڌ صديءَ جي عمر تائين ڪا مَير ڄمي نہ سگهي آهي.

ديڳيون چڙهيون، شرنائي وارا گهرايا ويا. ان ڏينھن هر رستو سيوهاڻي گهٽيءَ لنگهن جي پاڙي ڏانھن ٿي ويو. ڪنڊ ۾ گهاڻو، ان بعد اسانجو گهر، گهر وٽان سنڌوءَ طرف وڃجي تہ رستو مڳٽهار جي پاڙي کان وڃي سنڌوءَ ۾ سماپت ٿئي. ان جي ابتڙ رستو عيد گاھ کان ڦرندو بند ڏانھن وڃي ماڇين جي پاڙي ۾ ڇيڙو ڪري. چوڪنڊي جو سڌو رستو، هڪ تہ ان اسڪول طرف وڃي، ٻيو مکيہ بازار، مختيار ڪار جي آفيس، حيدرآباد ڏانھن ويندڙ بس اسٽئنڊ ان ئي بزار مان هڪ رستو اسٽيشن ڏانھن جنھن جا ننڍا وڻ ۽ ڪنڊ اجا بہ ياد اٿم.

منهنجو دادا بولچند منگهارام لالا، اصل سيوهاڻي ريلوي ۾ ڪلارڪ هو ۽ هر پنجين ستين سال سندس بدلي ٿيندي هئي، ان ريت ڪوٽڙي بعد ڪي سال سکر، ڪي سال لاهور، ڪي سال ڪالڪا سملا، وري ڪي سال ڪوٽڙي ۽ ڪي سال ڪراچيءَ ۾ گذاريا سين. ڏاڏو لالا منگهارام وڏو دهشت وارو شخص هو ۽ ماڻهو سندس وڏي عزت ڪندا هئا. ناناٽا حيدرآباد ۾ اولهندي ڪچي ۾ رهندا هئا، ڪين بنگلو هو مان ٻيو دفعو جڏهن ڪوٽڙيءَ آيس تہ پنڌ ئي حيدرآباد ويندو هوس ۽ ساڳئي ڏينهن واپس ورندو هوس. منهنجو پڦڙ جيتورام پٽ شاهہ ۾ اسٽيشن ماسٽر هو. مان شاهہ لطيف جي زمين تي پيدا ٿيس پر ياد نہ اٿم تہ ڪڏهن پٽ شاهہ ويو هوس. منهنجي پيءُ جو مامو تلسيداس بہ سيوهاڻي گهٽيءَ ۾ رهندو هو، جنهن جون بہ ڏيئرون رڪمڻي ۽ ليلان شهر جون خوبصورت چوڪريون ليکيون ويندیون هيون ۽ خاص طور ٻروچ سندن گهر ٻاهران ٽڏا ساهہ ڀري سڄي شهر کي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪري ڇڏيندا هئا. نانو مينارام بٽاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر هو. منهنجي ماءُ ڏمي ٻائي تعليم ڪانوينٽ ۾ ورتي ۽ مرڻ تائين ڀڳل ٽٽل انگريزي ڳالهائيندي هئي. دڪ ۾ اڪثر انگريزي ڪوتائون ڳائيندي هئي. ڏاڏو بہ ريلوي ۾ هو. رٽائر ٿيڻ بعد هن چارلس ڊڪنس جا ناول پڙهڻ شروع ڪيا. ٻيو هن وٽ ٽئگور جا ڪتاب هوندا هئا. پڇاڙيءَ جو هو انڌو ٿي پيو. ان هوندي بہ ڪڏهن بزار ويندو هو تہ ٽانگي وارا پاسو ڪندا هئا تہ لالا منگهارام ٿو اچي. نالو سندس ياد نہ اٿم ؛ مگر مان جڏهن ٻيو دفعو ڪوٽڙيءَ آيس تہ هڪ ٽانگي واري هفتي ٻئي مون کي اڳيان ويهاري شهر گهمائڻ شروع ڪيو. اهو زمينداري دور هو، ان ڪري صدين کان ماڻهن جي زندگي نهر واري هوندي هئي. ماڻهن ۾ سادگيءَ ۽ سچائي هوندي هئي ۽ لڳ ڀڳ اندران ٻاهران ساڳيا هوندا هئا. مان شڪل مان ذهين لڳندو هوس ۽ گهٽ پڙهڻ جي باوجود ياداشت تيز هئڻ سبب، ڪچي ٻاراڻي کان مئٽرڪ تائين ڪلاس جو مانيٽر رهندو آيس؛ چاهي تہ في نہ ڀري سگهڻ ڪري مئٽرڪ ۾ اسڪول فقط ايڪويهہ ڏينهن وڃي سگهيس. مان سکر ۾ ٻئي درجي جو هئس جو ماسٽر رسيس ۾ سڏ ڪري ٿي صلاحون ڏنيون تہ مان شڪل مان ڪيس ائين ٿي لڳس تہ مان پنهنجي ماڳ ۽ ماڻهن لاءِ ڪجهہ ڪندس، ان ڪري.

1. تون هميشہ سچ ڳالهائج.
2. ڪڏهن ڪنهن کي گار نہ ڏج.
3. روز اخبار پڙهج.

منهنجا ڪوڙ بہ اڪثر ڪلياڻڪاري هوندا آهن. دنيا ۾ جون اخبارون پڙهندو آهيان ۽ اڄ تائين ڪڏهن هڪ گار نہ ڪڍي اٿم. غصي جي حالت ۾ گار ۾ غصو زوردار

نموني ظاهر ٿيندو آهي، پر جيئن تہ مان گار نہ ڏيندو هئس ان ڪري ننڍي عمر کان زوردار اظهار جي تلاش ۾ هوندو هئس. سوچ جي ان وقت منهنجي زبان توڙي ادب ۾ ڪافي سختي پيدا ڪئي؛ ان ڪري ظرافت جو هنر ٻئي هن ڀلي اسڪول ماستر جي صلاح سان حاصل ڪري ورتم. ان ظرافت وڏن ماڻهن سان گڏجڻ ۾ مون کي ڪافي مدد ڏني آهي ۽ مان يا عمر ان گمنام ماستر جو مشڪور رهيو آهيان. مون پنهنجي شخصي مطلب يا فائدي لاءِ شايد ئي ڪوڙ ڳالهايو آهي؛ ان ڪري زندگيءَ جو گهڻو حصو فاقہ ڪشيءَ ۾ گذاريو اٿم. جيتوڻيڪ ان سوچ کان بہ واقف آهيان تہ ماڻهو هميشہ سچ ڳالهائي نٿو سگهي.

سو مون هوش سنڀاليو تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ مان هندو هئس.

سکر جي ڪَسين ۾ ڪانا وجهي ان جو پيچو ڪندو هوس تہ آخر اهي ڪيڏانهن ٿا وڃن ۽ اهي ڪٿي وڃڻ بعد خلاص تہ نہ ٿيندا هوندا،

مگر روپ ضرور بدلائيندا هوندا ۽ ڪنهن ٻئي روپ ۾ قائم رهندا هوندا. وڏو ٿيس سوچيم هندن جون چوراسي لک چوڻيون بہ ان ريت هونديون. لاش کي باهہ لڳي. رک نديءَ ۾ ويئي. ندي سمنڊ ۾ سمنڊ مان ڪڪر. ڪڪرن مان مينهن. سو دنيا جي هر پراڻيءَ جي وجود ۾ ان جو ڪو جزو سمائجي وڃي.

سکر ۾ زندهہ پير جي مقبري تي ويندو هئس ۽ پائي ڏيئي ساڌ ٻيلي ۾ ڊوڊو چٽڻي لسي وغيره ملندا هئا. سنڌو درياءَ ۾ اهو ٻيلو ڏاڍو وڻندو هو. مان ننڍي عمر کان رولاڪ بڻيس ۽ دادا جي مسلسل ٻولي. مون کي وڻن تي چڙهي وڏين ٽارين تي لٽڪڻ جي عادت پئجي وئي سا اجا بہ اٿم. ڪوٽڙيءَ توڙي سکر ۾ ٻيرن ۽ ڪجين جي وڻن جو ڪو اوهي واهي نہ هو. ڪجور ڏاڍي وڻندي هئم. ائين مون ڪعبي جي ڪجور بہ ڪاڌي آهي. مون هڪ ڪهاڻيءَ بہ لکي". امن حليلن لاءِ". ڪجور اهڙي سني آهي جو ان جي حاصلات لاءِ هندوستان، پاڪستان سان دائمي جنگنبندي جو عهدنامو ڪري سگهي ٿو. رلڻ پنڻ، پٽڪڻ، سوچ، سوچ مان ڪٿان آيس مان، ڪيڏانهن ويندس. زندگيءَ ۽ موت وچ ۾ ڇا غلط، ڇا صحيح آهي. ان کي ڪيئن بهتر بنائجي. پهرين ٻن، ويد وياس ۽ والميڪي ۽ آخرين ڇيد ۾ ڪارل مارڪس سگمنڊ فرائڊ ۽ رابرٽ آئنسٽائن منهنجي سوچ کي وگيانڪ ڏانءُ بخشيو آهي. چاهي ٿورو گهڻو، دنيا جي گهڻن مفڪرن کي پڙهيو اٿم.

سکر جي منزل گاهہ منهنجي دل تي نهايت گهرو اثر ڇڏيو آهي. پر عمر ننڍي هئم.

مسئلو سمجهہ ۾ نٿي آيو. اسان جا ماستر ۽ پروفيسر بہ سنڌي تاريخ بابت اڪثر جهڙا ڄٽ. ليڪڪن وٽ بہ خالي اڻ لکيل پٽي. ڏاهر کي شيخ اياز معرفت، محمد ابراهيم

جويي مشهور ڪيو تہ اهو سنڌي تاريخ جو پهريون سنڌي سورمو آهي، جو پنهنجي زمين ۽ ماڻهن لاءِ لڙيو. ان کان بہ وڏو درجو دودي جو آهي جو بہ سنڌ جي زمين ۽ ماڻهن لاءِ، سنڌي غيرت لاءِ دهليءَ جي شهنشاهه علاؤالدين خلجيءَ سان لڙيو. اڏيرو لعل کي اوتار مڃيو ٿو وڃي، مگر هن جي زندگيءَ تي گهٽ ڪوجنا ٿي آهي ۽ اسين سندس سيڪيولر ڪردار اياري نہ سگهيا آهيون، ڇو تہ اهوئي مسلمانن لاءِ زنده پير آهي، جو سڪر ۾ آهي؛ ۽ سخت سياسي مت پيد رکندي بہ مان مڃان ٿو تہ پير علي محمد راشديءَ "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" ۾ منزل گاهہ تي ڪافي سنڌ سان صحيح لکيو آهي. جيڪڏهن ڪير نارائڻداس ملڪاڻي جي آتم ڪٿا، "نرالي زندگيءَ" پڙهي، جا هن پير علي محمد راشديءَ کان اڳ لکي آهي تہ لڳندو تہ منزل گاهہ هڪ پراڻي مسجد ئي آهي.

سومرن ۽ سمن جي وقت کان، رياستي سطح تي سنڌ ۾ مذهبي نفاق ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ترخانن جي وقت ۾ ٿوري سختي ٿي. مگر انگريزن زور ايڪڙ ٻيڪڙ واقعن تي آندو. پر مسلمانن سان وڙهن ۽ هندو هندن سان، اهڙا ڪيترا مثال تاريخ ۾ موجود آهن. يعني روايات جي لعنت، مگر سامراجوادين پنهنجي راج کي قائم رکڻ لاءِ سنڌين ۾ نفاق جو ٻج وڌو. سنڌ جي تاريخ ۽ هندوستان جي تاريخ ۾ وڏو فرق آهي. سنڌ ۾ تصوف جو گهڻو اثر رهيو آهي. اڪبر بادشاهہ 1574ع تي بکر فتح ڪيو ۽ 1591ع ۾ ٺٽو ۽ سيوهڻ. هو پاڻ امر ڪوٽ سنڌ ۾ 15-آڪٽوبر 1542ع ۾ راڻا ويرسال جي گهر ۾ ڄائو ۽ سنڌ محض ٻن خيالن کان فتح ڪيائين تہ اتي سيڪيولر راج برپا ڪندو ۽ سنڌ افغان ڪارواين کي روڪڻ لاءِ بفر اسٽيٽ ٿي ڪم ايندو.

سنڌ جي مغل فتح کان اڳ هڪ صوفيءَ شيخ مبارڪ سوچيو تہ سنڌ ۾ اهڙو راج برپا ڪجي، جتي دائما صلح ۽ شانتي هجي، ان لاءِ دهليءَ روانو ٿيو. اڪبر کي معلوم ٿيو تہ سنڌ مان هڪ وڏو صوفي آيو آهي، سو ڪيس گهرايائين ۽ چيائينس: "مان سنڌ لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مون کي تہ رات جو ننڊ بہ نٿي اچي"

"ڇو عالم پناهہ"؟

"هتي دهلي ۾ ڪا بہ سلطنت ڏهن ويهن سالن کان وڌيڪ نٿي هلي. مان هندوستان لاءِ ڪيترو سوچيان ٿو. پر ٿيندو ڇا؟ مان مري ويندس تہ ماڻهو چوندا دهلي ۾ هڪ ان بادشاهہ راج ڪيو، جنهن جو نالو هو ابو الفتح جلال الدين محمد اڪبر ! اهڙو ڪو رستو نظر نٿو اچي، جنهن مان هندوستان ۾ مغل سلطنت قائم رهي".

شيخ مبارڪ مشڪڻ لڳو. "ان جو رستو تہ منهنجا پٽ فيضي ۽ ابو الفضل ٻڌائي سگهن ٿا. اوهان مون اڳيان ڪو وڏو مسئلو رکو".

جلالدين اڪبر کي رستو سنڌي شاعر فيضيءَ ڏيکاريو، جنهن کي اڪبر هندوستان جي پوئٽ لاريٽ سڏيو. فيضيءَ چيو، ”شهنشاهه، هن ملڪ جا گهڻا ماڻهو هندو آهن، جي ان ڪري جزيو ۽ ٻيو ڍلون ڀرين ٿا جو هو مسلمان نه آهن. ڪين پوري مذهبي آزادي نه آهي؛ ان ڪري اهي اوهان سان ڪا همدردي نٿا رکن. حڪومت کان ڪٽيا رهن ٿا. هندن ۽ مسلمانن کي ساڳي طرح برابري سان هلايو- اوهان جو راڄ صدين تائين هلندو رهندو“ .

اڪبر کي ڳالهه دل سان لڳي ۽ پيش پيش هن پنهنجي نئين مذهب دين-الاهي موجب صوفي متي قبول ڪيو. ڄائو سنڌ ۾، صلاح سنڌيءَ جي ۽ صوفي مت به سنڌ جي تاريخ جي روايت.

دين-الاهي جو تاريخي دستخط به سندس سنڌي وزير صوفي شاعر فيضي ٺاهيو، جنهن جي نقش مان خود پتني ڪمل ۽ ڏيءَ گيتا سان آگري جي فتح پور سڪريءَ جي شاهي ديوار تي ڏسي آيو آهيان. 22 جون 1579ع ۾ اڪبر بادشاهه فتح پور سڪريءَ جي چبوتري تي بيٺو ۽ دين -الاهيءَ جو خطبو پڙهيو. ان ۾ هڪ هنڌ چيائين، ”جيڪڏهن صحيح علم سيني مذهبن ۾ موجود آهي، ته پوءِ سچ کي فقط هڪ مذهب تائين محدود ڇو ڪجي؟..

(اي-ايل-سريواس جو ڪتاب ”دي مغل ايمپائر“صفحه 167.

ڏسجي ته هندوستان ۽ دنيا کي ”اڪبر -دي گريٽ“ سنڌ ڏنو. سنڌ جي صوفي روايت ڏنو ۽ ان ڌرتيءَ جي صوفي مت کي شهيد ڪيو وڃي!

ڳالهه هيئن آهي ته جاچ ڪميشن ثابت ڪيو منزل گاهه پراڻي مسجد ئي آهي. ڪانگريس جا سنڌي ليڊر، خاص طور جئرامداس دولترام ۽ چوئٿرام گدواڻي، اڳ هندو مهاسيا جا اڳواڻ رهي چڪا هئا. هو مسلمانن کي جاهل، ڄٽ ۽ وهٽ سمجهندا هئا. ڪين صبر نه هو. حڪومت ۾ سندن هلندي هئي. وڏن عهدن تي هئا. مسلمان اڪثر گهٽ پڙهيل ۽ انهن جي گهٽائي ڳوٺن ۾ رهندي هئي. بس ساڌ ٻيلي جي مهنت چيو: ٻيلي سامهون مسجد نه هجي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته جي هڪ گهر ۾ هندو آهي ته ٻئي ۾ مسلمان نه رهڻ گهرجي. سکر ۾ هندن جي گهٽائي ۽ ان طرف جا هندو لڙاڪو به هئا. جن بکر وٽ چڳيون جنگيون جوٽيون هيون. مسلمانن کي مارڻ شروع ڪيائون. ڪانگريسي اڳواڻن جا هندو سنسڪار جاڳي اٿيا.

معاملو علي محمد راشديءَ ۽ جناح هٿ ۾ ڪنيو. سنڌ جا مسلمان جي هندن جي اڳواڻن ۾ وشواس رکندا هئا، هندن کان ڪٽجي ويا. سنڌ ۾ مسلم ليگ زور ورتو. هندو

مسلم پاڻ کي اڳ الڳ قومون سمجهڻ لڳا. ڪنور پڳت ماريو ويو. ورهاڱو ٿيو، سنڌي هندن کي ملڪ بدر ٿيڻو پيو.

ساڌ ٻيلي جي مهنت شري هرنامداس تہ ضرور ڪو وڏو مهاپرش هوندو! مگر پاڻ شايد سنڌ جي تاريخ کان واقف نہ هو. ڪيس تصوف ۾ ڪو اعتقاد نہ هو.

مان آتم ڪٿا مان تاريخ ۾ انڪروچمينٽ نٿو ڪرڻ چاهيان. پر ڪو بہ شخص تاريخي طاقتن کان ٻاهر نٿو جيئي. هڪ ساڌو مهاتما جي غلطي ۽ ان جي ايڏي سزا؟ منزل گاهہ تہ ويو، سنڌ بہ ويئي. هاڻ چمڙن جيان آسمان ۾ ابتا لٽڪيا پيا آهيون ۽ وينا سنڌ ڏانهن نهاريون. ڪڏهن ماڻ ۾ منزل گاهہ جا آواز ڪن تي پوندا آهن. هو هو، دانهون ڪيڪون، مليٽري جي آمد ۽ هڪ لنبي ڪٽڪندڙ ماڻ. ڇڻ سيڪجهہ مري ويو آهي... گهٽي، شهر انسان ائين هر ملڪ جي تاريخ ۾ اهي ڳالهيون عام جام ڏسجن ٿيون. بنگال، بهار، پنجاب جا فساد. هوڏانهن ٻي مهاڀاري جنگ مون ڏني آهي. وڏا ننڍا ٿيندا آهن، تنگ دل، تنگ خيال، تعصبي، مان هندوستان ۾ گانڌي، نهرو ۽ سياش کي ائين نٿو سمجهان. جي اهي ئي نهن ها ۽ عبيدالله سنڌي ۽ جناح کي پاڻ سان ڪٽن ها تہ قصو ڪجهہ ٻيو هجي ها.

”جي، پر، تہ “.... فضول لفظ آهن. اهي حقيقتن جي مٿان خوابن جو ملمعو ٿا لڳائن.

شايد نون ڏهن سالن جو هوس، جو ڪٽنب سان لاهور ويس. اتي بہ اسٽيشن تي؛ هندو چانهہ، مسلم چانهہ ڏنم. مون تہ ٻيئي پي ڏنيون. مون کي ڪو فرق نظر نہ آيو.

لاهور باغن جو شهر آهي. وڏيون تاريخي عمارتون ۽ مقبرا بہ آهن. جيئن دهلي ۽ آگري ۾ آهن. شاليمار باغ جهڙو باغ ڪو مون نہ ڏٺو آهي. جيتوڻيڪ ڪشمير اجا نہ ڏٺو اٿم. نئين پراڻي انارڪلي اسٽريٽ، چڙيا گهر، وائسراءِ جو بنگلو، راوي ڪناري راجا رنجيت سنگهہ جو قلعو. مان تہ ڏاڍو گهمندو هوس. گهر رام گليءَ ۾ هو، جتي گهٽائي سنڌي هندن جي هئي. سنڌ ۾ چانهہ جو واهپو وڌيڪ هو. پنجاب ۾، انگريز مفت ۾ چانهہ جا پڙا ورهائيندا هئا. گهرن ۾ ڦٽا ڪري ويندا هئا. رستن جي چوڪن تي چانهہ مفت ملندي هئي. اتي پنجابي ٻولي سکي ويس ۽ عجب سنڌي ٻولي وسري ويئي.

دادا، پاپي ۽ ٻارن کي مال روڊ تي وٺي هلندو هو.

ان وقت هندوستان جي سڄي سونهن اتي ئي ڏسي سگهيو هوس. ڇوڪريون ڇڻ ڳلن تي، مکڻ لڳل چاندوڪي مَلي گهمنديون هيون.

جيئن اڄڪلهہ بيوٽي پارلرس ۾ وڃي منهن تي چونو گاسليٽ وغيره هڻائينديون آهن.

وڻنديون هيون. سوچيم وڏو ٿيس تہ ڪنهن پنجابي دوشيزہ سان شادي ڪندس. دادا ريلوي ۾ فورمئن هو ۽ شايد ٿيئٽر وارن سان دوستي هئس. ان ڪري اڪثر ٽڪيٽ وٺي نہ پوندي هئي. سڪر ۾ سڀ سئنيمائون مفت، لاهور ۾ ٻہ چار. مون سڪر ۽ لاهور ۾ خاص فلمون؛ خزانچي، نوڪر، اڇوت ڪنيا، ٻنڌن ۽ ڪي-ناديا جون ڏٺم. دراصل منهنجو جنم ان سال ٿيو جڏهن انديا ۾ فلم انڊسٽري جو پايو پيو ۽ شايد ان ڪري مڪالمہ بازي ۽ خانگي زندگيءَ ۾ اداڪاري ڪرڻ ۾ ماهر ٿيس. سهڻو ۽ ڊگهو هئس، وار بہ گهاٽا هئم. جي گذريل ڏهن پندرهن سالن کان مٿي کي خدا حافظ ڪري رهيا آهن. هندن ۽ مسلمانن جون معمولي جهڙپون لڳنديون هيون. ائين ڄڻ ڪنهن دوڪان تان پانَ ڪاڏو يا ڪيلي جي ڪل تان ترڪيو ۽ ابتو ڪري پيو. لاهور ۾ ان آس جنم ورتو تہ جلد جوان ٿيا ڪنهن پنجاڀڻيءَ سان شاديءَ ڪريان. ڪيس شاليمار وني وجان ۽ سندس وارن ۾ ڳاڙهو، اڇو، نيرو، ڪارو يا پيلو گلاب اٽڪايان. شاليمار جا گل چنڊ جهڙا وڏا. ڇوڪريون بہ چندر مکي. مان سياءَ جو عشقي نہ هئم ۽ اهو شايد فلمن جو اثر هو، جيئن ڄڻ ڪنهن جي لاٽري لڳي.

لاهور کان ڪالڪتا وياسين. پڙهائيءَ کي جواب. اتي جبلن جهڙا ۽ هاٿين جي ٽنگن جهڙا وڏا ڪچالو ڏسي عجب ۾ پيس. ڪنڊ تي وجي قدرت جي سونهن ڏسندو هوس. چاندوڪيءَ جو وڻ جي پنن ۾ الجهڻ، هاريل ڪير جيان پٽ تي ڦهڪو ڪائڻ ۽ گلن جيان ڦهليو وڃڻ. سج ائين نڪري ڄڻ من ۾ ڪنهن خواب جنم ورتو. هوا ٽڌي، اجا بہ ڪالڪتي سوچيان تہ سخت گرميءَ ۾ بہ هڪ پل لاءِ من ۾ سياٿو گهمي وڃي.

شملو ڪلاڪ پنڌ تي. پر وڃي نہ سگهيس.

اتي جا سوئر جهنگلي هوندا هئا، جن کي مان تيرن ڪمانن سان زخمي ڪندو هوس،

جيتوڻيڪ تيرن ۾ سيون نہ هونديون هئم.

وري واپسي ڪوٽڙي. جڳهہ ڏاڏي جي گهر سامهون. رستي تي پهرين منزل. هينان موديءَ جو دڪان. نور محمد اسڪول ۾ داخلا دوڪان پرسان نياضيءَ جو گهر. هڪ پناڻ ڇوڪري، اڪيون وڏيون ۽ ڪاريون، ڪڏهن بہ اڌ اڪيون نہ ٻوٽيائين. ڳل لسا ۽ اهڙا ڳاڙها ڄڻ سڄو وقت ڪيس ڪنهن چميو آهي. واسينگن نانگن جيان ڪارا وار، ڊگهي ڳچي، ڪنڌ مٿي ڪري ڄڻ خوابن مان جاڳي آهي. ڇاتي شايد سخت ۽ وڏي، جنهن جي بار سبب هلي تہ سندس ڪنڌ ٿورو هيٺ جهڪي وڃي. ڪاري سلوار، ڪارو ڪڙتو ۽ ان تي ٽٽل آرسيون. مون اڪثر ڪيس فقط ڪاري يا فقط اڇي ڊريس ۾ ڏٺو. مون کي ياد آهي، اهو سال 1940ع جو هو ۽ ٻي مهاڀاري جنگ لڳي چڪي هئي. منهنجو ڏهين سالين

۾ پير هو ۽ هوءَ فقط سترنهن يا ارڙهن سالن جي هئي جنهن سان پريم يا شاديءَ نہ ڪرڻ جو ڏک مان چاليهن سالن کان سيني ۾ سانڍيندو ٿو اچان. مون هن جو ڪو نہ ڪو روپ ”رچ ۽ پاچا“ ماءُ“، ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“، ۾ٿورو جلاوطني ۽ ڪن ڪهاڻين ۾ چٽيو آهي.

شايد ڪنهن ڪلاڪار جي زندگيءَ ۾ بہ چار عورتون هڪ خاص اثر ڇڏي ٿيون وڃن. پوءِ هو ڪين مختلف ڪنڊن کان چٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. آرٽسٽ جي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ عورتون ضرور اچڻ گهرجن. ٻن وڻن جي باهہ چٽڻ ۽ تن جو اختلاف ٻڌائڻ ئي ڪلا آهي. شرٽ چندر جي زندگيءَ ۾ فقط بہ عورتون آيون آهن. سندس مڙني ناولن ۾ ان جا الڳ روپ ملن ٿا. ”شريڪانت“ جي راج لڪشمي آهي. اهائي ”آخرين التجا“ جي وجيا آهي جا ”سوال“ جي ڪمل آهي، اهائي ”چريترهيڻ“ جي ڪرٽمائي آهي. هونءَ مون کي ذاتي طور ڄاڻ نہ آهي تہ شرٽ جي زندگيءَ ۾ گهڻيون عورتون آيون. نہ ان ريت مان پنهنجي ڀيٽ شرٽ چندر سان نٿو ڪريان. هو تہ اپنياس سمراٽ آهي ۽ استري من و گيان جو ماهر.

ڏاڏيءَ چيو تہ سامهون عيد گاهہ آهي، اتي ڪڏهن نہ وڃج. اتي هڪ جن آهي. مٿو ڪو نہ اٿس ۽ اکيون ڇاتيءَ ۾ اٿس. مان ڊپ کان غير واقف. مان روز ان جي تلاش ۾ وڃان. جتي وڃڻ ۾ خطرو آهي. موج اتي ئي آهي. ماءُ تہ اڪثر رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت، الف ليلىٰ، حاتم طائي، علي بابا، علاولدين ۽ شيخ چليءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائي ڇڏيون هيون. سو جن کي بوتل ۾ بند ڪرڻ جو تہ مان تصور ڪري نہ سگهيس، پر عقل سان طاقت کي وس ڪرڻ چاهيم ٿي. اتي گهاٽا وڻ هئا. پهرين ڪنهن هڪ وڻ پنيان، پوءِ مٿي، ڪابي پاسي ۽ پوءِ سامهون نهاريندو هوس. اڳيان بند هو، بند تي مون ڪڏهن بہ هڪ ماڻهو نہ ڏٺو. انهن وڻن ۾ جام پڪي ۽ انهن جا مٺا آواز. ڪوئل، بلبل، چانهہ پڪي، ڳيرا، جهرڪيون ۽ ٻيا جن جا نالا نہ ٿا اچن. مون ٿيهہ ڪن سال اڳ ادبي ڪلاس ۾ هڪ دفعي چيو هو تہ سنڌيءَ ۾ وڻن، تارن، گلن ۽ پکين تي خاص ڪتاب هئڻ گهرجي.

مان ٿورو اڳيان وڌي ٿو اچان. مان مجيان ٿو، اڪثر اديب منهنجي چرچن کان ڪو ڪائيندا آهن؛ جيتوڻيڪ مان ڪنهن جي بيعزتي نہ ڪندو آهيان. فنڪارن جي ڪئفي جڳ موهن ۾، ٿيرس تي اديبن جي گڏجاڻي وقت مون بلبل جو آواز ٻڌو پر سڃاڻي نہ سگهيس. پاسي کان گنو سامتاڻي، لعل پشپ، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، ڪيرت، اتم، مالهي دهلي جا ڪافي اديب وينا هئا: انند، پرم، هريڪانت.

مون نارائڻ شيام کان پڇيو، ”هي ڪهڙو پکي آهي“؟ پکي ڪنهن ڪنڊيءَ کان ٻاهر بيٺو هو. ڪارو. هيٺان پٽ ڳاڙهي.

”بلبل!“

”ڪيتري ڪاري“. مون چيو، ”جهڙي روايتي سنڌي شاعري“.
شيخ اياز جي معيار جو شاعر شيام بہ ظرافت جو استاد آهي.
منهنجو سر ڪٽيندي چيائين، ”پر آواز ڪهڙو منو اٿس“.

مون هندوستان ۾ ان وقت تائين ڪا بلبل نہ ڏٺي هئي. ڀڳونتي ناواڻيءَ جو ذڪر نٿو ڪريان يا عابده پروين جو. اهو آواز مون مهابليشور ۾ ڏاڍو ٻڌو. اتي ٻن ٽن قسمن جون بلبليون ٿين. ائين نورجهان ۽ لتا کي تہ مون هر ٻن ۽ پهاڙ تي ٻڌو آهي. نورجهان جو تہ مان لڙڪپن کان پرستار آهيان.

مان چنچر جي ڏينهن ڄائو هئس، ان ڪري پير ۾ چنچر هئم. بند تان گهمندي راڳ ڳايان. مٿان هيٺ ٽپا ڏيان. پڪين ڏانهن نهاريان. ميوا پٽي ڪاوان ۽ پاڻ کي خوش سمجهان ۽ ان حقيقت کان غير واقف تہ دنيا جي سڀ کان خطرناڪ ٻي عالمگير جنگ جاري هئي. جتي ماڻهن کان وٽن ۽ پڪين جون موسيقيون وسري ويون هيون.

هڪ دفعي دادا ڪنهن کي چيو هو: ”منهنجي فئملي- مون وٽ تہ روس جي فوج آهي“. لاهور ۾ ڪٿي. ڪجهہ ياد نٿو پويم ۽ ان جو مطلب بہ گهڻو پوءِ سمجهيم.

پائي گهڻو رليو پٽڪيو آهيان. اها منهنجي دماغي خانہ بدوشي بہ آهي. اهو پٽڪاءُ منهنجي ڳالهين ۾ بہ آهي. مون وٽ شروعات، وچ پچاڙي ڪونهي. ڪو ماستر ناهيان جو منڊ جي ڳالهہ ڪريان، آتم ڪٿا ۾ ڪٿا تہ هئڻ گهرجي.

اسان جي گهر هر ٻين ٽين سال ڪو ڀاتي پئدا ٿيندو، پهرين پيڻ ليلان، جا چار سال وڏي اٿم. سندس شادي تيئن جي هڪ زميندار سان ٿي. پاڻ هن وقت ڏاڏي ناني آهي. ان بعد گروپ پات، پوءِ مان. جنم جو نالو منگهارام ان بعد گلاب، جو گذريل 32 سالن کان برٽش ايئر ويز ۾ ڪم ڪندو آهي. ان بعد اندرا جنهن اشوڪ ڪشوراڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ جنهن جا ٻار سنسڪرت جا پنڊت آهن. ڪملا، مايا، موتي، آشا، آشا ورهاڱي واري سال ڄائي. وديا الهاس نگر ۾ مٽيءَ جا چاپوڙا ڪائي مري وئي. موتيءَ مٿان ڪراچي ٽيليگراف آفيس جو لوهي دروازو ڪري پيو. ان تي لڏيو هو. نون سالن جو هو. ڪنهن مدد نہ ڪيس. پاڻ اهو دروازو مٽي ڪيائين. جو وري مٿان ڪريس ۽ پاڻ مري ويو.

ان جو اسان وٽ ڪو فوٽو نہ هو. تڏهن سوچيو هئم پينٽر ٿيندس. پاءُ جو هڪ امر چٽ چٽيندس. پر اها خواهش پوري ٿي نہ سگهي. پاڻ ۾ ان جي صلاحيت نہ ڏٺم. چٽ تہ من تي چٽيو پيو آهي. مون کي رنگ نہ، لفظ ملياء سيني پائرن پينرن جي شادي ٿيل آهي ۽ بس هلن پيا. سو اها ٿي روس جي فوج.

بند تان هلندي، ان جي آخر ۾ هينائين تي واريا سي زمين هئي. اتي مون هڪ ”مينهن -وسڪارو“ ڏٺو. ٻڌو هوم ته ان کي مٽيءَ ۾ وجهڻ سان مينهن وسندو آهي. بخملي مون کيس مٽيءَ ۾ بند ڪيو ۽ چيم: پيج مولي، چاندي جا گولا. سو ٿيو ائين ته ان شام مينهن پيو ۽ وسڪارو ٿيو.

جڏهن به ڪٿي سوڪ پوندي آهي ته سوچيندو آهيان؛ ڪاش سنڌ مان ”مينهن وسڪارا“ امپورٽ ڪجن. ڪڏهن ڏاڍو ڏک ٿيندو اٿم ته مون کيس پوريو ڇو. جو مان ڏاڍو هوس ۽ هو ڪمزور هو ؟ هو ڪڇي نه سگهيو. مون سان وڙهي نه سگهيو. اها هندو رشين، چاهي چارلس ڊارون جي ٿيئري آهي. جو ڏاڍو سو گابو. وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائيندي آهي. جنگ فساد جو اصل ڪارڻ ته آرٿڪ فساد ئي ٿيندا آهن، مگر ان پنيان انسان جي فطرت جو اهو نقص ڪم ڪندو آهي. شاعر سڳن آهوجا چوندو هو ته اسين سوشلسٽ برابري جا حمايتي آهيون. اسان کي ڪو حق ڪونهي ته اسين گائين، مينهن، ٻڪرين، مڇين پلن کي کائون. هڪ ڏينهن ايندو جڏهن سوشلسٽ کي ويشنو ٿيڻو پوندو. سماجواد جي انسان پرستيءَ جو پهريون سبق سنڌ جي هڪ خسيس مينهن -وسڪاري سيڪاريو، جنهن کي پنهنجي ناداني سان شهيد ڪيو هوم. ان ڪري ڪٿي ڪيولي يا ماڪوڙي پاڻيءَ ۾ ڏسان ته ڪيس ڪک پن سان ڪٽي سلامتيءَ واري جڳهه تي رکان. پير به سنڀالي ڪٽان. هڪ ماڻهوءَ جون ٽنگون ڀڳل هيون. ٽرئفڪ سبب رستو ڪراس ڪري نٿي سگهيو. سڳن آهوجا چيو : هاڻ ٻڌاءِ سوشلسٽ جا پٽ، ان جو ڪهڙو حل آهي؟ مان ٻاويهن سالن جو جوان ۽ آواره ناول لکي چڪو هئس. مون ان شخص کي هنج ۾ کنيو ۽ کيس منزل تي پهچايم. سڳن چيو؛ تو جو هن شخص لاءِ ڪيو، اهو ڪارل مارڪس پوري محنت ڪش آدم لاءِ ڪرڻ چاهي ٿو؛ ان ڪري ڪميونسٽن جو مقابلو نه ڪر، بلڪ هنن ۾ شامل ٿي وڃ.

قصا وڏا آهن بابا، جيترو ماڻهو ننڍو، اوتريون ڳالهيون گهڻيون. مان ڪافي وقت سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهندو هوس. اجا به اتي ويهندو آهيان. تصور جي ٿوري مدد وٺندو آهيان.

شاهي درياءَ -۽ آواز -۽ هو و و و و ن- گر ر ر ر-گر. ش. آن ۾ ذر ر. ر ي گر ر ر ر. لهرون اٿن. ڪر ڪٽن. ماڻهو ڏسي خودڪشي ڪري ڇڏين. ان ۾ مسڪراهٽون، هٽڪون، شرمائڻ، سمجهڻ، اڳرائي ڪرڻ جون وصفون ته اسين پنهنجي عقيدي جي مدد سان جوڙي ٿا وٺون.

ڏاڏيل: ”او موهن -تون منهنجو ساهه ڪڍندين“ چلائيندي اتي پهچي وڃي. ڏسي ته ڳلي تي هٿ ڏيئي، شايد سنڌوءَ کي حيدرآباد کان وينو ڏسان. جتي هن وقت به منهنجا

ڪيترا دوست آهن: ماهتاب محبوب، مشتاق شورو، سحر امداد، طارق اشرف، شوڪت شورو ۽ گلشن ! ۽ پوءِ هو سڀ ڪان وڏو: محمد ابراهيم جويو، علي بابا تہ آهي ئي ڪوٽڙيءَ جو. ساڳئي اسڪول ۾ چار درجا گڏ پڙهندو هو. ڪيس خبر پئي تہ موهن ليکڪ ٿي ويو آهي تہ هڪدم پاڻ مون ڪان وڏو ليکڪ ٿي ويو. ڪوٽڙيءَ جي سر زمين تي شاهہ لطيف جي پيرن جا نشان بہ تہ آهن. ڪٿي تہ پير، سائين لطيف جي پير جي جڳهہ مٿان آيو هوندو. منهنجو ۽ سندس تصوف جو ڪجهہ حصو منهنجي من ۾، وجود ۾ گهسي ويو هوندو. پر اتي مون گهڻو، سنڌوءَ کي نہ نياضيءَ کي ڏٺو آهي. ڪراچيءَ ۾ جواني جڏهن جسم ۾ پچڻ شروع ڪيو تہ سوچيم، ڪوٽڙيءَ وجان ۽ ڪيس ڀڄائي اچان.

نياضي لسي جا گلاس موڪليندي هئي. ڪڏهن مان نياضيءَ جي گهر ڇاڇ پياريندي. ڀاڪر بہ پائيندي ۽ چميون بہ ڏيندي. تڏهن ڏسان تہ من جا گل تاج جي گلن جيان سنگ مرمر جيان سخت ٿيندا وڃن.

ڪوٽڙيءَ ۾ ڪهڙا وڏا ماڻهو رهندا هئا، سو تہ مان نٿو ڄاڻان مگر وڏيرو نصير خان ياد اٿم. مڪيه رستي تي سندس اوطاق هئي. پل جي ڪابي طرف وڃي واڳهو سيسر ماريندو هو ۽ ان جون ڪلون ايوان جي ديوارن تي ٽنگي ڇڏيندو هو. اتي بندوقون ۽ تلوارون هونديون هيون. ڊگهو قداور اڪيون سنڌ جي شاهہ نثار حسين لطيفيءَ، شاهہ لطيف جي گويسر جيان ڳاڙهيون، مڇون راڻا پرتاب جيان مٿي وريل، وڏي سلوار، شاهي چوغو، بدن تي ڪارتوسن جو پٽو، ڪلي تہ لڳي اُپ ٿو گجي.

هڪ دفعي سڏ ڪيائين:

”تون لالا منگهارام جو پوٽو آهين“؟

”ها“.

”نياضيءَ کي سڃاڻين“؟

”ها“.

”هڪ ڪم ڪندين“؟

”چئو“.

”هان وٺ- هي پنج رپيا ڪيس ڏج، ڪيس چئج: رات نہ ايندس“

”اوهان کي لهڻي“؟

”چريا - هوءَ منهنجي سريت آهي“

”نوڪرياڻي“؟

”منهنجي زال“.

”پر اوهان جي زال تہ پٽيان حويلي ۾ رهندي آهي“

”اها پهرين آهي. “ هن مشڪيو، ”حق ٻڌي“.
”تہ اوهان کي ٻہ زالون آهن“؟
”هاڻ بڪ نڪ نہ ڪر ۽ لالا منگهارام سان ڳالهہ نہ ڪج“.
”چڱو“.
”پوءِ خبر پئي تہ ماڻهو هن سان ڳالهائي نہ سگهندا هئا ۽ هن سان اڪيون ملائڻ وقت اڪثر گهڻن جو هيٺان ڪجهہ وهي ويندو هو. “
تہ تون نصير خان جي زال آهين“؟
”تو کي ڪنهن چيو“؟
”پاڻ چيائين“.
خوشي وچان نڪ ڳلي تي چمي.
”پاڻ چيائين تہ مان هن جي زال آهيان“.
”پر حق ٻڌي نہ“ .
اداس ٿي”: مان فقط ٻڌل آهيان، منهنجا ڪهڙا حق“.
”۽ هي پنج رپيا ڏنائين“.
هن ورتا. چيائين”، هڪ ڪم ڪر، هڪ آنو وٺ. پل طرف هڪ دوڪان اٿئي، اتان آفيم وٺي اچ. هن ڏس پتو ڏنو.“
ان ڏينهن بعد ڪيس مان روز يا اڪثر آفيم آڻي ڏيندو هوس. هڪ ڏينهن ڏسان تہ روئي پئي، پٺ ۾ لٽ پيئي هئي.
مون ڪيس ٻانهن کان جهلي چيو”، تون روئين ڇو ٿي“؟
”منهنجو نصيب“ .
”نہ ٻڌاءِ“.
”هن مون کي ماريو. نصير خان!“
”ڇو“؟
”مون ڪيس چيو تہ مان ماءُ ٿيڻ چاهيان ٿي. هميشہ چوندي آهيانس“.
”پوءِ هو تو کي ماءُ ڪيئن ڪندو“؟
”پنهنجي ماءُ نہ. منهنجي ٻار جي“.
”پوءِ پَرين کي چئو نہ. ڀاڀي چوندي آهي، ٻار گهري وٺبو آهي. رات جون پَريون اڇيون پوشاڪون پائي چنڊ مان هيٺ لهنديون آهن ۽ ٻار کي ماءُ پرسان سمهاري ويندیون آهن“.

هن اکين ۾ چتائي نهاريو. اداس هوندي به مرڪيائين، ڄڻ اماس رات آڪاش مان ڪير ڏارا وهڻ شروع ڪيو.

”تو کي ڪجهه خبر ناهي“.

”تو کي هنيائين ڇا“؟

”هي ڏنڊو“.

مون اهو ڏنڊو کنيو.

”ڇا تو ڪرين“؟

”مان سندس مٿو ڀڃندس“.

”هو تو کي بندوق هڻندو“.

”ڇو- مان واگهو آهيان“؟

”تون ڪجهه سمجهين نه ٿو“.

”سڀ ٿو سمجهان. هڪ ڪم ڪر. تون مونسان شادي ڪر. مان لال پريءَ کي چوندس، هو تو کي هڪ ٻار ڏئي“.

هن مشڪيو. ” تو کي خبر آهي، شادي ڇا ٿيندي آهي- تون ننڍو - مان وڏي. تون هندو، مان مسلمان“.

”شادي معنيٰ گڏ رهڻ. باقي جلدي وڏو ٿيندس. هندو ڇا، مسلمان ڇا. تون وڏي آهين ته مون کي چميون ٿي ڏين. مان وڏو ٿيندس ته پوءِ مان به تو کي چميون ڏيندس“.

چڱو -هي لٽ رک. کٽ تي ليٽ. اڄ مون ٻوڙ ناهيو آهي“.

مون لٽ رکي. کٽ تي ليٽيس. هوءَ به ليٽي. مان ڪافي ڊگهو هوس، هن مون کي ڀاڪر پاتو. مون هن کي. هن وقت جي ڪجهه خبر نه پيئي. وري ڏسانس ته اکين مان پاڻي پيو وهيس مان چپ چاپ اٿيس ۽ هليو ويس.

ترت اسان کي ڪراچيءَ وڃڻو پيو. هوءَ مون کي ڇاتيءَ سان لڳائي رني هئي. ڪجهه ته ڏنو هن مون ۾. الائي ڇا چيائين، منهنجا شهزادا، هميشه خوش رهج. ڪراچيءَ ۾ هن جي ياد ايندي هئي، پر هوءَ نه آئي. جڏهن سورهن سالن جو ٿيس ته سيني ۾ سور جي ست ايريم. هن جي ياد آئي. مون ماءُ کان پنج رپيا ورتا. رپئي نوي آني ڪوٽڙيءَ جي ٽڪيٽ ورتم. اسٽيشن تي ٽانگي ۾ وينس به آنا پاڙو. به ميل پنڌ. لڳم ته هاڻ جوان ٿيو آهيان ۽ ڪيس پاڪر پائي چمي ڏئي سگهندس. ان عمر ۾ اها خبر نه هئم ته چوڪرا چوڪريون سماگم به ڪري سگهندا آهن، بلڪه مون تصور ۾ به ڪنهن عورت جو ننگو جسم نه ڏٺو هو. اندر ۾ باهه جا بٽ ٿي ٻريا، ڪراچيءَ ۾ ڪشتي، مُڪي بازي، لڙڻ، انگوري هٿي ڪيرائڻ سکيو هوس. ائين سائيڪل چيمپئن به ٿيو هوس.

نصير خان ڪي ايسي ڪي تئسي. هڪ لت رئيس جي عضوي تي، هڪ پيٽ ۾، نڪ تي هڪ ٽڪر ۽ هڪ، انگوري ۽ هڪ ڏڪو. نصير خان پٽ تي. مان هن جي ڇاتيءَ تي لت رکي رڙ ڪندس؛ هه -آ آ آ... هو و و و و.... پر ٽانگي مان لٿس نصير خان ياد نہ آيو. سڌو نياضيءَ جي گهر ويس. بس ڪيس ڀاڪر پائي سمهي پوندس ۽ صبح جو ڳالهائيندو سانس، ڏس پنهنجو شهزادو موهن. ڇوڪريون ڏسن تہ بيهوش ٿين. منهنجي اکين ۾ ڪلورو فارم ڀريل اٿئي. مان ان وقت هوس هڪ پڪو هندو ۽ آر -ايس- جو ميمبر هئس. مگر عشق ۾ فقط هڪ انسان هئس. رُڪ جهڙو بدن. سقراط جهڙي زبان، ماکيءَ ۽ زهر جهڙو آواز. نظر ائين ڄڻ ست ديوارون پار ڏسي سو ڪپڙا تہ ڪجهہ نہ هئا. پر اها اُڪندِ اکير حوس مٿان حاوي ٿي وئي. ڄڻ زمين تي پرنس سليم ٿي هليو، ڪٿي جنهن جي ڪا انارڪلي هئي. ڏسان تہ گهر کي تالو. جو ڄڻ منهن تي لڳل. دل ڄڻ بيهجي وئي.

”هو نياضي ؟! سال ٿيا تہ هلي وئي، الائي ڪيڏانهن پڻهس کي شايد ڪابل ۾ سڪي ميوي جي دڪان آهي. شايد اتي ويئي هجي“.

ڀالو تہ مون نہ ڪاڏو آهي پر ڏاڏيءَ جا لفظ ڄڻ نشترن جيان ڇاتيءَ ۾ گهسي ويا. هن وقت نياضي دليپ ڪمار جي سس نسيم جي عمر جي هوندي. يا شايد هن کان پنج اٺ سال گهٽ شڪل نسيم کان بہ سني هئس. ڏهن سالن جي عمر بعد مون ڪيس وري ڪو نہ ڏٺو. آرزو اٿم تہ ڪيس ڏسان. ٻڍي هوندي، شايد سڃاڻي بہ نہ، مان بہ شايد نہ سڃاڻانس، الائي جيئري بہ هوندي يا نہ ضرور ٿورو مون کي بہ ياد ڪندي هوندي. مون کان ڪو حياتيءَ جو سال کسي وني ۽ هڪ منٽ نياضيءَ سان ملاقات ڪرائي تہ مان وڏيڪ سال ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃان. شايد اهو منهنجو پهريون پيار هو. معصوم، الڙ، نادان. پر مان اها دعويٰ سان چئي ٿو سگهان تہ هن جي پيار ۾ ڀاڪر ۽ چمين ۾ هڪ شفقت هئي. اها چمي جا ماءُ، زال ۽ پريمڪا جي چميءَ کان مختلف هئي. هينئر پنهنجو هٿ ڳلي تي رکيو اٿم. قلم بہ رکان ٿو ۽ پلنگ تي ليٽان ٿو. چاهيان ٿو، ٿورو هن جي ياد ۾ روئان. نياضي -منهنجو پيار!

عشق مون گهڻا ڪيا آهن ۽ مان اڪثر صادق ۽ ثابت قدم رهيو آهيان. اڪثر ماڻهو پيار ڪن ۽ سمجهن تہ سچو پيار ٿا ڪن ۽ پوءِ جڏهن اهو پيار ختم ٿي وڃي ۽ ڪير ڪٿي سندن انتظار ڪري. اهي جذبا بہ صادق آهن. دائما جوان هئڻ جا امنگ. مان ٻئي پيار ۾، شخص جي ٻئي پيار ڪرڻ جي وسعت ڏسندو آهيان. درد مارينڊو آهي، اکيون ڪڍندو آهي، مگر پيار ديوداس بڻائي، ان ۾ مون کي انسان جي محدودگي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

ڪي ماڻهو ساڳيا ساڳيا چهرا ڏسي بور ٿيندا آهن ۽ نون چهرن جي تلاش ڪندا آهن، جي لازمي طور اڳين چهرن کان بهتر نہ هوندا آهن. اها فقط حوس نہ آهي، مگر هن جي امنگن جي ٺهراءَ خلاف بغاوت آهي ۽ ان ۾ ماڻهوءَ جي تخليقي قوت سمايل آهي. ڪي مون جيان اهڙا تخليقي ٿين جو پتنيءَ ۾ بہ هميشہ نئون روپ ڏسن ۽ انهيءَ تخليقيت جي موٽ زال وٽان بہ ملين ۽ زال کي هميشہ وڻڻ لڳن. اسان انسان جي ٻئي پيار ڪري سگهڻ جي خوبصورت قوت کي ڏسي، شخص جي مٿان بي وفا، مڪار جو الزام لڳائيندا آهيون، حالانڪ مڪاري ۽ بي وفائي دنيا ۾ گهٽ آهي، ائين بہ ڪونهي. پر ماڻهن جون ڪيتريون خرابيون، اسان جي غلط سماجڪ شعور موجب بہ آهن. اسان کي صحيح پڙهائي نہ آهي. پيار آهي، هڪ هئڻ جو احساس، جو ٽٽڻ بعد ٽڪرا ٿي جيئندو آهي.

گهڻا پيار گهڻا ٽڪرا، يادون، من عجائب گهر ٿيو وجن.

مون ڪوٽڙيءَ ۾ ڪافي ڪتاب پڙهيا ۽ ڪراچيءَ جون گهڻيون لئبرريون خالي ڪيم. ڪراچيءَ آيس تہ هڪ ناول بہ لکيم، جنهن ۾ بلئڪ جاسوس جو موت ڏيکاريم تہ هيءَ ڪهڙي چريائي آهي تہ رڳو چور بدمعاش پيا مرن ۽ بلئڪ نٿو مري. سو ڪيس رائمر ڪيو هٿان مارائي ڇڏيم. ڪي خاڪا بہ ڪڍيم. عمر اهائي ڏهہ يارنهن. ڪتاب دوستن کي پڙهايم. خبر ناهي ان جو ڪهڙو حشر ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ منهنجو گهر پرنس روڊ تي هو. لا ڪاليج جي ساڄي، ڪراچي ٽيليگراف آفيس پنئين گيٽ جي بلڪل سامهون. پنيان، ڪابي آزاد پريس هئي. منهنجو گهر ٽماڙ تي، اتر اوپر ڏکڻ ۾ هو. بلڊنگ جو نالو ڪرم نارائڻ هو، جو ڦري رگهومل تولارام مئنشن ٿيو. منهنجي پرسان هڪ پنجابي چوڪري راڻي ڀاٽيا رهندي هئي، جا هن وقت آل انڊيا ريڊيو بمبئي ۾ وڏي عهدي تي آهي. هوءَ اردو شاعريءَ جا ڪتاب پڙهندي هئي. جيئن لنڊن ۾ فرينچ. اسين پاڙي جا چوڪرا هندو مسلمان سنڌي پنجابي رانديون ڪندا هئاسين ۽ لورس برج جي درن پاسي ڪلفٽن ويندا هئاسين. سائيڪل تي ريسون ڪندا هئاسين. لڙائيءَ سبب ڪراچيءَ ۾ بلئڪ آئوٽ ٿي هئي. اسين ڳائيندا هئاسين؛

نڪ ٽوٽا جليبي کا

جرمن مئو- اسان جو چا!ڪ

انگريس جا جلوس ڏسي، رستن جا بلب بہ ڏسندا هئاسين. هڪ هئنڊل تي، هڪ اڳيان، هڪ پنيان، هڪ بينل ۽ ڪڏهن هڪ ڪلهن تي ويهاري سائيڪل هلائندو هوس. مون گهڻيون اسڪولي چٽا پيٽيون ڪٽيون. ڪراچي ملير ڪراچي شرط ۾ اول آيو

هوس. سنهو هوس ۽ بعضي ٽپ ۾ سورهان سورهان فوٽ هئم. هڪ ڪير واري جي پٽ مون کي گار ڏني، مون مٿي تي زور سان ٿونشو هنيو مانس. تہ ان وقت ڳوڙهو نڪري آيس. وڃي پيءُ کي وٺي آيو چي؛ هن مون کي پٿر هنيو آهي. مون ان وقت ڪيس مٿي تي ٻيو ٿونشو هنيو ۽ پٽهس کي چيم؛ ڏسو ڪوڙ ٿو ڳالهائي-ٻيو ڳوڙهو ڏسوس.

صدر ۾ منهنجي هم-عمر انگريز ڇوڪري مون سان ريس ڪئي. پنهنجو پاڻ تي ويئي. ريگل ڪان مي فيئر طرف هو ڪٿي نہ سگهيو ۽ ڪنهن سان ٽڪرائجي ڪري پيو. مون کي ڏک ٿيو. ان بعد آرام سان سائيڪل هلايم. هو ڀڳو. اڳيان پٽهس جو دوڪان هو، سو ڏسان تہ پيءُ پٽ ٻانهون کنجي بيٺا آهن. مون کي پهرين انگريزي چڱي سمجهہ ۾ ايندي هئي جو ماءُ ٻہ پڙهيل ۽ پيءُ ٻہ مئٽرڪ تائين پڙهيل هو ۽ مامي موهن خاص شوق وٺي مون کي حيدرآباد ۾ انگريزيءَ سيکاري هئي. مون چيو؛ سر ون باءِ ون!پٽهس چيو؛ هي تنهنجي عمر جو آهي. تون لڙينس، سو اسان جي باڪسنگ چالو ٿي. ٽرئفڪ جام ٿي پئي. مان ڏڪ روڪڻ ۾ ماهر ۽ حملي جي خبر نہ پوندي هئي تہ اهو ڪٿي ڪندس، سو جوان جي نڪ ۽ وات مان رت وهڻ لڳو ۽ پٽ تي ڪري پيو ۽ هو انگريز پيءُ پٽس پٽ تي ڪريو پيو هو، پر هو مون ڏانهن وڌي آيو. هٿ ملايائين ۽ پيشانيءَ تي چمي ڏيندي چيائين "يو آر اي هيرو. نيڪسٽ فائيٽ فار يوئر نيشن". تون سورمو آهين، هاڻ تون پنهنجي قوم لاءِ لڙ. واقعي ڪو عظيم انگريز هو. ڪاش ان وقت ڪو مون کي قوم جو وگيانڪ تصور ڏئي ها. مان يارنهن سالن جي عمر ۾ انقلابي ٿيس سورهن سالين اندر گرائونڊ ٻہ ويس. ارڙهين ۾ ٿي مهينا جيل ۾ بند ٻہ ٿيس. پر ان وقت مون کي خبر نہ هئي تہ قوم ڇا هئي ۽ ڪهڙي قوم لاءِ لڙڻو هو. منهنجي جيون جو اهو اهم دور هو غلط آدرشواد جو شڪار ٿيو. مون ڄڻ پاڻ خلاف لڙائي ڪئي. پاڻ کي زخمي ڪيم. ڪنهن جڳهہ تي بندوقن، ڪارتوسن ۽ ڪرچين جي سنڀالڻ جي جوابداري کنيم ۽ ان وچ ۾ هڪ دفعو ڪوٽڙيءَ مان ٻہ ٿي آيس، جتي فقط هُن جي ياد هُئي، نياضي نہ هئي.

يارنهن سال ڪا وڏي عمر نہ آهي. پر ان وقت مان پاڻ کي ڪافي وڏو سمجهندو هئس. هاڻ جڏهن ان عمر جا ٻار ڏسندو آهيان تہ هنن جا اُمنگ ۽ خواب سمجهي سگهندو آهيان. مٿي ۾ ٿوري خرابي هئم، جو مار ڪٽ گهٽي ڪندو هئس. دوستن ٻہ چيو مان پاڙي جو دادا هئس، سو انگريزيءَ ۾ ڪابي ٻانهن تي اکر لکايم؛ پي-ڊي. يعني پاڙي جو دادا، جي اجا ٻہ قائم آهن ۽ ڪن دوستن جا مختصر نالا، جن ٻہ ٻين جا ۽ منهنجو لکايو.

مادل هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. هڪ دفعي ڪلاس وارن رسيس ۾ ڪبٽي راند ڪئي. مون ڪين چيو تہ مون کي ڪرايو پر نہ ڪرايائون. مان وچ ميدان ۾ بيهي

رهيس. مون کي راند نہ ڪرائيندا تہ راند نہ ٿيندي. ٻہ چار ڇوڪرا اڳيان وڌيا. مون کين مار ڏني. هو سڀ ڀڄي ويا. مون کي ماستر سڏايو ۽ چيائين تہ مار ڏيڻ کان بهتر آهي تہ تون ناٽڪن ۾ ڪم ڪرين سو سالياني جشن ۾ ناٽڪ ۾ پارٽ ماتا جو رول ڏنائين. ائين هڪ ناٽڪ ڪلياڻ رفيوجي ڪئمپ جي سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول 1949ع ۾ ڪيم جتي مون کي حيدرآباد دکن جي خاڪسار اڳواڻ قاسم رضويءَ جو رول ڪرڻو پيو. ائين 1959ع ۾ هڪ رول گوبند مالهيءَ جي "گستاخي معاف" ۾ بہ ڪيم، جنهن ۾ سندري اُتمچنداڻي مون سان گڏ هئي. پر اداڪاريءَ مان زندگيءَ ۾ ڪري سگهيس، ناٽڪ ۾ ڪري نہ سگهيس ۽ اها بہ جيئڻ جي ادا.

ڪراچيءَ جو مئڪلوڊ روڊ اتان پرنس روڊ جو رستو ڦٽي ۽ جو پريميئر هاءِ اسڪول بعد بندر روڊ تي ختم ٿئي، جنهن کي اڳ مهاتما گاندي روڊ بہ چوندا هئا ۽ هاڻ اهو جناح روڊ آهي. مئڪلوڊ روڊ هاڻ چندريگر روڊ آهي ۽ پرنس روڊ جو نالو چون ٿا، محمد بن قاسم روڊ رکيو اٿن. سو انهن ٻن رستن جي ڪنڊ تي برٽش اوورسيز ايئرويز ڪارپوريشن جو خالي پلاٽ ان بعد هڪ بلڊنگ جتي منهنجو گهر، اوپر طرف.

اسين ان ميدان تي ڪرڪيٽ راند ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن ڏسون تہ اتي ٽيهہ چاليهہ پنجاهہ ڇوڪرا قطارون ۽ چڪرا ناهي راندين ڪري رهيا هئا. منهنجا دوست راند ڪرڻ ويا تہ ڪين ڇڙٻون ڏيئي واپس ڪيائون. اها آر-ايس-ايس جي هڪ برانچ هئي ۽ ميدان تي ٻن ڪنڊن وارو ڪيسري جهنڊو لهرائجي رهيو هو. هو دوست مون وٽ آيا؛ موهن، هي ظلم آهي، بغداد آهي، آر-ايس -ايس آهي ۽ تنهنجي هوندي! هڪ پنجابي، هڪ سنڌي، هڪ گجراتي، هڪ مرهٽو. ڌرمپال، لعل، ڪشن ۽ بالڪشن. مون نڪر تي پٽو ٻڌو ۽ هنن سان اُن ميدان تي آيس. ٻيا دوست بيٺا جو سنگهين اُتان لنگهڻ تي بہ روڪ لڳائي هئي. مان ميدان لنگهيس تہ ان جو انچارج اڳيان وڌي آيو ۽ چيائين، "هتان لنگهڻ جي منع آهي!"

هو اٽڪل پنجويهہ سالن جو جوان هو.

"هي ميدان تنهنجي پيءُ جو آهي"؟. مون جوش ۾ چيو.

"ڀڄ نہ تہ مار کائندين".

مون اسپين جي ڊڳي جيان هن تي حملو ڪيو. منهنجا ٻئي هٿ هن جي گلي ۾ مٿو ڇاتيءَ ۾ وجهي اهڙو ڏکو ڏنومانس جو ڇهہ فوٽ پريان وڃي ڪريو ۽ مان هن جي مٿان ڇاتيءَ تي چڙهي منهن ۽ لوندڙيءَ تي مڪون هڻڻ لڳوسانس. هن رڙ ڪئي، "ڪرو"يعني مارو! بس پوءِ تہ سڀ ڇوڪرا منهنجي مٿان اچي، ٽنگن ٻانهن گلي ۽ وارن کان جهلي پٽ تي ڦٽو ڪن. منهنجا دوست ڀڄي ويا. آخر ڪافي مار ڏيڻ بعد هنن مون

ڪي پٽ پاسي ڦٽو ڪيو ۽ وڃي راند تي لڳا. هڪ ڇوڪرو شايد گاڏي ڪاتي، ڪجهه رپورٽ ڪرڻ ويو. منهنجي وات ۽ نڪ مان رت وهي رهيو هو. ڪپڙا ڦاٽي پيا. منهن ۽ سڄي بدن ۾ زخم ٿي پيا. مان اٿي بينس. هٿيس ڪو نه ۽ رنمر ڪو نه. هڪ طرف هو انگريز پيءُ ۽ ٻئي طرف هي هندو بهادر. سوچيم ته اهو انچارج به اڄ گهر نه پهچندو ۽ جي گروپ ۾ ويو ته رات جو گهر مان ڪڍي ڪٽيندوسانس.

ان وچ ۾ نيرين اکين سان هڪ جوان اتي پهچي ويو. جنهن جو نالو پريو بٽاڻيءَ هو. هو هن وقت ناگپور ۾ رهندو آهي ۽ ناگپور سميلن جي 1959ع جي مشاعري ۾ منهنجي زبردست ڪاميابي ڏسي مون وٽ آيو هو. هو ڳري ڪنڌا ٿي پيو هو. ڪيس فخر ٿيو ته ڪڏهن هو منهنجو راڄنيتي گرو ٿيو هو ۽ ٻڌايائين ته هن منهنجون ڪهاڻيون ڪافي پڙهيون هيون. هن اچڻ شرط ڪجهه هن ريت چيو، ”تون ويڙ آهين ننڍي هوندي رام ۽ ڪرشن به ائين هوندا هئا. راڻا پرتاب ۽ شوا جي به“، نالو ڇا آهي؟ موهن لالا ته - موهن جي، تون هن ميدان لاءِ لڙين ٿو. ڇو ته اهو تنهنجو آهي. اسين به هڪ ميدان لاءِ لڙون ٿا. جو اسان سيني جو آهي. ان ميدان جو نالو آهي ڀارت، اڄ ڀارت ماتا انگريزن وٽ غلام آهي. اسان کي پنهنجي ماءُ آزاد ڪرائڻي آهي ۽ ميدان به پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻو آهي. اڳي ڀارت ۾ ڪير ۽ ماکيءَ جون نديون هيون. هاڻ پاڻي به پوتر نه ٿو ملي. اڳي ڀارت سون جون جهرڪيون ناهيندو هو. هاڻي مٽيءَ جون به نه... ڀارت هندن جو آهي جي اسين سڀ هندو ملي هڪ ٿيون ته انگريز هڪ ڏينهن به هتي رهي نه سگهندا. تون به هندو آهين تون به روز هتي اچ ۽ ڀارت ۾ ڪرانتي آڻ.

هن ڪلهي تي هٿ رکيو پيار ڪيو. ٻانهن کان جهلي اڳيان وٺي آيو. چڪرا ۽ قطارون بند ڪرائي اتي منهنجي واقفيت ڪرايائين. هنن مون کان معافي ورتيءَ سيني گڏجي هڪ راڳ ڳايو:

ڀارت مان تيري جيه هو وجيه
تو شڌه تو ٻڌه تو پريم آڪار
تيرا وجيه سوريه ماتا آديه هو.

1941ع ۾ مان سنگهه ۾ داخل ٿيس ۽ 1952ع ۾ ان کي ڇڏيم. يارنهن سالن جي عمر ۾ داخل ٿيس ۽ ٻارنهن سال اُن ۾ رهيس1952ع ۾ مون ”آواره“ ناول لکيو. هونءَ 1949ع کان مان سنگهه کان ٽٽي رهيو هئس. پر صفا ڪٽجڻ ۾ ٽي سال لڳي ويا. ورهاڱو ان وچ ۾ ٿيو. جيڪڏهن مان سنگهه ۾ نه هجان ها ته شايد مان سنڌ ڪڏهن نه ڇڏيان ها. مون سپنن سان پيار ڪيو ۽ سپنا ڀارت جي آزاديءَ جا هئا. ڀارت آزاد ٿيو، پر سنڌ اُن ۾

ڪا نہ هئي. ان ڪري مون سنڌ ڇڏي. مان اهڙو ڪو بهانو نہ ٿو ڏيان تہ مان ننڍو ٻار هوس ۽ مون کي ڪا سمجهہ نہ هئي. پر مان غلط رستي تي هليو ويو هئس.

صبح اسڪول شام جو شاخا. آرتوار صبح جو شاخا ڪتاب. ان ۾ مون ايتري ترقي ڪئي جو ٽن چئن سالن ۾ هڪ شاخا جو اسسٽنٽ انچارج ٿيس ۽ 1948ع ۾ ڪلياڻ رفيوجي ڪئمپ يعني الهاس نگر ۾ ان جو پايو وڌم ۽ ان وقت گني سامتاڻيءَ ۽ راجن چاولا کي آندم، جن بہ پوءِ اُن کي ڇڏي ڏنو. هن وقت الهاس نگر جا وڏا اڳواڻ، عهديدار، آفيسر منهنجا جهونا شاگرد آهن ۽ اجا اُن پارٽيءَ ۾ آهن ۽ منهنجي ڪافي عزت ڪندا آهن، ڇو تہ فنڪار جي جتي ڪٿي عزت ٿيندي آهي ۽ چاهي هو عمر فاقا ڪشيءَ ۾ گذاريندا هجن پر وڪامجندا نہ آهن. راڳ- راڳيون- ڪرانتيءَ جا گيت. سنگهہ جا آدرش ڪجهہ هن ريت هئا:

-هندوستان هندن جو ملڪ آهي.

هندي اسان جي راشٽر ڀاشا آهي.

-هندو ڌرم اسان جو راشٽر ڌرم آهي.

-هندوستان ۾ سڀ رهي سگهن ٿا، پر اهي هندوستان جي قومي سورمن کي پنهنجا قومي سورما سمجهندا ۽ هندوستان سان وفادار رهندا.

ان لاءِ هندن ۾ ٻڌي هئڻ ضروري آهي. ڪٿي ڪو هندو مار کائي تہ ان تي گڏجي حملو ڪيو ۽ کين مار ڏيئي وري وچ ۾ پئي ٺاهہ ڪرايو. ڪانگريس جي اهنسا ڪانئرتا آهي. ظلم جو مقابلو هنسا سان ڪبو، جيئن روس ۾ بولوشيوڪين ڪيو. مسلمانن جي گهٽائي انهن ڪانئر هندن جي آهي، جي اسلام جو سچ اپرندو ڏسي ان ۾ هليا ويا ۽ انهن کان ڏڪڻ نہ گهرجي. جي راجا مانَ سنگهہ پرتاب جو ساٿ ڏئي ها يا جئسنگهہ ڇتر پتي شواجيءَ کي مدد ڪري ها تہ ڪڏهن جو هندوستان ۾ هندو راڄ هجي ها. هندوستان جي غلاميءَ جو ڪارڻ هندن جي قوت آهي. فرق وساريو ۽ ملڪ مٿان قربان ٿيو.

مان اخبارون پڙهندو هئس ۽ ان زماني ۾ چاهيندو هئس تہ هٽلر جنگ کٽي ۽ سباش چندر بوس، جرمنيءَ ۽ جپان جي مدد سان هندوستان کي آزاد ڪرائي. پر جنگ انگريز ۽ سندن ساٿين کٽي. هٽلر شايد پاڻ کي شوٽ ڪيو. ۽ سباش بابو بہ هوائي حادثي جو شڪار ٿيو، جنهن جو اجا تائين وڏو صدمو اٿم. جنگ جو سبب سامراجوادي ۽ سرمائيداري مفاد پرستي هئي. سڀ سامراجي ملڪ روس جي انقلاب جي خلاف هئا. پر ڪنهن حد تائين روس سبب هنن جنگ کٽي ۽ هن وقت سوشلسٽ روس جي وجود سبب دنيا عالمگير جنگ کان بچيل آهي ۽ هندوستان بہ صحيح طور بي طرفدار ملڪن

جي رهبري ڪري رهيو آهي. سنگهه ۾ مون نالو ڪڍيو. سنڌ انچارج راجپال پوريءَ سان واقفيت ٿيم. هڪ ٻيو به پريڊاس بٽاڻي هو، جنهن چيو ته پاڪستان ضرور ٿيندو.

اسين اوچتو سنڌ جي پوليس اسٽيشن، ايئرپورٽ، ريڊيو اسٽيشن وغيره تي قبضو ڪنداسين. ان خيال کان مان اجا به ننڍو هئس ۽ خبر نه هئم ته هٿيار ڪٿان ٿي آيا. ڪرم نارائڻ پنهنجي بلڊنگ رگهومل تولا رام کي وڪي ۽ پاڻ الائي ڪيڏانهن ويو. سندس جوان ڌيءَ پپن وري ڪا نه ڏني اٿم. ان فلئٽ خالي ڪيو. جنهن جي چابي مون کي ملي. اتي سنگهه جا ڪي انقلابي ايندا هئا. اڪثر شري شواجي سنگهه ايندو هو ۽ هڪ پنجابي چرن جيت سنگهه: هن پوءِ دهليءَ جي سينٽرل بئنڪ ۾ نوڪري ڪئي ۽ به ٿي خط لکيائين. دادا مون کي خط ۾ نورچشم لکندو هو، اکين جو نور. مان ان جو اهو مطلب ڪڍندو هئس؛ پيارا پيارا موهن سو مون کيس لکيو؛ نورچشم چرن جيت، هن لکيو؛ نورچشم تون منهنجو يا مان تنهنجو؟ 49-50 ۾ اديب مون کي بر خوردار سڏيندا هئا، جو مان سيني ۾ ننڍو اديب هئس ۽ هڪ ڏينهن مون "منجري ڪولهڻ" جي ليکڪ ليکو تلسياڻي کي چيو، هلو بر خوردار. چئي، بر خوردار تون منهنجو يا مان تنهنجو؟ مان پوڪيان ۽ تون لڻين يا تون لڻين ۽ مان پوڪيان!

هي اُهو وقت هو، جڏهن ذهن نهندا آهن، من کي ريچڪ ايندا آهن ۽ خوابن لاءِ لڙي پئبو آهي. نوان پور، نوان انسنا، آزادي آزادي آزادي. ڪڏهن من وياس ٿئي اندران آواز اچي، ڪرانتي، اسين رات جو مشعالون ڪٽي ڳائيندا هئاسين. هندي ۾ ڪجهه ويڙن جو اڀياس ڪيم ۽ رامائڻ، مهاڀارت ۽ ڀاڳوت پڙهيم. مها ڀارت چرن جيت سان پڙهيم جو گورکپور جي ڪلياڻ رسالي ڇپايو هو. اهو پورو ڪرڻ ۾ ٽي سال لڳايم. به يا ٽي راتيون سڳن آهوجا، وجريشريءَ جي چشمن ۾ هليو. مون کيس مهاڀارت جون اُهي حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌايون جو مارڪسوادي سڳن آهوجا چيو، جيڪڏهن مان ڪڏهن به پنهنجو گهر ناهي سگهندس ته اتي ديوار تي فقط به تصويرون ٽنگيندس، هڪ مهاڀارت جي ليکڪ ويدوياس جي ۽ ٻي ڪارل مارڪس جي.

سنڌ ۾ ڪهڙي وزارت نهي يا ڏني ٿي، اهو ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيم. بس، هندي-هندو-هندوستان! مون کي جا خالي فلئٽ ملي ان ۾ مون کي ڪي ڪارتوس ۽ ڪرچون به ڏنيون ويون. ڪرچون ڄڻ هٿ ۾ ننڍي لٺ. کولي هڻ ته خنجر. مون کي چيو ويو ته تون شڪل مان معصوم ٿو لڳين. تنهن ڪري خفيه وياڳ ۾ اچ ۽ جاسوسيءَ جو فن سک. آزادي ڄاڻ ملي. پر پاڪستان ضرور ٿيندو. تون فهرست ۽ پتا وٺ ۽ فلاڻن فلاڻن جو جو پيڇو ڪر ته ڪيڏانهن ٿا وڃن. ڪنهن سان ٿا ملن ۽ ڇا ٿا ڪن. اها خبر تون فلاڻيءَ هند راجپال پوريءَ کي پهچاءِ جنهن کي اسان شري جي چوندا هئاسين.

رکي رکي من ڪوٽڙيءَ ڏانهن ڀڄندو هو. پر اتي نياضي نہ ڏسي پورو من سنگھ جي ڪمن ۾ لڳايم روز، حاضر، روزجاسوسي، مارا ماري خواھ رانديون ڪندي ٽنگ تي ڪافي ڏڪ لڳا. پھرين علاج نہ ڪرايان، پئسا هجن بہ تہ. وري ٽڪو پئسو وٺي ڪرايان تہ زخم مهينا هلن. منهنجي نشاني ٽنگ تي ڪا پٽي.

ان انقلابي خيمي ۾ جتي هٿيار هوندا هئا. هندن جي ڌرم هلندو هو. اسين ڪلفٽن تي شو جي مندر ۾ وڃي سنسڪرت ۾ گيتا ڳائيندا هئاسين. ڏهن اوتارن، جن مان نو ٿي چڪا آهن. انهن جو ڪٽائون ٻڌيوسين. هن ديش ۾ ڪجھ نهايت سندر ۽ الو ڪڪ آهي. جو بچائڻو آهي. ڪجھ اَديت ۽ رهسيه مئه.

گھر جي حالت ڪجھ هن ريت هئي، گھر ۾ بيڊروم ۽ هال، ٽائيلس فقط ڪوٺين ۽ بالڪنين ۾ هيون، جي بہ هيون، رنڌڻي، ڪاڪوس، سنانَ جاءِ سان گڏ، اسٽور روم بہ هئي، مسواڙ اوڻيھ رپيا. پاڻي نلڪن رستي. ڪوٽڙيءَ ۽ سڪر جيان پخالي ڪو نہ ڪٽي ايندا هئا. دادا کي انگريزي مليٽري ڪئمپ ۾ گروسر جي نوڪري جي آڇ ٿي ۽ هو وڏي پگھار سان ان ڪم تي لڳو. للت پور، بينا، ساگر ۽ چتر پور ۾ ڪم ڪيائين ۽ ورهاڱي وقت سندس شاپ ڪلياڻ مليٽري ڪئمپس ۾ ٿيو. يعني الهاس نگر ۾، جتي اسان جو ڪٽنب پھريون سنڌي ڪٽنب هو جو آباد ٿيو.

ناني بہ برنس روڊ تي سيوهاڻي ڪلب مٿان وڏو گھر ورتو، جتي پنج بيڊروم هئا. مامو موهن بٽاڻي دادا کي ڀائيندو هو ۽ لاهور ۾ بہ چار مهينا اچي ٽڪيو هو. ڪراچيءَ ۾ هر ديويءَ هاءِ اسڪول ٻاهران ڇوڪرين کي تڪيندو هو ۽ اڪثر هڪ کي سائيڪل تي چاڙهي برنس گارڊن وٺي ويندو هو. اهو بہ دادا وٽ ويو ۽ ڪم تي لڳو. هڪ ڏينهن تار آئي تہ ڪن ۾ سور پوڻ سبب هو گذاري ويو ۽ دادا کي گرفتار ڪيو ويو آهي. بعد ۾ معلوم ٿيو تہ هڪ انگريز جو هن سان جھڳڙو ٿيو تہ هندوستاني ڪتا آهن. جنهن تي مامي مُڪ هڻي هن جا اڳيان ڏند ڀڄي ڇڏيا، ڪيس امالڪ شوٽ ڪيو ويو. دادا تي مقدمو هليو ۽ ڪيس بہ ٿي سال جيل جي سزا ڏني ويئي. دادا اهو ڪيس چڱي طرح ڪڏهن نہ ٻڌايو. -ڪيس پنهنجو اهو سالو ڏاڍو پيارو هو. هن جي شڪل هوبهو ڌرميندر جهڙي هئي. سندس ان بهادري ۽ شهادت جي خبر ڪنهن اخبار ۾ نہ ڇپي. ماءُ تار پڙهي بيهوش ٿي ويئي. پوءِ سندس ڪپڙا، جي امان وٽ هئا، انهن کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڏاڍو روئندي هئي.

الهاس نگر ۾ حشمت ڪيوليراماڻي منهنجي ماءُ سان گڏجندو هو ۽ ڇوندو هو تہ هو هڪ عظيم سنڌي عورت آهي. تن ڳالهين جي مون کي خبر نہ آهي. ڪراچيءَ ۾ هن مون کي بہ اڇيون پينٽون ۽ اڇيون قميصون سبائي ڏنيون. اڇا جوراب، اڇو ٽينس شو،

اڇو رومال، اُها ڊريس پائي ڪوٽڙيءَ نياضيءَ وٽ ويو هئس. منهن ۾ اڇو جو اُسن ۾ رلي سانورو ڪري ڇڏيم. هينئر ۾ قميص لاهيان تہ لڳندو شڪل هڪ جي آهي بدن ٻئي جو آهي. بدن اجا ۾ ڪافي اڇو اٿم. سڪر ۾ هڪ پائي خرچي ملندي هئي، جنهن مان اسڪول ۾ ٽي پوريون ۽ دال ڪائيندو هئس. ڪراچيءَ ۾ چار آنا، ٻي آني ۾ ايترو گوشت ملندو هو جو آرام سان ڇهہ مانيون ڪائي وڃجن. آني ۾ چانهہ، اهي ۾ زمانا هئا. فلمون اجا ۾ ڏسندو هئس. ڀاءُ گلو دادا سان هو ۽ ٻن ڀينرن جي شادي ٿي چڪي هئي.

ليڪڪ مون کي ماءُ ئي ٻڌايو. ”خزانچيءَ“ فلم ۾ گانو هو، ڪٽڪان دي فصلان... هوءَ سڪر مان لاهور دادا کي خط لکندي هئي، اها نياڳي نياڳي ايڪسپريس هئي. مان هم عمر مامي رام کي خط لکندو هوس، اُها نياڳي نياڳي مڪسڊ هئي، يعني هلي تہ ميل، بيهي تہ گوڊس گاڏي. ڀاڀي چوندي هئي، تون جڏهن منهنجي اميدن ۾ هئين تہ تڏهن مان رامايڻ پڙهندي هيس تہ تون ڏاڍو گوڙ ڪندو هئين پر مهاڀارت وقت چپ رهندو هئين.

ها ماءُ، مان ضرور ان ڪري چپ ٿيندو هوندو هئس جو سوچيندو هئس اهو ڪهڙو سچ هو، جنهن جي گهوڙي تي غلط سواري ڪندي ڪرشن پوري هڪ يُگ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ يُگ پرش ٻڌيو.

هڪ دفعي لڪ ڇپ راند ڪندي مينارام هاسٽل ۾ هليو ويو هئس ۽ هڪ روم ۾ وڃي لڪو هئس، پاسي واري روم ۾ شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي بحث ٿي رهيو هو. پوءِ راند وسري ويئي. اتي ڪجهہ وقت آئون اڀياس - ڪلاس سامهون وڃي بيٺو هئس. اڇي ڊريس ۾ هئس مان اهو خيال ۾ تہ مان زندگيءَ ۾ ٿيندي هڪ ليڪڪ ئي، اٺ ڏهہ جوان هئا. سندن اکين ۽ چهرن ۾ اُمنگ هئا. ڪنهن جو نالو ۾ نہ ٻڌو هئم، پر سمجهان ٿو تہ انهن ۾ شيخ اياز ضرور هوندو. جنهن گهٽا سال پوءِ چيو، هڪ آهين تون ۽ توسان منهنجو جنم جنم جو ناتو آهي.

مون قومي ڪهاڻين سان گڏ سنڌ ۾ ئي خاص طور موپاسان ۽ چيخوف جون ڪهاڻيون پڙهيون. او هينريءَ کي بعد ۾ پڙهيم. ڪافي ليڪڪ پڙهيم جن جا نالا ٻڌائي پنهنجي وڏائي ڪرڻ نٿو چاهيان. هڪ سنڌي اصلوڪيءَ ڪهاڻي ۾ پڙهيم، جا ڪجهہ هن ريت هئي؛

طوفان لڳي رهيو هو وڄ پئي ڪڙڪا ڪيا. ڪلاڪار محل جا در دريون بند ڪري ڏاڪڻ ۾ ستار وڄائي رهيو آهي. جنهن جو آواز ٻڌي سندس پريمڪا ساهيڙي گهر روئي رهي هئي.

مون سوچيو طوفان، بجلي، در دريون بند، پوءِ ڪلاڪار جي ستار جو آواز ٻئي هنڌ ڪيئن پهتو؟ مان لڪندس ڪهاڻيون، هن ملڪ ۾ انقلاب آڻيندس مان. ماڻهو چوندا آڪاڻي معنيٰ موهن. ڪٿي به ويندس ته چوندا، هن کي ڏسو هي موهن آهي، ليڪڪ آهي.

مان هڪ شام هيٺ پانَ وني رهيو هئس جو ٽڪي ۾ اڌ ملندو هو ته ملباري هوٽيل ۾ رڪيل ريڊيو تان پڌرائي ٿي. ڪانگريس ٻن قومن جو اصول مڃيو آهي ۽ مسلم ليگ کي پاڪستان ملي رهيو آهي. ماڻهو جمع ٿيڻ لڳا ۽ "پاڪستان زندهه آباد" جا نعرا هڻن لڳا. اسان جي بلڊنگ جي سامهون، به ماڙ تي هڪ مسلم ليگي مسلمان رهندو هو. اکيون ۽ منهن ايڏو وڏو جو هڪ وقت سندس منهن ڏسي نه سگهجي، نالو هوس شاهه جي. ڳاڙهو گٽڪو، ڊگهو، قداور، اڇي سلوار، اڇو ڪڙتو. مان ڪيس هر هوليءَ تي ڳاڙهي رنگ جي پچڪاري هڻندو هئس. سڀ ڪپڙا خراب، اصل ناراض ڪو نه ٿيندو هو. ڪلندو هو ۽ جليبيون وني کارائيندو هو. سنڌي مسلمان جيترو پيار سنڌي هندن کي ڪندا هئا، اوترو پيار هندوستاني هندوستانين کي شايد ئي ڪندا هجن.

هن به خبر ٻڌي، اڳيان اچي چيائين، "هاڻ اوهان جو سنگهه ڇا ڪندو"؟

"ڇو؟"

"هاڻ ته اوهان هندن کي سنڌ ڇڏڻي پوندي".

"سنڌ جا اصل مالڪ هندو آهن".

"هاڻ ته سنڌ مسلمانن جي هوم-لئنڊ ٿيندي".

مان چپ.

"اوهين هندوستان ويندا".

ڪجهه ان طرح جي گفتگو، پوري ياد نه اٿم. مون کي لڳو، ته سامهون ڪا جڳهه هئي جا وچ مان ٽٽي ويئي. بس ائين ڏسندي ڏسندي پاڪستان ٿي ويو. مان صدر ۾ جشن -جمهوريت جي سرگس ڏسڻ لاءِ صدر ويو هئس. جناح ۽ مائونٽ بيٽن هڪ ڪار ۾ وينا هئا ۽ هنن سان گڏ هندوستان ۾ انگريز فوج جو آرمي-ڪمانڊر به هو. سرگس وڏي هئي. مون پاڻ کي نهايت خسيس سمجهيو، ملڪ جي قسمت ناهڻ، لڳو ڏکيو ڪم هو، مان شطرنج جو پيادو هئس، اعليٰ سطح تي منهنجو ڪو آواز نه هو.

مون ڪٿي لکيو آهي ته هندستان جي آزاديءَ مون کي ڪا خوشي نه ڏني آهي ۽ مون گذريل 35 سالن ۾ هندوستان جي قومي جهنڊي جي ڪڏهن سلامي نه ڪئي آهي. اجا آزادي لولي لنگڙي سمجهي اٿم ۽ آزادي جي ڏينهن ڪڏهن به جشن ۾ شامل نه ٿيندو آهيان- اهو ڏينهن مون کي ياد ڏياريندو آهي ته اسان پنهنجي وطن کي ان ڏينهن وڃايو هو.

پاسي ۾ شيلا رهندي هئي ۽ هوءَ ڪئرم بورڊ راند ڪرڻ لاءِ منهنجي گهر ايندي هئي. مون وٽ ڪيس لفٽ ڏيڻ ۽ عشق ڪمائڻ جو ڪو پروگرام نه هو. ائين ڪن جوان ڇوڪرن ڇوڪرين سان ڪلفٽن بہ هلي ۽ پاسي ۾ ويهي ڪافي چرچا مستي ٿي ڪيائين. سندس پيءُ ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ بائلاجي جو پروفيسر هو ۽ ياءُ نهال ٽينس چئمپين هو. مون کي لڳو تہ شادي هن سان ئي ڪندس. سندس مسڪراهٽون ۽ اداس نهارون اجا بہ ياد اٿم. هڪ دفعي هڪ ڳالهہ تي مون ڪنهن ڇوڪري کي مار ڏني تہ پيٽس ميران اکيون چمڪائي پاسي کان اچي بيني ۽ اتساهہ مان منهن ڏانهن ٿي نهاريائين. ورهاڱو ٿيو، شيلا الائي ڪيڏانهن ويئي، ڪيس ڪراچيءَ بعد اجا تائين ڪو نہ ڏٺو اٿم.

جا مون پهرين ڪهاڻيءَ 1948ع ۾ لکي ان جو عنوان هو، ”آتم هتيا. “ هتي ڪنهن سنڌي فلمي رسالي ۾ ڇپي. ان جي شروعات هن ريت هئي، ”مون کي هن سان پيار هو، نہ ان ڪري تہ هو حسين هئي، پر رحم دل پڻ“، آخر ۾ لکيم، ”هوءَ تہ رهي نہ آهي، مان بہ نہ رهندس، قلم رکندس ۽ ٽرين جي پٽن ڏانهن ويندس، پانڪ هن ڪردار جي موت جي خبر اخبارن ۾ پڙهندا. “ ڪهاڻي ورهاڱي ۽ وڇوڙي تي هئي. مون ڪلاس ۾ گني کي پڙهي ٻڌائي، گني پڇيو،

”ڇا اردو تان ترجمو آهي“؟

چيم،

”نہ- اصلوڪي آهي“.

هوءَ همدرد هئي،

اهو مون غلط لکيو هو.

ڪيترا لفظ ان ڪري لکندو هئس جا ڄاڻندو هوس پر مون کي ان جي معنيٰ نہ ايندي هئي.

حيدرآباد ۾ مامو موهن چوندو هو، موهن يو آر ڊانڪي. منهنجو ترجمو هيئن، يو معنيٰ تون. آر معنيٰ گڏهہ. ڊانڪي معنيٰ آهين. سو مون هڪ آمريڪي فوجي کي چيو، گڊ ڊانڪي سر. اسين ڪڏهن ڪڏهن آمريڪن هاسٽل ۾ سنگتڙا ڪائڻ ويندا هئاسين، منهنجو مطلب، تون ڏاڍو سنو ٿو لڳين. بندوق ڪٽي پنيان پيو. پر مون کي پڪڙي نہ سگهيو. لفظن طرف منهنجي ناداني جو هڪ ٻيو مثال، جيل ۾ نارائڻ پارتيءَ چيو، ”گوبند مالهي چوٽيءَ جو ليکڪ آهي مون سمجهيو تہ شايد آريه سماجي هوندو. پر ڪيس ڏٺم تہ حيران ٿي ويس. مالهي جي مٿي تي دهليءَ جو درياهہ گنج هو. مون پارتيءَ سان شڪايت ڪئي، مالهي کي وار ئي ڪٽي آهن جو چوٽي رکائي. پارتيءَ کي ٻڌا ڪي ڇڙا ٿهڪ ڏنا“.

دادا وٽ ڪي انگريز فوجي ايندا هئا. مون کي چوندا هئا، برنگ چاڪليٽ. برنگ پيئرس. سوپ وغيره. مان چوٽون پڙهي انڊيا آيو هئس پر مون کي برنگ يعني اڻ لفظ جي معنيٰ نہ ايندي هئي. مون سمجهيو تہ برنگ ڪو خريديءَ جو اسم آهي ڪين چوندو هوس، نو برنگ سر، ٻيو سيڪجهہ آهي، برنگ نہ آهي.

سنڌ ۾ مسلمان پائرن کي "پائي جان" ۽ "سلام مالي ڪم"چوندو هئس جا غلطي طارق اشرف درست ڪئي.

ائين گهڻن سنسڪرت لفظن جو ست ٽوڙيو هوندو. جيتوڻيڪ هنديءَ ۾ ماهر هئس ۽ اُن ۾ هزارين ڪتاب پڙهيا هئم پوءِ هندوستان ۾ پڙهڻ بدران جليبيون کائڻ شروع ڪيم.

شڪارپور ڪالونيءَ ۾ بم ڦاٽو ۽ پرڀداس بٽاڻي مري ويو. هڪ ڏينهن صبح جو چئين لڳي فوجي اسان جي جڳهہ کي ورائي ويا. ٽي چار مٿي آيا. هٿن ۾ بندوقون ۽ ٽارچون هئن. هڪ فوجي منهن ۾ ٽارچ هڻندي چيو، "هي آر-ايس جي آفيس آهي"؟

""ي گهر آهي".

"زالون آهن"؟

"اهي هندوستان ويون آهن، اسين بہ ٻن ٽن ڏينهَنَ ۾ ويندا سين".

"اسان کي سرچ ڪرڻي آهي"؟

"ڇا جي"؟

"هٿيارنَ جي"؟..

"هٿيار ۽ هتي، مان اسڪولي شاگرد آهيان ۽ هندوستان وجي فلمي ائڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو".

"دروازو کول سڄو "؟. هو اندر گهڙيا، چرن جيت ڏڪي ويو، مون کي چيائين، ٻاهر بلڊنگ کي مليٽري گهيرو ڪيو آهي.

چيو مانس، تنهنجي شڪل خراب آهي،

چئجانءِ مان هن جو نوڪر آهيان. مان ڪرچيون ۽ ڪارتوس بالڪنيءَ ۾ تلسين جي ڪونڊين هيٺان لڪائي رکيا هئا، جي اهي ڪين ملن ها تہ گرفتاري ۾ ڦاسي طئي هئي. هو تہ اسان جون شڪليون ڏسي لڄي ٿيا ۽ اڇاتري سرچ ڪري، معافي وٺي واپس موٽي ويا. پاڻيءَ چيو؛ هتي رهڻ نيڪ نہ آهي. سو رتن تلاءُ تي هڪ جڳهہ مسواڙ تي ڪيائين، سنگهہ جون شاخون لڳڻ بند ٿي ويون. مامن جو هڪ دوست مسلمان هو، جو ڪنهن هندو چوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي هندو سڏائيندو هو ۽ پنهنجو نالو يڳوان رکيو هئائين. هن مون کي ڪراچيءَ صدر ۾ پي-ڊبليو-ڊي آفيس جي جهرڪ

ڊويزن ۾ هڪ ٽريسر جي نوڪري وني ڏني. پگهار ستر رپيا. ڏاڍي خوشي ٿي. اهو زمانو ڪجهه ٻيو هو.

6 جنوري 1948ع ۾ بهار مان آيل مهاجرن فساد ڪيا ۽ اٺ ڏهه سڪ ماڻهو ماري ڇڏيائون. ڪي ٿولا رتن تلاءُ تي ڦرون ڪرڻ آيا ۽ هڪ اسان جي گهر به آيو. هڪ جوان ڪپ کولي گهر ۾ گهڙيو، پاپي کين چيو، ”ڇا اسلام توهان کي سيکاري ٿو ته زالن ۽ ٻارن تي حملو ڪريو، اوهان کي ڇا ملندو؟ منهنجي ٻچن کي هٿ نه لڳايو، پل مون کي ماريو“.

مان هجان ها ته شايد خونريزي ٿئي ها. پر مان آفيس ۾ هئس. ٻڌم ته پاپي ڪجهه اهڙي وشواس مان ڳالهايو جو هو واپس هليا ويا. ۽ هڪ پاجي پت تي ڪليءَ ۾ ٽنگيل منهنجي اڇي پينٽ ڪٽي ويو. اُن جو دڪ سال منهنجي من تي قائم رهيو. اُهو پائيندو هوس ته نياضي ياد ايندي هئي. اجا به ڪڏهن اڇي ڊريس پائيندو آهيان ته اڪثر هوءَ ياد ايندي آهي.

مان ٽرام ۾ چڙهي آفيس ويندو هوس ۽ ٽرام ۾ واپس ايندو هوس.

اتان سڌو پنهنجي اڳئين پاڙي ۾ ويندو هوس. جنهن جي رونق بدلجي ويئي هئي. سنسان، ڪابه چهل پهل نه.

جمعو دادا: جو محرم ڏينهن پاڻ کي ماري رتو رت ڪندو، چوندو هو: ڪيئن يار. تون به سنڌ چڏي ويندين؟ جمعو دادا باڪسر هو. ماڻهن کي مارون ڏيندو هو. پر ڪپ نه هلائيندو هو. اهي اسان جي پاڙي جا مئجسٽريٽ هئا. ڪو ٻيو غنڊو ان حد ۾ گهڙيو ته جمعي دادا جا ٽڪر ۽ مڪون چالو. ائين بهار مان هڪ جعفري دادا آيو هو ۽ جمعي کي ڏاڍي مار ڏني هئائين. سنڌين مارون ئي ته کاڌيون آهن. هيٺ جمنوءَ جي هوٽل هئي.

جمعي جو اتي پنڪج ملڪ جا راڳ ايندا هئا ۽ سڄو ڏينهن جڳنو پڪچر جو رڪارڊ هلندو هو. نورجهان ۽ رفيع جو ڳاتل:

يهان بدلا وفا ڪا بي ڪي سوا ڪيا هئي
محبت ڪر يي ديکا، محبت ۾ يي دوکا هئي

اهو رڪارڊ اجا به ياد اٿم. سوچيم وڏي آهي ته ڇا ٿيو، شادي ڪندس ته نورجهان سان. مون نورجهان ۽ هل اسٽيشن ماٽيران سان زبردست محبت ڪئي آهي. مان انديا ويس ۽ هو پاڪستان هلي آئي.

شيخ اياز ۽ رشيد پٽيءَ کي جو هو بيچ جي بنگلي تي هڪ گانو ٻڌايو هئم : مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ.

ان غير سنڌين جي فساد سبب هندن ۾ ترٿلو ۽ هراس پيدا ٿيو ۽ هڪ ڏينهن اسين به پنهنجا ٽپڙ کڻي اٿ گاڏي ۾ چڙهي ڪراچي بندر آياسين. ڪراچي عيدگاهه ٻاهران ڪافي سنڌي ڪتاب ٿي وڪاميا. ٻين ٻين آني. مون ڪافي ڪتاب خريد ڪيا. شايد اهو 16جنوري 1948ع جو ڏينهن هو ۽ مان حياتيءَ جا سترنهن سال پورا ڪري رهيو هوس. اُها اٿ گاڏي پل پل مون کي منهنجي ڌرتيءَ، سنڌوءَ ماءُ کان پري ڪندي هلي. برنس روڊ، ڪچهري روڊ، ڊي-جي سنڌ ڪاليج. گاڏي ڪاتو، لائيٽ هائوس، بندر روڊ، ميونسپالٽي، بولٽن مارڪيٽ. جمعي دادا ڏسي ورتو ۽ سائيڪل تي اچي هٿ ڏيئي هلڻ لڳو، چيائين، "ياءُ هميشه لاءِ ٿو وڃين"؟ "نہ"مون چيو. "مان واپس ايندس." هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ هو هليو ويو. واپس ۽ مان ؟

۽ اهو به سنڌ.

سگريٽ جي دونهي ۾ اجا به ڏسان پيو، پنهنجي ڪراچي اها اٿ گاڏي ۽ جلاوطنيءَ جو سفر. ٻليءَ ٽب مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڏاڍا وڏا ٽپا ڏنا. پر بت کان وڏيون پتيون -ڪجي ڇا-؟ هڪ سرد آهه، هڪ زرد ماٿ.

ختم ٿي ويو اهو سندر جيون. اهو سنڌ جي زمين تي هلڻ ۽ مٽيءَ ۾ ليٽڻيون پائڻ. هاڻ اهي منگهن جا منظر نہ ڏسبا، نہ اها جوان ڇوڪرين جي جهمر پيل ڏاڳا ٻڌي انهن جو نچڻ ۽ زالن جو سنڌوءَ ۾ ڏيا مارڻ!سنڌ اسين هن بلبلون ۽ هوءَ اسان جو گلستان (اقبال). اهو ڪليل آسمان ۽ سڌي سنوت واري ڌرتي. ان جا ماڻهو به سڌا سادا. ختم ٿي وئي اها بي فڪر سوچ ۽ آرام جي زندگيءَ. اهي ڪير ۽ مڪڻ. پڪوان ۽ سيرا. اهي عيد تي ٻوڙ ۽ نياضيءَ جي ڇاڇ.

مان هندي هندوستان ٿي ويس. پر من ۾ خوشي نہ هئي، پر هندستان هندي ۽ هندو نہ هو، سيڪيولر هو. اهو پوءِ ڄاتم، سنڌ ۾ اتر پرديش ۽ بهار جا مهاجر آيا تہ هراس وچان هندو ڀڄڻ لڳا. هو مذهب جي نالي پنهنجي ڌرتي ڇڏي آيا. اسان خون خرابيءَ بدران ملڪ بدر ڪرڻ پسند ڪيو.

ان ۾ به سنڌين جو تصوف آهي. اسين توهان کي نہ ڪپون؟ چڱو وجون ٿا. هاڻ جڏهن توهين گهرائندا، تڏهن ايندا سين نہ تہ ڌارين زمين تي ختم ٿي ويندا سين! آباد سنڌو ماٿريءَ جي ڪجهه بناوٽ اهڙي آهي. تاريخ ۾ اسان تي ڏاڍا حملا ٿيا ۽ اسان مقابلو ڪيو ۽ اڪثر مارون کاڌيوسين. پر سنڌي مسلمان ڀائر اسان کي نہ چاهين تہ اهو اسان کان برداشت ٿي نہ سگهيو. هڪ منزل گاهه ئي پس پيش اسان کي ملڪ بدر ڪيو. اسان اها به غلطي ڪئي جو اسان بمبئيءَ کان سنڌ جي ڪٽجڻ جي مخالفت ڪئي، ان ڪري قوم پرست مسلم عوام اسان کان ڪٽجي ويو. اسان تنگ رستي کان هلياسين ۽ پوءِ

رستو ئي نہ هو ۽ تاريخ جون گمناميون هيون. اوندهہ ۽ لاهيون ۽ لاهيون پوءِ بس باهيون هيون.

بندر تي هڪ سمنڊ ماڻهن جو بہ هو. اسين هڪ رات چادرون وڇائي پٽ تي سمهياسين ۽ ٻئي ڏينهن جهاز ۽ بندر جي وچ ۾ لٽڪيل ڏاڪڻ تان ڏڪا کائيندي مٿي ڊيڪ تي چڙهي وياسين. ماڻهن ۾ ڏک هو تہ هنن وطن ڇڏيو تي ۽ هڪ اڻ لکي خوشي بہ هئي تہ هو هن ملڪ ڏانهن تي ويا جتي هو آزاديءَ سان سلامتيءَ سان ساهہ کڻي سگهيا تي. !

پٽ تي منهنجي سامهون هڪ جوان ڇوڪري ليٽيل هئي، منهنجا پير هن جي منهن جي پرسان پئجي رهيا هئا. هڪ کن لاءِ خيال آيم تہ هڪ پير آهستي وڌائي هن جي ڇاتيءَ تي رکان، وري سوچيم. ائين نيڪ نہ ٿيندو، من ۾ ڪافي وقت جنگ هلي، جنهن ۾ مون هار کاڌي يعني پنهنجي خواهش پوري نہ ڪيم. ڊيڪ تي هڪ ڇوڪري وار کولي بيني هئي. مان پرسان وڃي بينومانس. هن جو آنچل هوا ۾ ڦڙڦڙائي رهيو هو. مان اڇي ڊريس ۾ هن مون ڏانهن نهاريو. ڇڻ صدين کان سڃاڻي، اوهہ تون! پر منهن تي ڪا بہ مشڪ نہ، جا اهڙن موقعن تي هلڪڙائپ لڳندي آهي. پوءِ هوءَ هلي، بيني پٽيان نهاريائين، مشڪي، شڪجي، سمهي. ڇڻ مون سان هڪ خيالي ٽڪر کاڌائين ۽ چيلهہ تي رکيل هڪ خيالي گلن جي ٽالهي پٽ تي ڪيرائي ڇڏيائين. منهنجي اکين ۾ بہ خواب هئا. ڪجهہ ڏنڌلا، مبهم. عورتون عورتون آهن. جتي وڃ اتي انهن جو سنيهہ آهي. ڇڻ نرسون آهن. زخمن کي مرهم هڻن ۽ بيني بيني دونهون تي وڃن. مون "رج ۽ پاڇا" ۾ هن جو ڪردار ڪنيو آهي. نالو وندنا رکيو مانس. هئي الائي ڪير ۽ وري جيون ۾ نہ ملي. ائين مون بمبئي ۾ هن جي تلاش ڪئي. مرين ڊرائيو تي، هئگنگ گارڊن تي. چوپاٽيءَ ۽ جهو ۽ گيٽ وي آف انڊيا تي. هوءَ هڪ زخم ڇٽائي ٻيو زخم ڪري وئي. جهاز هليو ۽ مان آهستي سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري ٿيندو ويس. سڀ تہ ياد اٿم. خوش رهو اي اهل وطن هم تو سفر ڪرتي هئي، دور ديوار پر حسرت کي نظر ڪرتي هئي. خيال آيم تہ هوا جو جهوٽو بڻجي وڃان ۽ سنڌ جي زمين مڪانن ۽ ماڻهن کي چمڻ شروع ڪريان. ڪتو تي وڃان ۽ سنڌ جي رستن تي هلڻ شروع ڪريان. پنگي ٿيان ۽ سنڌ جي زمين تي ٻهاري ڏيئي ان جي مٽيءَ سان سنان ڪريان. شايد چيز جو قدر وڃائڻ مهل پائبو آهي.

گهڻا سال پوءِ مون هڪ ڪوِتا لکي:

"جهاز جي ڊيڪ تي"

ڪي سٽون هن ريت آهن. :
اڄ حياتي زهر ڍڪ تي پنهنجو ست آهي وڪيو
اڄ وڃن جو فلسفو ئي زندگيءَ جو فلسفو آ
موت ٿو اڄ زندگيءَ جا حج ڪري
اڄ آ ڇاتيءَ تي زيارت
چڪ ۽ چنبي ڪپ ڇريءَ جي!
هي برابر زهر يگ آ-زهر يگ آ زهر يگ آ
هيٺ پاڻيءَ ۽ مٿي آڪاش آهي
وچ ۾ منهنجو لاش آهي-لاش آهي (1958)

دراصل وطن جي ياد هميشہ ايندي هئي پر رڳ گهڻو پوءِ ڇڪڻ لڳي. اڳ واپس موٽڻ جي آس هئي جنهن آس نامعلوم ڪڏهن پنهنجو دم ٽوڙيو. هاڻ فقط سنڌ ڏسڻ جي خواهش اٿم جا بہ شايد بيهوشيءَ جي عالم ۾ آهي يا مري دم ٽوڙي چڪي آهي.

سنڌ ۾ جيون جو هڪ ڪانڊ پورو ٿيو.

بمبئي بندر ڪان وي-ٽي آياسين. ڏسون تہ گاڏيون بنا انجڻ جي پيون هلن. اسين بہ سامان ڪٽي چڙهي پياسين. گاڏي خالي هئي. هاڻ اها خالي گاڏي بہ فقط خوابن ۾ ڏسي سگهبي آهي. هينئر گاڏيءَ ۾ جڳهہ ملي، ڄڻ دفتر ۾ بونس مليو. مان فئملي کي ڪلياڻ اسٽيشن ٻاهران ڇڏي مليٽري ڇانوڻيءَ ۾ ويس. جتي اجا بہ انگريز فوجي هئا. جاچ ڪندي دادا کي ڳولي ڪڍيم. هو مون کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. ڀاڪر پاتائين. پڻي ٺپريائين. ڪيس ڪنهن ٻڌايو 6 جنوري جي فسادن ۾ سندس فئملي مارجي ويئي هئي. گلوبہ اتي هو ۽ خوش ٿيو. دادا هڪ جيپ جو بندوبست ڪيو ۽ سالن بعد اسان جو ڪٽنب هڪ هند گڏ ٿانيڪو ٿيو. اتي هڪ ڀيڻ وديا ڄائي جا پورو ڪير نہ ملڻ سبب گذاري ويئي. ان رات چنڊ جي شڪل ڪتي ڪان بدتر ڏٺي هيم. مون "آواره" ۾ ان جو منظر چٽيو آهي.

ڪئمپ ۾ فقط اسان جو سنڌي ڪٽنب هو.

بہ سينيمائون هيون، جتي شام جو بہ شو انگريزي فلمون هلنديون هيون. آبادي اٽڪل پندرهن هزار. پندرهن هزار ڪن انگريز هئا. جي آهستي آهستي پنهنجي وطن روانا ٿيا. جنرل هيڊڪوارٽر ۾ ننڍو هوائي جهاز منهن ڀر ڪريو پيو هو. هڪ ڀيري ان کي منهن ڪان جهلي زور ڏنم تہ پينگهہ جي گاڏي جيان ٿيهہ فوٽ مٿي چڙهي ويو ۽ پڇ وڃي پٽ سان ٽڪاءُ ڪيس. ڪافي ماڻهو گڏ ٿيا. ڇوڪرو سترنهن سالن جو ۽ هن کي

ايڏي طاقت. پوءِ اهو هوائي جهاز الائي ڪيڏانهن ويو. اهو موجوده ڪورٽ جي سامهون جنرل هيڊ ڪوارٽرس ۾ ڪريو پيو هو.

دادا وٽ پراڻو ريڊيو هو ۽ هڪ ڏينهن خبر آئي تہ ڪنهن شخص مهاتما گانڌيءَ جو خون ڪيو هو. سنگهہ ۾ هئڻ سبب اسان کي گانڌيءَ لاءِ ڪا عزت نہ هئي ۽ نہ نهروءَ لاءِ. اسان لاءِ هڪ ئي وڏو شخص هو، پرم پوجنيه شري گروجي. جنهن جا پاشڻ سنڌ ۾ ٻڌا هئم ۽ پوءِ هند ۾ بہ. روبرو گڏيو هوس. شايد اهو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هو جو اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. پنڌ ڪري ڪلياڻ شهر ويس ۽ اتان بمبئي ويس. نهروءَ ريڊيو تي چيو، روشني هلي ويئي، هاڻ جتي ڪتي انڌڪار آهي.

مئي-جون ۾ ڪئمپ ۾ سنڌي اچڻ لڳا ۽ ڪئمپون کلڻ لڳيون. جيم سائيڊنگ تي هڪ اسڪول کليو، جتي پنجين ۾ داخلا ورتم. گنو سامتاڻي ۽ راجن چاولا ساڳئي ڪلاس ۾ هئا ۽ اتي دوست ٿيا راجن اڄڪلهہ لنڊن ۾ آهي ۽ گنو، بمبئي ۽ چرچ گيٽ تي. مون ٽئين نمبر ۾ سنگهہ جي شاخا کولي، پر اتي بندش سبب ڪم وڌائي نہ سگهيس. سنگهہ تان بندش هٽائڻ لاءِ هندستان ڀر تحرڪ هليو ۽ جي شخص ان ۾ گرفتار ٿيا، مان تن مان هوس. چيائون معافي وٺ. مون انڪار ڪيو. مون کي ٽي مهينا سزا ملي. ۽ مان هڪ رات ڪلياڻ لاڪ-اپ ۾، هڪ دفعو ٽاٽا جيل ۾ ۽ باقي وقت ويساپور جيل ۾ هوس.

ويساپور جيل ۾ اسين اٺ سئو قيدي هئاسين. جمعي جو پاڻ ڳٽپ ڪندا هئاسين. رانديون ڪندا هئاسين. روز رات جو راڳ ۽ تقريرون. اتي نارائڻ پارتي بہ هو، جو پت تي سنگهہ تي بندش خلاف پوسٽر لڳائيندي گرفتار ٿيو. هو پنهنجي مرضي خلاف جيل ۾ آيو هو. ٻين کان ڪٿيو ڪٿيو رهندو هو. البتہ هو منهنجون تقريرون چاهہ سان ٻڌندو هو ۽ مون سان بحث ڪندو هو.

جيل ۾ مون سان ڪير بہ گڏجڻ نہ آيو. ڪو دوست بہ نہ. مان جيل جي شيخن ٻاهران آسمان ڏانهن نهاريندو هوس. آسمان ۾ پکي ڏسي سوچيندو هوس تہ ڪڏهن آزاد ٿيندس. ميدان تي گايون ڏسندو هوس تہ پاڻ کي بدنصيب سمجهندو هوس.

سنڌ ۾ سنگهي هندو هئا ۽ هندو راڄ جون ڳالهيون ڪندا هئا. هو مسلمانن جا مخالف هئا پر ڪانئن نفرت نہ ڪندا هئا. جيل ۾ سنڌي ڏهہ ٻارنهن هئا- باقي گهڻا مرهٽا جي سخت ڪٽر هئا. جوش ۾ ڳائيندا هئا:

جئچند توني هند ڪو برباد ڪرديا؛
غيرون ڪو لاڪي، هند ۾ آباد ڪرديا؛

ڪاشي بني بنارس، پرياگ الهه باد؛
ايوڌا پوري ڪو، فيض آباد ڪرديا؛!

مهاتما گانڌيءَ چيو تہ پاڪستان منهنجي لاش تي ٺهندو. پاڪستان ٺهيو ۽ ماڻهن گانڌيءَ جو لاش ڏٺو، گانڌي مري ويو تڏهن بہ جيل ۾ ڳائيندا هئا:

اب بتا گانڌي، اب وهه تيري گانءِ ڪهان؛
پهلي هوگي ميري ٽڪري، ڦر پاڪستان يهان.

مون کي پهريون دفعو محسوس ٿيو تہ هنن ماڻهن وٽ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي. فقط نعرا ۽ تقريرون ۽ نفرت آهي. رڳو ماضيءَ جون وڏايون، اڄ ڇا ڪجي، ديش کي ڪيئن مظبوط ڪجي، ٿوراين وارين جاتين جا حق ڪيئن سلامت رکجن، ڪين ڪجهه خبر نہ آهي.

هڪ رات اتي سيمينار ٿيو؛ جيڪڏهن گانڌيءَ جو خون نہ ٿئي ها تہ؟
ڪنهن چيو؛ تہ اسين هندو راڄ قائم ڪريون ها.
ڪنهن چيو؛ تہ اسين پاڪستان کي ختم ڪريون ها.
مون چيو؛ ڪجهه نہ ٿئي ها- اسين ٿورو گهٽ راڳ ڳايون ها.
اسان جو هڪ نعرو هو؛ سنگهه کو توڙدو، گرو جي کو ڇوڙدو.
ماني، گاهه، تيل ۽ سڪل مانيون. سو ڪاڏو نہ وٽندو هو. چانهه بہ نہ ملندي هئي. اسان کي آرتوار صبح جو بوهيمنگ ۽ ڳڙ ملندو هو. چاهه سان ڪائيندو هوس ۽ ڏينهن جو گوشت. اسان جو سنڌي اڳواڻ ڪوئي ڪشور واسواڻي، فرينچ ڪٽ ڏاڙهيءَ سان، جيلر سان گڏيو ۽ چانهه جي گهر ڪيائين. هو ۽ مان ڪافي بحث ڪندا هئاسين. هن جو مون کي چيو، تون "آگ" فلم جو راجڪپور ٿو لڳين. تون نهايت ذهين ۽ تيز آهين. تنهنجي اکين ۾ نهارڻ سان بحث جو موضوع وسريو وڃي. تون آگ جو شعلو، طوفان آهين، تون بارن انقلابي ۽ آرٽسٽ آهين.

هڪ ڏينهن چانهه آئي تہ سنڌين ڊڪ پاتي. جيل جي هڪ مراني اڳواڻ سنڌين بابت هڪ خطرناڪ رايو ڏنو "هنن کي ڏسو، پاڪستان ۾ مسلمانن سان وڙهي نہ سگهيا ۽ هتي چانهه پٽيان چرين وانگر ڊڪي رهيا آهن".

چندر واسواڻيءَ چيو، "سنڌي هڪ ماڊرن قوم آهي، مهاراشٽرا کي چانهه قبول ڪرڻ ۾ صدي لڳندي. هنن کي سنڌين سان جيلسي آهي".

هڪ مرهٽي اڳواڻ چيو، ”اوهين سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ چو ٿا ڳالهايو. يا هندي ۾ ڳالهايو-يا مرهٽيءَ ۾“.

سو سنگهه سان مانسڪ طور ان ڏينهن ٽٽس. پر سامهون ڪو ٻيو آدرش ٻہ نہ هو ۽ ڪم ڪرڻ جو جنون سر تي سوار هئم.

جيل ۾ هڪ ڏينهن گني سامتاڻي جو خط آيو، ”خبر اٿئي لال چنداڻي ٽيچر ڇا چيو؟ اسان کي موهن تي ناز آهي. هن جو فوٽو آڻيو تہ ڪلاس روم ۾ ٽنگيون. موهن تون منهنجي ڪلپنا آهين!“

منهنجي پهرين ڪهاڻي ”آتم - هتيا “موهن لالا جي نالي سان ڇپي. گني جي خط بعد مون پنهنجو نالو ڊسمبر 1948ع ۾ موهن ڪلپنا رکيو جو اجا تائين قائم اٿم. جيتوڻيڪ گهڻا دفعا سوچيو اٿم تہ نالي پنيان تخلص جي ڪا ضرورت نہ آهي ۽ ڪلپنا لفظ کي ڇڏي ڏيان!

گنو سامتاڻي مون کان چار سال ننڍو آهي. چوڏهن سالن جي عمر ۾ اهو خط لکيو هئائين. شيرين زبان، تيز ذهن، ادب جو تمام گهڻو اڀياس، مهذب، سنا ڪپڙا پائڻ جو شوق، سهڻو جهڙو انگريز. هن تي ڇوڪريون عاشق ٿيون، پر هو ڪڏهن اک کڻي نہ نهاريندو. ٿورو وڏو ٿيو تہ ڇوڪريون ڪيس ودوان سمجهي پيرين پوڻ لڳيون. گني جا پير ڏاڍا اڇا ۽ سهڻا. هڪ دفعي چيومانس، ڇوڪرين تنهنجي ايتري چرڻ وندنا ڪئي آهي جو ان ۾ مون ڪڏهن ٻہ مٿي نہ ڏني آهي. پاڻ انتر -مکي ڏک هن ٻہ ڏنا پر اُف نہ ڪيائين. راجن چاولا ٻاهر -مکي لوهي بدن پر ناهوڪو، مارڪٽ ۾ هوشيار. موهن هن کي-؟ ها! سندس هڪ چمات ۽ ڇوڪرو واچوڙي وانگر ڦرندو وڃي. پاڻ ٻہ هڪ مخصوص رات مون سان گڏ گرفتار ٿيڻو هو، پر سندس والد ڀاشيمل کي سڻس پئجي وئي ۽ هڪ ڪمري ۾ ڪيس بند ڪري ٻاهران ڪلف لڳائي ڇڏيائين. راجو ڇت تان ٽائيلس لاهي ٻہ مون وٽ اچڻ ۽ جيل ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ڏاڍا ٽپا ڏنائين پر ڇت تائين پهچي نہ سگهيو. ادب ۾ اسان ٽنهي ڪميونسٽن جو زبردست مقابلو ڪيو ۽ اسان کي ”ٽري ائنگري ينگ مين آف سنڌي لٽريچر“ جو خطاب مليو. اسان ترقي پسندن کي قوميت جي صليب تي لٽڪائي ڇڏيو. پوءِ راجن چاولا ادب ۾ پندرهن سال گڏ رهي ڏنڌي ۾ هليو ويو ۽ سندن ڪرسيءَ تي آرام سان اچي لعل پشپ وينو. جنهن جي گفتگو ۽ قلم ۾ اڪثر زهر رهيو آهي. ادب ۾ اسان جي ٽمورتيءَ تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي. هونءَ لعل پشپ 1954ع کان اسان جي دوستي ۾ آيو. سٺ کان چوهٺ تائين راجوءَ جي تخت تي براجمان ٿيو. راجو وري فلمن ۾ ويو پر اهو ٻيو قصو آهي.

جيل ۾ پاڻي خراب هئڻ سبب مون کي ڦٽ ڦرڙيون ٿي پيا، سو مون کي ڦاسي گهاٽ جي هڪ ڪونيءَ ۾ بند ڪيائون جا ڇهه -فوٽ هئي. ڪاڪوس پاڻي اندر ماني شيخن مان ڏني وڃي. پاسي ۾ هڪ ٻي ڪوني، جتي هڪ چاليهن سالن جو قيدي، جنهن کي ڦاسي اچڻي هئي. هڪ دفعي هن آواز ڏنو، ”ڇا تو بہ زال جو خون ڪيو“؟

”مان ڪنوارو آهيان“.

”عمر“؟

”ارڙهن سال“.

”توکي ڇو بند ڪيائون “؟

”مان سچ ڳالهائيندو آهيان“.

”سچ تي ڦاسي“؟

”ڦاسي نہ جيل. توهان کي ڦاسي ايندي“؟

”ها“.

”ڇو“؟

”مون زال جون خون ڪيو آهي“.

”هوءَ بي وفا نڪتي“.

”زالون بي وفا نہ ٿينديون آهن“.

”تڏهن“؟

”تو هن کي پيار نہ ڏنو هوندو. ڪيس اهو ٻئي هنڌان مليو هوندو. هلي ويئي هوندي“.

”ڀلا مان مزوري ڪريان يا سڄو ڏينهن چمانس.. چٽيانس.“.

”سو اوهان کي ڦاسي ايندي“؟

”ها“.

هو مون کي پنهنجي چانهه، ڳڙ، بوهيمگ ۽ گوشت ڏيندو هو. جڏهن ڦاسيءَ لاءِ وني ويس تہ سامهون ٿيو چيائين، ”مون کي خبر پئي تہ اوهين ديش ڀڳت آهيو. ڀاءُ هتي اهڙو راج برپا ڪريو جو مزورن کي سنو پگهار ملي. ڪين آرام ملي تہ جيئن هو زالن سان پيار ڪري سگهن“. منهن ۾ وارن جو جهنگل ۽ اکين ۾ پاڻي، خبر ناهي ڪٿي وڃي ڦاسي ڏنائونس. هو ويو تہ وري اهو خيال آيم:

ائين ٿيڻ نہ ڪپندو هو!

مان هر ڪن جيئڻ ۽ ماڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پاڻ سان ٻين سان نباهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ان ڀرپور احساس سان ڪڏهن ڪڏهن ارد گرد کان ڪٽجي بہ

ويندو آهيان ۽ گهٽن کي اجنبي لڳندو آهيان. مون ڪڏهن به پنهنجي سامهون مفاد پرستيءَ جو نظريو نه رکيو آهي ۽ نه ڪڏهن ڪنهن سان گڏجي منصوبا سٽيا اٿم. فلسفن جو وڍ ڪٽ ڪرڻ ۾ ماهر آهيان. سنڌوءَ ۾ ٽٻيون گهٽ ڏنم پر ٽٻين ۾ پوڻ جي عادت اٿم. مون انسانن جي تاريخ تي گهڻو سوچيو آهي ۽ انهن جا نفاق فساد ۽ جنگيون ڏسي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويندو آهيان. ته اسين ڪجهه سڌرنداسين به يا نه.

جيل ۾ ڪل مستي به ٿيندي هئي. ڪو سمهيو پيو هوندو ته ان جي قميص ۾ نوڙي ٻڌنداسين ۽ نوڙيءَ کي ٽنيي سان. پوءِ اٽاري چونداسين ته فلاڻا تنهنجو خط! اتي ڊڪندو ۽ ڏو، منهن ڀر وجي ڪرندو. قميص به ڦاٽي پوندس ۽ ٿورو شرمندو ٿيندو ۽ پنهنجو نالو بيوقوفن جي فهرست ۾ ڳڻائي موٽي ايندو. ڪو ڪونگهرا هڻندو ته ڪيس بستري سوڌو ڪٽي ٻاهر ڪاڪوس ٻاهران ڇڏي ايندا سين. پوءِ صبح جو اٿندو ته ڇبري جيان سوچ ۾ پئجي ويندو، ڇڻ تازو ماءُ پيٽان ڄمي دنيا ۾ آيو آهي. ۽ اوئان اوئان پيو ڪندو ته مان ۽ ڪاڪوس ٻاهران ڪيئن - پر ڪاڪوس اهو جو ڪڏهن مهاتما گانڌي خود صفا ڪندو هو.

هڪ دفعي اڳواڻ چيو وڙهڻ سکو. هڪ ٻئي کي ڏڪ هڻو ۽ پٽ تي ڪيرايو. سو هڪ بهادر گهاٽي مون ڏانهن ڊڪيو. جي مٿان ڪري ها ته شايد ڇاتيءَ جون هڏيون پڄي پون ها. هو تيز رفتاريءَ سان ڊوڙيو ۽ پاڻ تي ڪو ظابطو نه رکيائين جيئن سندس سڄو بار مون مٿان پوي. مون ساڄي ٽنگ پٽيان ڪئي، ڪلهو ڪابي ورايم ۽ ڦڙتائي سان سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهي ان طرف ڏڪيومانس جتي حد هئي ۽ ڪنڊن واريون لوهه جون تارون هيون. هو وڏيڪ رفتار سان انهن تارن مٿان وجي ڪريو ۽ ضربجي ويو. اٽڪل سورهن فوٽ پريان ڪريو. اهي موجون به ختم ٿي ويون ۽ ڦاسي جي ڪونڙيءَ ۾ بند ٿيس.

ڪڏهن سنڌ جي ياد ايندي هئي. ڪڏهن نياضيءَ جي. ڪڏهن شيلا جي ۽ ڪڏهن ڪملا جي.

مون ڪملا جو نالو بينا رکيو ۽ هن تي پنجاهه کن ڪهاڻيون لکيم. اسان جي ملاقات نه ٿي. " آوراهه"جي نائڪا اها ئي آهي. شڪل "اسٽيشن ماسٽر" جي هيروئن ونهالا جهڙي اڪثر مون کي ڏسي مشڪندي هئي ۽ ڇاتيءَ تان رئو ڪيرائيندي هئي. مان به هن ڏانهن نهاريندو هوس ۽ سوچيندو هوس ته بس شادي هن سان ڪندس. پرسان وجي آسمان ڏانهن نهاري گانو ڳائيندو هوس.

آتا هئي ڪون آتا هئي ڪون

چپ چپ ڪي-چپ چپ ڪي

چپ چپ ڪي ميري خوابون مين
گاتا هئي ڪون- بجاتا هئي ڪون

مئٽرڪ جي ڏينهن ۾ سندس پرسان هڪ ڪمرو خالي ٿيو جتي مان، گنو ۽ راجو پڙهندا هئاسين ۽ مان رات جو ڳائيندو هوس.

هم ڪو تمهارا هئي آسرا
تمڪو همارا هو نہ هو
آئين همين ستائين وهہ
دل ڪي صدائين سنائين وهہ
ان ڪو هم سي هو نہ هو
همڪو تو ان سي پيار هئي...

مون سوچيو، مان هڪ مها پرش. هوءَ مون وٽ اچي ۽ چوي، تون منهنجو ساهہ، منهنجو پيار، منهنجو سوامي آهين. گني ڪي منهنجو رخ وڻندو هو، پر راجو چوندو هو، ٻچا گانا ڳائڻ سان ڇوڪريون نہ ملنديون آهن. ڪيس ٻانهن ڪان جهل ۽ چئينس هينئر شاديءَ جي منڊپ ۾ وهين ٿي يا نہ؟ بس، هڪ ڏينهن هوءَ شهر ڇڏي بمبئي هلي ويئي. هن جون اکيون وڏيون ۽ هن جي نهارڻ ۾ وادين جو ڏنڌ هو. جيل ۾ ڏاڍو ياد ايندي هئي.

نارائڻ پارتي جيل ۾ انگريزي گرامر جو ڪتاب پڙهندو هو. مون کي چيائين، اسان جي خاندان ۾ ڪنهن بہ مئٽرڪ پاس نہ ڪئي آهي. مون کي ڪيئن بہ مئٽرڪ پاس ڪرڻي آهي. مون ٻاهر نڪري ڪيس پنهنجي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. هاڻ هو ايم-اي فرسٽ ڪلاس آهي. فلاسافي ۾ ڊاڪٽر آهي. ايڊيٽر آهي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي. روٽري ڪلب جو صدر آهي. هن سخت محنت ڪري سماج ۾ مانَ مرتبو حاصل ڪيو آهي.

هڪ ڏينهن پڌرائي ٿي ڪن ٽياڪڙن جي وچ ۾ پوڻ سان سنگهہ ۽ حڪومت ۾ ناهہ ٿيو آهي. هونءَ سنگهہ مٿان الزام اهو هو تہ نٿورام گوڊسي، سنگهہ جو اڳيون ميمبر هو. سنگهہ وٽ نفرت جي فلاسافي آهي، پنهنجن ڪان گمراهہ ٿي نٿورام گانڌيءَ جو خون ڪيو. ويرسان ورڪر کي بہ گرفتار ڪيو ويو هو، جنهن کي انگريزن ست سال جيل جي سزا ڏني هئي.

اسين ٻاهر آياسين. ويساپور ۾ گاڏي آئي تہ مان دريءَ کان ٽپ ڏئي، سيٽ تي سمهيل جوان عورت کي ڪراس ڪري لنگهہ جي وچ تي ايو ٿي بينس. پارتيءَ جي بدن ۾ اِها ڦڙتي نہ هئي، پهرين منجهي پيو تہ دريءَ ۾ پهرين مُنهن وجهي يا ٽنگون، سو مُنهن وڌائين، دريءَ ۾ ٻانهون اٽڪائي زور ڏنائين ۽ پوءِ سندس مُنهن مائيءَ جي ڇاتيءَ

مٿان، مائي ننڊ مان اُٿي ۽ حيران ٿي ڪيس پري ڪرڻ لڳي پر پارتي اندر گهڙندو اچي ۽ آخر بنا ارادي عورت مٿان سمهي پيو. وري اٿي ته ٽنگون مائيءَ جي پيٽ مٿان. سو ڪيس پاڪر ۾ جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ مائيءَ کي هٿ جوڙي چيو:

”ماءُ اسان کي معاف ڪر. اسين نادان، دروازو بند، گاڏي ڏسو هلي پئي. ڪپيو ته اسان کي ٻه چار چماٽون هڻو. “ جوان مائيءَ شايد ائين سمجهيو ته پارتي ڪو ڊاڪو هو ۽ اوچتو سندس عصمت لٽڻ لاءِ تيار ٿيو هو، ان ڪري پهرين ته ڏاڍيون دانهون ڪوڪون ڪيائين. پارتي شادي شده هو. عمر ۾ ننڍو هو ۽ اجا زال کي هٿ ٻه ڪو نه لاٿو هئائين. ڏاڍو شرمندو پئي ٿيو. هن ٻه مائيءَ کي هٿ جوڙيا. گاڏيءَ جا ماڻهو اسانجو قيمو ڪري ڇڏين ها جي اسين اها شرافت نه ڏيکاريون ها.

ائين گاڏيءَ ۾ هڪ دفعو مان، گوبند پنجابي. ڪرشن راهي، مايا راهي، گنو سامتاڻي. لعل پشپ، وشنو پاٽيا ۽ هري موٽواڻي، ڪاجو راهوءَ جا مندر ڏسي، رات جو اڍائين لڳي اسٽيشن تان چڙهياسين. ٽرڊ ۾ جڳهه نه ملي ته سيڪنڊ ڪلاس ۾ چڙهي پياسين. اتي ٻه هڪ ٻه مرد ۽ ٻه چار عورتون ليٽيون پيون هيون. ڪين ننڊ هئي. وشنو وڃي پهرين ماڙي جي برٿ تي سمهيو. هن جا ڪونگهرا خطرناڪ آهن. ڪجهه هن طرح ڪؤن-ڪر-ڪا- آ آ آ -هو-او. ڪان ڪان ڪان ڪون ڪون -ڪانڪان ڪان ڪون ڪررر.... هو. ڦو-اُو اُو.

هڪ جوان ڇوڪري جاڳي پئي ۽ رڙ ڪيائين چيتو! گني، لعل ۽ مون سگريٽ مان ڪش هڻي لڪندو سميملن (1964) ع ۾ مشاعري ڦٽائڻ جي موضوع تي ڳالهايو ٿي. لعل ڊپ وچان اٿيو ۽ دروازي ٻاهران ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين پر همت نه ٿيس، پر ٻاهر بيهي دروازو بند ڪري ڇڏيائين ۽ ڊسمبر جي ٺڏ ۾ ڪنبڻ لڳو. گني زنجير ڇڪي.

مون ڇوڪريءَ کان پڇيو، ڪٿي آهي چيتو؟

چي، مٿي! وشنوءَ جي شڪل ڪجهه چيتي جهڙي آهي. پڪو سنڌي چيتو! اسان گاڏيءَ ۾ گوبند پنجابيءَ سان چڱا چرچا ڪيا هئا، هن خارن مان وشنوءَ ڏانهن نهاريو. جيڪڏهن سندس نظرون شينهن جي وات ۽ وشنو مک بٽجي پوي ها ته هڪدم ڳڙڪائي وڃينس ها. پائي آخر ٻه گوبند پنجابي سنڌي ترقي پسند ڪهاڻي جو باني آهي. ڇوڪريءَ وشنوءَ کي ڏسي چيو، شڪل انسان جي اٿس، باقي بدن ۽ آواز چيتي جهڙو اٿس. وشنو هيٺ لهي آيو ڪيس چيائين، ”بس، اها ئي ڳالهه آهي جو ڪنوارو رهجي ويو آهيان. “

مان سڀ ياداشت مان ٿو لکان. لفظ ٻه لفظ ته ڪجهه ٻه ياد نه رهندو آهي، پر سندس نظرن جو مطلب ته فقط اهوئي هوندو ۽ شايد سوچيو هوندائين، هيءَ ئي ها ڪري ته

ڪيس وني وڃان ۽ پاڻ سان گڏ، ڪاجو راهوءَ جي مندر ٻاهران اٽڪائي ڇڏيانس. هڪ ٻيو سيڪس-پوز دنيا ۾ مشهور ٿيندو.

جيل مان اسين واپس شهر پهتاسين. ٻئي ڏينهن اسڪول بند ڪرايم ۽ اٽڪل پنج سؤ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين اڳيان تقرير ڪيم.

اڳي سمجهه ۽ اڀياس گهٽ هئم تہ ڳالهائي سنو سگهندو هوس. هاڻ اها گليبازي ختم ٿي ويئي آهي. هينئر سوچ ڪجهه گهري اٿم، پر ڳالهين ۾ گهماءُ اجا تائين اٿم. ان ڪري ئي سڳن آهوجا مون تي هڪ شعر لکيو:

ان وچ ۾ مان تہ يارو دهلي ڪان ٿي اچان ٿو:

ڳالهين ۾ يار جي اڄ ڪافي گهماءُ آهي!

ڀلا مون کي مليا مهاڀارت ۽ داستان الف ليلىٰ سو مان ڳالهين ۾ فرانس جو احتساب (سينسرشپ) ڪٽان آڻيان. مون ڳالهه شروع ڪئي سڳن دهليءَ جي ٽڪيٽ ورتي، اتي گهميو ڦريو ۽ واپس موٽي آيو ۽ منهنجي ڳالهه اجا بہ اتي.

پرنسپال تقرير مان خوش ٿيو. اٺ آنا خرچي ڏنائين. ان ئي سال پنجن ئي ڪئمپن جي ڊگهي جمپ جي چٽا پيٽي ٿي، مان پهريون نمبر آيس. ۽ مون کي انڊين نيشنل آرميءَ جي هڪ وڏي آفيسر شاهنواز هڪ مليٽري شرٽ انعام ۾ ڏني جا ڪافي سال پاتم. ڪيس انگريز ڦاسي ڏين ها. هن جو ڪيس نهرو، ڊيسائي ۽ جناح لڙيا. پارتيءَ کي اسڪول ۾ داخلا وني ڏنم سو هو، گنو، راجو ۽ مان، اتي هڪ ٻيو سوشلسٽ هريپال پنجابي بہ هو، جوبلز ۽ نيو ايج اخبار پڙهندو هو ۽ هڪ دوست موهن مٽاڻي بہ اسان سان شامل ٿيو. اسان اسڪول ۾ هڪ شيڊو -ڪئبنيٽ ناهي، جنهن ۾ هن ريت ڪاتا ورهايا ويا:

پرڌان منتري: موهن ڪلپنا

پرڏيهي منتري: گنو سامتاڻي

ڪاڏو خوراڪ منتري: موهن مٽاڻي

جنگ منتري: راجن چاولا

تعليم ۽ تهذيبي ڪاتو: نارايڻ پارتي

مخالف اڳواڻ: هريپال پنجابي.

اسين پاڻ ۾ ڇتا بحث ڪندا هئاسين. هڪ دفعي بمبئي جو مکيه وزير مرارجي ڊيسائي اسڪول آيو، جڏهن سنسڪرت جو پيرڊ هو مرارجي ڊيسائي پوءِ جنتا سرڪار جي ڏينهن ۾ پارٽ جو پرڌان منتري ٿيو. شايد منهنجي اکين ۾ سپنا ڏسي چيو: ”تون ڪجهه سنسڪرت ۾ ڳالهائي“.

مون چيو، ” آديه ميئه سڌينتي ڪارياڻي نہ منو رڻني، نهين سپت سيه سهن شيه مڪي مرگهاءُ“.

مرار جي ڊيسائي چيو ”؛مطلب“؟.

”مطلب تہ آدم سان ئي ڪم ٿيندا، نہ فقط سوچڻ سان. شينهن بہ جهنگل ۾ وات کولي سوچيندو تہ وات ۾ هرڻ ڪو نہ اچي پوندس. جيئن اوهان جي سرڪار فقط سوچي ڄاڻي، ڪري ڪجهہ نہ ٿي“.

هن چيو” ويهي رهہ“. ۽ خارن مان ٻاهر هليو ويو.

پائي ان گفتگو جو تہ لفظ لفظ ياد اٿم ۽ سڀ دوست اجا جيئرا آهن.

هڪ دفعي ڪلاس ۾ ڊبيٽ ٿي؛ شهر ۾ رهجي يا ڳوٺ ۾. مان جو لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي چڪو هوس سو مون چيو؛ شهر ۾، شهر ۾ جڳهيون ۽ رستا آهن. بجلي ۽ پاڻي آهي. اسپتالون ۽ پوسٽ آفيسون آهن. فلمون آهن. شهرن جي پاسن کان ڳوٺ آهن-پر ڳوٺن ۾ ڪا سهوليت نہ آهي ۽ نہ سو ميلن ۾ ان جي پاسن ڪي ٻيا ڳوٺ آهن.

ماستر چيو، ”موهن صحيح ٿو چوي، پر دنيا جي سيني ودوانن چيو آهي؛ ڳوٺن ۾ رهجي. سو سيني کان ڳالهايو سنو موهن آهي، پر جي مان ڪيس انعام ڏيندس، تہ منهنجي نوڪري ويندي، ڇو جو پرنسپال چوندو؛ تو ڪتابن جي خيالن جي خلاف وڃي انعام ڏنو آهي“.

انعام گني سامتاڻي کي مليو، جنهن ڏيراڏون ۽ چڪراتا جي وچ ۾ ڳوٺن جي سانت، ايڪانت، وڻن جي ڇانو، گائيئن جي ڳچين ۾ پيل چڙن جي سنگيت، تازي هوا، روشني ۽ پکين جي مٺن آوازن جي اها منظر ڪشي ڪئي جو ماستر جي وات مان گگ وهڻ لڳي ۽ ڪيس بہ انعام ڏنائين. انعام گني، راجو، پارتيءَ يا مون کي ملي تہ ڳالهہ ۾ ڪو فرق نہ پيو. اسان جي پنهنجي وزارت. ان ٻين آني مان ڏاڍيون موجون ڪيونسين بہ ڇانهيون بہ پيسٽريون. جڏهن مون اٿ آنا ڪٿيا هئا آڏي رات تائين عيش ڪيو هوسين.

هڪ دفعي بحث ٿيو؛ ماستر ٿجي يا سولجر؟ بحث ڪرائڻ وارو ماستر رنگروٽ هو ۽ تازو اسڪول ۾ پرتي ٿيو هو. هن چيو؛ پر اوهين ان وشيه تي ڳالهائي سگهندا ؟ اسين ڪلياسين، پر پارتي جوش ۾ اچي ويو چيائين ”توهان کي خبر آهي تہ هتي ليڪڪ وينا آهن. مفڪر وينا آهن. سمپادڪ وينا آهن. توهان اسان جي بيعزتي ڪئي آهي. هڪدم معافي وٺو. نہ تہ استرائيڪ ٿيندي. ماستر ئي سولجر پيدا ڪندا آهن. ٻڌايو معافي وٺو ٿا؟. ماستر غصي ۾ ٻاهر هليو ويو. وڃي استعيفا ڏنائين- هتي استرائيڪ چالو. ٻاهر پارتيءَ جي تقرير؛ شاگرد ئي آهن جي غلط رسمن ۾ نٿا ڦاسن ۽ دنيا ۾

انقلاب آڻي سگهن ٿا. ٿي سگهي ٿو اسان مان ڪو مارڪس ٿئي، ڪو لينن ٿئي، ڪو مائو ٿئي“.

پارٽيءَ ”وديارٿي“ اخبار پريس ۾ ڏني هئي ۽ سوشلسٽ ٿي چڪو هو. ۽ پوءِ لوڪ ادب کي لڳو ۽ ان ۾ ڊاڪٽوريٽ ورتائين. ڪليم ۽ دستاويز، ٻہ شاهڪار ڪهاڻيون ٻہ لکي ورتائين. غريب هو مگر رٿا سان ڪم ڪري سماج ۾ پنهنجو مانَ درجو مٿي ڪيو اٿائين. ڪيس ٻہ ٻار آهن ۽ خوش پيو گذاري.

اسين مئٽرڪ ۾ وياسين تہ پارٽيءَ ايشور سان گڏجي ادبي ڪلاس جي رٿا بڻائي. مون کي چيائين ”مان تنهنجي چوڻ تي تنهنجي وزارت ۾ آيس. هاڻ اچ تہ ادبي ڪلاس کوليون“.

منهنجون ڪهاڻيون روز انصاف ۽ آواز ۾ ڇپجنديون هيون. نرگس ۾ ڇپيون تہ سنڌي جڳت ۾ مشهور ٿيس. 1949ع ۾ آلوچنا چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون نمبر ڪٽيم. 1956ع ۾ اگيئه جي ”نديڪي دويپ“ (استري هڪ پرولي) تنقيد ۾ ٻہ اول انعام ڪٽيم. ”نرگس“ مخزن چئين آني جي هئي، پر منهنجين ڪهاڻين ۽ آنچل جي انقلابي شعرن سبب رپئي بلئڪ ۾ وڪامجندي هئي. نرگس معرفت آنچل سان ملاقات ٿي انچل کي گوبند مالهي شاعرِ انقلاب ڪوٽيو هو. آنچل ڪنوارو ۽ ناهوڪو. آواز بلند. هن 1951ع ادبي ڪلاس ۾ هن ريت تقرير ڪئي”استالن چيو؛ ليڪڪ انسان جي آتما جا انجنيئر آهن. اڄ جي سياست ۾ راجنيتي اڳواڻ ناڪامياب ويا آهن. هينئر ليڪڪ يگ بدلائندا. هي ئي عوام ۾ سچي سجاڳي آڻي سگهن ٿا. لينن چيو آهي؛ سڄي دنيا ۾ انقلاب ماسڪو معرفت پيڪنگ معرفت دهلي ايندو. وقت ايندو جڏهن ماڻهو هٿيار ڪڍندا ۽ نوڳي ديش ڀڳت، سرمائيدارن، ڪامورن ۽ وزيرن کي گولين مان اڏائيندا. چمڪيو لعل نشان ڙي ساٿي چمڪيو لعل نشان“.

انگريز هليا ويا تہ دادا ۽ گلو بيروزگار ٿيا. گهر ۾ ڪا آمدني نہ هئي. پاپي سون وڪڻي گهر هلائيندي هئي. تڏهن سون ٽيهہ روپيا تولو هو، جو هاڻ ٻين هزارين آهي. مون مئٽرڪ پاس ڪئي، پر مون کي پنج سال نوڪري نہ ملي. ڪافي وڏا ليڪڪ گهر ايندا هئا ۽ پاپي ڪڏهن ٻہ طعنو نہ هڻندي چوندي هئي؛ تون لک. تمام سنو، ان ريت ماءُ پيءُ جو نالو روشن ڪج. سو حقيقت اِها آهي تہ 1948ع تائين منهنجي جوان زندگيءَ ۾ هڪ ٻہ هفتو اهڙو نہ آيو. جو روز هڪ نيرن ۽ ٻہ ويلا ماني نصيب ٿي هجي. پئسا ئي نہ هجن تہ نوان ڪپڙا ڪيئن پايان. گهر ۾ ڪا ڪٽ، پلنگ نہ هو تہ زال گهر ۾ ڪيئن آڻيان. ۽ اڪثر پريمڪائون ٻہ گهر ڏسي چپن تي آڱر رکي بيهوش ٿي ويندیون هيون ۽ هوش ۾ اچڻ سان ياداشت وڃائي ويهنديون هيون ۽ سجاڻڻ کان انڪار ڪنديون هيون.

ادبي ڪلاسن جو صدر ٿيو پرسرام ضيا، جو مرڻ تائين ان جو صدر رهيو. بمبئي ۾ چنچر جي ڏينهن ته هتي آرتوار جي ڏينهن ادبي ڪلاس لڳندو هو. اتان خاص طور گوبند پنجابي ۽ مالهي باقاعدي ايندا هئا ۽ ڪڏهن ڪيرت ۽ اُتم به هونءَ آنچل، پارتي، گنو، راجو، مان، هيرو باغي، رام لعل، اجهل، ويڙهو رفيق، سڳن آهوجا ۽ ٻيا ڪيترا. ڪڏهن لعلچند امر ڏنو مل، پرنسپل لعل سنگهه اجواڻي، منگهارام ملڪاڻي ۽ رام پنجواڻي به آيا. ڪڏهن ناڪر ۽ جيوت چاولا، پوءِ هري موتواڻي ۽ لعل پشپ به اچڻ لڳا.

جيل مان آزاد ٿيڻ بعد مون شري گروجيءَ کي ڪئمپ ۾ آندو ۽ به دفعا دادر ۽ ڪلياڻ ۾ ملاقات ڪئي مانس. اڪثر ڏاڍو ڪلندو هو. هڪ دفعي هندو مهاسيا جي اڳواڻن پنڊت ڊگ وجينات ۽ شري ديشمک کي به آندم.

وڏيون تقريون ٿيون. چون: گانڌي ويو ته باقي پاڪستان رهندو ڪيئن. ؟

”ڪيئن ويندو“؟ مون پڇيومانس.

”جڏهن نهرو ويندو. “

”نهرو ڪيئن ويندو“؟ پنجو رام ورما پڇيس.

”موهن کان پڇو: تي سگهي ٿو هيءُ ڪيس گولي هڻي!“

بس ان ڏينهن کان مون اِها راه ترڪ ڪئي. گهڻائي اڳواڻ گهر آيا مون چيو: بس. مان نراش ٿي چڪو آهيان.

پائي، نراشا ۾ به آشا آهي. ها، پر ان اڳيان به نه آهي.

۽ هڪ دفعي ڪلاس مان موٽندي، گوبند پنجابي چيو،

”سنو ٿيو جو تو سنگهه چڏيو. اهو مرده سماج جو حامي آهي. تو ۾ انقلاب جو جذبو آهي.

انقلاب لاءِ لڪ. سوشلسٽ انقلاب“ .

هن گهڻو ڪجهه ڳالهايو. مان ڪميونسٽ ته ٿي نه سگهيس، پر مون تي ان ڏينهن جي وڏي تقرير جو چڱو اثر پيو. پر مان ادب کي پارٽي پڌرنامي تي لکڻ وارو نه هئس ۽ ڪلا کي پرچار جو ذريعو ڪڏهن به نه بنايم. شايد ان ڪري مان ڪجهه بهتر لکي سگهيو آهيان. مان نٿو سمجهان ته ڊگ وجيه ناٿ هندستان ۾ مون کي ئي ان قابل سمجهيو ته مان نهروءَ کي گولي هڻندس. هي اڳواڻ ائين جوان تازا امنگن ڀريا چهرا ڏسي وهي ويندا آهن. ڪڏهن ڪو ته ڪين گنيرتا سان ڪٽندو. گانڌيءَ جي موت دک پهچايو هوم. نهروءَ کي مان گولي هڻان؟ جيل ڏينهن به ياد آيم. منهنجي فطرت ۾ نه هو ته مان ڪٽرپنتي ٿيان. مون هڪ مسلم ماهجبين سان محبت ڪئي ۽ ان محبت کي اها طاقت هئي جو ان مون کي مسلمانن سان محبت ڪرڻ سيکاري ۽ نه نفرت.

هاڻ دؤر -فاقه ڪشي، عشق ۽ ادب پيدا ٿيو.

آنچل ضيا تي ڏاڍو غصو ڪندو هو؛

”خدا خدا خدا. ڪٿي آهي خدا؟ اوهين سرمائيدار پريس جا گمراهه ڇاڙتا آهيو. هاڻ اوهان جو دور ختم آهي. مصيبت ۾ مالڪ مددگار ٿيندين! ڪهڙو مددگار ٿيندو؟ ڪٿي ويو مالڪ جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌين سنڌ ڇڏي؟

آزاديءَ ڪيس سرحد تي پوري ڇڏيو آهي“.

هڪ دفعي جبلن تي گهمڻ تي دل ٿي. مون اسڪول جي نوٽيس بورڊ تي لکيو ؛

افسوس جو بادشاهه ڇهون مري ويو آهي. ان جي ماتم ۾ اسڪول بند ٿو ڪجي.

راجوءَ وجي بيل لڳايو. پرنسپال خوش ته شاگردن ريڊيو تي نيوز ٻڌي اسڪول جو نالو مٽي ڪيو.

جيتوڻيڪ بادشاهه ته مئو ڪو نه هو.

هڪ دفعي جوهوءَ تي وياسين ته ٻئي ڏينهن لعلچنداڻي مون کي، گني، راجوءَ ۽ پارتيءَ کي بينچ تي بيهاريو. ها، مئٽرڪ ۾.

ڪير موهن؟ ڪٿي جو پڇ سڌرندو، پر تون نه سڌرندين.

توکي ڪجهه چوڻ مٽي جو زيان. انگريزيءَ ۾ سؤ مان هڪ مارڪ.

هاڻ تون ويهه، نه ته رولر سان ڪٽيانءِ نه.

ڪير گنو؟ سنڌين جو شرٽ چندر! موهن سان دوستي ڇڏ، نه ته پيو جيلن ۾ چڪي پيهندين.

راجو؟ ٽڪ اٿئي. ماءُ پيءُ جو هڪ پٽ، ۽ سمنڊ ۾ ٻڏي وڃين ته ؟

ٻڏڻو اٿئي ته شرم ۾ ٻڏ.

نارو ؟ نه نه نارايڻ پارتيءَ. پڙهين ڇو نٿو ۽ اڳٽ لٽڪائي اسڪول مان ڀڄي ٿو وڃين!

”پڙهان -مان ڪيئن پڙهان سر “ ؟ پارتيءَ چيو، ”مان جڏهن به پڙهڻ ويهندو آهيان تڏهن منهنجي ڪنن تي انهن عورتن جو آواز پوندو آهي، جن جون پنجاب ۾ عصمتون لٽيون ويون آهن. انهن ٻارن جون ڪيڪون پونديون آهن، جن کي هوا ۾ اڇلائي نيزن جي نوڪن تي سمهاريو ويو آهي.

تڏهن پڙهي نه سگهندو آهيان سر ۽ موهن جي ڪلهي تي هٿ رکي جهنگ منهن ڏيئي هليو ويندو آهيان. “

هڪ دفعي نارايڻ پارتيءَ ادبي ڪلاس ۾ شعر پڙهيو؛

جڏهن آزادگي آئي وني هن جو پتي وئي.

يعني آزاديءَ ۾ هن جو پتي ورهاڱي جي فسادن ۾ مارجي ويو هو.

راجا رام موهن راءِ ستي لڪڙيءَ جي رسم ختم ڪرائي هئي، پر سنگهه ۾ ان رسم کي ٻليدان چيو ويندو هو. پارتيءَ کي ادبي ڪلاس ۾ خوب واهه واهه ملي. پوءِ هن اها ست دهرائي ۽ پنيان جي ست مون اتي جو اتي جوڙي.

پارتيءَ چيو:

جڏهن آزادگي آئي وني هن جو پتي وئي.

مون چيو:

ويهاري دڪ جي ڪانين تي ڪري هن کي ستي وئي!

غزل جي بندش تي خوب واهه واهه ٿي. اجا ايم -ڪمل اسان سان نه مليو هو ۽ غزل تي دسترس ۾ ڏهاڪا پوءِ ٿيس. سڳن آهوجا چيو: تون چاهين ته وڏو شاعر ٿي سگهين ٿو.

مون چيو: نه مون اهي اسپتال جا بسترا اوهان لاءِ خالي ڇڏيا آهن.

هڪ ڏينهن پارتي گهر آيو. گهر ۾ ڪجهه به نه هو ۽ ڪير به نه هو. مون چانهه ناهي.

پارتيءَ چيو "تون جهڙو شرٽچندر. اڪيلو".

"ويهه -چانهه پي".

"نه - سياڻ امتحان آهن. سائنس جو پيپر آهي پر ڪتاب نه اٿم".

مون ڪيس ڪتاب ڏنو.

هو، گنو ۽ راجو سڀ پاس ٿيا. مان سائنس ۾ فيل ٿيس. ڪتاب هو ڪو نه ۽ مان وجي پواٽي واري پل تي سمهي پيس. اٽڪل ٻه سال ٿڌ ۾، گرميءَ ۾، برسات ۾ مان اتي ويهندو هوس ۽ ليٽي پوندو هوس. پل جو ٿلهو اٽڪل ٽي فوٽ هو ۽ اٽڪل ويهه فوٽ هيٺ نالو ۽ ان ۾ تيز وهندڙ پاڻيءَ ماڻهو صبح مرداني دڪن تي نوڪري ڪرڻ ويندا هئا ۽ مون کي اٿاريندا هئا. پر مان نه اٿندو هوس. سمجهندو هوس ته هڪ ڏينهن اتي ڪملا يعني بينا ضرور ايندي ۽ چوندي، "تون منهنجو مجنون، فرهاد ۽ رانجهو آهين، مان تنهنجي ليلا، شيرين ۽ هير آهيان. مان تنهنجي سسئي، تون منهنجو پنهون آهين. مان سهڻي، تون ميهار، مان راڌا، تون ڪرشن، مان سيتا، تون رام، مان دمينتي، تون نل، مان ساوتري، تون سيوستان، مان مارئي، تون ڪيت، مان بينا، تون موهن. اٿ ۽ منهنجي زلفن جي سهائي ۾ اچ."

پرسان ئي سندس گهر هو ۽ ڪيس ڪملا مٽاڻي ۽ موهن ڇڪاڻي ٻڌايو هو ته مان هن لاءِ هن برج تي ليٽندو هوس. پر هوءَ ڪڏهن نه آئي. ڪڏهن پل تان ڪران ها ته مري

وڃان ها مون کي سيءُ اصل ڪو نہ پوندو هو ۽ برسات ۾ پسندو هوس. مون سوچيو، منهنجي پريم جي تپسيا ضرور سڦل ويندي. پر پوءِ هوءَ نہ آئي. زندگي ڪو قصو يا فلم نہ آهي جو آهون وڃي معشوقائن جي دل جا دروازا کڙڪائين. غالب جو هڪ شعر زبان تي ايندو هو؛

خاڪ ۾ مل جائين گي تم ڪو خبر هوني تڪ.

هڪ سنڌي شعر بہ جوڙيم؛

آشا ڦري نراشا تي ڪلپنا ڪروٽ بدلايو؛
بيدرد اکين تڏهن بہ هڪ آنسو نہ وهايو.

هڪ دفعي خيالن ۾ رام پنجواڻيءَ جو شعر چيائين،
پيارا پنجابي سبائي ڏي سلوار،
منهنجو جواب ؛
چيڪ مٿايان، حاضر پوءِ سرڪار.

چيڪ تہ چيڪ، بئنڪ جو ڪاتو تہ ڪاتو، هتي آنو نہ هوندو هو چوڏس-پان ڪري سگهان، سگريٽ ڇڪڻ اڃا شروع نہ ڪيا هئم. هوءَ تہ بمبئي هلي ويئي ۽ گهڻا سال پوءِ وي -تي تي گڏي، مان هن کي ڏسي پٿر جي بت وانگر بيهي رهيس. هوءَ اڌ گول چڪر جي انداز ۾ پنيان نهاريندي هلي.

خيال آيم تہ وڏي پڇانس؛ ڪيئن آهين؟ بيني هوءَ بہ. اکين ۾ ڇڻ شڪايت هئس ۽ پوءِ هلي ويئي.

ڏهن سالن بعد بس هڪ دفعو ائين هڪ ڀرپور ملاقات تي.

”آواره “ ناول سڄو ختم تي وڃي ٿو، پر هڪ دفعو بہ ان ۾ نائڪ نائڪا نٿا ڳالهائين ۽ اها ڳالهہ بہ مون کي ئي چوڻي تي پوي. گذريل ٽيهن سالن ۾ ڪنهن نقاد ڪو نہ چئي آهي. تن ڏينهن ۾ مان هڪ جوڳيءَ وٽ ويو هوس، هن جي جهوپڙيءَ ۾ ڪوپڙيون ٽنگيل هيون. چاڪ سان ڪجهہ چوڪندا ڪڍيائين ۽ بوتل ۾ هڪ روح گهرايائين. گهڻا سوال جواب ڪرڻ بعد چيائين تہ توکي تنهنجي بينا برسات بعد ملندي. گهڻا مينهن آيا ۽ ويا. نہ هوءَ مون وٽ آئي، نہ مان هُن وٽ ويس. وري هڪ ساڌوءَ چيو؛ ڏيئو ڪڻ ۽ ان ۾ نهاريندو رهہ، پوءِ جنهن ڏانهن اک ڪڻندين، اُها تنهنجي. پر ڪرشن ڀڳوان جيان اوچو ٽيڻ ٿو چاهين تہ ڪڏهن بہ پيار جو اظهار نہ ڪج. راڌا ڪرشن کي،

سيتا رام کي ۽ پاروتي شو کي پيار ڪيو ۽ ڪرشن، رام ۽ شو ڪڏهن به پنهنجي پريمڪائن کي ايئن نه چيو: مان توکي پريم ٿو ڪريان. پلا هو ڪتابي پڳوان ۽ مان هڪ خسيس انسان. هو ان الٽ گيان جيون ۾ گهڻو دک ڏٺم. پر شڪايت نٿو ڪريان. آخر ڪمل کي پاتم ۽ سکي آهيان. جيڪڏهن انهن مان ڪير ملي به ها، ته ڪمل نه ملي ها ۽ ڏيءَ گيتا به نه. آهي اها به جذبات. پر ماڻهو آهي ته پنهنجي خوابن ۽ جذبات مان آهي.

ڄاڻان ٿو ته موهه انڌو ٿيندو آهي پر مان ڪهڙو سڄو آهيان. به ڪتاب پڙهي، ٿورو انيو پائي ماڻهو وڏي يقين سان ڳالهائيندا آهن. هن ئي ڌرتيءَ تي گوتم، گاندي، عيسيٰ، موسيٰ، ڪنفيوشس، حضرت محمد صه، نانڪ ۽ ٻيا وڏا ماڻهو ٿيا آهن. مگر دنيا آهي ڇا؟ ميس آهي. نفاق، ورهاڱا، جنگ، غريبي، جهالت، بيماري.

بيڪٽ جي "ايندڙ گيم" ناٽڪ ۾ هڪ ڪردار درزيءَ کي پتلون سبڻ لاءِ ڏئي ٿو. سيڻ سيڻ ڪندي ڪندي ڪافي ڏينهن ڪڍي وڃي ٿو.

آخر ڪردار صبر وڃائي ٿو ويهي ۽ درزيءَ کي چوي ٿو "خدا به دنيا کي ڇهن ڏينهن ۾ ناهيو ۽ تو هيڏا ڏينهن لڳايا آهن".

درزيءَ چيو "۽ هن ڇهن ڏينهن ۾ ناهيو ڇا آهي؟ هوءَ ڏسو دنيا ۽ هيءَ ڏسو پنهنجي پينٽ!"

ڪلاس ۾ ڪملا مٽاڻي، درو ڪرپالاڻي ۽ موهن ڇڪاڻي به هيون.

گني جو ڪنهن گئونتي مير چنداڻيءَ سان پيار ٿي ويو. هن سڀ ڪهاڻيون هن جي نالي لکيون. فقط هڪ ڪهاڻي"مان رام ٿيندس" (1949) نيوسنسار سماچار، هڪ ڪهاڻي "مان ماءُ ٿيندس" نرگس (1954) ۽ هڪ ڪهاڻي "طوفان جي هڪ رات" سال ۾ پوءِ نئين دنيا ڇپيس. باقي ڪهاڻين جون نائڪائون اڪثر عشق ۾ بيمار بسترن تي پيون هونديون هيون. مڙسن کي ڏنڌن مان فرصت نه ملندي هئي کين ڪو مها پريمي ملي ويندو.

اسين ٻئي هڪ ٻئي کي ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندا هئاسين. گني ان قسم جون فقط به ڪهاڻيون پنهنجي نالي سان ڇپايون. باقي اٽڪل به ڏزن گئونتي جي نالي سان، جن جون ڪاپيون نه ڪيس آهن، نه مون وٽ آهن. نه ٻئي وٽ "شڪست" ڪهاڻي هن مون تي لکي آهي.

ڪملا درو ۽ موهني مون ۾ چاهه وٺنديون هيون. ساڏنا شوداساڻي، جا ڪملا جي ساهيڙي هئي، اتي آئي. هوءَ پوءِ وڏي فلم ائڪٽريس ٿي. مون لاءِ چيائونس: هي ڪرانتڪاري ڪلاڪار آهي. هٿ به ڏسي ڄاڻي. مون هن جو هٿ ڏٺو ۽ چيو "تون هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي پريميءَ سان گهر ڇڏي ڀڄي ويندينءَ ."

”۽ اهو پريمي تون هوندين“ هن ڪلندي چيو.

”تنهنجو نصيب!“

”اڄ رڪڙيءَ ٻنڌن آهي. اڄ تہ رڪڙيءَ ٻڌانءِ“

هوءَ من کي جچي وئي. ٻانهون لچڪائيندي، هٿن سان ڪٽڪليءَ جا اشارا ڪندي ٽي دفعا رڪڙي ڪٽي اڳيان وڌي.

مون ٽيئي دفعا رڪڙي نہ ٻڌائي.

”اٿ لوڪس، يو بليو ان لؤ ائٽ سائيٽ)“. لڳي ٿو، تون ڏسڻ سان عاشق ٿيندو آهين.“

”ها لڳي ٿو“.

”پوءِ چڱا عيش ڪيا هوندئي“.

”جڪ ماريا اٿم“.

”ٿورا ڪٽي وڌيڪ ڪاءُ“.

ساڌنا سان ملاقات سندس آخري فلم ”محفل“ جي شوٽنگ تي ٿي، جتي راجندر سنگھ بيديءَ جي ”گرم ڪوٽ“ جي ڊائريڪٽر امر ڪمار گھرايو هو. ڏھ سال ڪن ٿيا. ڪھاڻي فرينچ ليکڪ اليگزينڊر ڊوملس جي آهي، جنهن ساڳي ڪھاڻيءَ تي خواجه احمد عباس”انهوني“ فلم ڪڍي هئي، جنهن ۾ راجڪپور ۽ نرگس هئا. نرگس جو ڊبل رول هو. جنهن سبب نرگس کي دنيا ۾ مشهوري ملي. مون ”محفل“ ڏٺي آهي، چاهي تہ رليز نہ ٿي آهي. ساڌنا نرگس کان بهتر ائڪٽنگ ڪئي آهي. پر نہ سندس مارڪيٽ آهي، نہ هيرو انيل ڌاون جي. باقي فقط اشوڪ ڪمار سان فلم هلڻ مشڪل آهي.

جيئن اڪيلي سر اڄڪلھ دليپ ڪمار بہ فلم ڪٽي نٿو سگھي. ساڌنا مون کي ڪو نہ سڃاتو. سال اڳ هڪ فلمي رسالي جو ايڊيٽر مون وٽ آيو ۽ چيائين ”تون سوالن جوابن جو ڪالم ڪڻ سوال پبلڪ جا، جواب تنهنجا، پر نالو ساڌنا جو ايندو. ساڌنا ها ڪئي آهي“.

”تہ منهنجي بہ ها آهي“.

”پئسا“؟

”اهي ڪانئس وٺي تون ڪٽج“.

مون ڏٺو آهي تہ جن وٽ گھٽو پيسو آهي، اهي اجا بہ وڌيڪ هٿ ڪرڻ جي خفن ۾ هوندا آهن ۽ جن وٽ نہ هوندو آهي، انهن کي وقت تي ملندو بہ آهي تہ وٺڻ جو اتساھ ئي نہ ڏيکاريندا آهن. ڪين ڄڻ يقين ئي نہ ايندو تہ ائين پيسو بہ ملي سگھندو آهي. ائين پوءِ ببيتا جي نالي بہ ڪالم ڪنيم ۽ پيسا نہ ورتم ”شعلي“، ”شان“ ۽ ”شڪتي “جي

ڊائريڪٽر رميش سپي جي شادي وقت ببيتا منهنجي ۽ ڪمل جي سامهون وينئي هئي، پر ڪيس خبر نہ هئي تہ سندس نالي جواب ڏيڻ وارو مان سندس سامهون وينو هوس. موهني مون کي وٽندي هئي ۽ اڪثر شام جو سندس گهر چانهه پيئڻ ويندو هوس. هوءَ مون کي چاهيندي هئي ۽ ڪيس خبر هئي تہ مان چانهه جو شوقين هوس ۽ غريبيءَ سبب گهر ۾ گهٽي پي نٿي سگهيس.

هڪ دفعي هن چيو ”موهن - هو ڏس، هن غنڊي اڄ مونسان مستي ڪئي، هينئر تنهنجي هوندي!“

شايد اها منهنجي آخري لڙائي هئي، پر هڪ ٻي لڙائيءَ ۽ ٽن چماٽن جو ذڪر ڪري جهڳڙي جي داستان کي هتي ختم ٿو ڪريان.

ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن جي پل جي ٻني تان چڙهي سمنڊ ڏانهن ٽي ويس، جو ڏنم تہ هڪ ڊگهي قداور مڪرانيءَ هڪ سنڌي ٻار کي ٽي ماريو. چيومانس: شرم نٿو اچيئي جو هڪ ٻار کي ٿو مارين. ٻار تہ مان بہ هئس.

چيائين: تون اڄ. اتان پندرهن فوٽ ٽپو ڏنم، نونشيبازي چالو. مون کيس چڱا ڏڪ هنيا. سندس مون کي هڪ ئي لڳو-نڪ ٿورو ٽيڙو ٿي پيو، جو اجا بہ اٿم. پاڻ ڀڄي ويو ۽ نڪ تي پنهنجو امٽ يادگار ڇڏي ويو.

الهاس نگر ۾ هڪ جوان دادا چيو ”تو وٽ آهي ڇا جو هوا ۾ ٿو هلين“.

”مون وٽ هيءُ آهي“! هڪ چماٽ هنئي مانس تہ وني پڳو.

هڪ ليکڪ ڪي-سي ڪاليج جي بالڪنيءَ ۾ هڪ ڇوڪريءَ سان مستي ڪئي. گني ۽ منهنجي وچ ۾ وينو هو. ناٽڪ ”اندر سيڪريٽري“ هو، جنهن ۾ پڏي آڏواٽي ڪم ٿي ڪيو. منهنجي منع ڪرڻ تي بہ هن خراب ڳالهائڻ بند نہ ڪيو. مون گردن ورائي ڪيس ابتي چماٽ هنئي ۽ هو چار ڪرسيون پريان وڃي ڪريو ۽ ڇهن مهينن ۾ رومانٽڪ مان مادرن ليکڪ ٿي پيو.

الهاس نگر سنڌي سميلن (1978ع) ۾ ارجن سڪايل جي گهران هنس پنجابي ۽ رجني پنجابي احمد آباد ٿي ويا، پر رات جو آٿو وارو ڪين ڪٽي نہ. سڪايل کي چيائين: اوهان چيو تہ بہ ماڻهو آهن- پر هي تہ هڪ هڪ ماڻهو ٽن جي برابر آهن. هنن جي گاڏي ٿي ڇٽي. ڊرائيور بہ ڪو دادا هو. مون کي اڇو چوغو پئجامو پيو هو. چيومانس: ٻڌئون شرافت سان ڪٽي وڃ. هن سيٽ تان اٿندي چيو، تون ڇا گورنر جو پٽ آهين؟ مون چاهيو تہ ڪو نہ پر زور سان چماٽ وهائي ڪڍي مانس. سڌو آٿو جي هئنڊل تي ڪريو ۽ هڪ بہ ڏند ڀڄي پيس. رڙ ڪيائين: خون خون! سندس ساٿي گڏ ٿي ويا. اتي گلوڪار گلشن ڪيماڻيءَ جو گهر بہ هو. هن جا پائر خنجر ڪٽي آيا. غنڊن جي سردار ڪپ ڪوليو پر

سڪايل جي هٿ جوڙ تي ناهه ٿي ويو، بلڪه مون جو هيڏو وڏو سميلن سڏايو ۽ ٿي-وي تي ڊاڪيومينٽري ڊائريڪٽ ڪئي هئم، پس پيش غندن جو سردار شرمسار ٿيو ۽ آخر پيرين پئي معافي ورتائين. ڪلاڪ ڪن اها ردبدل هلي. سڪايل نهايت ناراض ٿي پيو. چئي "ليڪڪ امن جو فرشتو آهي. ان کي ڪڏهن به هٿ نه هلائڻ گهرجي".

"پر هن مون کي گار ڏني!"

"گار به هڪ گفٽ آهي، جا نه وٺجي ته اها ڏيڻ واري جي ٿيندي".

ها، مون گوتم جو اهو گفتو ٻڌو آهي.

منهنجي هوندي بدمعاش موهنيءَ کي ڇيڙي.

مون اٺ فوٽ مٿان ٽپو ڏنو ۽ ڪيس ڏاڍي مار ڪڍيم. دادا ڀڄي ويو. راجن چاولا آيو ته موهني منهنجي تعريف ۾ نه پئي ڊاپي. اڌ ڪلاڪ ۾ دادا ڏهه کن ٻيا دادا وٺي آيو. مان اڪيلو هيٺ لٿس. هو ڏنڊن ۽ شيخن سان ورائي ويا. راجو وچ ۾ آيو. ٻنهي جا مٿا ڀڄي ڇڏيائون. مون کي سورهن ۽ راجوءَ کي ٽيهه ٽوپا لڳا. اسين ٻئي بيهوش. پهرين ڪلياڻ ۽ پوءِ ٽاٽا اسپتال ۾ ڪڍائي ويا. مان سورهان ڏينهن ۽ راجو ٽيويهه ڏينهن اسپتال ۾ رهيو. پر پوءِ بدمعاش موهنيءَ جي رستي تان لنگهڻ ڇڏي ڏنو.

ٽاٽا اسپتال ۾ هڪ نرس وٺي ويئي. ڇوڪريون ته لاهور جي زماني کان وٽنديون هيون ۽ اجا به وٽنديون آهن. پر ڪنهن کي زبردستي گلي نه پوندو آهيان.

هڪ ميڙ ۾ شيخ اياز چيو "سنڌ ۾ ڇوڪريون جوان ٿي، الائي ڪيڏانهن ويندیون آهن!"

اديبن مون ڏانهن نهاريو ته موهن ڇا ٿو چوي. مون چيو.

"هو هندستان ۾ موهن ڪلپنا وٽ ايندیون آهن".

"ملي ته هڪ به نه ٿي." سڳن آهوجا چرچي کي وڌايو.

"ان ڪري ئي سڀ ملڻ ايندیون آهن- اهي جي منهنجون پينرون آهن، مائرون آهن، دوست آهن".

"يعني چرچي ۾ به پنهنجو هندستانيپڻو ڇڏيندين ڪو نه".

سڳن چيو.

"ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، پر اهو ڇڏي نٿو".

ڏاڍي کل ٿي.

"نرس جو نالو مريم هو. چئي: توکي ڏاڙهي مڇون ۽ وڏا وار هجن ته جيسين ڪرائيسٽ لڳين. مان جيوز آهيان. هينئر اسرائيل وجود ۾ آيو آهي. تون مونسان پئلستائن هلندين"؟

”تون وڃي هلندينءَ “؟
”هڪ شرط تي“.
”ڪهڙو“؟
توکي ڪرسچئن ٿيڻو پوندو“.
”ان سان مون ۾ ڪهڙو فرق پوندو“.
”اسرائيل ۾ داخلا ملندي“ .
”مون کي تہ ڪڏهن سنڌ ئي وڃڻو آهي“.
”مسلمان ٿي“؟
”نہ، جو آهيان -هندو“.

هوءَ ڳلن تي هٿ رکي پيار ڪندي هئي. هڪ ڏينهن نشپاپ چمي ڏنائين ۽ پلسٽائن هلي ويئي. وار ڪٽيل هيس. اکيون هرٽيءَ جيان ڪاريون. پر ڪجي ڇا؟ آنچل نيڪ چيو آهي. ڪير پنهنجي وسان گهٽائيندو.

منهنجي قسمت خراب آ شايد!

مون کي قسمت لفظ نہ وڻندو آهي، نہ ان ۾ وشواس اٿم. بس اسين زندگيءَ جي ڪنهن ائبسرڊٽيءَ کي قسمت لفظ جو عنوان ڏيئي، پنهنجي جند کي ٿيل زيادتيءَ کان بچائيندا آهيون.

گهر ۾ نہ ڪٿ، نہ بجلي، نہ پاڻي. رستي جي بجليءَ تي ڪتاب پڙهي مون مئٽرڪ پاس ڪري ورتي. جڳهہ ريجنٽ ٽاڪيز جي پرسان هئي. اتي ئي راجو ڄائو. پوءِ اها جڳهہ ڪري پئي. مان چوٿين نمبر نيتا جي پرسان هڪ جڳهہ ڳولي آيس جتي ڪڏهن رشيد پٽي، طارق اشرف آيا. مون اياز کي گهر هلڻ لاءِ نہ چيو جو سندس وڏي خوشامد ٿي رهي هئي ۽ مون پاڻ کي چٽاپيٽيءَ کان ٻاهر رکيو هو.

دادا کي ويسٽ ايندڙ ۾ نوڪري ملي جتي سال کن ڪم ڪيائين. گلوءَ بہ اتي ڪم ڪيو. پوءِ دادا ڪيس ايئرپورٽ تي نوي رپئي پگهار تي نوڪري وڃي ڏني. هاڻي پگهار ٽي هزار اٽس ۽ دنيا ۾ ڪٿي بہ فئملي سان مفت هوائي جهاز ۾ وڃي سگهي ٿو. ٿورا سال ٿيا تہ هانگ ڪانگ ۾ ڪيس ڪي سنڌ جا سنڌي گڏيا ۽ پاڻ جڏهن ٻڌايائين تہ موهن ڪلپنا جو پاءُ آهيان تہ ڏاڍو مانَ ۽ رات جو ڊنر ڏنائونس. مون مئٽرڪ پاس ڪئي پر نہ واقفيت نہ پهچ. وري ايمپلائيٽ ايڪسچينج مان انٽرويو جو سڏ ٿئي تہ مون تي لکڻ جو موڊ سوار. دادا پوءِ اسٽرئنڊ هوٽل ڪولابا ۾ مئنيجر ٿيو ۽ پگهار چڱو ٿيس.

اسان وٽ هڪ پراڻي ٽيبل هئي. لوهي شيخن جا بہ چوڪٽ هئا ۽ وچ مان گڏيل هئا. مان انهن ٻنهي کي چڀو ڪري مٿان صندلي رکندو هوس ۽ ان تي ويهي ڪهاڻيون

لڪندو هوس. مان ليٽي سمهي وهاڻو هنج ۾ رکي ڪڏهن بہ لکي نہ سگهان. مون کي چست ٿي ويهڻ وڻندو آهي. راتين جون راتيون لالٽين جي روشنيءَ ۾ لکندو هوس. هڪ دفعي مس ڪپڙيءَ کي چانهہ سمجهي پي ويس. هڪ دفعي لالٽين وسامي ويو ۽ مان سڄي رات اندازي سان لکندو رهيس، پوءِ خبر پئي پر هڪ دفعي لکندي وات ۾ سگريٽ وجهي تيلي ٻاريم. ڏيان لکڻ ۾ مڇن کي تيلي لڳائي ورتم.

مان ”آواره“ ناول لکڻ بعد دهلي ويو هئس ۽ موٽندي وينلواڙي وٽ اشوڪ ڪشوراڻيءَ جي لئبريري هلائي هئم. اتي بہ آنچل، گنو، راجو ۽ ڀارتي باقاعدي ايندا هئا ۽ جڏهن سڳن آهوجا اچي ڪئمپ ۾ رهيو تڏهن اها نوڪري ختم ٿي چڪي هئي.

مان اڪثر ڀڳل نب سان لکندو هوس ۽ اهو جڏهن صفا ڀڄي پوندو هو تہ نئون وٺي ان کي ڀڄي لکندو هوس. مون لئبريري جي ٻاهران بورڊ هنيو هو: ڀڳل نب ڏيئي سڄا وٺي وڃو. 1953ع جي ڳالهہ آهي. پاسي ۾ اسان جو جهونو اسڪول هو، جتي ڪلا پرڪاش کي ماستري ملي هئي، پر اجا موتيءَ سان شادي نہ ڪئي هئائين.

”اوهان وٽ موتي پرڪاش جو انڌيرو -اجالو، آهي“؟ هڪ دفعي هوءَ آئي.

”اجا نڪتو ڪونهي“.

”اوهان نالو ٻڌو آهي“؟

”ڪنهن جو؟ ليکڪ جو، ڪتاب جو“؟

”ٻنهي جو“.

”موتي منهنجو دوست آهي“.

”تہ پوءِ اوهان منهنجو نالو بہ ٻڌو هوندو“.

”ڪلا پرڪاش“.

”تنهنجو نالو“؟

”ڪڏهن ڄاڻي ويندينءَ“ .

”ڀلا هن بورڊ جو مطلب“؟

”نب سنهو هوندو آهي تہ اکر گسڪڻ بڻجي ويندا آهن. خيال روڪي روڪي پش ڪجن. تہ گنيير لڳندا. ڀڳل نب سوچڻ جي رفتار کي ڍلو ڪري ٿو“.

هن مشڪيو. هوءَ اڪثر ايندي هئي. هوءَ ممتا جو روپ آهي. هن جڏهن ”ممتا جون لهرون“ لکيون تہ مون کيس سنڌي ادب جي ”ڇوٽي مان“ ڪوٺيو.

سي بلاڪ ۾ ڪافي چوريون ٿينديون هيون. مون اتي هڪ ڪلب ٺاهي. نالو پروگريسو ڪلب. سيڪريٽري مون کي چونڊيائون. اسين اڪثر سڀ جوان بيروزگار هوندا هئاسين. رات جو پهرو ڏيندا هئاسين ۽ جمعي جو والي بال راند ڪندا هئاسين.

منهنجي پاسي ڪان نوابشاهه جو هڪ ايسراڻي ڪٽنب اچي رهيو هو، جن ۾ پنج جوان چوڪريون هيون؛ ساون، هيرو، نمو، جانو، رتنا مان ڄاڻي ٻجهي والي بال سندن ڪمپائونڊ ۾ ڦٽو ڪندو هوس. ميران اڪيون ڦاڙي مون کي ڏسندي هئي؛ ڪيترا شادي شده جوان مون کي چوندا هئا: اسين ٻڌا ٿي ويا آهيون. تون ڪنوارو- يار اڄ رات تون پهرو ڏي نہ. اسانکي لٽيون، ٽارچون ۽ سيٽيون ڏنيون ويون. هڪ دفعي اسان هڪ چور ڏٺو. چور چور ڪيوسين، روشني ٿي ويئي. پاڙي وارا ٻاهر نڪري آيا. چور جو ڪو پتو نہ پيو. مون سان گڏ هڪ جوان منوهر واسواڻي هو. مون هڪ نئين ڪاڪوس ۾ ڪپڙن جي ڳنڍي ڏني. مون چيو "، ڏس-هتي مال لڪائي ويو آهي".

"اهو مال ڪونهي ڪپڙا آهن".

"ڇا جا ڪپڙا"؟

"جيڪي زالن کي ايندا آهن".

"زالن کي ڪپڙا ايندا آهن -ڇو"؟

"تون ليکڪ آهين: توکي اها بہ خبر ڪانهي. ڪنهن سان ڪڏهن سمهيو آهين"؟

"ڪوٽڙيءَ ۾ ڪنهن سان سمهيو هوس".

"ان کي ڪپڙا نہ ايندا هئا"؟

"بزار مان وٺندي هوندي"

هو کلڻ لڳو. پڇيائين. تو عورت جو ننگو روپ ڏٺو آهي"؟

"ڪيئن ٿو ڏسي سگهان".

"ڇو"؟ هن پڇيو.

"مان ڪنوارو آهيان".

"پنتي پيل آهين. هاڻ ٻڌ".

ان رات هن مون کي رتو-دان ۽ عورت جي بدن جي بناوٽ سمجهائي جا سمجهي نہ سگهيس.

مون سوچيو تہ ڪڏهن بہ زال سان سماگم ڪندس تہ بتي ٻاري ڪندس. وڏو ڪٽن ڪم آهي. الائي ڇو عورتن جي سوال تي جنگيون لڳيون آهن. منوهر مون کي سيڪس جي ڄاڻ ڏيئي منجهائي ڇڏيو. مٿان فرائڊ جي سائڪوائنلس تي هزار صفحن جو ڪتاب ڏنائين جو مهينا پڙهندي بہ پورو ڪري نہ سگهيس.

ادبي ڪلاس تي آنچل ڇانيو رهيو. موهني ڇڳاڻي بمبئي هلي ويئي. اڪثر هر رات مان ۽ گنو گڏجندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي کي گهر تائين ڇڏڻ لاءِ وري وري پيا هڪ

ٻئي جي گهر ويندا هئاسين. آنچل شاعر ته هو، پر جلاد به هو، وري ڪيس ڪا رچنا وڻندي هئي ته دل کولي داد ڏيندو هو.

جيئن ته مان پاڻڪي ڪميونسٽ ته ڇا ترقي پسند به سڏائڻ لاءِ تيار نه هئس ۽ نه اهو هاڻ به تيار آهيان، جو مون سان نعمتن سان گڏ لعنتون به لاڳو ٿينديون جن سان منهنجو ڪو واسطو نه رهيو آهي، مان اڪثر دوستن جي نڪته چيني جو شڪار رهيو آهيان.

هڪ دفعي سنيل دت جي استيجي گروءَ داس طالب نڪت چيني ڪئي، هن چيو "جڏهن گڏهه هينگڻ لڳندو آهي. تڏهن موهن ڪلپنا تي لکڻ جو نزلو ڪرندو آهي..."

مون ڪيس وچ ۾ ڪٽيو، "تڏهن اوهان ڳالهائڻ شروع ڪندا آهيو".

سڳن داد ڏنو ۽ داس طلب يا عمر منهن تي نه چڙهيو. سڳن بعد ڪرشن راهي به اچي الهاس نگر ۾ رهيو. سڳن تي مون "فنڪار ۽ فيلسوف" ڪتاب لکيو آهي ۽ ترقي پسندن سان چڪرين جو بيان "سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش" ۾ ڏنو اٿم. راهي ڇهه فوٽ به انچ ناهوڪو. ڪلمڪ بحث ۾ منطقي چرچو ڪندو ته ڪير ان ۾ پنهنجي بيعزتي نه سمجهندو. هميشه ڀاڪر پائي ملندو. دل جو صاف. سوچ جو چٽو. سڳن ۽ راهي جي اچڻ سان ادبي ڪلاس جي رونق وڌي. پر آنچل اسان سيني ۾ جارحانه هو. سڳن ۽ راهي سبب ضيا جو وڏيڪ قدر ٿيڻ لڳو ۽ استالن جي موت ۽ سندس ڪارناما ظاهر ٿيڻ بعد آنچل ضيا تي سخت ڪلامي بند ڪئي. ائين احمد آباد ۾ ضيا ۽ آنچل سنڌين جا عيوضي شاعر ٿي ويا ۽ واپس موٽيا ته هنن ۾ ڪافي دوستي ٿي چڪي هئي.

شروعاتي دور ۾ گوبند پنجابيءَ سردار جعفريءَ جو ڪو شعر هن ريت پڙهيو؛ روتا رهيڪا جواهر لعل نهرو- غدار جئه پرڪاش نارائيڻ استالن ڪي جيه هو-لينن ڪي جيه هو.

مون چيو "ڀائي نهرو ڇو روئندو ۽ جيه پرڪاش غدار ڪيئن آهي؟

اوهين رهو هندستان ۾، ڪائو هندستان جو ۽ جيه استالن ۽ لينن جي ڇو"؟

"نهرو ۽ جيه پرڪاش سرمائيدارن جا پڇ لٽڪائو آهن".

"اوهين ڪنهن جا پڇ لٽڪائو آهيو"؟

"تون پنهنجي واري سان ڳالهاءِ" .

"مان ڪو تنهنجا وار نٿو پٽيان".

"توکي انقلاب جي معنيٰ نه ايندي آهي".

"اوهين هندستان ۾ رهي نهرو ۽ جيه پرڪاش کي گاريون ڪيئن ٿا ڏيئي سگهو"؟

”بس، هتي گار ڏيڻ جي آزادي آهي“.

”روس ۾ ڪنهن کي گار ڏيو تہ آزاديءَ جي معنيٰ جي خبر پوئو“.

اڳتي هلي هنن نهرو جي جيه چئي ۽ مارڪسواديءَ ڪميونسٽن تہ جيه پرڪاش کي قومي سورمو قبول ڪيو. دراصل ترقي پسندن وٽ پنهنجي سوچ گهٽ هئي ۽ پڙهندا بہ گهٽ هئا. پارٽيءَ جي پڌرنامي کي ستگروءَ جو وچن چئي قبول ڪندا هئا. بعد ۾ اسٽالن ۽ مائو کي گاريون ڏنائون ۽ اهو بہ ٻين جا رايا پڙهي. اسان وٽ پهريون ترقي پسند آنچل هو، جنهن اسٽالن ڏانهن آڱر کڻي چيو: هنن کي لينن يا نهرو بڻجڻ لاءِ هڪ جنم ڪافي نہ پوندو ۽ ٻيو جنم ٿيندو نہ آهي. ٻيو ڪرشن راهيءَ بغاوت ڪئي تہ ڪميونسٽ جو هندستان جي اڳواڻن لاءِ ڳالهيون ڪن ٿا اهو جيڪڏهن روسي اڳواڻن خلاف روس ۾ ڳالهائين تہ اهي صفحه هستيءَ تان ائين مٽايا وڃن جڻ ڄاوائي نہ هئا.

سنڌي ۾ ڪميونسٽن ۾ ٻڌي هوندي هئي ۽ اهي هر ڳالهہ تي گدڙن وانگر ڪوڪو ڪندا هئا سندن سوچ، اظهار ۽ ڳالهائڻ ساڳيو، ان ڪري گوبند مالهيءَ کان موتي پرڪاش تائين خبر نہ پوندي هئي تہ ڪهڙي رچنا ڪنهن جي لکيل آهي. هنن وٽ ريڊي ميڊ سچ ۽ ريڊي ميڊ نعرا هوندا هئا، ان ڪري مجال جو پنهنجي انيون ڏانهن اک کڻي نهارين. هنن جي وفاداري پنهنجي آدرشن ڏانهن هئي. ان ڪري ٿورين رچنائن کي ڇڏي ڪو بہ ابدي ادب خلقي نہ سگهيا. سڳن آهوجا سيني ۾ مٿيرو رهيو ۽ آنچل ڪرشن راهي. پر ڪنهن جي اٿ ڪندا هئا تہ هڪ سر ۾. ماڻهو جيڪر پڄي وڃي. هو ائين سمجهندا هئا تہ هنن سماجواد ۽ امن جو نيڪو ڪنيو آهي. پر فن ڪهڙي بلا جو نالو آهي اهو ڄاڻڻ لاءِ پير هٿ هڻڻ ۾ ساهہ تي منجهين. ادب ۾ دنگو فساد ۽ اڪثر بڪواس هئي. آيا ادب ۾ جن بنجي، پر پوءِ گهڻا دونهون تي گم تي ويا. مالهيءَ ڪا هڪ اڌ سني ڪهاڻي ۽ بہ ڪتاب ”پڪيئڙا ولر کان وڇڙيا“ ۽ ”ديسي سيڻ ڪجن“ سنا ڪتاب لکيا. اتم اڄ تائين ڪا سني ڪهاڻي لکي نہ سگهيو آهي ۽ روس ۾ سندن ڪهاڻي ڇپي آهي تہ لڳي ٿو تہ روسين کي ادب جي گهڻي خبر نہ آهي ۽ هنن لاءِ ادب جيئرن اڳواڻن جو ست وچن آهي. اڳواڻ مئو تہ سندس نالو ڪڻڻ جيل ياترا جي ٽڪيٽ پيا سمجهندا نہ تہ ڪيڏانهن ويو بيريا؟ بلگينن؟ مالنڪوف؟ مارشل زخوف؟ اسٽالن؟ خروشچوف؟ ڪيرت ٻاٻاڻي بہ آهستي پاڻ کي سنياليو آهي ۽ پنج ست سنيون ڪهاڻيون لکيون اٿس.

ادب ذاتي انيون جو قابل اعتماد صادق اظهار آهي. مس ۾ مارڪسواد جون گوريون وجهڻ سان بهتر ادب پيدا نہ ٿيندو، ٻيا وري سارتر جا سوٽ - پائو پيدا ٿيا آهن. هو ادب ۾ هستيواد جي مستي کڻي آيا ۽ ڪين بہ فٽ آدرش ۽ نعرا مليا. فنڪار سطح تي ڪهاڻين ۾ فقط ٽي ڄڻا چمڪيا: وشنو ڀاٽيا، ايشور چندر، شيام جئسنگهاڻي. شاعرن ۾

انند ڪيماڻي، هريش واسواڻي ۽ واسديو موهي. باقي اهائي گدڙن جي ڪو ڪو. تنقيد ۾ هريش واسواڻي ۽ هيرو شيوڪاڻي جوت جا نوان دوڪان کوليا. هيرو وڏيڪ درسگاهي آهي. ڪيس تيز ذهن ۽ چيد ڪندڙ من اٿس. دوستي مخالفت جو لحاظ ڪو نہ رکي ۽ نئين سنڌي تنقيد جو ڪنڌ مٿي ڪيو اٿس. ائين مضمون نويسي ۽ تنقيد ۾ اتم ترقي پسندن جو جهنڊو بلند ڪيو آهي. ٽن مڪيه ليکڪائن ۾ هڪ لمبي دور ۾ پوپٽي هيرانداڻي، سندري اتمچنداڻي ۽ ڪلا پرڪاش کان گهڻو اڳيان نڪري آئي آهي. شاعري جي آسمان ۾ ٽي چنڊ ٻيا نڪتا آهن: ڪرشن راهي، ايم -ڪمل، ارجن حاسد، نارائڻ شيام تہ آهي ئي سج ۽ سڳن آهوجا قطب تارو. آنچل وري افق ۾ چمڪڻ لڳو آهي. گني سامتاڻي ۽ لعل پشپ ۾ گني جي سوچ جديد ۽ اظهار ڪلاسيڪي آهي. لعل لکي. جيئي ۽ سوچي جديد. پرم ابيچنداڻي بہ تيز ذهن آهي پر هو ادب جا صحيح اصول ٻڌائڻ ۾ وڏيڪ ماهر آهي. ترقي پسندن ۾ آنند گولاڻيءَ سنو لکيو، پر سندس ادب کي پرچار جو ڪينئون ڪائڻ لڳو. ارجن شاد سنو لکيو آهي ۽ اهو ڪنهن دور جو يادگار آهي. گوبند پنجابي ترقي پسند دور جو باغي آهي. پر مون کي سندس هڪ بہ ڪهاڻي نہ وڻي آهي. شايد هو پيٽ ڀري ماني کائِي پوءِ قلم کڻندو آهي. تارا ميرچنداڻي ادب ۾ آئي ۽ پنهنجي نالي پنيان جيٺ جو دونهون ڇڏي ويئي. موتي لعل جوتواڻي وڏو عالم آهي. لڇمڻ ڪومل ادب ۾ ٻوٽو ٻارڻ جي ڪوشش جاري رکيو ويٺو آهي.

سنڌين ۾، هتي، هڪ ئي جينيس آهي: تيرٿ بسنت-ڄڻ هڪ ئي وقت اتهاس ۽ يورپ جي ياترا. هن جو گانڌيءَ تي لکيل ڪتاب گانڌيءَ تي لکيل دنيا جي ڪنهن بہ ليکڪ سان پيٽي ٿو سگهجي-ائين هن ٽيهہ ڪن ڪتاب لکيا آهن جي سڀ سنا آهن. عزيز تہ زبان جو استاد هو. هي روايتي شاعري جو بادشاهہ هو، سندس شخصيت اهڙي جو ليکڪ کي نظر، مشڪ، ڀرن جو ڪجڻ، وقتي ماڻ سان ماري. منگهارام ملڪاڻي آزاد طبع جو قربدار انسان. لعلچند امر ڏنومل حياتيءَ جا پڇاڙيءَ وارا سال زندگيءَ کان خفا ٿي پيو. پهرين سنڌي ليکڪ سميلن (1952ع) ۾ سينٽ زيويئرس ڪاليج ۾ پڳونت گيتا جو مهورت ڪيو ويو ۽ اتي ناشر پرمانند پڳوان جي مهما ڳائي. لالچند چيس "تنهنجو پڳوان سمهي پيو آهي. ادا، جڏهن وطن ڇڏي بمبئي آيس تہ ٽڪو ڪو نہ هئم جو ڏاڙهي لهرائي سگهان. ان ڏينهن بعد ڏاڙهي رکائيندو اچان. منهنجي ڏاڙهي پڳوان جي موت جو اعلان آهي!"

لعل سنگهہ اجواڻي ڳالهائيندي گجندو هو. وات مان گجي پيئي نڪرندي هئس. وڏو عالم هو. جڏهن رام پنجواڻيءَ جو نئشنل ڪاليج ۾ سنمان ٿيو ۽ جتان اسان ڪيس پڇايو هو، اجواڻيءَ سان منهنجو ٽڪر لڳو. مالهي، سڳن ۽ ٻيا اديب بيٺا هئا.

مون چيو”، ڪالھ اوھان ٽيليفون ڊسڪنيڪٽ ڇو ڪيو“؟

”ڳالھائڻ لاءِ ھو ڇا-توھان رام خلاف ڪات ڪھاڙا ڪنيا آھن“.

”توھين وڏا ليکڪ ۽ پرنسپال آھيو، پر توھان ۾ ڪلچر ڪونھي“.

ٻيا بہ ڪافي اديب ھئا. سڳن وچ ۾ روڪيو. مون سخت جوش ۾ چيو ”اوھان اسان کان چاليھ سال اڳ پيدا ٿيا، ان ڪري اوھان اسان کان وڏا ماڻھو ٿيا؟ وڏو ماڻھو تہ پنھنجي وھنوار سان ٿيندو آھي. اوھان ”ڪنور“ جي مھاڳ ۾ سنڌين کي گاريون ڏنيون آھن. اوھان ڪھڙا شاگرد پيدا ڪندا اوھان کي ڪو حق ڪونھي تہ اوھين ڪنھن ڪاليج جا پرنسپال ٿيو“.

مون ٽيليفون تي فقط ڪانئس جشن جو وقت پڇيو ھو. مان اھو واضح ڪريان تہ مون ھميشہ اجواڻيءَ کي علم عقل ۾ پاڻ کان وڏو مڃيو آھي. پر ان ڏينھن پاڻ غلط ھو، ان ڪري منھنجي منھن ڏانھن نھاري نہ سگھيو ۽ چپ رھيو.

پرسرام ضيا تہ ھوئي نمرتا جي مورتي.

ھڪ دفعي آنچل غصي مان چيس ”اوھين ھر ڪنھن کي پيرين ڇو ٿا پئو“.

”ان ڪري تہ جيئن وقت تي ڪين ڇڪي ڪيرائي ڇڏيان“.

رام پنجواڻي تہ آھي ئي اسٽيج جي دنيا جو بادشاھ. اردو ڪلام جي اھا پلٽ پلٽان ڪندو ڄڻ مينھن ۾ جمنا جي تيزي. ھزارن ماڻھن کي ھڪ ئي وقت ڪلائي ۽ روئاڙي سگھندو. زبان شيرين، آواز صاف، جذبي جي صداقت. پبلڪ جيون ڪنور جيان نشڪلنڪ. اٿل بھاري واجپائي جيان تقريرن جو جادو ڪري پر جي سندس تقريرن تي سوچجي تہ حاصل مطلب ٻڙي.

چي؛ سنڌي آھيان-سنڌي آھيان-ھندي منھنجي ٻولي.

يا؛ ھندي آھيان-ھندي آھيان-سنڌي منھنجي ٻولي.

اڪر حاضر- مطلب غائب. پر اھا بہ سندس شخصيت جي ڪرامت آھي. اھي گشا ھڻندو جو ماڻھو حيران. چي؛ مون ڳائڻ شروع ڪيو تہ نھروءَ ٽنگون ٻانھون ھلائي نچڻ شروع ڪيو. پاڻ آھي تہ وڏو ماڻھو پر بندل بازيءَ جو استاد آھي ۽ ان ڪري مون کي ڏاڍو وڻندو آھي. سنڌين مان احساس ڪمتري ھن ڪڍي. چي؛ آمريڪي جڏھن چنڊ تي پھچندا تہ ڏسندا اتي سنڌي دوڪان کولي اڳ ۾ ئي وينو آھي. رام پنجواڻي جتي بہ ھوندو آھي تہ چاھيندو آھي، شھرت ۽ نگاھن جو مرڪز پاڻ ٿئي ”ڪنور“ جو رول ڪندي ٽانگي ۾ ويھي ٿو. ھاڻ سنڌي فلمن ۾ نظارن جي ڪٽ ڪوٽ گھٽ ٿيندي آھي.

ديپڪ آشا ٽانگي ٻاھران ماڻھو بيھاريا. ھاڻ اھي ماڻھو ڪي ايڪٽر نہ ھئا جو ھدايتڪار جي ڳالھ ٻڌن. ھڪ ڇوڪري ٽانگي جي ڦيٽي مٿان ٻني تي ھٿ رکيو. رام

پنجواڻي، جو فلم ۾ ڪنور هو، شايد سوچيو تہ متان ڪئميرا هن ڏانهن وڃي سو هڪ هٿ پنيان ڪري، ڇوڪري جو هٿ هٽائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ان ڊنگ سان، جيئن ڪئميرا ان منظر کي نہ جهتي. پر ڪئميرا سندس ان ڪمزوريءَ کي جهلي ورتو. مون سڳن آهوجا سان اها ڳالهہ ڪئي. سڳن چيو: رام پنجواڻيءَ جي اها ڪمزوري ڪنور جي ڪردار کي ڪمزور ٿي ڪري ۽ تنهنجي آبزرويشن حيرت ۾ وجهندڙ آهي.

منگهارام ملڪاڻي کان ديال آشا تائين، منهنجي سيني ليکڪن سان شخصي ۽ گهري دوستي رهي. هڪ هڪ جا داستان ڄاڻان ٿو. هرچند اجهل شاعري ڪندو نہ آهي، جيئدو آهي. هل اسٽيشن تي مٽيءَ ۾ ليٽي پوندو ۽ چاندوڪيءَ ۾ سنان ڪندو. مون کي ڪڏهن بہ پنهنجيون غلطيون ڄاڻڻ تي دل ٿيندي تہ وٽس ويندس.

ترقي پسندن ۾ هڪ ڳالهہ هئي. هنن قوم جا مڙيئي فرنٽ سنڀاليا. ادب. ادبي هلچل. سنڌي هلچل. تعليم. ناٽڪ. ڪلچر. زبان. سنڌي لپي. جوان هئا، جوانيون ان کي ڏنيون اٿائون. اسان غير ترقي پسندن بہ شروعات کان هنن سان گڏ ڪم ڪيو آهي. اخلاق جا سنا ۽ شخصي وهنوار ۾ بغض ۽ تعصب کان آجا. هنن سنڌين لاءِ اهو ڪجهہ ڪيو آهي جو دنيا ۾ ان جو مثال نہ ملندو. اتم هلچل لاءِ نوڪري ڇڏي. مالهيءَ ناٽڪ لاءِ ماستري ڇڏي. ڪيرت بہ سر تي ڪفني ٻڌي هندستان جا گهٽا دورا ڪيا- هنن جون ڪيتريون تخليقي قوتون ايڏي وڏي ڪم سبب ضرور برباد ٿيون هونديون. پوپٽي ۽ راهي بہ گهٽو ڪم ڪيو آهي.

هڪ دفعي انند ڪيماڻيءَ چيو "هلچل ڪلا کان ڀاڄ آهي. ناڪامياب ليکڪ سنڌيت جي پناهہ هيٺ آهن".

"هڪ خيال کان " مون چيو "ڪلا زندگيءَ کان ڀاڄ آهي. اسين زندگيءَ کي منهن ڏيئي نٿا سگهون، ان ڪري پناهہ لاءِ ڪلا جي ڇت هيٺيان اچون ٿا".

ترقيءَ پسندن جي اها دعويٰ غلط آهي تہ چيٽي چنڊ ڏينهن ملهائڻ جي رسم هنن شروع ڪئي. شري ٻلديو گاجرا جي والد تارا چند خود مون کي چيو تہ هن پاڻ اها رٽ چڪاگو ڪمپنيءَ جي نانڪ موٽواڻي کي ڏني. هن رام پنجواڻي کي گهرايو. هندستان اخبار ۾ پڌرائي ٿي تہ ڪار ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو ملهايو ويندو. پوءِ سيا وارا بہ وڃي مٿن ڪڙڪيا. جيئن تلڪ گڻپتيءَ کي، تيئن رام پنجواڻي اڏيري لعل کي مشهور ڪيو آهي ۽ جتي ڪٿي وڏا فنڪار خواهہ للو پنجو سندس ڏينهن ملهائين ٿا. پر هڪ غلط ڳالهہ اها ٿي آهي جو اڏيري لعل جو صوفي ڪردار گم ٿي ويو آهي ۽ ڪيس هڪ هندو سورمي ۽ ڀڳوان جيان ياد ڪيو وڃي ٿو: جا ڳالهہ اڳيان هلي سنڌي هڪ قوم جي اصول

ڪي ڏڪ هٽي سگهي ٿي. اها غلطي ڪارل مارڪس ڪي سنڌوءَ ۾ سنان ڪرائڻ وارو گوبند مالهي بہ ڪري رهيو آهي.

ترقي پسندن سنڌي ادب ۾ ڪافي صحتمند لاڙا پيدا ڪيا آهن.

محنت ۽ ايڪتا، جمهوري ۽ سماجوادي اصولن تي زور ڏنو آهي. عورت ڪي مرد جي برابر ڏيکاريو آهي. غلط رسمن کي وائکو ڪيو آهي. پر هنن غلطي اها ڪئي جو هلچل ۾ وڏا عهدا ملڻ سان پاڻ کي وڏو اديب سمجهڻ شروع ڪيو.

بسڪيٽ ۽ ڪٽمنڙن وارن کي هلچل ۾ ڇڪي آيا ۽ ڪين صدارتي ڪرسيون ڏنائون. جئرامداس دولترام ۽ پروفيسر گهنشام، جن سنڌين کي هندستان ۾ جذب ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني ۽ حڪومت کي سنڌي ٻولي تسليم ڪرڻ بدران، هندي لپي لاءِ لکيو جيڪا رٽ حڪومت قبول ڪئي. ترقي پسندن تن سان گڏجي ڪم ڪيو. چون اها حڪمت عملي آهي. مون جئرامداس کي هڪ خط لکيو "اوهين چئو ٿا، سنڌ کي وساري ڇڏيو. اوهين جڏهن بهار جا گورنر هئا تڏهن هڪ تلاءُ ۾ بوٽنگ ڪندي اوهان جي هڪ مندي ان ۾ ڪري پئي. اها اوهان جي وڏن جي يادگار هئي، اوهان سرڪاري خرچ تي اهو تلاءُ خالي ڪرايو. اوهان وڃايو ڇا- فقط هڪ مندي. اسان تہ وطن وڃايو آهي سائين".

وچ ۾ سخت بيمار ٿي پيس ۽ مون وٽ آپريشن جا پئسا نہ هئا تہ نارائڻ پارتيءَ معرفت نياپو موڪليائين تہ تنهنجا فلاڻا ڪتاب ديوناگري ۾ آندا وڃن تہ ان جو توڪي هيترو اجورو ملندو، جو ڪل ٿي هزار ۽ اڄ جي حساب سان پندرهن هزار ٿو بيهي. مون چوائي موڪليو؛ ماڻهو پنهنجي عقيدن سان ٿيندو آهي. مان آدرش وڪڻي نٿو سگهان. منهنجي حياتيءَ کان سنڌي ٻوليءَ جي سلامتيءَ جو وڌيڪ ملهہ آهي.

گهر جي حالت بهتر ٿي، پر مان بيروزگار هئس. مون کي پٽ تي سمهڻ تي اعتراض نہ هو، پر چاهيم ٿي تہ منهنجو دادا پلنگ تي سمهي. گهر ۾ بجلي هجي، بٽڻ دٻايان تہ روشني ٿي وڃي. ديال آهوجا "آواره" ناول ڇپايو تہ مون مٿان فحاشيءَ جو الزام آيو. پر ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون هلي ويئون. ديال هڪ ڏينهن چيو؛ گهر جيڪو گهرڻو هجيئي. مون ڪتاب مان گهڻو ڪمايو آهي.

چيو مانس ؛ هڪ پلنگ وٺي ڏي.

هو دوڪان خالي ڇڏي مون سان هليو ۽ مون کي اهو پلنگ، جو سرڪاري اسپتالن ۾ مريضن لاءِ ٿيندو آهي، وٺي ڏنائين. قيمت ويهہ رپيا. هن وقت چار سئو. مان ٻاويهن سالن جو جوان. ان کي مٿي تي رکي خود گهر ڪڻي ويس ۽ رات جو جڏهن دادا ان تي سمهيو تہ مون کي پهريون ڀيرو ليکڪ هئڻ تي ناز ٿيو.

ائين ڀاڀيءَ هڪ دفعي ٻياني ڏني، جا والي بال راند ڪندي وڃائجي ويئي، ڏاڍو صدمو رسيم. ميدان تي ڳولهيم، پر نه ملي. ڪيترا مهينا، جڏهن به چانهه پيئڻ تي دل ٿيندي هئي ته ميدان تي ويندو هوس. ڪاش اڄ ملي. پر نه ٻياني ملندي هئي ۽ نه چانهه ملندي ۽ من جي ترشنا ٻليءَ جيان ٽب ۾ ٽپا ڏيندي نظر ايندي هئي.

”نرگس“ اخبار جو ايڊيٽر تيج پارواڻي هو. ان جي ڀاءُ مولچند ايم-پي جي تخلص سان پهرين ”اڙبنگ“ ۽ پوءِ ”الجهن“ ناول لکيو. هڪ دفعي آنچل جي گهر اچي ٽڪيو. پاڻ هو شاهوڪار، پر هن غريبي ۽ بک ڏسڻ تي چاهي. مون کي چيائين: تنهنجي ڪامياب ٿيڻ جو سبب اهو آهي جو تو گهڻي بک ڏٺي آهي. مان به هتي بکون ڪڍڻ آيو آهيان. جيئن قلم ۾ طاقت اچي.

چيومانس ”اوهان جي گهر ۾ چانورن ۽ ڪڻڪ جون ڳوڻيون پريل آهن ۽ گيهن جا ڊبا آهن. اوهين بکون ڪڍندا، پر اوهين ان جي شدت محسوس ڪري نه سگهندا. ڇو ته اوهان وٽ ناميدي نه آهي. اسان وٽ نه اڄ جو پروسو آهي، نه سياڻي جو. بک نٿي ماري پر اهو خيال ٿو ماري ته ڪڏهن زندگيءَ ۾ به ويلا ماني نصيب ٿيندي به يا نه“ .

مڙس ٽپڙ ڪڻي واپس پوني هليو ويو. گهڻو پوءِ هن منوهر جي پيڻ اندرا واسواڻيءَ سان شاديءَ ڪئي. اندرا ريلوي ۾ آفيسر هئي ۽ هڪ دفعي فرسٽ ڪلاس ۾ دهلي ويئي. ڪيس هڪ نوڪر جي مفت پاس هئي. منوهر پڇيو: دهلي ڏسندين ؟ مون ها ڪئي ۽ سرونٽ ڪلاس ۾ چڙهي دهلي ويس. وچ وچ ۾ اندرا وٽ ويس ٿي. هن چانهه گهرائي پاڻ به پيتي ۽ مون کي به ٿي پياري.

مون ڀاڀيءَ کي چيو ته آگري ۾ تاج محل سامهون هڪ هوٽل ۾ نوڪري ملي آهي. پگهار ستر رپيا. رهڻ لاءِ ڪوني. کاڌو سڀ مفت. ڀاڀيءَ به رپيا ڏنا ۽ آسيس ڪئي. اندرا دهليءَ ۾ پيڻ وٽ هلڻ لاءِ گهڻو چيو، پر مون چيو ته مون کي دهليءَ ۾ گهڻا دوست آهن. ائين جواهر لعل نهروءَ وٽ به ٽڪي سگهان ٿو. مگر دهليءَ ۾ (1953ع ۾) منهنجو ڪو به واقف نه هو. اتي بکون ڪڍيم ۽ نوڪريءَ جي تلاش ڪيم. رهيس فتح پور واري سنڌي ڌرمشالا ۾. جليبين کائڻ تي دل ٿيندي هئي ته هندي ڳالهائيندو هوس. هڪ دفعي قيمي جي چاپ کائڻ جي خيال خوب ستايو پر مون وٽ چار آنا نه هئا جو چاپ کائي سگهان. (ڪهاڻي : آخرين حسرت، ڪتاب: فرشتن جي دنيا.)

ساڌو واسواڻيءَ چيو آهي:

اي دل نه ڪر فڪر؛

ڪر شڪر ڪر شڪر.

شڪر جو ڪارل مارڪس اهو نظريو نہ اپنايو، نہ تہ لينن ان جو قائل ٿي پوي ها ۽ روس ۾ ڪوئي انقلاب نہ اچي ها. هڪ نوجوان چاهي تہ بہ نوڪري هٿ نٿو ڪري سگهي. چاپ ڪائڻ تي خير ان لاءِ عياشي آهي. ائين گهر ۾ ماني نہ نهندي هئي تہ ڪچا چٽا ڪٽي، ان ۾ لوڻ مرچ وجهي ڪائيندو هوس ۽ جڏهن پيٽ ۾ سور پوندو هو تہ سنڌ جا سڪيا ستابا ڏينهن ياد پوندا هئا. سمجهيو هوم تہ راشٽر جو هڪ وڏو نيتا ٿيندس. پر بڻيس پناهگير. بيروزگار. ڪنگال ۽ بس هڪ ليکڪ.

ڌرمشالا پنيان هڪ گهر هو، جتي هڪ جوان ڇوڪري رهندي هئي. مان هفتو ڏيڍ اتي رهيس. پهرين نهاريندي پوءِ مشڪندي هئي. هرمن هيس جي جرمن ڪهاڻيءَ آهي "يوٿ، بيوٽيفل يوٿ". مون کي بہ لڳو تہ جوانن جي پنهنجي الڳ دنيا آهي ۽ جوانيءَ جي تسليمي هئي هڪ مرڪ. تون ڪيتري سندر!. تون ڪيترو سهڻو. واهہ!زندگي هڪ موج آهي. انهن مرڪن جو ڪو ٻيو مطلب نہ هوندو آهي. خدا ڪري تون خوش هجين. اهي مرڪون ڪي عشق جون ڪوالٽيون نہ آهن جو گرفتار ڪن. اهي تہ روزانيءَ زندگيءَ جي نراشا ۽ مايوسيءَ کان آزاد ڪن.

دهليءَ جي اسٽيشن ٻاهران هڪ جوان گڏيو. پاسي ۾ لنيون رکيون هئس چي "بابو جي، جي هيءَ ننڍي لٽ ٻانهن کي هٿي ڀيجان تہ آنو ڏيو. وڏي ڀيجان تہ چار آنا". "يعني تون پاڻکي ماريندين"؟

"اوهين شايد گرئجوئيٽ آهيو. هونءَ مون بہ شيڪسپيئر پڙهيو آهي".

مون مشڪي چيومانس "مون کي اڌ پئسا ڏي تہ مان ٿو ان کي ڀيجان".

"تہ اوهين بہ بيروزگار آهيو".

مون کيس سلام ڪيو ۽ هلڻ لڳس. چون ٿا، هڪ گرئجويٽ کي سرڪس ۾ نوڪري ملي. اتي شينهن جي هڪ پوسٽ خالي هئي، سو کيس شينهن جي کل پارائي پڃري ۾ بند ڪيائون. شينهن لڳو لڳ پڃري ۾ بہ هو ۽ اتفاق سان اهو دروازو کليل هو. اهو شينهن گرئجوئيٽ شينهن ڏانهن وڌيو تہ هن رڙ ڪئي؛ بچايو بچايو. هن شينهن رڙ ڪري چيس ؛ ماٺ ڪر- هندستان ۾ رڳو تون بيروزگار نہ آهين!

مان دهليءَ جي درمشالا جي بالڪنيءَ ۾ بيهي نڪ مان تريل چاپ جي خوشبو کي ناسن ۾ گهمائڻ لاءِ يوگ پچائيندو ۽ ائين دماغ کي خيالي نرواڻ ڏيئي پنيان ان جوان ڇوڪريءَ وٽ بيهندو هوس. کيس اڪثر پيلي رنگ جي ساڙهي پيئي هوندي هئي ۽ هوءَ لاهور مال روڊ جي دوشيزائن جيان خوبصورت هئي. ان بعد ڏهہ ٻارنهن دفعا دهليءَ ويو آهيان. ڪمل ۽ گيتا کي بہ وني. هميشہ هڪ دفعو ان ڌرمشالا ۾ ويندو آهيان. پر

وري ان پنجاپڻيءَ کي نہ ڏٺو اٿم، پر وڃڻ جو نيم اجا تہ نہ پڳو اٿم ۽ هڪ دفعي ايشور چندر ۽ وشنو ياتيا کي بہ وٺي ويو هوس.

پنيان ايشور آنچل شادي ڪئي. ڪيس ڏک ٿي پيو جو مان ان شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس. ٻين ليڪڪن بہ منهنجي ڪمي محسوس ڪئي. مان بنا ٽڪيٽ واپس آيس. پڪڙيس ڪو نہ. بڪايل گهر اچي پاڻيءَ کي چيم؛ ڏاڍي بک لڳي آهي. قيمي جي هڪ چاپ ڪارائي. چيائين؛ مون سمجهيو تہ توکي نوڪري ملي آهي. تون همت نہ هار. مان آهيان نہ. وٺ رپيو، هوٽل مان چاپ کائي اچ.

مون چيو آهي؛ راڄ سرڪار جون واڳون مائرن کي ملڻ گهرجن. ملڪ ۾ هڪ بہ ڪنگال ڳوليو نہ ليندو.

پاڻيءَ پنيان ڪٽمنڙن جي ڪارخاني ۾ نوڪري وٺي ڏني. ڏينهن جا چار آنا. معنيٰ ٽڪي ۾ ڪلاڪ. ڪم خطن تي پتا لکڻ. هڪ ڏينهن ۾ ٽڪجي پيس ۽ مالڪ کي چيم، هڪ ڏينهن ائين گذريو آهي ڄڻ سال گذريو آهي.

ڪلي چيائين "هڪ سال ڪم ڪندين تہ لڳندئي سڄي زندگي گذري ويئي اٿئي". پوءِ اهڙي ڏنڌي ۾ پنهنجي زندگي ڇو پيا خراب ڪريو.

واڇون ٽڙي ويس "ڇا "؟

"اوهين اڄ جو حساب ڪري ڇڏيو ۽ سياڻ ڪو ٻيو ماڻهو رکجو".

پرسرام وليچا خانگي بسن ۾ چيڪر جي نوڪري وٺي ڏني. هڪ ڪنڊيڪٽر منجهند جو هٿ تي ويهہ پئسا رکيا. چيائين؛ ڪي پئسينجر پئسا ڏين پر ٽڪيٽون ڪو نہ وٺن. ڪمائي ۾ اڌ اڌ. مون چيومانس؛ اها سڄي ڪمائي تون پاڻ وٺ رک ۽ پوءِ اتان گهر هليو ويس ۽ پڳهار تي حق نہ ڄمايم. دادا ويسٽ ايندِ هوٽل ۾ اسٽاف بواءِ جي نوڪري وٺي ڏني. جا ٿي ڏينهن ڪيم. پهرئين چيائون تہ هال ۾ وڃي بيهہ ۽ چانهہ ڪافيءَ جو آرڊر وٺ. ڏاڍو شرم آيم. اڃا ڪپڙا ڏنائون. مان هندستان جي شيڊو ڪئبنيٽ جو پرڌان منتري ۽ ڪم تہ آرڊر وٺان تہ چانهہ پاڻيءَ کڻي اچ. پر قومي روايت؛ گدا ٿي ڪمائجي، شاهہ ٿي کائجي. ٻئي ڏينهن ٻن هٿن ۾ ڪاڏي جي ٽري ڏنائون، تہ مالڪ کي فلاڻي هنڌ پهچائي. وڃڻو ٽرام ۾ هو.

ڏوٻيءَ تلاءُ تي ٽرامون آيون تہ ٿي پر مان ان ۾ چڙهي نٿي سگهيس. ايتري ۾ ڪرشن راهي گڏيو. هو سوچي بہ نٿي سگهيو تہ مان ڄڻ ڪٿي حمال ٿيو هوس. ڪيڏانهن ؟ بس- شادين ۾ ائين ئي تہ وهڻو پوندو آهي. ٽئين ڏينهن ٽڪاوٽ سبب دفتر جي هڪ ڪرسيءَ تي وينس تہ وڏو مالڪ اچي نڪتو.

"ڪرسيءَ تي ڇو وينو آهين"؟ جوش مان پڇيائين.

”تہ پٽ تي ويهان. “

”منهنجي مٿي تي“.

”مان مئٽريڪيوليٽ آهيان، سر“

”پي -ايچ -ڊي هج. توکي انئي ڪلاڪ بيهڻو آهي“.

مون ان وقت استعيفا لکي ڏني. ٽن ڏينهن جڳ پگهار شايد تي رپيا ڇهه آنا مليو. مون کي پاڪستان ۾ نوڪري ملي هئي تہ پگهار ستر رپيا ۽ پڙهيل بہ گهٽ، هتي حالت اها جا ٽيهه رپيا تي لئبريريءَ ۾ لڳس. وچ ۾ اليڪشن آئي تہ بہ رپيا روز تي ووٽرن جون لسٽون ناهيم ۽ چڱو ناڻو ڪمايم اليڪشن ۾ چيائون تہ خانچند گوپالداس لاءِ ڪم ڪر مون چيو؛ هو سنگهي آهي. پر تون بہ تہ هئين. هئس، آهيان ڪو نہ. پر زبردستيءَ وٺي هليا ۽ مون هڪ تقرير ڪانگريس جي خلاف ڪئي. وري آنچل چيو تہ ڪامريڊ يوڄراج پرسواڻي اليڪشن (1954ع) ۾ بيٺو آهي. ڪم ڪر. هڪ تقرير هن جي ميڙ ۾ ڪانگريس خلاف ڪيم. تقرير ساڳي ڪيم، پر ائين نہ چيم تہ ووٽ الف يا ب کي ڏيو. ان بہ چتائي سبب خود ئي پاڻ کي چوندو هوس؛

اس سادگي پي ڪيون نہ مرين خدا

لڙتي هئن اورهاڻ ۾ تلوار پي نهين!

لئبريري ۾ هئس تہ ماڻهن جا ميهڻا ٻڌي ”جواب“ ڪهاڻي لکي هئم (1953ع) جنهن کي آنچل بروقت شاهوڪار ڪوٺيو ۽ هيري شيوڪاڻي ان کي (1975ع) ۾ڪامياب جديد ڪهاڻي لکيو ۽ عجيب اتفاق سان ماڻڪ، سنڌ ۾ ويهه سال پوءِ ساڳئي رنگ ڍنگ ۽ ٽيڪنڪ ۾ ”۽ هو مري ويو“ ڪهاڻي لکي.

هاڻ اسان جون بيٺڪون شام جو ديال آهوجا جي دوڪان تي ٿيڻ لڳيون. روز سڳن، آنچل ۽ مان اچون ۽ ڪڏهن گنو، راجو ۽ پارتيءَ سال ٻن بعد ان جڳهہ جي هاڪ ٻڌي ايم- ڪمل بہ اچڻ لڳو. پر اجا پاڻ تي ”ڪمل“ تخلص نہ رکيو هئائين.

هڪ ڏينهن جمعي جي اتي اچي ڊريس ۾ هڪ جوان عورت آئي. (1919ع) ۾، جائي هئي ۽ شانتي نڪيتن ۾ اندرا گانڌيءَ سان گڏ پڙهي هئي. ڇند بحر وزن ايندا هئس. ڪيس وهم هو تہ هوءَ جڏهن مرندي تہ گڏيل قومن جي جماعت طرفان جاچ ٿيندي. ڪميونسٽن جي سخت مخالف هئي ۽ مون لاءِ ديال کان پڇيو هئائين تہ ڪيڏو آهي ۽ ڪٿي رهندو آهي، ڇا ڪندو آهي. هن مڙس کي طلاق ڏنو هو ۽ مراٺا سيڪشن ۾ ٻن ڪوٺين واري جڳهہ ۾ اڪيلي رهندي هئي. مون ”لڳن“ ناول هن تي ئي لکيو آهي ۽ ”پيار جي پڇاڙي“ ۽ ”وشواس“ ۾ هن جو ڪردار ڪنيو اٿم. مون هن جو نالو رکيو

سرجو، اها ندي جا ايوڏيا پرسان وهندي آهي ڪلي تہ جيستائين ماڻهو فنڪ نہ ٿئي تہ ڪلڻ بند تہ ڪري.

تہ تون موهن ڪلپنا آهين“؟

”منهنجو ڪو ڏوهہ“؟

”توکي ”آواره“ ناول جو ٻيو ڀاڱو لکڻو پوندو“.

”ڇو“؟

”هيرو هيروئن کي حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ پوءِ فرسٽريشن ۾ خانگي وئشيا سان شادي ڪيائين“.

”ها“

”شادي تہ ڪنهن سان بہ ڪرڻ سولي آهي. سوال نباهڻ جو آهي، جذبات ۾ شادي تہ ڪيائين، ان وئشيا سان پوءِ هليو ڪيئن“؟

”نيڪ تہ هليو هوندو“.

”نہ ڪهاڻي شروع اتان ئي ٿئي جتي ناول ختم ڪيو آهي“.

”تون بہ ليکڪا آهين“؟

”ڪڏهن ڪڏهن شاعري ڪندي هيس“.

”ڪو هڪ شعر ٻڌاءِ“.

”ڪڏهن پوءِ“.

اها ڪڏهن پوءِ مون کي سندس گهر وٺي هلي.

هن جي گهر بہ پلنگ پيا هئا ۽ لالٽين، پلنگ تي وهاڻا ڪو نہ هئا. هڪ آرام ڪرسي پٽ تي ڪوبہ فوٽو وغيره نہ.

”چانهہ پيئندين“؟

”منهنجو هڪ شعر آهي“.

ٻڌاءِ“ .

”ڪپي چانهہ سگريٽ اخبار ۽ بس“.

حياتيءَ سان ٻي ڪا شڪايت نہ رهندي ”تڏهن هڪ اڌ سگريٽ ڇڪي سگهندو هوس. “

”حياتيءَ مان تمام گهٽ اميدون ٿو رکين“.

”ها نہ تہ ڏک گهڻا ملندا“.

”ڪٿي آهي هوءَ جنهن سان تو شادي ڪئي“.

”باقي ڪتاب تہ پاڻ تي لکيو اٿم ۽ هوءَ هڪ خيال آهي“.

”ائين ٿي نٿو سگهي“.

”هڪ چوڪري هئي، اڪثر نهاريندي هئي، هڪ دفعي جئه هند ڪو آپريٽو بئنڪ ٻاهران ڏسڻ ۾ آئي. هن کي هڪ گل هو. هن اهو گل مون ڏانهن وڌايو، پر مون ڪانئس اهو گل نه ورتو. هن پڇيو ڇو-؟ چيومانس؛ گل وٺندس ته توکي به سويڪار ڪرڻو پوندو- منهنجي ڪجهه ٻي ڪلپنا آهي“.

”پوءِ تو تصور ۾ هن کي طوائف بڻايو“.

”شايد“.

”جوش مارڻ لاءِ رس ول پيئندو آهيان. ان ڪري منهن تي هيترا موهيڙا آهن“.

”هون“.

”۽ تنهنجو مڙس!“

”هن کي منهنجي جسم سان محبت ۽ ڪوتا لاءِ نفرت هئي، نتيجو-؟ تون ته ڏسين وينو“.

هن چانهه ناهي ۽ اهو چانهه جو دؤر هر شام چالو رهيو. ۽ هڪ شام ٿيو ائين جو لالٽين مان روشني گهٽجڻ لڳي ۽ بند ٿي ويئي. اسان ٻنهي مان ڪنهن به نه ڳالهايو. ڪافي وقت هن نه ڳالهايو. مان به چپ. ڇت جي هڪ سر ڀڳل هئي جتان چنڊ جي چانڊوڪي ٿي آئي. هن ڇا سوچيو سو ڪيس معلوم، چيومانس ”اٿ، بتي ٻار“.

هن بتي ٻاريندي پڇيو ”رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. ويندين ڪونه!“

”روز ته ويندو آهيان“.

”ته رات رهندين“؟

”سوچيو ناهي“.

”ها ڪڏهن ڪڏهن سوچڻ ڇڏي ڏجي“.

مان چپ چاپ ٻئي پلنگ تي ليٽي پيس. رات جو ڏاڍو سيءُ پيو جو ڊسمبر جو مهينو هو. صبح جو پنجين لڳي اٺيس ۽ گهر هليو ويس. ٻي شام وڃڻ شرط ان ئي پلنگ تي ويٺس.

هن چيو ”رات ڏاڍو سيءُ پيو. سوچيم تنهنجي ڀرسان ليٽان اچي ۽ ڪمبل جي ٿوري ڪناري پاڻ ڏانهن ڇڪيان“.

”ته پوءِ اچين ها“ .

هوءَ چپ.

مون ساڄو گوڏو مٿي ڪيو، چيومانس اچ. هوءَ آئي ۽ گوڏي کي پٽ سمجهي ان تي پٽ رکيائين. مون ساڄي ٻانهن وڌائي هٿ بيڊ جي لڪڙيءَ ڏانهن کپايو. هن منهنجي

سخت ٻانهن تي ٻئي ٽنگون رکيون. ٻنهي وينئي ڪليو ۽ چرچا مستي پئي ڪياسين. ”ڀلا اڄ رات بتي بند ٿي وڃي ته“؟

”ته“؟

”گوڏي کي زور ڏيندس ۽ تون منهنجي ڇاتيءَ مٿان“.

هن بلڪل نه ڪليو ۽ چپ رهي. ٻئي ڏينهن گني کي ٻڌايم ته اها سڄي رات هن جي اڌ بدن منهنجي ساڄي گوڏي تي هو ۽ ٻيئي خوبصورت ٽنگون منهنجي مظبوط ساڄي ٻانهن مٿان، ائين مون کي بار محسوس ٿيو، پر مان چريس ڪو نه ۽ ڪيس به پوءِ تڪليف ٿي هوندي، پر هوءَ به سڄي رات ائين ليٽي ۽ ڳالهيون ڪندي رهي.

”رشي وشواتر جو به جوڳ ٽٽي پيو“. وري ٻي رات هن چيو ”تون وڏيڪ مهانَ آهين“.

”تون مينڪا کان به وڏيڪ سندر آهين. پر جنهن عورت بدن جي ڇن پٽ تي مڙس کي ڇڏيو، ان سامهون ته سنيالڻو پوندو“.

”تون زندگيءَ ۾ تمام اوچو ويندين“.

”۽ هوا ۾ لٽڪي پوندس. چڱو؛ وري اڄ منهنجي گوڏي تي“.

”هوءَ آئي ۽ مون کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو. بدن کي ڪجهه عجيب لڳو. رت ۾ حرارت آئي. نياضي هئي ته ننڍو هئس ۽ هينئر زندگيءَ جا ٽيويهه سال پورا ڪيا هئم.

”مون ڪام شاستر نه پڙهيو“. ٿورو لڄي ٿي چيم.

”يعني“؟

”سيڪس جي راهه کان اڻ واقف آهيان“.

”ته مان تنهنجي گائيڊ ٿيان“؟

”سيڪس ۾“.

هن مون کي هڪ پئشونيٽ چمي ڏني. ڪنهن به ته نه ڏني هئي اهڙي. لڳم ته شانتينڪيتن جي ڪوتا مارگ تي قدم رکيو هو مون، پر جسمن ۾ ڪوتا جئه ديو جي گيت گوندم جي هئي. ان رات شايد ان قسم جون ٽي ڪوتائون پڙهيم ۽ هر رات هڪ به پڙهندو هوس. ٻه چار مهينا بس رتي ۽ مدن جي راس ليلا هئي!

هوءَ نوڪري ڪندي هئي ۽ پگهار مان ڪي پئسا هل اسٽيشن جي هاسٽل ۾ رهندڙ پٽ کي موڪليندي هئي، اهو قصو پوءِ ٻڌايائين. مون کي به مونا مل ۾ مزدوري ملي ويئي. ميرا چيو هو ته پهرين پگهار مان مون کي پيسٽري کارائج ۽ هوليءَ تي رنگ به هنيو هئائين، جا ڳالهه سرجوءَ کي نه وڻي. ان بعد مون کي ساڙڻ لاءِ دفتر جي ڪن جوانن جي ساراهه ڪندي هئي، مون کيس چيو؛ مان ڪرشن ٿيڻ چاهيان ٿو. هڪ

منهنجي راڌا ۽ هزار منهنجون گوپيون هونديون. هڪ دفعي چيائين تہ منهنجي بدلي اڪبر ڪئمپ ۾ ٿي ٿئي ۽ ڪنهن ڪيس پروپوز بہ ڪيو آهي. مان پاسو ورائي سمهي پيس. ٻي رات هن چيو ”مون توتي هڪ ڪوتا لکي آهي-ٻڌندين“؟

”ٻڌاءِ“ .

اها ڪوتا ڪجھ اجا بہ ياد اٿم. هن ريت آهي؛

واھ جو ٻڌيو هي ڪرشن سڀ کي سکي چوي ٿو هر ڪنهن تي پنهنجي دعويٰ ٻئي جي نہ ڪجھ سهي ٿو نالو ونان جي ڪنهن جو هڪدم رسي پوي ٿو سمجهي ٿو مون کي پنهنجو پوءِ ڇو حسد ڪري ٿو هن هن جي ذهن ۾ هو هر دم رهڻ ٿو چاهي تنهنجو ئي آهيان منڙي مون کي بہ ائين چوي ٿو.

مون بہ ڪيس پنهنجي لکيل هڪ ڪوتا ٻڌائي:

زندگيءَ جو ارٿ ڇا آهي؟

هڪ چمي اوندھ ۾ ڪنهن جي.

سرجوءَ جڏهن پهريون دفعو مون کي چمي ڏني تہ بنھ ان کن نياضي ياد آيم. پر سوچيم : تہ جنهن سان آهيان، ان کن ان جو خيال ڪندس-ان جي جذبن ۽ احساسن جو. هوءَ بہ اندر جو سچ آهي جو موقعي جي ساڳيائي ڏسي ياداشت جي دريءَ مان پنهنجو سس ڪڍي ٿي. پر چمي هڪ جي ۽ لطف ٻئي جو ونان، مون پاڻ کي اهڙي تربيت نہ ڏني. جيتوڻيڪ فرائڊ چيو آهي تہ هڪ ماڻهو جڏهن هڪ کي چمي ٿو تہ بہ ماڻهو ٻن کي چمن ٿا. اهو اڏورو سچ آهي، ڇو تہ نياضيءَ جي چمين وقت ڪو بہ ياد نہ آيم. ان ڪري ئي پيار ساڳيو هوندي بہ پهريون پيار وڏيڪ اهميت رکي ٿو.

هڪ دفعي سرجوءَ چيو ”مون کي آمريڪي جاسوس ڪاتي طرفان خاص هدايتون آهن تہ هندستان ۾ جيئن مان سنڌي آهيان، سنڌين ۾ روس جي جاسوس ڪاتي جي سرگرمين مٿان نظر رکان. آءِ ايم ٽيرر فار ٽيررسٽس مان سنڌين ۾ ڪميونسٽن کي اسرڻ نہ ڏيندس. هو غدار آهن. هنن جو هندستان سان نہ، روس سان پيار آهي. هي اهي وِيشڻ آهن جي لنڪا جلائيندا. ٿي سگهي ٿو مون کي خون ڪيو وڃي. پوءِ ان جو سوال يو -اين او ۾ اٿندو ۽ تون مون کي ان ڪارج ۾ مدد ڪندين.“ ”يعني تنهنجو پيار هڪ استراتجي آهي“؟

”استراتجي آهي ۽ پيار بہ آهي“.

”پر ڪميونسٽن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ آمريڪا ڏانهن نهارڻ ضروري ڇو آهي“؟

”آمريڪا آزاديءَ پسند آهي. تون ئي هڪ آهين. تون ڪجھ ڪري سگهين ٿو“.

”مان... مان تہ سؤ رپين جي هڪ ڊيسينٽ نوڪري بہ نٿو ڳولهي سگهان .“

اِها وڏي ڳالهه ناهي“.

”پر آمريڪا ڏکڻ ڪوريا کي پاڻ سان ٻڌي رکيو آهي. هن جرمني ۽ ويٽنام جو ورهاڱو ڪيو ۽ مارشل پلان هيٺ پوري آزاد دنيا کي پنهنجو غلام بنائڻ چاهي ٿي. آمريڪا روس جي انقلاب کي ختم ڪرڻ چاهي ٿي. روسي انقلاب روس مان غريبي ۽ بيماريءَ جو خاتمو آندو آهي. پرٿوي راج ڪپور چيو آهي: روس جو انقلاب قائم دائم هجي، پر مان چاهيندس تہ ان جو جهنڊو فقط ڪريملن مٿان ئي لهرائي“.

هوءَ چپ رهي ۽ ٻي رات اتي نہ ويس. ڪافي راتيون اتي نہ ويس. هڪ رات ڏسان تہ اتي ڪلف لڳو پيو آهي، جيئن نياضيءَ جي گهر ٻاهران ڏٺو هئم. جاچ ڪندي معلوم ٿيم تہ سندس بدليءَ اڪبر ڪئمپ ٽاٽا ٿي هئي ۽ پاڻ بہ اتي وڃي رهي پئي هئي. مون وٽ رپيو بہ هو سو لوڪل ٽرين ۾ چڙهي ٽاٽا ويس ۽ چار پنج ميل پنڌ ڪري اڪبر ڪئمپ وڃي پهتس. رات جا ٻارنهن ٿيا هئا، چوڪيدار سنڌي هو، ان کان پتو پڇيم ۽ آخر سرجوءَ جي گهر ٻاهران اچي بيٺس. آهستي سڏيم. هن بتي ٻاري پر در نہ کوليو ۽ دريءَ وٽ اچي بيٺي.

”تون هلي آئين!“

”تو اچڻ ڇو بند ڪيو“؟

”ڇا پيار ايترو محدود ٿيندو آهي“؟

”تون مون سان شادي ڪندين“؟

”ڪئي تہ آهي“.

”ائين نہ، سماج اڳيان“.

”ڇا سڀند شاديءَ ۾ ختم ٿيندا آهن؟ ائين ئي رهنداسين. مان توسان رهندس ۽ ٻيءَ سان شادي نہ ڪندس. شادي هڪ وڏو ٻنڌڻ آهي“.

”ميران سان شادي نہ ڪندين“؟

”هوءَ منهنجي دوست آهي“.

”مان تنهنجي ڪير آهيان“؟

”تون !تون منهنجي پريمڪا آهين“.

”اجايون ڳالهيون آهن، موهن، مون کي لڳي ٿو تون بہ ڪميونسٽ ٿيندين ۽ ڳالهيون بہ ان قسم جون ٿو ڪرين، ڪميونسٽن لاءِ پيار هڪ سوڍا جي بوتل آهي، جا پي پياس ٻجهائڻي آهي. شاديءَ ڪرڻ لاءِ تيار هجين تہ در کوليان“.

”نہ-در نہ کول، مان ائين ئي هليو ويندس، مون کي ڪو بہ شرط ڪو بہ ٻنڌڻ قبول ڪونهي“. ۽ مان هليو آيس. نهايت ڪاري رات هئي اُها، رستو سنسان، گاڏيون بند، مان

پنڌ ئي نڪري پيس. شايد ويهه ميل هو، جبل، ٽڪر، پهاڙ. من ۾ ڏک هو ۽ هلندي ٽڪجي پيس، صبح جا چار ڪن ٿيا، جو رستي تي هڪ ٽرڪ بيني، ڊرائيور ڪو سردار جي هو.

"بابو جي ڪيڏانهن ويندين"؟

"ڪلياڻ" .

"اچ".

هن مون کي پنهنجي پرسان ويهاريو، ڪيس به ڪلياڻ وڃڻو هو، پر جڏهن سڄو پتو پڇيائين ته سڌو اچي گهر ٻاهران ڇڏيائين، ڏسان ته بخار اٿم، سو پنج ڇهه ڏينهن بستري تي پيو هوس.

عشق ني غالب نڪما ڪر ديا- ورنا آدمي ٿي بڙي ڪام ڪي.

گهڻا سال ٿيا جو هوءَ گڏي.

"ڪيئن آهيو"؟

"بس هلان پيو".

"شاديءَ ڪيئي"؟

"نه".

"اخبارن ۾ پڙهندي آهيان ڪميونسٽن سان چڱو مقابلو ڪيو اٿئي".

"ها، پر ان لاءِ مان آمريڪا کان هدايتون نه وٺندو آهيان".

"مون سان ناراض آهين"؟

"نه".

"ڇو"؟

"جو سياويڪ آهي، اهو سندر آهي. مون آ سندرتا کي ڪڏهن پسند نه ڪيو آهي".

هوءَ وڃڻ لڳي ته پڇيومانس "تون ڪيئن آهين"؟

"بس زندهه آهيان "، ائين چئي هلي ويئي، ان بعد وري ڪا ملاقات نه ٿي ۽ خبر نه اٿم ته ڪٿي آهي ۽ نه ان جي جاچ ڪئي اٿم. بس زندگيءَ ۾ هڪ طوفان آيو، هليو ويو. مان ڪو شاهي وڻ نه هئس جو ڪري پوان، طوفان ۾ گاهه کي ڪو به خطرو نه ٿيندو آهي. رڳو زندگي ان کي لتاڙيندي آهي.

الهاس نگر شهر جي بنيادي پٿر جو مهورت هندستان جي پهرئين گورنر جنرل راج گوپال آچاريه ڪيو، سنڌين ان ڏينهن وڏا مظاهرا ڪيا ته شهر جو نالو سنڌو نگر رکيو وڃي، پر حڪومت نه مڃيو. پوليس لٺ بازي ڪئي، ڪي بانٺا مون ۽ راجن چاولا ڪاڏا، آخر اسان اهو زخم قبول ڪيو ته هتي اسان جي جذبات جو ڪو ملهه ڪونهي.

ٿيئٽر بند ٿي ويا. رستا، رستا ڄڻ دنيا جو ٻارهون عجوبو، ٻہ قدم هل تہ ڪري پئجي. اڃا اڳئين شخص تي ڪلجي تہ پاڻ ڪري پئجي. ڄڻ بيربل جا چرچا هڪ سان ڪندو تہ اهو تلوار ڪٽي ڪاهي ايندس، ٻيا ڪلندا، وري ٻئي سان ڪندو تہ تلوار مياڻ ۾ وجهي خود ڪلي موٽي ايندو ۽ ٻيو تلوار ايي ڪري ڪاهي ايندس. شهر ۾ هڪ ٻہ اسڪول، اسپتال، باغ، پوسٽ آفيس نہ. نہ ڪو دوڪان، چانهہ جي هوٽل، مليٽري جا ڪليل ڪاڪوس جن جا دروازا اڪثر ڀڳل. شهر ۾ هزارين سوئر، ڪاڪوس ۾ وڃ تہ منهن کي ڀنگيءَ جو ٻهارو سمجهي اچي ٻاهران بيهندا. رستن جون بتيون اڪثر بند، ٿورو مينهن پوي تہ تار ٽٽي پوي ۽ هڪ ٻہ جوان ان جو شڪار ٿين. نل ٻہ گهر کان ٻاهر، آمدرفت جو وسيلو نہ، تڏهن پرسرام ضيا ڪلاسڪ شعر چيو؛

جبلن تي ٿا جتيون گسايون
لوهہ جا بوٽ وٺي ڪي پايون.

ماڻهو ٻہ بئرڪن ۾ سٽيل، وچ ۾ ڳوٺين جون پتيون ۽ ان جي چيرن مان زندگيءَ جي پت وائِکي. آهستي آهستي سنڌين شهر ناهيو، گاڏيون بيهاري پنهنجي اسٽيشن الهاس نگر ورتي. هينئر اتي رونقون آهن، اڳي ماڻهو بمبئي ڀڄندا، هينئر اُلٽ گنگا آهي. هتي جي زمين جا اگهہ بمبئي جيترا آهن. سڀ سهولتون، شهر ڪافي وڏيو آهي، آدم اٽڪل پنج لک آهي. ان حساب سان رستا ننڍا آهن ۽ آمدرفت گهٽي آهي. اڪثر زالون ٻارن کي پيٺ، هنج ۾ ڪٽي ۽ هٿن کان جهلي رستن تان لنگهنديون. پوءِ ٽرئفڪ جئم. هينئر هتي چاليهہ پنجاهہ اسڪول، ٽي چار ڪاليج، ڏهہ ٿيئٽر، پندرهن ويهہ باغ آهن ۽ اسان هتي هڪ شاهہ عبدالطيف رستو ٻہ ورتو آهي. پٽاٽن، ٽماٽن، ڀاڄين ۽ ڪير ورا، پڪوڙائي، مٺاين وارا، فرنيچر، پلاسٽڪ انڊسٽري وارا لڪاپتِي ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن ۽ ماڻهو چندا وٺڻ لاءِ هتي ايندا آهن. هتي ماڻهو محنت ڪري ٽڪجي پون ٿا ۽ اڪثر ڀڳوان ۽ شراب جي شرن وجن ٿا. الهاس نگر پهرئين ٻئين ٽئين ۽ چوٿين پنجين کي ريل جا پٽا الڳ ڪن ٿا. اڳ اتي هينان نالو هو، جنهن مٿان سيمينٽ جي فٽ اُڀي پل. اتي جام ماڻهو ٻڌا.

مان چار پنج ميل پنڌ ڪري مونا مل ويندو هوس ۽ جي بس نہ ملندي هئي تہ پنڌ ئي واپس ايندو هوس. اتي نقلي سلڪ ٺهندي هئي. مون کي ڊافس سيڪشن ۾ رکيو ويو. مان ڊافس ناهيندو هوس. هفتي هفتي ڊيوٽي بدلجندي هئي. ستين کان ٽين، ٽين کان يارهين، يارهين کان ٽين. ان ڪيميائي ماحول ۾ اکيون ڳاڙهيون ٿي ويندیون هيون ۽ هجن نہ هجن، پر لڳندو تہ اکين اڳيان بادل لنگهي ويا آهن.

اتي مزدورن جي حالت ڏٺم. مون اٽڪل ٽن سؤ رپين جو ڪم ڪيو ٿي. پگهار ملندو هو نوي رپيا. هڪ مزور تي جيڪڏهن مالڪ کي ٻہ سو بچن ٿا تہ ڏهن هزارن تي ڪين گهٽو بچندو؟ ڪارل مارڪس "سرپلس وئليو"جو نظريو ان اصول تي ٻڌو آهي. ان ڪري هن چيو آهي تہ دنيا جا مزدور هڪ ٿيو ۽ پيداوار جي وسيلن ۽ ذريعن جا مالڪ ٿيو. اسين بہ ڄڻ مشين جا پرزا هئاسين. وقت تي اچڻ، بيهڻ، ڊافس جون ناليون صاف ڪرڻ. ڪيميائي پاڻي هڪ ڏاڳي تان هيٺ لهندو. هيٺ ڄڻ ڪو بنا راڳ رڪارڊ هلندو. ان تي ڏاڳن جو بنڊل ٺهندو ويندو. هڪ دفعي هٿ چيرجي ويو. ڪنهن ڏيان نہ ڏنو. مسلمان انچارج اڳيان وڌيو. ڪلهي تي هٿ رکيائين ۽ هلي ملم پٽي ڪيائين. مان ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائندو هوس. هن چيو "هي جڳ مشين جو آهي. مشين لاءِ ڪو هٿ هندو يا مسلمان نہ ٿئي. ان ۾ جنهن جو هٿ پوندو، اهو ڪٽجي ويندو".

آر - ايس- ايس جو سڄو فلسفو مشيني جڳ ختم ٿو ڪري. مون ان وقت ڪهاڻي "ڦيرو" لکي جا سنڌ هند ڪهاڻي چٽا پيٽيءَ ۾ "مهراڻ "کي موڪلي. اتي اها ٻيون نمبر آئي. پهرين جمال ابڙي جي آئي ۽ ٽين شيخ اياز جي. هتان جي گهٽن ليکڪن ڪهاڻيون لڳاتار ڇپجنديون رهيون آهن. " ڦيرو" هلال 1982ع جي پرچي ۾ وري ڇپي آهي. هتي اها ڪهاڻي اجا نہ ڇپي آهي. حشو ڪيولراماڻي کي دهليءَ مان هڪ خط لکيم "تون سنڌين جو پهريون پرولٽرئين ليکڪ آهين."

ادبي ڪلاس ۾ ويندو هوس ۽ اتي جي راڳ جي جشن ۾ ميران کي وٺي ويندو هوس جا اتي راڳ ڳائيندي هئي. هڪ ڀيري سڳن پڇيو " ڪير آهي"؟

"منهنجي گرل فرينڊ" .

"خوب!"

رستي تي ميران پڇيو "ٻڌاءِ، مان تنهنجي گرل فرينڊ ڪيئن آهيان"؟

"تون منهنجي فرينڊ تہ آهين"؟

"ها".

"۽ گرل بہ".

"ها" .

"ها-تہ پوءِ ڇا"؟

"نہ ري، گرل فرينڊ معنيٰ معشوقا، دلربا، پريتما".

"تو منهنجي پهرئين پگهار جي پيسٽري جو ڪاڏِي".

"ٻڌ موهن، هڪ ڳالهہ ٻڌ. تون برابر ڊگهو آهين. پر مون کي مڙس اهو ڪپي جو ڇهہ فوٽ ڊگهو هجي ۽ پگهار سورهان سو رپيا هجي".

تازو مون ڪونج ۾ هن تي ڪهاڻي لکي ”صبح، جو نہ ٿيو “. سڀ تہ ان ۾ سچ نہ هوندو. شڪل ڪنهن جي، ٿنگ ٻانهن ڪنهن جي. ڪو واقعو، ڪو گفتو ڪٿان جو. فن جي سانچي ۾ وجهہ تہ ڪهاڻي تيار. ائين مون ادب کي زندگيءَ کان وڌيڪ گنڀيرتا سان ورتو آهي ۽ سالن بعد سني ڪهاڻي لکي اٿم.

ميران رات جو راڳ ڳائيندي هئي ۽ مان بہ ٻاهر ٿلهي تي ليٽي ان زماني ۾ لالٿين جي روشنيءَ ۾ ڪميونسٽ پڌرنامو يا ان قسم جو ادب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. هڪ دفعي گرمين ۾ جانو آئي ۽ چيائين ”گهر هل“. مان ويومانس. ماءُ پيءُ، ياءُ، ميران ۽ سڀ ڀينرون ٻاهر ويل هئس.

”مون کي ڪاليج ۾ هڪ سبجيڪٽ تي پيپر لکڻو آهي“.

”سبجيڪٽ“؟

”لؤ پريم.“ هن چيو ”تون مدد ڪر نہ“.

”ڪهڙي -توکي مضمون لکي ڏيان يا توسان پريم ڪريان“.

هوءَ شرمائي”مان پريم ڪرائڻ لاءِ توکي نہ وني آئي آهيان“.

”پريم“، مون چيو ”پريم آهي هڪ ٿيڻ جو احساس پريم سيڪاريندو آهي تہ ٻين جي جذبات جو، چاهنائن جو خيال رکجي ۽ گهرجون پوريون ڪجن“.

”اڄ ڏاڍيءَ گرمي آهي“.

”چئين تہ هوا لڳرايانءِ“.

”ڪيئن “؟

”مون وٽ هڪ منتر آهي. پڙهندس تہ هوا بہ لڳندي، مينهن بہ پوندو“.

”پوءِ تہ توکي مئٽرالاجيڪل ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي“.

”اڄ اِها ڊپارٽمينٽ تون آهين“.

”تہ پڙهہ منتر“.

”تون پنجويهن انهن شهرن جا نالا ڪڻ، جن جي پنيان پور لفظ هجي. مثال طور ماڙيءَ پور، ميرپور، خيرپور، شڪارپور، شهدادپور، محرابپور، انڙ پور، ٻڌاپور، جهمٽ پور، تاج پور، ڪانپور، جئپور، جوڌپور“..

هن اکيون بند ڪيون ۽ هٿ ٻڌي اهي نالا چوڻ بعد وڌيڪ نالا چيائين؛ گورک پور، جمشيد پور، مرتضيٰ پور، رام پور، سيتاپور، آدي پور، شاهہ پور، للت پور، چترپور، جولاپور، ديوداس جي ماڻڪ پور، موهن جي ويساپور، ، ، ٿيا پنجويهہ-؟ نہ، تيج پور، سهارڻپور، ڌرمپور، هندو پور“..

نڪاءُ -هوا جو جهوٽو آيو ۽ دري بند ٿي ويئي. هن اکيون ڦاڙي مون ڏانهن ڏٺو. هوا لڳي طوفان آيو. مينهن پيو. مان پلنگ تي ۽ هوءَ ڪرسيءَ تي ويٺي. اٿي ٻئي هٿ اچي منهنجي ڪلهن تي رکيائين. اکين ۾ امرت ۽ مشڪ ۾ ماکي ڀري چيائين "موهن، تون ڀڳوان آهين".

"ها آهيان. هڪ ننڍي دنيا آهي منهنجي ۽ مان ان جو ڀڳوان آهيان".

"پوءِ تون گهر کي ناهين ڇو نه ٿو؟ اتي ڪجهه به نه آهي. نه بتي، نه پکو، نه ڪٻٽ، نه فرنيچر. آخر توسان شادي ڪير ڪندي؟"

مان اٿي ڪرسيءَ تي ويٺس. چيم "هڪ ڏينهن ته ملندي اُها، جا منهنجي ٽيبل يا ڪرسيءَ، پٽ يا چٽ سان نه، مون سان شادي ڪندي. مون سان، مان، جو آهيان؛ جي منهنجا سپنا آهن، منهنجا آدرش، منهنجون سمرتيون، اٽپوريون ٽيل خواهشون، انسنا، منهنجا اُمنگ ۽ ارمان، منهنجون نا اميديون، پريشانيون، من جي غفائن جون اونداهيون ۽ ان ۾ فن جون روشنيون آهن".

هوءَ مشڪڻ لڳي ۽ مان تيز برسات ۾ ٻاهر نڪري ويس. مان به ڪجهه عورت جي نفسيات ڄاڻان ٿو. مون کي جتي ڪٿي امرت مليو، مگر مون ڪڏهن به همدرديءَ جو زهر نه پيتو آهي. ڪافي ذلف پريشان ٿيا ۽ مون اک نه کنئي. ٻاهر آيس. مينهن ۾ آسمان ڏانهن نهاري اک هٽي چيم؛

ٽئنڪ يو گاڊ.

اهڙو هڪ ڪرشمو ماهتاب محبوب کي به ڏيکاريم. هوءَ 18 مئي 1980 ع ۾ منهنجي گهر آئي. اتم، سندريءَ ۽ هري موٽواڻي به گڏ هئس-مون چاهيو ته ماهتاب منهنجي گهر هڪ رات ٽڪي. ڪمل ۽ ڏيءَ گيتا جو به اهو خيال هو. پر اتم نه مڃي. ماهتاب چيو؛ اوهين رڳو ماستر چندر کي فون ڪريو. مون رسيور کنيو به، پر اتم چوي ته ماهتاب کي مان وٺي آيو آهيان هن جي جوابداري منهنجي مٿان آهي.

اسٽيشن تي مون ماهتاب کي چيو؛ چاهيان ٿو ته تون مون سان ڪجهه وڌيڪ وقت گڏ هجين. تون منهنجي سنڌ آهين. ڏس مان ڪلاڪ گاڏيءَ کي روڪي ٿو ڇڏيان. وري گاڏي ايندي ته ڪلاڪ وچ رستي تي بيهي رهندي. استعمال نه ڪندو آهيان. پر مون کي تمام وڏي طاقت آهي. "

"ڇا خدا وٽ پهچ اٿو"؟

"منهنجو دوست آهي هو".

"پوءِ به سنڌ اچي نٿا سگهو".

"اڄڪلهه خدا سان دوستي ڪٽ آهي".

مون کاٻو هٿ کٽي امبر ناٿ ڏانهن ڪيو. ڪلاڪ ڪاٻہ گاڏي نہ آئي. وري آئي تہ مان بہ هنن سان گڏ چڙهيس تہ وري هڪ هٿ ٻاهر ڪيم ۽ چيم: بيهہ رهو ۽ گاڏي ڪلاڪ رستي تي بيهي رهي. ماهتاب حيران، چي:

”اوهان ائڊوانس ۾ اڳڪتي ڪيئن!“

اڳڪتي! نہ، اِها اڳڪتي نہ آهي. شاهہ لطيف جي ڌرتيءَ جو آهيان، مان بہ هڪ درويش آهيان. خدا کان ڪجهہ گهرندو نہ آهيان. سڀ تہ هن کان گهرندا آهن. پنهنجي مان-ايمان ۽ سومان. جو خيال نہ رکن. مان خدا کان ڪجهہ بہ گهرندو نہ آهيان. بس ائين ئي وقت جي پرواهہ ۾ وهندو آهيان يا وقت جو دريا وهندو اُهي ۽ مان ان جي ڪناري تي بيهي ان جي رونق ڏسندو آهيان“.

انسان وٽ ڪا ازغيبي طاقت ضرور آهي. جنهن کي عقل ۽ منطق سان سمجهي نٿو سگهجي. ڪپل رشيءَ جو سانکيه درشن ۽ ڪانٽ جو ”دي ڪرٽڪ آف پوليٽيڪل ٿريٽائيز“ ان موضوع تي ڪافي روشني وجهن ٿا. مارڪس يا سارتر ان کي ائبسرڊ ڪوٺيو آهي. اها طاقت آهي تہ ائبسرڊ پر ان کي رد نٿو ڪري سگهجي. ڪجهہ آهي جو آتما ڄاڻي ٿي. پر ڪڏهن بہ ان جي تار ٽٽي سگهي ٿي. نہ، مان رهسيواد نہ آهيان، پر اهو رهسيه جيون جو هڪ يٿارٿ ئي آهي. مون ”جلاوطني“ 1974ع ۾ لکيو منهنجي ماءُ جو موت 1976ع ۾ ٿيو، بلڪل ائين جيئن مون ”جلاوطنيءَ“ ۾ چٽيو آهي. هوءَ مئي، بنهہ ان بعد ڪيس خالي گيس سليندر ڏنو ويو.

جان برئڊمئن يا سنيل گواسڪر توڙي ظهير عباس دعويٰ سان چئي نہ سگهندا تہ فلاڻي بال ۾ فلاڻي جي وڪيٽ وٺندا. ازغيبي شڪتيءَ جو ڪو وڏو دائرو بہ ڪونهي، نہ تہ ايڏيون جنگيون نہ لڳن، ٻوڏون ۽ زلزلا نہ اچن ۽ سنڌ مان سنڌي هندو نہ نڪرن. پر صفا اوندهہ ڪانهي. لينن جي برف جي ڪڏ ۾ ٽنگ ڦاسي پيئي. سمجهيائين تہ بچڻ مشڪل آهي. چيائين: نہ- مان هي ناشانائتو موت نہ مرندس. هن من ۾ ڇا چيو سا ڪيس خبر، پر اڪيون آسمان ۾ ڪيائين تہ ٽنگ ٻاهر نڪري آيس.

رابرٽ آئنسٽائن چيو آهي: هن برهمانڊ ۾ هڪ رٿا ۽ ترتيب آهي. ان ۾ ڪو نقص ڪونهي. ڪا طاقت آهي جا خود خلقيل آهي ۽ ڪائنات کي هلائي ٿي.

اسان جو پيارو شاعر هريش واسواڻي، جنهن لاءِ زندگي هڪ بي مقصد مشغولي آهي ۽ جو قدر ۽ انسان جي وچ ۾ ڪو بہ رشتو نہ ڏسندو آهي، اهو بہ مسوريءَ ۾ ان ڪري ويندو آهي تہ قدرت سان ڪا ويس -واٽ قائم رکي سگهي. مادرن وشنو ڀاٽيا بہ آڳر ۾ ڇنڇر جون منڊيون پائي ۽ تاج بلوچ سندس موڪليل سائين بابا جو تعويذ ٻانهن ۾ ٻڌو تہ دفتر ۽ گهر جا مسئلا هڪدم ختم ٿي ويس.

تہ مان نٿو چاهيان تہ اسين انڌ وشواس ۾ جيئون. امن ۽ اتحاد ۽ عالمگير برادريءَ لاءِ ڪم ڪريون ۽ خدا کي ادب ۽ ساست ۾ نہ آڻيون. هونءَ مارڪس بہ چيو آهي تہ صليبي جنگيون واپار جي لنگهن تان لڳيون آهن. ڀڳوان کي گهر ۾ مجو ۽ بزارن ۾ نہ ڪٽي اچو.

خير، مان ڪو پنڊت يا تتوگيان جو ماهر نہ آهيان. منهنجي لاءِ ڀڳوان ان ڏينهن مري ويو، جڏهن سنڌي سنڌ مان نڪتا. ان بعد اسان جي دوستي گهٽ آهي. ائين جانو ۽ ماهتاب کي ان جو هلڪو روپ ڏيکاري ڇڏيم.

جيون ۽ ساهت ۾ وڏو فرق آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ويچار ڪردار، فضا، واقعو، يا طرز بيان. شعر ۾ هڪ نقطو يا ڪيفيت، مضمون ۾ هڪ موضوع، ناٽڪ ۾ ڪردار، انهن جا رخ، زندگيءَ جا واقعا، رخن جو ٽڪراءُ- ڄڻ شطرنج جي راند، جا آهستي رٿا سان هلي ۽ پوءِ نڪا نوڪي چالو. پڇاڙيءَ جو سڀ ڪردار چارلس ڊڪنس جي ڪردارن جيان هڪ هنڌ گڏ ٿين يا مدارسي فلمن جيان گڏيل فوٽو ڪڍائين. اينٿي ناول يا ناٽڪ من طرف اندر ٿو وڃي. پر زندگيءَ ۾ ڪيتريون ڳالهيون گڏ هلن. ڪڏهن سمانتر. ڪڏهن هڪ ٻئي کي رد ڪن. زندگيءَ کي هوبهو پيش نٿو ڪري سگهجي.

مون هڪ ڪتاب پڙهيو. لکيل هو: نائڪ ۽ نائڪا هڪ ڪلاڪ هڪ ٻئي سان نہ ڳالهايو. مان سوچڻ لڳس: ماڻ جي هڪ ڪلاڪ ۾ انهن ڇا سوچيو هوندو! ڪلاڪ ڪتاب نہ پڙهيم تہ وڌيڪ مزو آيو. مگر سڳن آهوجا چيو: ٻچا، ڪتاب ٽن ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ۽ گهٽن ڪردارن جي جيون - ريکا پيش ڪري. ديوداس ڪڻ ٿي ڪردار آهن. ديوداس، پاروتي ۽ چندر مکي. هاڻ تون جنهن نموني سان پڙهين ٿو، ان ابجد سان توکي اهو ڪتاب پورو ڪرڻ ۾ ٿي جنم لڳندا. سڳن جي اِها ڳالهہ ٻڌڻ بعد منهنجو ادب مان چاهہ گهٽجي ويو ۽ اڪثر شاعري، راڄنيتي، وگيان ۽ تاريخ جا ڪتاب پڙهندو آهيان.

مون بڪون بہ ڪڍيون ٿي، عشق بہ ڪيا ٿي ۽ ادب بہ خلقيم ٿي. "سرجوتي" ناول لکيم تہ 1954ع ۾ آنچل جي رٿ تي سنڌي ساهت سيا منهنجو سمان ڪيو. سڳن چيو: متان ان سنمان جي اهميت مڪاني سمجهي وڃي. ان ڪري گوبند مالهيءَ جي "پڪيڙا ولر کان وڇڙيا" ناول تي بہ سنمان ڪيو وڃي. هر چند اجهل جي چوڻ تي "ساهيڙي" ناول جي سنمان جي رٿ آئي، پر ڪاروباري ڪاميٽيءَ قبول نہ ڪئي. ان ڪري اجهل ۽ پارتي ان جشن ۾ شريڪ نہ ٿيا. ميڙ ۾ بمبئيءَ مان مالهي، ڪيرت، اتم، گوبند پنجابي. طالب، جڳت آڏواڻي، بهاري ڇاڙيا، ارجن شاد، موتي ۽ گهٽا ليڪڪ آيا ۽ هتان بہ ضيا، سڳن، آنچل گنو، راجو، راهي ڪافي ليڪڪ گڏ ٿيا. سڳن منهنجي پيٽ شرتچندر، تہ آنچل جيئندر ڪمار اگييه سان ڪئي. چيائون موهن سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو

پهريون ليکڪ آهي، جنهن ٽيويهن سالن جي مختصر عمر ۾ شاهڪار ناول لکيو آهي. ٻه چار سال پوءِ لعل پشپ چيو تہ منهنجي محبوبا اهو ناول سورهن دفعا پڙهيو آهي ۽ وڌيڪ دفعا ان ڪري نہ پڙهيو اٿائين جو ڪتاب ڪانئس ڪير وٺي ويو آهي.

سڳن جو اڀياس گهڻو هو ۽ ان ڪري سنڌي ادب جي ڄاڻ هئس ۽ هن ۾ تعريفي جذبو ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هو. "لڳن" جي هن ڪردار لاءِ چيائين: اهو ڪوڪلو، ٽاءِ ڪي ڍلو نٿو ڪري پر پنهنجي گهرگلائي ظاهر ڪري ٿو. آنچل ٻہ ائين چيو " آواره "۾ نائڪ جي پيءُ جو پير سُڄي ٿو پئي ۽ ان مان اڇيون تنتون ٽيون نڪرن. هو سمجهي ٿو تہ اهي شايد پيٽ جا سانپا آهن. ان ڪري بليڊ سان انهن کي ڪٽي ٿو. اها پناهگير زندگيءَ جي دردمند تلخي آهي.

جئه هند ڪاليج ۾ منگهارام ملڪاڻي ٽئين ليکڪ سميلن (1954ع) ۾ چيو: هتي موهن ڪلپنا هجي تہ اٿي بيهي. مان اٿي بيٺس. چڱي طرح شڪل ڏسي چيائين: تمام سنو ٿو لڪين البتہ هِجي جون غلطيون ٻين کان وڌيڪ ٿو ڪرين.

ميران جي ڀيڻ ساون چيو، "آواره سنو ناول آهي. تو ڪا وئشيا ڏني آهي"؟.

"نہ".

"بمبئي ۾ شايد انهن جون گهٽيون آهن".

"ٻڌو اٿم".

"ڪڏهن اتي ويو آهين"؟

"نہ".

"مان چاهيندي آهيان تہ ڪين ڏسان".

"توکي شرم نہ ايندو".

"نہ تون وني هلندين"؟

"ڏاڙهي مڇون رکي ويس بدلائي هلين تہ ڪير ڏيان شايد نہ ڏي".

"ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ " "... ڇا"؟

"چوندا آهن استري ۾ ڪام ولسنا مردن کان وڌيڪ رهندي آهي".

"ڪيئن"؟

"هڪ دفعي شو ڀڳوان ڪام جون گوريون ناهيون، پاروتي اهي سڀ گوريون ڪائي وئي. چيائينس مون لاءِ ڇا ناهيو اٿئي، بس ان ڏينهن بعد ڪام استرين وٽ هليو ويو".

مان ڪلڻ لڳس.

"ڇو"؟

”تہ انهن گورين کان اڳ ۾ هنن ۾ ڪام جاڳندو ئي نہ هو ڇا“؟

”شايد ڇو تہ پوءِ ئي شو کي گٽپتي ۽ ڪارتڪ ڇاوا“.

مون هن ڏانهن چتائي نهاريو. ”مان ڄاڻان ٿو“، مون کيس چيو، ”مان تو کي وڻان ٿو“.

”ها“ .

”شادي ڪندين“؟

”اها اڳ ۾ ڪيل اٿم“.

”ڪيئن“؟

”تہ ٻڌ“. ۽ پوءِ هن شروع ڪيو پنهنجو پريم داستان. نوابشاهہ ۾ هن جو ڪنهن گل نالي مسلم نوجوان سان پيار ٿي ويو. پڻهس کي اهو سنڀد نہ وڻيو، پر هن پيءُ جي هڪ نہ ٻڌي ۽ گذريل ٻارنهن سالن کان هن سان نہ ڳالهايو هئائين. پاڻ مشين هلائي هن جي اسڪول جون فيون ڀريائين. هوءَ مشين هلائيندي هئي وڏي سلائي وٺندي هئي. مهيني ۾ اٽڪل ڇهہ سؤ روپيا ڪيس موڪليندي هئي. ٻہ چار دفعا پاڻ ڪراچيءَ ۾ ملي آيس ۽ هوٽل شاليمار ۾ رهيس.

هڪ ڏينهن اهو گل هتي بہ آيو ۽ ساون اسان ٻنهي جي واقفيت ڪرائي. ۽ هي آهي جناب موهن. ليکڪ آهي. رات جو ڪافي پهرا ڏنا اٿائين، پر هن پاڙي ۾ ڪهڙيون سهڻيون ڇوڪريون رهيون آهن، ان جي ڪيس خبر نہ آهي.

ڏاڍو سٺو ماڻهو پئي لڳو.

گل پوءِ وڏيڪ پڙهائي لاءِ لنڊن ويو ۽ سندس جنم ڏينهن تي لفافي ۾ پلاسٽڪ جي پني ۾ ويڙهيل ٿوري پيسٽري موڪليائين ۽ هڪ دفعي تار ڪيائين؛ تون ديوي آهين. تو مون کي پاليو آهي. ديوين جي پوجا ڪبي آهي. مون کي آسيس ڏني. مون هڪ انگريز ڇوڪريءَ سان شاديءَ ڪئي آهي.

هوءَ بيمار ٿي پئي، تار آيس تہ مون کي گهرايائين. تار هٿ ۾ ڏنائين مان ڪلڻ لڳس، ”هي بہ زندگيءَ جون ادائون آهن. زندگيءَ جي مصيبتن کان بچڻ جو هڪ رستو هيءُ بہ آهي؛ ان مان گهڻيون اميدون نہ رکجن. زندگيءَ کي ائين شڪست ڏجي. تون تمام سني آهين. ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ اڪيلائي محسوس ڪرين ۽ ان لائق سمجهين تہ آواز ڏج-موهن آهي“.

هوءَ پندرهن ڏينهن کن بيمار رهي. هونءَ کيس پاسپورٽ ڪمپنيءَ جو هڪ جوان بہ وٺندو هو. جنهن جي پيءُ جون ڇاوڻيءَ ۾ چار خانگي بسون هلنديون هيون. ان بہ شايد

چيس: مان آهيان ! (يعني هو آهي). هو بي-اي-ايل -ايل. بي. ترڻ ڪار هلائڻ ۾ ڄاڻندو هو ۽ ڪيس الڳ وڏو گهر ۾ هو. مون وٽ تہ رڳو مان پاڻ هوس: باقي لڙ لهرون لس ليٽ.

هو، روپ ۾ اتساهي ۽ انقلابي جوان هو.

اسين جڏهن 15 آگسٽ 1955ع ۾ گوئا ۾ ستياگرهه ڪرڻ وياسين تہ هن کي ئي سنڌين جو رهبر بڻايو ويو.

اسان مٿان گوليون هليون تہ مان بچي ويس،

پر ڪيس گولي لڳي.

ساون فرنٽ تي آئي.

خبر نٿي پيئي تہ ڪنهن سان گڏجڻ آئي آهي.

هوءَ پوءِ روپ جي سيرانديءَ وينئي ۽ منهنجي هڪ نئين ڪامنا جي ٻلي شڪست جي ٽب ۾ ٻڏي مري ويئي.

ائين گاگنداس ۾ بهادري ڏيکاري.

مون گوئا ستياگرهه جو احوال "اجا رات باقي آهي" رپورتاج ۾ لکيو آهي. ڏٺم، تہ هڪ ٻي ميران، جا گني سان ڪي-سي ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ اجنبي دورين جي احساس سان بزار ۾ مون سان هلڪي چشمائي ڪندي هئي ۽ اڻ لکين مرڪن جا چنڊا اڇلائيندي هئي.

ٻڌم تہ گاگنداس ان کي پاڻ وٽ،

الڳ گهر ۾ رکيو آهي ۽ هن سان ٻي شادي ڪئي آهي.

مون لاءِ پسند ايندڙ چوڪريون،

ائين ٻين سان منسوب ٿي ويندیون هيون.

مان جڏهن گوئا ويس تہ بيلگام ۾ روپ ساون کي ۽ گاگن ميران کي خط لکيو. چيائون :

تون ليکڪ آهين.

خط تون لکاءِ.

جيئن تہ ٻئي مون کي پسند هيون،

ان ڪري جذبات جي اوت پوت ڪيم.

ڪڏهن ۾ گڏجاڻيون نہ هيون.

واپس موٽي جيڪڏهن اهو خط هوبهو دهرايان ها تہ چپن تي آڱر رکي بيهوش ٿي وڃن ها يا غشي ڪائي منهنجي گود ۾ ڪرن ها.

پر اها مون طرفان ڪميٽائي ٿئي ها.

جا فطرت ۾ نہ هئم.

ملڪ لاءِ مان ڪجھ نہ ڪري سگھيو هوس ۽ جڏهن ڏٺم تہ پورچوگيز گوئا کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ 15 آگسٽ 1955ع ۾ گوئا ستياگرھ ۾ ان جي هر سرحد تان اٽڪل ڏھ هزار جوان اندر گھڙڻ تيار ٿيا تہ مون بہ اتي وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

انهن ڏهن هزارن ۾ شايد يارنهن سنڌي هئاسين ۽ انهن ڏهن هزارن ۾ ليکڪ صرف هڪ هو، جو مان هئس.

سمجهيم تہ ان گوليبازيءَ ۾ مان شايد شهيد ٿي وڃان، ان ڪري نوڪري ڇڏي ڏٺم.

ادبي ڪلاس ۾ ان کان اڳ ٽئگور جي هڪ شام ملهائي هئائون، پر پوءِ اها شام ”موهن ڪلپنا“ ٿي ويئي.

هر ڪنهن جي وات ۾ اهائي وائي هئي تہ موهن ڇاتي کولي پورچوگيزن جو مقابلو ڪندو ۽ شهيد ٿيندو.

گھر ۾ دادا چيو:

پل وچ ۽ سنڌين جو نالو مٿي ڪج

ڊڄي ڀڄي نہ اچج،

نہ تہ وچ ئي نہ.

پاڻيءَ ڇاتيءَ سان لڳائي پيشانيءَ تي چمي ڏني :

شل وڏو ٻيو ٿين.

جواني ماڻين ۽ شل تنهنجو وار بہ ونگو نہ ٿئي.

ان دعا شايد سنڌين کي ڪو ٻيو هيمو ڪالاڻي نہ ڏنو ۽ مون مٿان بہ مشين گنون هليون ۽ شرارت ڪري مٿان ۽ پاسن کان گوليون لنگهي ويون، لڳيون ڪين.

ان هلچل بابت فقط پنج ڳالهيون لکندس.

اسان کان پوني ۾ لوڪمانيه تلڪ جي آفيس ۾ لکائي ورتو ويو تہ اسين پنهنجي آزاد اڇا سان گوئا ۾ ٿيَ وياسين. اتي مارشل لاءِ شوٽ-ائٽ - سائٽ جو بہ آرڊر هو. تہ اسين مرڻ لاءِ تيار هئاسين. اسين قومي جهنڊي کي ڪڏهن بہ پٽ تي ڪرڻ نہ ڏيٺاسين.

بمبئي جي چيف منسٽر مرار جي ڊيسائي حڪم ڪڍيو تہ جيڪڏهن ٽرڪ وارا والنٽيرن کي گوئا جي مکيه باردر باندا تي ڇڏڻ لاءِ ساونتواڙي ويندا، انهن جا ليسن رد ڪيا ويندا. ان ڪري بيل گام جي هڪ ميڙ ۾ اهو فيصلو ٿيو تہ جيڪي تمام پريان آيا آهن. انهن کي اندر وڃڻ ڏنو ويندو. ان حساب سان سنڌي اتي وڃي نٿي سگھيا: مون تقرير ڪئي تہ اهو فيصلو غلط آهي. گوئا جيڪڏهن بمبئيءَ کان ٻہ هزار ميل پري هجي

تہ اسين وڃون ها. اوهين الڳ ٻولين موجب عيوضو ڏيو ۽ سنڌين کي ان انقلابي تحريڪ ۾ بهرو وٺڻ ڏنو وڃي. تاڙين جي ڦهڪن ۾ منهنجي رٽ منظور ٿي. اتي ايس-اي ڊانگي بہ هو، جو پونا کان اسان سان گڏ آيو هو.

ساونتواڙيءَ ۾ چيو ويو تہ سنڌي پنجابين سان ست ميل پنڌ ڪري فلاڻي باردر کان گوئا ۾ گهڙن. اسان پنجابين کان اڳ نڪري وياسين. پنجابين پي چيو؛ آ بول پنجابيا هلا بول. بول سنڌيا هلا بول. پر پوءِ سندن آواز پنيان پئجي ويا. جهيڻا پئجي ويا. روپ چيو تہ اسين بہ واپس موٽي هلي باندا مان اندر گهڙون. هي چاهين ٿا. سنڌي ست ميل پنڌ ڪن ۽ اهو بہ هڪ رات ۾ اڄ 14 آگسٽ آهي. اهو فيصلو غلط آهي. هلو. واپس هلو. سيني چيو هلو-واپس هلو. مون چيو مان واپس نہ هلندس. اسين هتي پڪنڪ ڪرڻ نہ آيا آهيون. واپس هلنداسين، چونداؤ هيءُ ڏسو سنڌي بهادر! سهوليت پسند! ڊڄڻا! مان اڪيلو اڳيان وڌندس. روپ چيو:

”پر باندا ۾ ڪي اڳ ۾ بہ شهيد ٿيا آهن. اسين شهيدن جي سرحد تي شهيد ٿينداسين“.

”اسين اتي شهيد ٿينداسين “. مون چيو ”جا زمين گمنام آهي“.

هڪ هڪ ڪري سڀ مون طرف ٿيا ۽ روپ بہ جهڪو. پر اسان برسات جي ان ڪاري اونداهي رات ۾ نديون ۽ نالا پار ڪندا فقط سورهن ميل اڳيان وڌياسين تہ اتي ڪي اڳواڻ گڏيا. چيائون باقي رات مندر جي دالان ۾ رهو ۽ صبح جو ساسولي باردر کان اندر گهڙجو.

منهنجي من ۾ اهو خيال آيو تہ هندستان مون لاءِ ڪيو ڇا آهي. جو ان لاءِ مران. وري خيال آيم، هي ڪو واپار سودو نہ آهي. ديس لاءِ ئي تہ ڪلندي ڪلندي مربو مٽبو آهي. او ديش ڏس. تنهنجي لاءِ ڪلندي ڪڏندي گوليون کائي ٿو وڃان. پر اندر جڏهن وڻ تي قومي جهنڊي لڳائڻ جو سوال اٿيو تہ بندوقون ۽ اسٽيشن گنون مون طرف سڌيون ٿيون. مان هڪ دڙي تي بيٺو هوس. روپ پرسان بيٺو هو. منهنجو من ٿورو ڪمزور ٿيو تہ ڄاڻ مئس. روپ کي چيم؛ تون اڳواڻ آهين. جهنڊو تون چاڙهہ، ڪرندو تہ ان کي ڪٽندس. هن چيو؛ تو بہ ڪلهہ ليڊر بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي، پهرين تون چاڙهہ، مون چيو: جئه هند. مون وڻ تي جهنڊو چاڙهي ڇڏيو. پورچوگيز مليٽري جا گوئاني فوجي اسان کي اندر اچڻ کان روڪي نہ سگهيا پر جڏهن جهنڊو لڳو ۽ اسين اندر گهڙياسين تہ شروع ٿي مشين جي ڦٽ، ڦٽ، ڦٽ، اسين زمين تي ڪرندا وياسين ليٽندا وياسين-ائين هدايت مليل هئي.

گاگنداس چيو: اسين سڀ مرون، پر تون نہ مرج. تون ليکڪ آهين. تون اسان جي شهادت جي ڪهاڻي لکج. گوليبازي هلڻ وقت هڪ جوان جيون شهدادپوري اٿي بيٺو. چيائين : ماريو-سڏو ڇاتيءَ تي گوليون هڻو. ۽ قميص ڦاڙي ڇاتي کولي چيائين: ڀارت ماتا زندهباد-سالازار مردهباد. ٻيو اٿيو گاگنداس مون کي چيائين: ڪلپنا، تون سمهيو ڇو پيو آهين. اٿ. مان اٿيس تہ هن جوش ۾ فوجين کي چيو: سالا توهان کي شرم نٿو اچي جو بي هٿيارن تي گوليون هلايو ٿا. اسان کي بندوقون ڏيو ۽ ڪريو مقابلو. يا بندوقون ڦٽيون ڪريو ۽ اچو هڪ هڪ تي. گوليبازي تہ بند ٿي. پر گاگنداس کي پڪڙي ويا. ڪيس نديءَ ۾ غوطا کارايائون ۽ بيلٽون لاهي ڪٽيائونس. هو ٻٽي ڏينهن گرفتار رهيو. اسين روپ ۽ ٻين ساٿين کي ڪلهن تي کڻي واپس آياسين.

نهرو سرڪار 1961ع ۾ مليٽري قدم کڻي گوئا کي آزاد ڪرايو. ان بعد گوئا جي آزاديءَ جا وڏا جشن ملهايا ويندا آهن، پر سنڌين کي ڪڏهن ياد نہ ڪيو ويندو آهي. پوءِ بہ هڪ آس پوري ٿيم تہ مون بہ هڪ دفعو ديش جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪيو.

اڳواڻن کي چندن وسيلي ڪافي پئسا مليا هئا. پر پاڻ پيا مکڻ ۽ بيدا کائيندا ۽ اسان کي سکڻي چانهہ بہ نہ آڇيندا. مانيون تہ ائين ماڻهو پيا کارائيندا هئا. مان بہ ٻن چئن روپين جو خزانو کڻي ويس. ان سال پهرين تاريخ کان مون ۽ گني با سلسلي سگريٽ ڇڪڻ شروع ڪيو هو، سو سگريٽ جام ڇڪيم. جڳت آڏواڻيءَ ”هندستان“ اخبار طرفان مون کي فرنٽ تي ان جو عارضي خاطو ڪري موڪليو. سو ڀڳل ٽٽل انگريزيءَ ۾ چڱيون خبرون موڪليون مان ۽ پنهنجو ذڪر رڳو هڪ ڀيرو ڪيم تہ ان طرف مون ئي جهنڊو چاڙهيو-پر هندستان اخبار وارن کي هڪ خسيس ماڻهوءَ کي پنهنجي خسيسپڻي جو احساس ڏيارڻ لاءِ ان اهم خبر کي نہ ڇپيو تہ هڪ سنڌيءَ جان جو وڏو جوکم کڻي اهو ڪم ڪيو هو.

ٻي ڳالهہ اها ٿي تہ الهاس نگر ۾ خبر پڪڙي تہ موهن ڪلپنا کي گولي لڳي آهي. مان اڳي ڪٿي بہ ويندو هوس تہ آنچل کي خط ضرور لکندو هوس. ان کي احوال لکيم ۽ گهر ۾ بہ، تہ شهيد ٿيڻ کان محروم رهجي ويو آهيان.

منهنجي موت جي خبر ڪيئن پڪڙي، خبر نہ آهي. سئميول بيڪيٽ چيو آهي: ڪڏهن ڪڏهن، جن کي گهڻو چاهبو آهي، تن جي موت جي ڪامنا ڪبي آهي. سڳن آهوجا جڏهن سخت بيمار هو ۽ ان بيماريءَ کان آخر بچي نہ سگهيو، مان دفتر کان جڏهن اسپتال ويندو هوس تہ سمجهندو هوس تہ سڳن مري چڪو آهي، پر دوستن جا چهرا ڏسي من ۾ اڻ لکيو درد محسوس ڪندو هوس. خبر نہ آهي، اها انسانِي زندگيءَ جي ڪهڙي بيهودگي آهي.

ميران بئگ سان ايندي ڏنو تہ ڊڪندي آئي. هٿ ملايائين.

چيائين: موهن، يو آر هيرو.

سو مان ڪڏهن پرنس، ڪڏهن هيرو، من ۾ چيم: بچي ويندينءَ ڪيڏانهن. زندگي تہ توکي مون سان گڏ گذارڻي آهي. دادا بہ گهر هو. پيرين پيومانس تہ پنيءَ تي ڏڪ هڻندي چيائين: چُڻ!

ليڪڪن جي ميٽنگ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي گهر ٿي، جتي ٻار اجا بہ نعرا هڻي رهيا هئا:

لاني ڪائين گي-ڦر پي گوئا جائين گي.

گلي گلي مين شور هئي- سالازار چور هئي.

گوبند مالهيءَ تقرير ڪندي چيو ”موهن ڪلپنا سنڌين جو عيوضي ليڪڪ آهي، هن سنڌي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪيو آهي. موهن ڪلپنا قوم پرست آهي. موهن ڪلپنا انقلابي آهي.

وقت جي تقاضا آهي: موهن ڪلپنا سوشلسٽ ٿئي.

رپورٽاج مون لکي ۽ مهيني اندر ڇپجي ويئي. سنڌ ۾ هڪ ڪاپي پهتي تہ پئي ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سکر جا چڪر لڳائي. ڪنهن اديب ”مهراڻ“ ۾ لکيو :موهن ڪلپنا اهو ڪتاب لکي سنڌ جي ٻچي ٻچي تي احسان ڪيو آهي. ان ڏينهن کان سنڌ جي اديبن، پروفيسرن ۽ شاگردن مون کي پيار ڏنو. ”جلاوطني“ تي بندش وقت هڪ اديب لکيو: اسين مسلمان بت پرستيءَ جي خلاف آهيون، پر اسان جيڪڏهن ڪو بت ناهيو تہ اهو موهن ڪلپنا جو هوندو.

نہ پنهنجي ساراه نٿو ڪريان. مان رڳو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ ماڻهو قوم لاءِ ڪم ڪندو آهي، قوم هن جو قدر ڪندي آهي ۽ اهو نہ ڏسندي آهي تہ هن جو بئنڪ بئلنس ڪيترو آهي، پگهار گهڻو اٿس، اٿس بہ يا نہ، انڪم ٽيڪس ڀريندو آهي يا نہ، پر مون کي لڳي ٿو تہ مان ندين جا رخ ڦيري ڇڏيندس. ذات پات جنس طبقي ۽ فرقن جا فرق مٽائيندس. مان هن پوري يگ کي بدلائي ڇڏيندس. مون کي اها خبر هئي تہ ادب انسان جي لطيف ۽ مقدس جذبن جي حفاظت ٿو ڪري، پر پوءِ آزمودي مان ڏٺم تہ ادب محض سجاڳي پيدا ٿو ڪري سگهي ۽ اهو تاريخ جي ڏاڍين خلاف فقط هڪ ٽڪل بي زور احتجاج آهي.

ائين سنڌين جي هڪ ئي مزدور نيتا ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان امبرناٿ ۾ شاهي ميڙ رکيو، جتي مون ڏهن هزار مزدورن اڳيان تقرير ڪئي تہ ظلم خلاف لڙڻ گهرجي ۽ پنهنجي خانگي ملڪيت جو ڪجهہ حصو قوم جي بهبوديءَ لاءِ خرچ ڪرڻ گهرجي. هتي

بہ جشن ڪيائون، پر حالات اهي ها جو مان وري بيروزگار. اهي ئي اداس راتيون، اهي ئي مايوس تنهايون، گهر ۽ قرضين جا چڪر لڳڻ تہ بند ٿي ويا، پر اتي اجا بجلي، پاڻي ۽ فرنيچر نہ هو. هند سنڌ مان خط ايندا هئا تہ جواب ڏيڻ لاءِ پئسا نہ هوندا هئا. جيتوڻيڪ پاڪستان لاءِ لفافي تي رڳو پندرهن پيسن جون ٽڪليون لڳنديون هيون. چانهہ سان گڏ سگريٽ پيئڻ عياشي هئي. بس ڪاپي ۽ پين لکڻ لاءِ ڪٿان مفت ۾ ڪتاب اچي تہ دريءَ ۾ وڪٽي پنا وٺي اچان. ائين هڪ دفعي "پيار جي پڇاڙي" جو دستخط بہ پل وچان وڪٽي آيو هوس، جو ڪتاب وري لکڻو پيو هوم.

هڪ دفعي ادبي ڪلاس ۾ هڪ برڪ اديب ڪلندي چيو: يورپ ۾ ماڻهو هڪ ڏينهن ۾ چار ڊريسون پائين. هتي موهن کي ڏسو: ڪيس چوويهہ ڪلاڪ ساڳي ڊريس. هو مون کان بہ غريب ۽ پاڻهس درزي هو، سو پاڻ ڪپڙا سٺا پائيندو هو، پر بهتر ادب تہ هو خلقي نہ سگهيو ۽ منهنجن ڪپڙن تي طنز ڪيائين. مان اتي حاضر نہ هئس، نہ تہ ايڏي همت نہ ٿئيس ها.

پر چيو هن سچ.

چوڪريون منهنجون چهرو ڏسي عاشق ٿينديون هيون، پر ڪپڙا ڏسندي سندن عاشقي سرڳواس ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي سڳن آهوجا چيو "ڪميونسٽ اسين آهيون پر سچو باغي تون آهين. هن سماج تنهنجو قدر نہ ڪيو آهي تہ تون بہ لنڊيون پينٽون پائي ان کي چئينس؛ آئي ڊونٽ ڪيئر فار يو.

(مون کي اوهان جي پرواهہ نہ آهي) ."

مون چيو "نہ سڳن، اها بغاوت نہ آهي جو چونڊ نہ آهي. سٺيون پينٽون هجن ۽ نہ پايان تہ تون صحيح آهين"

"ڪارل مارڪس پئرس ۾ گڏهہ تي چڙهي بورجوا سماج کي چيڙيندو هو".

"مارڪس کي ڪار هجي ها سندس پروٽيسٽ کي ڪا معنيٰ هجي ها".

"تون مارڪس کي بہ نہ چڏيندين!"

"نہ سڳن ". مون چيو "مارڪس هڪ سج آهي ۽ مان رستي تي ڦٽو ڪيل ٻرندڙ سگريٽ آهيان. پر اهي ڳالهيون آهن ملعما. پنهنجي اڃا سان ڪو راج، پنهنجو سڀ ڪجهہ چڏي. هرشچندر ڏس. رام چندر. گوتم ٻڌ. گانڌي. نهرو. سباش" .

"مارڪس چاهي ها تہ پروفيسر ٿي سگهي ها، پر هن اڀياس ڪرڻ ۽ سکڻ پسند ڪيو، اهو گهٽ تياڳ آهي؟ لنڊن ميوزم جي چوڪيدار کي خرچي ڏيئي پاڻ کي ڪلف سان بند ڪرائي اندر لڪي اڀياس ڪندو هو. هن تي ڪنهن ڪنهن ڪيس نہ ڪيا.

ڪاساين. مودين، ڪير وارن. هن يورپ ۽ آمريڪا ۾ ٽرٽلو پيدا ڪيو. سندس زال کي پڪڙي وئشيائن سان بند ڪيائون. پاڻ لکڻ ۾ مشغول. ڪنهن چيس :ڪيس ڇڏائي.

مارڪس چيو: مان پوري دنيا جو ٿو، سوچيان. هوءَ ته بس هڪ عورت آهي. "

مون سڳن جي چمڪندڙ اکين ڏانهن نهاريو ۽ ڪو بحث نه ڪيو. هڪ قسم جي خوشي ٿيم ته سڳن منهنجي غريبيءَ جو نه فقط مذاق نه اڏايو، پر مهاپرش جي غريبيءَ جو مثال ڏيئي سمجهايائين ته جڏهن هنن کي ٻه ويلا ماني نصيب نه ٿي ته اسين انهن اڳيان ليکي ۾ به نه آهيون -پر پنهنجو رستو ساڳيو آهي، چاهي اسين خسيس ۽ جيتامڙا آهيون. اهو رستو آدرشواد جو آهي. پر مان آدرشواد جي پيٽ ۾ انيو ڏانهن وڏيڪ وفادار رهيو آهيان.

هاڻ عالم بيروزگاريءَ جو هو ۽ لکڻ ۽ ادبي ڪلاس جون سرگرميون زورن تي هيون. اديبن جي وچ ۾ مون کي غريبي جو ڪڏهن احساس نه ٿيو. اديبن ۾ تڏهن ڪو به پروفيسر نه هو، سواءِ عزيز ۽ رام پنجواڻيءَ جي. ٻيا سڀ ماستر ڪلارڪ، ننڍا وڏا ڪامورا ۽ وڪيل هئا. انهن سان پوري زندگي گذري آهي ۽ اطمينان سان گهڻن تي لکيو اٿم. هڪ دفعي سڳن آهوجا مون سان ايم-ڪمل به پرسرام ضيا جي گهر هليو. ضيا گهڻو پوءِ گذاري ويو ۽ مرڻ کان اٽڪل هڪ هفتو اڳ هن مون کي چيو ته منهنجي زندگي هاڻ ڪڏهن به ختم ٿيندي، ان ڪري چاهيان ٿو، توکي پنهنجي جيون ڪٿا ٻڌايان جا تون ئي لکندين. هو ان بعد فقط ستن ڏينهنَ ۾ گذاري ويو. مون سندس مختصر زندگي "سهڻي" رسالي ۾ لکي. ضيا اڪثر شام جو شراب پيئندو هو، جا عادت پوءِ سڳن آهوجا ۾ به پيئي. اتي ڪمل هڪ شعر پڙهيو. شايد هيءُ:

تون مون سان گڏ هئين پر

نه ٿم خبر ڪڏهن ڪٿي.

ضيا نشي ۾ چيائين واهه واهه ڪمل خوش. وري چيائين: نيڪ آهي. ڪمل حيران. وري ضيا چيس: ڇا لکيو اٿئي؟ ڪمل جي منهن جو پنو نه، سندس سڄو چنو لهي ويو. ڪمل پوءِ ڏاڍي محنت ڪئي ۽ اڄڪلهه وڏن شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

هڪ دفعي ڪمل مون کان پڇيو "ادب ۾ نواڻ ڇا هي؟"

چيو مانس "اهو دک، جو ڪنهن يورپيئن ظاهر ڪيو هجي. "

هڪ دفعي غصي ۾ ڪيرت چيو "هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن هر ايماندار شخص کي ڪميونسٽ ٿيڻو پوندو".

هڪ دفعي مالهيءَ سڳن آهوجا اڳيان چيو ”تون اها غلطي نہ ڪج جا اسان ڪئي آهي“.

”تہ مان ڪميونسٽ ٿيان“، مون ڪليو.

”نہ“ سڳن چيو ”تون شادي نہ ڪج. شادي ادب جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي“.

”برابر“ سڳن چيو ”ڪنوارو ماڻهو پنهنجو ڏيان ادب کي ڏيئي سگهندو آهي“.

”جيئن عزيز ۽ تيرٿ بسنت ڏنو آهي“.

”ها “، مالهيءَ چيو.

”گهر جون تقاضائون، زال جون تقاضائون، ٻارن جي پرورش، وري نوڪري“. سڳن چيو”اسان جي اها غلطي اسانکي وڏو ليکڪ بنجڻ نٿي ڏي“.

”۽ نوڪري بہ نہ ڪرڻ گهرجي“؟ مون چيو.

”ها“. سڳن چيو ”جيڪڏهن اهو ممڪن هجي“.

”ڪامياب ليکڪ ڪامياب پتي نٿو ٿي سگهي“.

مالهيءَ چيو،

”شاهہ لطيف، ٽالسٽاءِ ۽ برناردشا ناڪامياب مڙس هئا“.

سڳن آهوجا چيو.

مان پيو ڪلان. منهنجي لاءِ وڏو سوال اهو هو تہ مان شادي ڪري سگهندس بہ يا نہ. گهر الائي ڪڏهن ٿهي. ڪا نوڪري بہ ملندي يا نہ. ڪجهہ ملڻ بعد تہ ان ڏانهن ڏيان گهٽ ئي ويندو آهي ۽ ادب تہ منهنجي رڳن ۾ ڊوڙندو آهي.

ائين سڳن آهوجا سومر سومر ڏينهن گذجندو ۽ الڳ ٿيڻ وقت هڪ پائلي ڏيندو هو. وقت گذريو تہ مالهي ڪيسي ۾ هٿ وجهي سڄي چينج ڏيندو هو. ادب ۾ اسين وڙهندا هئاسين پر دوستيءَ ۾ ڄڻ پائر هئاسين. مالهي ڪياني‌ءَ ريسٽارنٽ ۾ ويهندو هو، جتي صلاح مصلحت لاءِ ڪافي اديب، خود ڪيرت ۽ اتم بہ هن وٽ ويندا هئا ۽ ڪڏهن مالهي منجهندو هو تہ ويسٽ ايندا جي ريسٽ هائوس گل بهادر ۾ سڳن وٽ ويندو. سڳن گرئجوئيٽ هو ۽ اهو بہ انگريزيءَ ادب ۾، اديب ڪيس ”واڪنگ ڊڪشنري“ چوندا ها. نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جو گهرو دوست. ان دور ۾ بحث اڪثر ادبي ۽ نظرياتي هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ اديب پتلونن ۽ فونن، فرجن ۽ ٽي -وي تي ڳالهائيندا هئا. مالهي پوءِ اپنا ۾ ويو. رتو گهٽڪ سان دوستي ٿيس. ڀڳونتي ناواڻي کي سنڌي هلچل ۾ ڇڪي آندائين. اُتم مخالفن سان ڪڏهن بہ نہ مشڪي. هنن کي پاڻ کان پري رکندو. ڪيرت وڏيڪ ڊپلومئٽ. ڪڏهن بہ ڪنهن کي لڪا پوڻ نہ ڏيندو تہ هو اڳلي لاءِ ڪهڙو رايو ٿو رکي، پر پيش نهايت فضيلت سان ايندو. مالهيءَ سان ڳالهائڻ مهل ڪنهن

خسيس ماڻهوءَ کي به پنهنجي هستيءَ جو وڏو احساس ٿيندو. آنچل سنو شاعر ته هو، پر لڳندو به شاعر هو. جڏهن ڪو ماڻهو نه وٽندس ته هن ڏانهن اک نه ڪٽندو. سڳن کي سڀ ماڻهو وٽندا هئا. لڳندو ڇڻ پنج سؤ سالن جو دوست آهي. ڪرشن راهي به دردمند شاعر. جيڪڏهن وڪيل ٿئي ها ته سپريم ڪورٽ ۾ نالو ڪڍي ها. دليل بازيءَ ۾ نهايت قابل. ماڻهو وينو هوندو ته ثابت ڪري سگهندو ته هو ان شهر ۾ ئي ڪونهي. هر ڇنڇر هڪ کان چار تائين ڪياني ريسٽارنٽ. پوءِ ادبي ڪلاس. مون کي لوناولا ۾ نوڪري ملي ته اتان به ڇنڇر ڏينهن ادبي ڪلاس ۾ ايندو هوس. چانهه جا آرڊر گڏيل هوندا هئا، پر بل الڳ الڳ ڏيندا هئاسين: يعني آنو يا ٻياني. هڪ چانهه. ڪڙي ۽ مني، گهاٽي ۽ گرم ۽ جلدي. هڪ پان ڏي. ڪلڪتو. منو. سادو، ڪچي سوپاري، خوشبو ڪمام جو هلڪو اشارو.

”آنچل، هي پاڻ پٽ تي ڪرندو ته آواز نه ڪندو، پر شيشي وانگر ٽٽي ڇينهون ڇينهون ٿي ويندو“.

”اِهو تنهنجن لفظن جو جادو آهي-تڏهن ئي ڇوڪريون توتي چريون ٿيون ٿين. “

”پر منهنجي قسمت تڏهن نهندي جڏهن مون تي چريون نه ٿينديون، مون لاءِ سنئيون ٿينديون“.

هڪ دفعي ميران ۽ ساون جي ڀيڻ رتنا چيو ”تون فقط پنجن منٽن لاءِ سنو آهين. تنهنجين ڳالهين ۾ سڀ ڪجهه وسريو وڃي“.

”دنيا جون سڀ وڏيون ڳالهيون، فيصلا منٽن ۾ ٿيندا آهن“.

”پر موهن، ڏينهن ۾ چوويهه ڪلاڪ ٿين. ڪلاڪ ۾ سٺ منٽ. ان مان ڪو پنج منٽ ئي..“.

”هونءَ اهي پنج منٽ ئي اهم آهن. ماڻهو پنهنجي شخصيت جو ڪجهه حصو ڏيکاري، باقي لڪائي ڇڏين. مان ته پنهنجي پوري سچائي سان ننگو آهيان“. هوءَ چپ رهي.

”شايد ان ڪري تون صحيح آهين“.

بيروزگاري ۽ عشق جي ناڪامي ڇڻ جاڙيون ڀينر آهن. ٻيئي ٻنهي پاسن سمهن. منهنجي ڳالهه تي ڪلن، مشڪن ۽ مان نقاشيءَ ۾ پورو. ڪڏهن ٿو شاديءَ ڪرين؟ ڪو پڇندو. بس هن سال خيال اٿم. ڊسمبر ۾ ڪندس. ڊسمبر گذرندو ته وري پڇندا -شادي نه ڪئي؟ شادي ! اها رد ٿي ويئي. وري ڪڏهن ڪندين؟ ڊسمبر ۾ خيال آهي. پائي مون وٽ شاديءَ جي اميد هوندي آهي، خاطري ته فقط رد ٿيڻ جي هوندي آهي.

1956ع ۾ ٽي مهينا جي -جي هاسپيٽل ۾ نوڪري مليم. جنوري 1957ع ۾ ريلوي ۾ مليم جا 58 ۾ ڇڏيم. 59 ۾ لا لا آرڪيٽيڪٽس ۽ انجنيئرس ۾ مليم. 65 ۾ رام دادلاڻي وٽ ڪيم. 67 ۾ بيمار ٿيس ۽ آر -ڪي تلريجا ڪاليج ۾ ڪيم. 69 ۾ هڪ انگريزي اخبار جو ايڊيٽر ٿيس ۽ 70 ۾ ان جو مالڪ، جا 75 تائين هلايم ۽ ڪنسٽرڪشن لائين ۾ آيس. 78 تائين پنهنجي ڪمپنيءَ جو مالڪ ٿيس. ان سال فلم ڊسٽربيوشن ڪمپني کوليم ۽ ان ۾ اڳ ۾ ڪمايل پئسا وڃايم. سوينير ڪمپنيءَ ۾ پبلڪ رليشن آفيسر ٿيس. اتي نومبر 1979ع کان آڪٽوبر 1980ع تائين ڪم ڪيم. وري پنهنجي ڪمپني کولي اٿم ۽ ان وچ ۾ ٻه آفيسون بدلايون اٿم.

نوڪري بدلائڻ جا مکيه طور ٽي سبب هئا:

ڪو مون سان سنو نه هلي.

ساڳيو ماحول ڏسي مصنوعيت جو احساس.

بهتر آمدنيءَ جي خواهش.

ڪڏهن علي بابا يا ماڻڪ جون ڪهاڻيون پڙهندو آهيان ته لڳندو آهي ته هي ٻه پنهنجا ذات پائي آهن. هڪ دفعي مشتاق احمد شورو انٽرويو ۾ پاس ويو پر ڪيس نوڪري ان ڪري نه ملي جو عمر ٻه سال ننڍي هئس. مون جتي ٻه نوڪري ٽي ڪئي، اتي جي ماحول تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪهاڻي ته ضرور لکيم ٿي. اها ڳالهه ٻه وشنو پاٽيا ڪئي ته تون پڪاسو وانگر ڪٿي ٻه پاڻ کي دهرائيندو نه آهين.

هڪ دفعي پرچي وديارٿيءَ جي دفتر مان واپس ورندي هيري شيوڪاڻيءَ نهايت پنهنجائپ مان چيو "تون ايتريون نوڪريون مٽائي ڪيئن ٿو سگهين، ڪيئن ٿو پاڻ کي جدا جدا ماڻهن ۽ جڳهين سان ائڊجسٽ ڪرين"؟

"شايد مان ڏاڍو تخليقي آهيان."

هن جڻ چوڻ چاهيو: ان حساب سان زال ٻه مٽائڻ گهرجي. چوڻ چاهيان ٿو: اتي پريم آهي جا خود ۾ تخليق آهي. نه ته، ڪنهن هڪ جڳهه جي مصنوعيت باقي ماحول جي تخليق کي وسعت بخشي ٿي. هن شايد چاهيو ٿي ته هڪ هنڌ استائي ٿيان ۽ زندگيءَ ۾ ٿوري ساهي پٽيان پر مون زندگيءَ کي يڪساهي جيئڻ، پوڳڻ ۽ ماڻڻ چاهيو آهي. اها ئي ٽيبل ڪرسي پنا، پين، لکڻ شايد مينا رام هاسٽل ۾ ڪجهه عظيم ۽ گهرو ڏٺو مون. شايد لکڻ منهنجي فطرت ۾ آهي. يا شايد مان شروعات کان غلط هئس. گهر جا پاتي بک ۾ پاهه ٽيندا هئا ۽ مان لکڻ ۾ مشغول. "ڪوڙو آهي منهنجو جيون" ۽ هڪ دفعي مون قلم کنيو:

مون ڪڏهن سوچيو هئو مان نه لکندس ڪا ڪهاڻي

درد ان جو سهڻ کان پري آهي

– – –

دادا تي وڏو بار هو. گهر جا ڪل اٺ ڀاتي پاڻ.

پوءِ اسٽئنڊ هوٽل جو مئنيجر ٿيو ۽ گلو به انگريزي فرم ۾ لڳو. منهنجا دونهان ۽ سوچ ۽ ادبي محفلون. پر دادا زندگيءَ ۾ ڪڏهن چمات نه هنئي. مان ڊگهو. قداور. بهادر. انقلابي ۽ ليکڪ. يا شايد ڪيس خبر هئي ته آزاديءَ جي ڪک ۾ بيروزگاريءَ جو بار آهي، گرئجوئيٽ پيا ٽيڪسيون هلائين ۽ فلاسافيءَ جا ڊاڪٽر بوٽ پالشون ڪن.

وري جيڪڏهن جيون واپس ملي ته ڇا ڪريان؟ سوال نٿو اٿي. پر منهنجي ڪنهن به ڪم جي اڳيان پنيان پڇتاءُ نه آهي. لالائن جي نوڪري ڇڏڻ بعد غلطي محسوس ڪيم. ايئرڪنڊيشن آفيس. مئنيجري. به فون. تڏهن بمبئي ۾ مشڪل سان ڪا آفيس ايئرڪنڊيشن هئي. طارق اشرف جڏهن ان آفيس ۾ آيو ته حيران ٿي ويو. سادگي حيرت جي ماءُ آهي. سنڌ ۾ چڱي مشهوري ڏنائين ته موهن وڏو آفيسر آهي.

گاگنداس چيو ته موهن هڪ قرب ڪر. ميران کي منهنجي بهاديءَ جون ڪهاڻيون تون ٻڌاءِ ۽ ان ريت هن مون کي پنهنجي سريت وٽ موڪليو. پوءِ اهو روز جو نيم ٿي ويو. صبح جو نوين کان هڪ لڳي تائين اتي. به چار ڪوپ چانهه جا. هن جو مُنهن ڳاڙهسرو ۽ اکيون بنهه ڪاريون هيون. مينا شوريءَ وانگر وڏيون. سندس چهري تي هڪ وقت حسرت مسرت ۽ حيرت ۽ ترشنائن جا اظهار.

”اسين سيا طرفان شرت چندر جو ڏينهن ٿا ملهايون -تون هلندينءَ“؟

”گاگن کان پڇ“.

”تون پاڻ فيصلو ڪري نٿي سگهين“.

”نٿي ڪري سگهان“.

”اِها غلام منورتي آهي. تون هلج، مون سان“.

ٻئي ڏينهن هن جو مُنهن پيلو. گاگنداس منهنجو ڪردار جاچڻ لاءِ پاسي واري ڪوٺيءَ ۾ هو، پر مون کي ان جي خبر نه هئي. ميران چيو: گاگن دهليءَ ويو آهي. ڀلا، تنهنجو فيصلو؟ شام جو اچج.

هن مون کي ڪڏهن به شام جو نه گهرايو هو، سو ڏاڍو خوش ٿيس. هاڻ ٿورو آزاد ٿي ڳالهائيندي. وڃان ته ڏسان گهر ۾ اوندهه. سڏ ڪيم. ٻاهر آئي. اندر وٺي هلي. در پرسان ڪرسيءَ تي ويهاريائين، جتي ٻاهران روشني ٿي آئي. تڏهن اتي پراڻي پوسٽ

آفيس هئي ۽ ادبي ڪلاس ان پرسان ناري شالا ۾ لڳندو هو. هوءَ هڪ ٽيبل ۽ ڪرسيءَ پاڻ ڪٽي آئي.

ٽيبل تي چانهه رکيائين ۽ ڪرسيءَ تي پاڻ ويني.

”تون مون کي پيار ٿو ڪرين“؟ هن پڇيو.

”شايد ٿي ويو آهي“. مون چيو.

”مون سان شادي ڪندين“؟

”مون کي خوشي ٿيندي“.

”پر تون ته بيروزگار آهين!“

”ڪڏهن ته نوڪري ملندي“.

”پر اِها توکي ملندي ڪيئن؟ جڏهن کان گوئا مان موٽيو آهين. روز ته مون وٽ ايندو آهين. ٽي چار مهينا ٿي ويا آهن. “

”چئين ته نه اچان. نيڪ آهي. سياڻ کان نه ايندس“.

”مان ائين نٿي چوان“.

”زندگيءَ ۾ رس ڪجهه گهٽ ئي آهي. اِها زمين مان کوٽي ڪڍندو آهيان“. هن مشڪيو.”مان هلنديس توسان -تنهنجي پروگرام تي. ۽ مون کي شرت چندر جا ڪي ڪتاب ڪپن“.

مان منجهي پيس. ڪتابن لاءِ پئسا ۽ مون وٽ ڪٿي. چيم:

سياڻ ڪٽي ايندس.

ٻاهر نڪتس ته ڏٺم گاگنداس بينو هو ۽ وني هلي هڪ حجام جي پاسي بينچ تي ويهاريائين.

” تو گوئا ۾ ته منهنجي بهادري ڏني“؟ هن ڏند شيڪيندي چيو.

”ها“.

”ڪير ميران ۾ اک رکندو ته مان ان جو خون ڪندس“.

”ٻلي ڪريو اوهين ته دهليءَ ويا!“

”تنهنجي شرافت کي آزمائڻ ٿي چاهيم“.

”توهان ٻه زالون رکيون آهن، اِها اوهان جي شرافت آهي“؟

”اِهو منهنجو ذاتي معاملو آهي“.

”موهن، اسان ٻنهي جان جو جوکو ڪٽي گڏ ڪم ڪيو آهي. تون ميران وٽ وڃڻ چڏي ڏي“.

”اوهان ئي ته اتي موڪليو“ .

”پنهنجي ساراھ ڪرائڻ لاءِ“.

” مان ڪو درباري پٽ آهيان“.

”مون وٽ وڏو ڇرو اٿئي. جي سياڻ تون اتي ويندين تہ لاچار مون کي تنهنجو خون ڪرڻو پوندو“.

مان اتي بينس، چيم ”تون منهنجو دوست آهين، ان ڪري توکي ايترو ڳالهائڻ ڏنو اٿم. پر سياڻي جڏهن خنجر کڻي اچين تہ سنيالي هلائج، ڇاڪاڻ جو مان جنهن کي هٿ کان جهلي ڇڪ ڏيندو آهيان، تہ اُهو اوڪڙو ٿيندو ويهہ فوٽ وڃي پريان ڪرندو، ان بعد بہ چار فوٽ زمين تي گهلجندو ويندو“.

هن کي اِهو جوش تہ مون سندس ٻي زال سان پيار ٿي ڪيو. مٿان ائين تہ مون کيس هٿ بہ نہ لڳايو. وري سندس ڳالهہ نہ مڃيم ۽ کيس تون ڪري مخاطب ٿيس. هو ڏند ڪرٽيندو رهجي ويو. زالن جي معاملي ۾ الائي ڪيئن هو، پر ماڻهو سنو هو. ٻئي ڏينهن پارتيءَ کان ڪتاب اڌارا وني، اتي ڏسان تہ گهر کي ڪلف لڳو پيو آهي. خبر پيئي تہ هنن بمبئيءَ ۾ جڳهہ ورتي آهي. هو هميشہ لاءِ الهاس نگر ڇڏي ويا آهن.

ميران ويهن سالن ۾ هڪ دفعو گڏي. مان ۽ گنو ڪي-سي-ڪاليج ۾ ڪنهن جشن تي ٿي وياسين تہ ايروز ريسٽارنٽ ۾ ملي. گاگنداس گڏ هو. جنهن چيس تہ مون کي تڪڙو ڪم آهي، اتي موهن سان اچج.

پڇيائين ”ڪيئن آهيو“؟

مون آسمان ڏانهن اکيون ڪيون ”خدا جي مهر آهي“.

”ڏاڍا اداس پيا لڳو“.

”ائين ئي. من چنچل آهي. ڪڏهن اهو پنيان ڍڪي“.

مون کيس ڪي-سي ڪاليج ۾ ڇڏيو. گاگنداس جو نمونو تمام سنو. اٽڪل پنج ڇهہ سال ٿيا جو ٽائيمس ۾ خبر ڇپي تہ ميران ۽ هندستان جي ڪنهن وڏي شراب ڪمپنيءَ جي هڪ جوان نالي ڪپائي گڏجي آپگهات ڪيو. سندن لاش ڪار ۾ ڏٺا ويا. ان بعد اهو ڪيس سي-آءِ -ڊي وارن کنيو تہ متان مردر ڪيس هجي. خبر نہ آهي ان جو ڇا ٿيو. اخبارن ۾ گاگنداس خونيءَ جي خبر لهڻ شايد پنجاهہ هزار رپيا ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. الائي ان جو ڇا ٿيو. اتي هنن دستوري شادي بہ ڪئي ۽ کين ڏيءَ ڄائي هئي.

جي-جي اسپتال جي نوڪري ٿي مهينا هئي. ڪنهن ٽٽ برش ڪمپنيءَ اٽڪل ٽي سئو انساني ڪوپريون ميسر ڪري ڏنيون تہ ان جي ڏندن جي ماپ وني ٻڌايو تہ هي سراسري طور ڪيڏا ٿين ٿا. جيئن اسين برابر ماپ جا ٽٽ برش ناهيون. مون ڪنهن جو اسسٽنٽ ٿي ڪم ڪيو. پگهار تمام وڏو ڏيڍ سئو رپيا. بہ چار سنيون درسون نهرايم.

پر اها نوڪري ڪندي ات جو اڪين ۾ ڪوپرين جو ڦرڻ شروع. ڪنهن جي منهن ۾ ڏسان ته يڪدم اتان اڪيون ۽ ماس هٽيو وڃن ۽ ڪوپري ڏسڻ ۾ اچي. مٿو، ڳلن جا ڪنڌا، ڏند ۽ ڪاڏيءَ جو هڏو. تڏهن سونهن فاني لڳم ۽ مساڻي گيان جا خيال اچڻ لڳا. مون ”پيار ۽ سونهن“ ڪهاڻي لکي جا به ”مهراڻ“ سنڌ ۾ ڇپي ۽ هتي اجا نه ڇپي آهي.

نوڪري ختم ٿي ويئي. مان وري بيروزگار. ڪپڙا اڃا. ڪيسا خالي. ان سان دهليءَ ۾ پهرين ايشين رائيٽرس ڪانفرنس ٿي. مون کي به دعوت آئي. ريلوي جي هڪ پاسي رعايت.

پر ڀاڙو ڪٿان اچي. ادبي ڪلاس ۾ لوڪناٿ جيٿلي چيو ته موهن اتي ضرور وڃڻ گهرجي. هن مون کي پندرهن رپيا ڏنا جي پڇاڙيءَ تائين واپس ڪري نه سگهيس. هو اٽڪل ڏهه سال ٿيا ته مري ويو. ٿورا گهر مان ورتم.

اتي سنڌيءَ ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ دنيا جي وڏن ليکڪن کان رايا ورتم. هڪ روسي شاعره ڪافي گهري ٿي. ان سان هڪ فوٽو ڪڍايم ته ڏسان پاسي ۾ سندري اچي بيٺي آهي. وري ڪلا پرڪاش، پوءِ اُتم، موتي، ملڪاڻي ۽ ضيا سڀ بيهندا ويا. اهو فوٽو پوءِ ”نئين دنيا“ ۾ ڇپيو. فوٽو روسيءَ ايمبسيءَ ۾ نڪتل آهي. منهنجي هٿ ۾ ووڊڪا جو گلاس آهي ۽ هٿ شاعره جو ڪلهي تي رکيل اٿم. ان ۾ ووڊڪا. پر فوٽو ۾ اڇو گلاس ۽ ان ۾ اڇو شراب ڏسڻ ۾ نٿو اچي. البرٽو موراويا سان اتي ملاقات ٿي. پنج سال پوءِ، ٽئگور شتابديءَ جي پروگرام تي گڏيو. هتي ٽيهه رپيا ٽڪيٽ خرچي ويو هوس ۽ سنڌين مان ٻيو فقط اسان جو سائين منگهارام ملڪاڻي آيو هو. نهروءَ سان ملاقات و گيان پون ۾ ٽيٽي هئي، پر اسين وقت تي پهچي نه سگهياسين. بمبئيءَ ۾ اسان فقط اڪيون ملايون ۽ هڪ ٻئي کي هٿ جوڙيا. ملڪاڻي اسان جي وفد جو اڳواڻ هو، جنهن صدر-جمهوريت راجندر بابوءَ کي آئين ۽ ساهت اڪاڊميءَ ۾ سنڌي ٻولي آڻڻ لاءِ چيو. سندس اِها ملاقات ملڪ راج آنند معرفت مون ڪرائي. هونءَ مان گهڻو اڳيئه سان ٿي گهميس ۽ تارا شنڪر بئنرجي، جئنيندر ڪمار، امرتا پريتم، ڌرم ويرِ پارتيءَ، يشپال ۽ ٻين سان گڏيس.

مون جڏهن فيض احمد فيض کان پڇيو ”پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي ڪڏهن تسليم ٿيندي“؟

هن چيو ”پاڪستان ۾ فقط انگريزي ۽ اردو ٻوليون آهن بنگالي ۽ سنڌي ته حڪومت کي خيال ۾ به نه آهن“.

مون ان جي رپورٽ به ”مهراڻ“ ۾ موڪلي جا سنڌي نموني ڇپي. ان تي ڪن ليکڪن سنا رايا ظاهر ڪيا. ائين مان ڪانفرنس ۾ ڪافي ٻاهر ويو آهيان: ڪلڪتو

دهليءَ، پوپال، جينپور، ناگپور، گانڌيڌام، پونو، مائونٽ ابو، لوناولا، الور، رائپور، لکنو وغيره ان ڪري تمام گهڻو گهميو آهيان. اديبن جي پنهنجي سلطنت آهي. اسين ادب جا شهزادا، لکاپتي پيا پاتلن ۾ ماني کارائيندا ۽ ڪيترا شخص چاهيندا تہ هڪ دفعو اسان ڏانهن نهارين.

مون ڪشميري ليکڪن سان ضياءَ جي واقفيت ڪرائي. ”هي از اور پيپلس پوئٽ“. هي اسان جو عوامي شاعر آهي. اِهي ويا تہ ضيا اچي ڪاوڙيو. چي: تو مون کي بازاري شاعر سڏيو آهي. پاڻ کي وارن هينگسٽن ۽ ڪلائيو جو اولاد پيو سمجهين. اردو ۾ ڳالهائين ها. وچ ۾ سائين ملڪاڻيءَ پڇيو تہ ضيا ڳالهہ آهي ڇا جو محبوب موهن تي مٽيو آهين. ڳالهہ ٻڌي ملڪاڻي ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳو ”موهن تہ تنهنجي وڏائي ڪئي آهي“. ضيا پوءِ ان لاءِ معافي ورتي.

لکنو سميلن وقت هندي ليکڪن اسان کي گهرايو. ترقي پسند اتي ان ڪري نہ هليا جو هنن دعوت گني سامتاڻيءَ ۽ مون کي ڏني هئي. اسان مائيڪ تان ٻين کي دعوت ڏني. گنو، لعل پشپ، موتي لعل جوتواڻي اتي هليا (1964ع) هنن طرفان يشپال، رام لعل، بيگم سجاد ظهير. پهرين دور چرچن جو هليو. مون هنن سان ڏاڍا چرچا ڪيا. رام لعل چوي: امان ڪيا ڪهتي هئن. مان چوان: بابا سچ ڪهتا هون. يشپال ماسڪو مان اک جو آپريشن ڪرائي آيو، سو سوچيم تہ ٻيءَ جو مان ڪندو مانس. مون رٽ ڏني تہ هنديءَ جا ليکڪ سنڌيءَ ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ يڪراءِ نهراءُ بحال ڪن. تقرير ۾ مون چيو: اسان وٽ موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ اعليٰ ادب آهي. اسان جي زبان بہ ترقيءَ يافتہ آهي. اسين ٿورائي واري جاتيءَ جا آهيون. اسان جي ملڪ تان هن ملڪ جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. ڇو تہ زمين نہ اٿئون تہ اهو جائز حق ملندو؟ توهان کي خبر آهي تہ يونيسڪو طرفان چيو ويو آهي تہ دنيا ۾ شينهن ۽ گهوڙن جو نسل ختم ٿي رهيو آهي، انهن کي بچايو وڃي. هند سرڪار پڻ انهن کي بچائڻ لاءِ ڪروڙين رپيا خرچ ڪري رهي آهي. اوهان کي شينهن جو خيال آهي. گهوڙن جو خيال آهي. باقي سنڌي مرن يا جيئَن، ڪنهن کي فڪر ڪونهي!

هندي اديب ڏاڍو ڪليا ۽ منهنجو نقطو سمجهہ ۾ آين. موتي جوتواڻيءَ، سنڌ جي تاريخ ۽ ڪلچر تي سنو ڳالهايو ۽ هندي ليکڪن کي عجب ۾ وڌائين تہ چاهي سنڌ پاڪستان ۾ ويئي ۽ سنڌي هندو هندستان آيا، اتي ڪو هندو مسلم فساد نہ ٿيو.

نهراءُ جي سخت مخالفت يشپال ڪئي. چيائين ”هيءَ هڪ سياسيءَ نهراءُ آهي. اسين اهو قبول ڪري نہ سگهنداسين“.

”پر اوهان تہ سياسي تحريڪن جي رهبري ڪئي آهي ۽ ترقي پسند ادب کي سياسي مقصدن جو هٿيو بڻايو آهي. اوهين ڇو ٿا ڏکو!“

”پر اسان جي نهراءُ مان اوهان کي فائدو“؟

”سنڌيءَ ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ بهتر وايو منڊل پئدا ڪندو“.

اتي پندرهن ويهہ مشهور هندي اديب وينا هئا. انهن سيني ها ڪئي. نهراءُ بحال ٿيو ۽ ان تي يشپال بہ صحيح ڪئي. اهو نهراءُ ”راڻي“ رسالي ۾ ڇپيو. هندستان اخبارن ۽ نئين دنيا نہ ڇپيو، ڇو تہ ڪا ڳالهہ نئين ۽ سني ٿئي ۽ اهي غير ترقي پسند ڪن تہ ڪين گوار نہ ٿيندو، بلڪہ ذهني تڪليف ٿيندن. مون ميڙ ۾ ترقي پسندن جي پرچاري ذهنيت تي سخت حملو ڪيو ۽ اهو بہ يشپال جي اڳيان، سو ڇڻ ناراض ٿي لڳو. بيهي سنبوسا ٿي ڪاڏم تہ پنيان اچي ڪنهن پيار مان مُڪ هنئي. ڏسان تہ بيگم سجاد ظهير آهي. چيائين ”تنهنجي گفتگو ۾ انقلاب جي خوشبوءِ آهي. توکي ڪميونسٽ ٿيڻ گهرجي. مان ايندس تنهنجي گهر. اتي رهندس. تو جهڙو جوان ۽ ڪميونسٽ نہ ٿئي، اهو اسان جو قومي نقصان آهي“.

حقيقت ۾ هن جي ڳالهہ کان وڌيڪ مون کي مُڪ وڻي. شرٽ چندر خواهہ مخواهہ بنگالي عورتن کي اپ تي چاڙهيو آهي. اهي تہ اڪثر هر جڳهہ مهانَ آهن. پوري دنيا جو وٽن درد آهي-نہ تہ ڪٿي مان هڪ غريب ٻوليءَ جو هڪ غريب ليکڪ، ڪٿي غير واقف امير اردوءَ ٻوليءَ جي مسلم ليکڪا بيگم سجاد ظهير. جڏهن ڪي سال اڳ روس ۾ سجاد ظهير مري ويو تہ چاهيم وڃي سندس بيگم سان گڏجان ۽ چوانس : تنهنجي غم ۾ مان بہ شريڪ آهيان، پيڻ.

پر ڪمال هن بہ اِها ڳالهہ چئي، جا گوبند مالهيءَ ڏهہ سال اڳ چئي هئي. شايد ڪميونسٽ چاهيندا آهن تہ دنيا جا سڀ سنا ماڻهو هن طرف هجن. اها بہ هڪ وڏي انساني دوستي آهي. پر ڪميونسٽ ٿيڻ لاءِ پنهنجن خيالن جي آزاديءَ کي ان جي پڌرنامي جي نعرن جو بک ڪرڻ مون کي يا عمر پسند نہ آئي آهي. ويچارن جي آزادي وڏي نعمت آهي. پارٽيءَ ۾ مت پيد جي گنجائش نہ رهي. هندستان ۾ ٽي ڪميونسٽ پارٽيون آهن ۽ ٽنهي جا منهن لکنوءَ جي ٽانگي جيان ٽطرفا ۽ اڳيان تاريخ جو گهوڙو. هن وقت ڪميونسٽ ملڪن جا بہ ٽي طرف آهن. : روسي ڪميونزم، چيني ڪميونزم ۽ يورو -ڪميونزم. هونئنءَ ڪميونسٽ مادرن رشيءَ آهن. پوڄا لائق آهن. پر مت -پيدن ۾ فرشتن جا تخت ڇڏي سخت ۽ مقرر اصولن جي اٽ تي چڙهندا. هونءَ بہ وڏا ماڻهو پنهنجو گهڻو وقت هڪ ٻئي کي هيٺ ڪرڻ ۾ خريد ڪندا آهن. پوءِ خروشچوف چوندو: هيءَ پيٽنگ آهي؟ ها. مادرن آهي؟ ها. مون کي تہ ڪا رنگين ٿي لڳي. آرٽسٽ ميڙ ۾

بيهوش. خروشچوف چئي: انگلينڊ جي پرائيم منسٽر ائنٿوني ايڊن ۽ مون ۾ هڪ ڳالهه جي سهمتي ٿي ته اسين "جاز" ۽ پڪاسو جو ماڊرن آرٽ سمجهجي نٿا سگهون. جڻ سمجهڻ لاءِ ڪنهن ذهني تربيت جي ضرورت نه آهي. چين ۾ هڪ ڪميسار ناٽڪ جي ريهرسل ڏسڻ ويو. نائڪا ائڪٽنگ سني ڪئي. پر هي چوي: ائڪٽنگ غلط آهي. پر ڪامريڊ، ڊاريڪٽر او-ڪي ڪئي آهي! ڊائريڪٽر ڪير ٿيندو آهي؟ پارٽي سيڪريٽرين، ايڊيٽرن، ۽ ڪميسارن اهو رخ ورتو. آمريڪي سامراج جا ڪيڏا به تضاد هجن، پر اتي هڪ ڪالمسٽ واٽر گيٽ سوال تي ملڪ جي طاقتور صدر نڪسن کي سندس عهدي تان هٽائي سگهي ٿو. جيئين سيمينٽ -لڳي جي سوال تي اخبار نويس ارون شوري مهاشٽرا جي مکيه منتري اي- انتلي کي هٽايو.

گوبند مالهي سيا جو جنرل سيڪريٽري ٿيو ته هن مون کي "سنڌي ٻولي تسليمي ڪاميٽيءَ "جو ڪنوينئر ڪيو جا جوابداري آل انڊيا ليول تي پهريون دفعو ڪنيم. ان ڪري لکنوءَ ۾ به ڪجهه ڪم ڪيم. هونءَ گهوڙن ۽ شينهن وارو چرچو ٻئي ڏينهن اردو اخبار انقلاب ۾ ڇپيو ته سرڪار کي شينهن ۽ گهوڙن جو خيال آهي پر سنڌين جو فڪر ئي نه اٿن.

شينهن جو ذڪر نڪتو آهي ته ڪرشن راهيءَ بابت هڪ ڳالهه ٻڌايان. اسين جئپور 1962ع ۾ سميلن تي وياسين. جو چين جي حملي سبب رد ڪيو ويو. اسين احمد آباد جي راڻي باغ وياسين. مان راهي، مايا، پارٽي جئويرن ۽ ڪو مڪاني ليکڪ، اسين ببر شينهن جي سامهون بيناسين جو اٺ فوٽ هيٺ وڻ هيٺان وينو هو. چوڌاري وڏيون شيخون ۽ پرپرو سندس نقلي غفا. راهيءَ چيو: موهن، مجيندو ماءِ جيڪڏهن تون هن شينهن کي هٽان. اٿاري سگهندين.

مون چيو نيڪ آهي. مان ٻن منٽن ۾ انين آني جا گاننيا وني آيس ۽ نهايت سنيال سان اهو پڙو شينهن جي منهن وٽ ڦٽو ڪيم. شينهن ان کي سنگهيو. ڪنڌ مٿي ڪيائين ۽ اٿي هليو ويو. مايا، راهيءَ تاڙيون وڄايون:

موهن ڪٽيو. موهن ڪٽيو.

ڪرشن راهي: موهن، شينهن مٿي ڇو نهاريو ۽ ڇا چيائين؟

مان: هن اسان کي ڏنو ۽ چيائين: يو سنڌي فولس. اوهه -سنڌي بيوقوفو! مان سمجهان ٿو راهيءَ ايڏو ته وڏو ٿهڪ ڏنو جو موٽ ۾ شينهن به گجگوڙ ڪري چيس ته آهيو ته اوهين به شينهن، پر رڍن جي دوستيءَ ۾ پنهنجو اتهاس وساري وينا آهيو. اهو انيو ڏاڍو ملهائتو اٿم. مان سمجهان ٿو ته ڪرشن راهيءَ جا ان دؤر ۾ تجرباتي شاعري ڪئي ان سان ان احمد آباديءَ شينهن جي ڪا وابستگي ضرور آهي.

ڏسجي ته ليڪڪن وٽ آپو ٻين کان وڌيڪ ٿئي ٿو. ”سڄ چنڊ آهي. ڇو ته مان آهيان. آڪاش، سمنڊ، پهاڙ، ڪڪر، نديون، واديون بن، غفائون، گلن جي مرڪ، مورن جو نچڻ، سڀ مون لاءِ آهن. ڪم به سڀ مون ڪيا“... مون وٽ اهڙي ڪا به خوشفهمي نه آهي. تحريڪ اجتماعي ٿيندي آهي، جنهن ۾ ننڍا وڏا پنهنجي ڀومڪا پنهنجي قوت ۽ شفقت موجب نڀائيندا آهن.

جڏهن ڪن ڪانگريسين، ڪن ليڪڪن کي هٿ ڪري، سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جو نعرهٗ بحال ڪيو ته ان مان سندن اهو خيال پڌرو هو ته هنن سنڌين کي ٻه طرفا ۽ نه هڪ قوم ٿي سمجهيو. انگريزن جڏهن سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ عربي لپي قبول ڪئي ته اهو جمهوري اصول هو، هنن، چاهي سياسي طور اهي شخص مڪار هئا، پر تاريخ ۾ پهريون دفعو هنن سنڌيءَ ٻوليءَ کي صوبائي زبان بڻايو-جنهن سبب سنڌيءَ ٻوليءَ ڪافي ترقي ڪئي. اها اسڪولن، ڪاليجن، واپار، ٽپال، ڪورٽ وغيره ۾ هلڻ لڳي. اسٽيشن جا بورڊ به سنڌيءَ ۾. اِهو ورهاڱو سياسي هو ۽ نه ڪلچرل. ڪيرت ٻاٻاڻي شايد ڪراچيءَ جيل ۾ بند هو ۽ اُتم ادبي ميدان جي بالڪنيءَ ۾ اجا بيٺو ڪو نه هو. اڪيلو گوبند مالهي ڇا ڪري؟ هو موهن ڪلپنا ته نه هو. مان ڪجهه ڪچو ۽ اڻ گهڙيو آهيان. مان رڙيون ۽ واڪا ڪريان ها. ميڙ ڦٽايان ها. مار ڪائي به ان جهڳڙي کي اخبارن تائين ڇڪيان ها. اسين سنڌ مان ڇا ڪٽي آياسين؟ ڪلچر اهو”ان -ٽئڪٽ “رڪٽو هو. اسين هندي هندو هندستان نه، سيڪيولر هندستان آيا هئاسين. سنڌي اجا اڪڙيل هئا-ان وقت لپيءَ جو سوال!وزير تعليم مولانا آزاد. هڪدم اهو نعرهٗ بحال ڪيائين. شايد ڊپ ٿيس ته جي قبول نه ڪندس ته سندس قوم پرستيءَ مٿان داغ اچي ويندو. ان نعرهٗ پٽيان ڪا عوامي هلچل نه هئي. ٻيو ته حڪومت کي ڪو حق نه هو ته ديوناگريءَ لپيءَ جو اصول قبول ڪن، ڇو جو هنن سنڌيءَ ٻوليءَ کي به اجا تسليم نه ڪيو هو.

سنڌي وچولي طبقي جا، جي اڪثر ڪامورا شاهي ۽ راڄ ڪندڙ پارٽيءَ جا پڇ لٽڪائو ٿين. سرڪار ڪانگريس جي. ماڻهن کي حڪومت جا ليسن ۽ پرمٽون ڪپندا هئا. خبر ناهي لالچند امر ڏنو مل. منگهارام ملڪاڻي ۽ آسانند مامتورا ان هلچل ۾ ڪيئن ڦاٿا. ديوناگريءَ وارا چون: ديوناگري ديوتائن جي لپي آهي. اها اسان هندن جي اصلوڪي لپي آهي. عربي قران جي لپي آهي.

دهليءَ ديوناگريءَ سيمينار خلاف اسان مظاهرا ڪيا. هڪ ڪانگريسيءَ جوش ۾ مون کي چيو ”تنهنجي ترڪي ٽوپي ڪٿي آهي“؟ ڪنڌ ڀڃندي چيومانس ”تنهنجي لنگوٽي ڪٿي آهي“؟

مڙس جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ وات مان ڄڻ گم ٿي ويس.

ايشور آنچل چوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪير مون کي ائين چوي تہ مان رات جو پتلون ان ڪري پايان، ڇو جو اها سنڌي آهي تہ مان ڪيس ٽڦڙ هڻي ڪڍان، بس ان ۾ سهوليت آهي. انگريزي ڪپڙا پائڻ سان بدن ۾ چستي ايندي آهي. ڇاڪاڻ جو راجا رامچند ڌوتي پائيندو هو، فقط ان ڪري ڌوتيءَ کي قبول نٿو ڪري سگهجي. پوءِ اسان کي ٽرين ۽ هوائي جهاز ۾ مسافري نہ ڪرڻ گهرجي.

ترقي پسندن ڇا ڪيو جو سنڌيءَ ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ ديوناگريءَ وارن سان هڪ محاذ تي آيا. تہ پهرين سنڌي ٻولي تسليم ٿئي-پوءِ لپيءَ جو سوال کڻبو. مون پهرين سنڌي ليکڪ سميلن (1952ع) وقت مالهيءَ کي چيو "اوهان جو اِهو ناهہ سنڌيءَ ٻوليءَ کي ختم ڪندو. اڄ ديوناگري پهرئين درجي ۾ آئي آهي. ڏهن سالن بعد اها مئٽرڪ ۾ ايندي. پوءِ اِهو مسئلو پيدا ٿيندو جو اسين حل ڪري نہ سگهنداسين". سڳن آهوجا چپ رهيو.

مالهيءَ چيوپ"هنن کي وڏي طاقت آهي. ڪين پئسو اخبارون آهن. اسين اندران ڪم ڪنداسين. عوام اسان سان شامل ٿيندو. مارڪس اسانکي سيکاريو آهي. ٻہ قدم اڳيان. هڪ قدم پٺتي".

هر سال سميلن ۾ چونڊن تي ڇڪتاڻ ٿيندي هئي. ٻئي ڌريون گهٽا ڊيليگيٽ ڪنديون هيون. پوپال سميلن (1961ع) ۾ مار ڪٽ ٿي. هڪ ڊيليگيٽ اجواڻيءَ جو مائيڪ کسيندي چيو: ڀارت ماتا کي جئہ !پلوڪناٿ جيٽلي هڪ ليکڪ کي چماٽ هڻي ڪڍي. سميلن ڦٽي ويو. گنو سامتاڻي چوندو هو: سميلن احمقن جي پارليامينٽ آهي: جيئن حشو ڪيولراماڻيءَ لکيم: هي سميلن ڪونهي، ڏاهرين جو ميلو آهي. مان گني کي زبردستي لکنو سميلن تي وٺي ويس. وچ ۾ جهانسي ۽ ڪاجو راهو وياسين. موٽندي لکنو کان ڪانپور ۽ ڪانپور کان آگرو بس ۾ مسافري ڪئي سين. لعل پشپ لکنو ۾ رهجي ويو ۽ اتي جيڪو پريم ڪيائين، ان تي "هڪ سرد ديوار" ۽ "اها ديوار آسمان تائين" ناول لکيائين. موٽندي مايا، هري موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا اسان سان گڏيا هئا. لکنو ۾ زبردست چڪري لڳي. گني ٻانهن کان جهلي چيو: چڏي ڏين.

پوءِ سميلن ٿيندي ٿيندي رد ٿيندا هئا. آخر مئي 1970ع ۾ الهاس نگر ڪنوينشن ۾ منهنجي رٽ تہ جيڪڏهن سميلن ديوناگريءَ وارن جي منصوبن سبب رد ٿين ٿا تہ ان جي ميمبرن کي سيا کان ٻاهر ڦٽو ڪيو وڃي، يڪراءِ بحال ٿي ويئي. ديوناگريءَ وارن جئرامداس دولترام جي رهبريءَ هيٺ سيا ناهي ۽ ٻہ چار سميلن ڪوٺايائون، پر جئرامداس جي موت بعد اِها سنسٿا ڪينسر جي مرض ۾ ورتل آهي ۽ چند موقعي پرست اديب، جي نوڪري، انعامن، ڪالمن يا اسانجا ستايل هئڻ سبب ان سنڌيءَ -

دشمنن تحريڪ ۾ ويا، تن واپسي موٽڻ شروع ڪيو آهي، يا هو ان سوال تي گونگا ٿي ويا آهن.

پر اِها حقيقت آهي تہ هڪڙو ورهاڱو سنڌي هندن ۽ مسلمانن جو ٿيو، ٻيو ورهاڱو جئرامداس ۽ سندس پڇ لٽڪائن سنڌي هندن جو ڪري ڇڏيو. هڪ تہ هندستان ۾ سنڌي ٽڙيل پکڙيل، ٻيو سنڌي زبان. جي يتيمي مٿان لپيءَ جو وڏو واد. ماڻهن سنڌي لکڻ ڇڏي ڏني. نہ پنهنجي زمين، نہ پنهنجي حڪومت ان ڪري اسان جي ٻولي هندستان ۾ آهستي آهستي مري رهي آهي. هڪ سنڌ وطن کان دور، ٻيو پنهنجي زبان جي مرڻ جو احساس، نہ اسان کي سياسي طاقت، ڪير اسان کي ڪنگهي.

ايمرجنسيءَ وقت، آٿرس گلڊ سيمينار دهليءَ 1976ع وقت ڪيترا اديب وزير تعليم نورالحسن سان فوٽو ڪڍرائي رهيا هئا. چندو لعل جئسنگهاڻي ۽ سندس شريمتي موتي پرڪاش ۽ ڪلا، لڇمڻ ڪومل ۽ ڪي ٻيا. هو پيو ساڻن چرچا ڪري. مان گني سان اتي پهتس، تہ وزير چيو ”سنڌي ليکڪن ۾ دم نہ آهي“.

ڪيس ڏاڙهي هئي، سو شايد اتان ٿي ڳالهائين. مون ڪيس چيو ”اوهان سنڌي ادب پڙهيو آهي“؟

”اوهان ڪير آهيو“؟

”جنهن کي اوهان گار ڏني آهي“. مون جوش ۾ چيو ”وزير آهيو ان ڪري اوهان ڪا بہ بڪواس ڪري سگهو ٿا“.

ايمرجنسيءَ ۾ وزيرن يا سرڪار خلاف ڳالهائڻ معنيٰ جيل. چندو لعل چيو ”ڪلپنا -پليز، ڪيپ سئلينس“.

مون ڪيس انگريزيءَ ۾ چيو ”ڇو؟ ڇا هن شاهہ لطيف جو نالو ٻڌو آهي؟ سچل جو ٻڌو آهي. اياز، سڳن آهوجا ۽ نارائڻ شيام جو ٻڌو آهي؟ هي شڊ بي بلاسٽيڊ، رائيٽ نائو ائنڊ هيئر“.

پائي مان ڏاڍو ننڍو آهيان. ڪيسي ۾ پنجاهہ رپيا نہ هئا، پر هو منهنجي ٻوليءَ جي اديبن جي بيعزتي ڪري، ۽ منجهين اکين ۾ نهاري سگهي، ايتري ٿوم هن ۾ نہ هئي ۽ هو شرمندو ٿي اتان هليو ويو. فقط گني ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ ٻيا دوست ناراض ٿي ويا.

چئو تون ڇا ٿو چاهين؟

چئو تون ڇا ٿو چاهين؟

چئو تون منهنجي پنيان ايندين

سڪ جي سيج ڇڏي-

ها اياز، مون سنڌ ڌرتيءَ ۽ شاهه لطيف بعد توسان ئي گهڻي محبت ڪئي آهي. ڪير ڪٿي ڇڏيندو تہ ڪٿائي ڇڏبو، پر هيءُ سر سنڌ جي شان ۾ هميشه اوچو رهندو.

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ چيو "موهن تون اسان لاءِ مصيبتون پيدا ڪندين".

"ٿورا گهٽ فوٽو ڪڍايو". مون چيو "مصيبتون عزت ۾ تبديل ٿي ويندیون".

ان ئي سيمينار لاءِ مون لعل پشپ کي چيو تہ ان ميڙ جو مهورت اندرا گانڌي ٿي ڪري ۽ جيڪڏهن هن اسان کي ويهه سوتري پروگرام تي لکڻ لاءِ چيو تہ مان اتي بيهندس ۽ پڇندس: ڇو؟ لعل اِها ڳالهه ڪيرت سان ڪئي. دهليءَ ۾ ڪيرت چيو "ٻڌو اٿم دهليءَ آرٽر ڪوئسلر پهچي ويو آهي".

"جتي خدا ناڪام ويندو. اتي ڪوئسلر ضرور پهچندو".

"گرفتار ٿي ويندين". ڪيرت چيو.

"اڳ ۾ نہ ٿيو آهيان ڇا"؟

"پر فائدو"؟

"ادب ڇا ڏنڌو آهي؟ اندرا گانڌي اسان جي پرڏان منتري آهي. ڀل هوءَ ڪانفرنس جو مهورت ڪري. پر هوءَ ادب تي ڳالهائي نٿي سگهي. هوءَ اديبہ نہ آهي".

پوءِ ٿيو ائين تہ جڏهن اندرا گانڌي آئي تہ هڪ ٽي-وي سڌو مون تي. پردي پٺيان هٿياربند فوجي پر نہ اندرا ويهه اسمي رٽا تي ڳالهايو، نہ مان اٿيس. هن البت ايترو چيو: هن ديش ۾ وهم ۽ جهالت گهڻي آهي. اها اوهان کي دور ڪرڻي آهي. هن ملڪ ۾ ڪجهه سندر، رهسميه آهي. ڪجهه سريشٺ مهانَ آهي. جو اوهان کي بچائڻو آهي. اوهان جي وچ ۾ منهنجو ڪو درجو ڪونهي. پوءِ بہ چاهيندس تہ اوهين عالمگير امن سماجواد ۽ جمهوريت جا طرفدار ٿيو ۽ لکڻ وقت اهو ياد رکو.

اهي ئي ڳالهيون جي مون "جلاوطني" ناول ۾ لکيون هيون. هوءَ مون کي ڏاڍي وڻي. سمجهيم تہ ايتري خوبصورت عورت ڪڏهن نہ ڏٺي اٿم-چاهيم تہ ڪڏهن اڪيلي ملي تہ ڳلي لڳايانس يا شايد پيرن تي ڪري پوانس، ڪيترو هن کي ديش جو خيال آهي. اها لوڪشاهي آهي تہ ڪوڪلي جتي فقط اظهار جي آزادي آهي. پهرين ماڻهوءَ جي معاشي سلامتي آهي. جنهن جو حق حڪومت کي تسليم ڪرڻ گهرجي. لوڪشاهي معنيٰ پسندي. پسندي معنيٰ پنهنجي قسم جي سرڪار جي چونڊ معنيٰ بدل. هتي حڪومت تہ حڪومت، ماڻهو پنهنجي چونڊ سان نوڪري بہ بدلائي نٿو سگهي. عزت سان اها جلدي ملي، ان جي بہ خاطري نہ آهي. ان ڪري جواهر لعل نهروءَ ٽيبل جي شيشي هيٺان رابرٽ فراسٽ جي ڪوتا رکي هئي: بن ڏاڏا گهاٽا ۽ گهرا آهن ۽ نهايت لمبو سفر آهي منهنجو. مون کي ڪي واعدا بہ تہ پورا ڪرڻا آهن.

ريلوي جي نوڪريءَ ۾ هئس تہ اجمير ويو هئس 1958ع ۾. هري، سندر، تيرٿ بسنت سان ملاقات ڪرائي. هن جو ڪتاب پريس ۾ هو بسنت صاحب ٽي پيٽيون اڻڇپيل ڪتابن جون ڏيکاريون. سنڌيءَ ٻوليءَ جو آئيندو!وطن ويو-آئيندو ڇا جو؟ موهن، تنهنجا تلفظ غلط آهن. ڳالهائڻ جي پنهنجي موج آهي. پاڻ کي ان موج کان محروم نہ رک. اتي هريڪانت سان بہ دوستي ٿي، جو ڏاڍا سنا ترائيل لکي رهيو هو.

خبر پيم تہ گورڌن پارتيءَ کي ٽي-بي ٿي پيئي هئي ۽ پاڻ اسپتال ۾ هو. مان هن سان گڏجڻ لاءِ اسٽيشن تي ويس ۽ ڏنم تہ ٽرين ڇٽي چڪي هئي. اسپتال اجمير کان اٺ ڏهہ ميل پري. ياد نہ اٿم. بس پنڌ نڪري پيس. وچ ۾ جبل ٽڪر بہ آيا ۽ پاڻيءَ جا واهہ بہ. پنهنجي فطرت : يڪي ٻوليءَ يا حسين. ٽي-بي سينيٽوريم پهتس تہ چوڪيدار اندر اچڻ نہ ڏئي. اسپتال کي جيل جيان اٺ ڏهہ فوٽ وڏيون ديوايون هيون. مان پريرو وجي گل-موهر جي وڻ تي چڙهيس جو ديوار جي لڳو لڳ هو ۽ اتان هڪ گل پٽي، هيٺ ٽپو ڏنم. خبر پيم تہ گورڌن جو هڪ ڦڦڙ ڊاڪٽرن ڪٽي ڇڏيو هو.

مون کيس ڳولهي ڪڍيو. مون کيس گل ڏنو. هو تيز نظر سان مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

" تنهنجو نالو"؟ هن پڇيو.

"مان هڪ ساهت پريمي آهيان. مون کي تنهنجون ڪوتائون ڏاڍيون وڻنديون آهن".

"ڪهڙي گاڏيءَ ۾ آيو آهين؟ هن وقت تہ هتي ڪا گاڏي نہ ايندي آهي". مان چپ.

هاڻ ڪلڻ لڳو "مان توکي تنهنجو نالو ٻڌايان. تون آهين موهن ڪلپنا".

مان سخت عجب ۾ پئجي ويس. اسين ڪڏهن بہ پاڻ ۾ نہ گڏيا هئاسين.

"ضرور تون موهن ڪلپنا آهين. متوالو. جذباتي. اهو جو گوئا ۾ سٺ ميل پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ٻيو ڪو ليکڪ ايڏو پنڌ ڪري نہ ايندو. هڪ موهن ئي سخت موهي آهي".

"ما، مان ئي اهو آهيان-موهي، جذباتي، متوالو، آواره، خانہ بدوش".

هن مون کي هڪ سنگتڙو ڪارايو ۽ هڪ بہ ڪوتا ٻڌائي. ان ئي سال "هن سئنيٽوريم ۾ هڪ رات" زبردست ڪوتا لکي، جنهن سنڌيءَ ڪوتا کي هل دائمي موڙ ڏيئي ڇڏيو. ان ئي سال ڪرشن راهيءَ "سنڌ ۽ سنڌي" ڪلاسڪ ڪوتا لکي ۽ آنچل "هٿ" تي 38 لفظن جي ڪوتا لکي: بہ سٽون : "چند ٽڪڙا/جسم جي قيمت" ۽ هڪ ٻي: زندگيءَ جي قمارخاني مان آخرين داءُ هارائي... ۽ ان ئي سال سڳن آهوجا ڪوتا لکي: زندگي تنهنجي ادائن کان ٿيو بر آهيان -غم جا پهلو تہ بدل نيٺ تہ بہ شاعر آهيان... ۽ ان

ئي سال هڪ ڪوتا مون بہ لکي: مان پري کان ئي سکي آهيان / ڪجھ الڳ ۽ مختلف/ ڪجھ بلند ۽ ڪجھ ڪٽيل/ پنهنجن خوابن ۽ سراپن/ جي جوڙ ڪٽ ۽ سوچ ۾ گم سم.

ان ئي سال مون ادبي ڪلاس ۾ هڪ ڪوتا پڙهي:

مان ڪميونسٽ ؟

ڪوڙ!

تهمت لعل پيلن جي

يا ڳالھ نئين مت

ڳالھ ساڳي....

سڳن آهوجا، جنهن مون کي بحر وزن سيکاريو هو تنهن چيو؛ پهريون دفعو مون کي لڳي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ هڪ ماڊرن پوئٽ پيدا ٿيو آهي.

آنچل بہ چيو تہ ڪلپنا جي نئين ڪويتا ۾ مزاج جي شوخي ۽ زندگيءَ جو زهر آهي.

هڪ دفعي مون ايم -ڪمل جي گهر عزيز ۽ سڳن اڳيان هڪ شعر پڙهيو:

تنهنجو فوٽو منهنجي ڪيسي ۾ پيو آ

پرس ۾

ڊگريءَ سان گڏ....

ايم -ڪمل چيو ”موهن، تو وٽ زبان جي چاشني آهي“.

”اها مون ڊبن ۾ ڀري تاڪ تي رکي ڇڏي آهي“. ايم -ڪمل منهنجي ان ناداني‌ء تي ڏاڍو ڪليو ۽ اڄڪلھ هو پاڻ نئين ڪويتا ۾ اها ”ناداني“ ڪري رهيو آهي. ايشيائي ليڪڪ سيملن کان موٽيس تہ ڪلياڻ ياردِ ۾ ڪلارڪ جي نوڪري مليم. خوش ٿيس تہ ريلوي جون پاسون ملنديون تہ زال ۽ ٻارن کي سڄو هندستان گهمائيندس. ٻن ٽن مهينن بعد منهنجي بدلي لوناولا ٿي. اها هل اسٽيشن سمنڊ کان ساڍا ٽي هزار فوٽ مٿي آهي. بہ سؤ انچ کن برسات پوي ۽ چار چار ڏينهن پوري زور سان پوي ۽ بند ٿيڻ جي نہ ڪري.

جڏهن بہ برسات پوي تہ سنڌ ياد اچي، جتي برسات وڻندي هئي. سنڌ ۾ برسات سڌي پوي، پر هتي ڇَتي رڳو مٿو ئي بچائي سگهي.

لوناولا ۾ رهجي ڪٽي، اِهو سوال اُٿيو. آخر هڪ انگريز جوان عورت جي بنگلي ۾ هڪ ڪوني ملي. مسواڙ پڳهار جو ڏهون حصو. ڊيوٽي ٽڪيٽ بابو. جنهن لاءِ يوساول ۾ تربيت ورتي هئم. اتي هڪ ڪلارڪ صلاح ڏني : ڪمائڻ جو هڪ طريقو آهي تہ گاڏي ايندي تہ ماڻهو ڀڄندا آهن. سمجھ ڪنهن رپئي جي ٽڪيٽ ورتي. هڪ رپيو ڏيئي

چئينس ٻه، ان ريت ٽي چار... نو. مسافر هليو ويندو ته تو ڪيس نو رپيا ڏنا ۽ باقي رپئي جي ٽڪيٽ. يعني پهريون ۽ ڏهون انگ ڳڻڻو آهي.

”غريبن کي لٽڻ مان فائدو“؟

”جنهن کي جتي ملي ٿو، ٻئي جو گلو ڪٽي ٿو“.

”دنيا ۾ ڪا ايمانداري ٿيندي آهي يا نه“؟

”ايمانداري.... ھ ھ ھا!“

اتي سخت ٽڏ هئي ۽ ٽڏ ۾ زڪام ستائڻ شروع ڪيو. مان ٻه ڊيوٽيءَ تان لهي چوڪرين جي تلاش ۾ نڪرندو هوس ته ڪٿي ڪا ملي. بيهي، مشڪي، سمهي، ٻانهن کان جهلي چوندومانس هل. بنگلو ته پنهنجو آهي. اتي پارڪ به آهي. سرجو منزل تي وٺي هلي پر هن رستو ڪونه ڏيکاريو هو.

هڪ دفعي ڊئم پرسان هڪ ڪرسچن چوڪري ملي.

چيومانس”:تون سهڻي آهين“.

”مهرباني“.

”مون سان بنگلي تي هلندين“؟

”ڏينهن جو، رات جو“؟

”پورو مهينو هل“.

”گهڻا پئسا ڏيندين“؟

”پئسا“! مان پهرين عجب ۾. پوءِ مشڪي:”پگهار!“

”پنج رپيا هڪ رات جا“.

”پنج رپيا !سڄو ڏينهن ويهي پنج رپيا ته ڪمائيندو آهيان“.

”اوهان جي مرضي“ .

”پلا فقط هڪ رات جا“؟

”پنج رپيا“.

”تون پنهنجو جسم وڪڻندي آهين ڇا“؟

”مجبوري!“

مون هن ڏانهن چتائي نهاريو. ڪٽڪ رنگي ۽ جوان، ڇاتي ائين جڙ اجنتا جي غفائن کان اڏاري ورتي اٿائين. وار ڪٽ، بدن تي رڳو اسڪرٽ. نظرون ائين جڙ پاڪيءَ سان گهڙي تيز ڪيون هئائين. پهرين خيال آيم ته ڪيس وٺي وڃان پر پوءِ مون ڪيس پنج رپيا ڏيندي چيو ”توسان غلط ڳالهايم، ان جو ڏنڊ وٺ. مون کي پريم ڪرڻو هو. پوءِ ان ۾ ڪجهه به ٿئي“.

هن انگريزيءَ ۾ چيو”، مان بڪارڻ نہ آهيان“. هن پنج رپيا واپس ڪيا ۽ هوءَ هلي ويئي.

سوچيم تہ ڪيس روڪيان. جسم ڇڻ واسنا وچان جليو پئي. وري چيم: هن ديش مان هيءُ سڀ ڪڏهن ختم ٿيندو؟ مان جيڪڏهن راجا ٿيان تہ ملڪ مان پهرين فقيرن ۽ طوائفن جو طبقو ختم ڪريان. ڪين اسڪول ۾ موڪلي تعليم ڏياريان ۽ ڪين ڪم تي لڳايان.

مان اڪثر رات جو دير تائين لکندو هوس. انگريز عورت کي ڪو ٻار نہ هو ۽ مڙس بہ شايد ريلوي حادثي ۾ مري ويو هئس-ڪڏهن هن ڏانهن وڌڻ تي دل ٿيندي هئي. ڪيتري جوان آهي. هڪ اک ۾ شيلي، ٻئي ۾ پائرن. بنگلو ائين ڇڻ وردس ورٿ جو”ساليٽري-رپير“. مون کان ٿوري وڏي آهي. پوءِ ڇا؟ نياضي سرجو بہ تہ وڏيون هيون. شيڪسپيئر ۽ جانسن بہ تہ پاڻ کان وڏين سان محبت ڪئي آهي. راڌا بہ ڪرشن کان وڏي هئي. پر مارگريٽ جي اکين ۾ ”نو وئڪنسي“ جو بورڊ لڳو پيو هوندو هو. البتہ سوچيندي هوندي تہ هيءُ آهي ڪير جو رات جو دير تائين بتيون ٻاري لکندو رهي ٿو. جوان آهي، پر جوانيءَ لفظن ۾ خرچ ڪري رهيو آهي.

هڪ دفعي اُتم لوناولا جو پتو پڇيو. چيومانس ”اروشي پون -رتي رودِ -لوناولا“ .

هن ايڊريس نوٽ ڪئي. اندر سيا جون ٽي نرتڪيون مشهور آهن.

اروشي، مينڪا ۽ رنيا. رتي سونهن جي ۽ ڪام ديوتا مدن جي پتني آهي. ڪاليداس انهن تي ڪافي گهڻو لکيو آهي.

ٻئي دفعي ادبي ڪلاس ۾ اتم پڇيو”، نئين دنيا مليئي“؟

”نہ“

”توکي لوناولا جي پتي تي موڪلي هئم“

”پوءِ تہ اِها سڌو سرڳ ۾ ڪاليداس کي ملي هوندي“.

مان ڪلڻ لڳس تہ اُتم بہ ڪلڻ لڳو ۽ ايستائين ڪل بند نہ ٿيس جيستائين پنهنجو وات نہ بند ڪيائين.

مان هر ڇنڇر ڏينهن دفتر مان ٽي ڪلاڪ گهٽ هڻندو هئس. ريلوي جي دائمي پاس هئي ۽ ادبي ڪلاس پهچي ويندو هئس. هڪ دفعي ڏسان تہ مون کي سسپينڊ ڪيو ويو آهي. هٿ ۾ ميمو مليو. ويس اسٽيشن ماسٽر وٽ ”:منهنجو ڏوهہ“؟

”تو ڪئش مان ست رپيا ڇهہ آنا چوري ڪئي آهي“.

”پر مان چوري نہ ڪندو آهيان، سر“

”تون ٽيون ڏينهن بمبئي وئين-ڪئش ڳڻي وئين“؟

”پر سر چوري ڪندس تہ ايتري نندي ڪيئن ڪندس!“

”وڏي چوري ڪرڻ لاءِ جرئت ڪپي“.

مون کي چيو ويو تہ وي-ٽي تي فلاڻي تاريخ وڃج، جتي ريلوي انٽيلينجنس جا ٽي آفيسر توکان آڏي پڇا ڪندا. اتي ويس تہ اکين ۾ ائين ٽي نهاريائون جو ڄڻ سندن خاندان جي ڪنهن عورت سان ناجائز رستو رکيو هئم.

”تون ڀڳوان کي مڃيندو آهين“؟ هڪ پڇيو.

”ها“،

”ان کان ڏڪندو آهين“؟ ٻئي پڇيو.

”نہ“

”ڇو“؟

”ڀڳوان کان فقط گناهگار ڏڪندا آهن“

بس ان سوال جواب تي مون کي ڏوهہ کان آجو ڪيو ويو. مون کي چيو ويو تہ تون فلاڻي تاريخ ڪم تي ڇڙهج. وري آڌ جي رپورٽ آئي تہ ڪلارڪ پئسا ڳڻڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. ڪابہ چوري ٿيل نہ آهي. مان مارگريٽ جي بنگلي تي رهيل هوس ۽ هن ئي اِها خبر ٻڌائي تہ اسٽيشن ماسٽر خود آيو هو. تون بي قصور آهين.

مان اندر روم ۾ ويس، اتي استعيفا لکيم ۽ اسٽيشن ماسٽر وٽ ويس ۽ ڪيس ڏنم.

”تون پاڳل آهين. اسان وٽ تنهنجي عزت وڏي آهي“.

”نہ سر- اوهان کي ميمو نہ ڏيڻ ڪپندو هو.

اوهان منهنجي شڪل ڏسو.

موهن جي دڙي جو رهواسيءَ آهيان. مان هتي رهي نہ سگهندس. هر چيز چوندي : چور..... چور.... “

”پر تون چور ڪو نہ آهين“.

”سڄي زندگي مان تلوار جي ڌار تي هليو آهيان ۽ ڪويتائن سان پنهنجو پيٽ ڀريو اٿم. هي ديش هلي ٿو جو اوهان جهڙا ماڻهو هتي رهن ٿا“.

هو عجب ۾ منهنجو مُنهن تڪيندو رهيو ۽ مان هليو ويس. ان بعد چار پنج دفعا لوناولا ويو آهيان ۽ مارگريٽ جي بنگلي ٻاهران بيهندو آهيان. هوءَ ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي. جڏهن مان اتان سامان کڻي نڪتس ٿي تہ هن چيو ”ڪڏهن بہ لوناولا اچين- مون وٽ رهج. تون ويندين تہ هيءُ گهر مون کي کائڻ ايندو“.

”ڇو“؟

”تون جڏهن بتي ٻاري لڪندو هئين تہ مون کي تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ اوندهہ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. پر جڏهن تون اوندهہ ڪندو هئين تہ روشني ڏسڻ ۾ ايندي هئي. تو ڪڏهن هتي ڪا چوڪري نہ آندي“.

”ڪوشش ڪيم، پر هن پئسا گهريا“.

”عياشي لاءِ پئسا تہ ڪپندا آهن“.

”اوهان کي مون کان ڊپ نہ لڳو“؟

”ٻن گهڙين جي موج آهي عياشي. پوءِ پڇتاءُ آهي. توکي ڏسي لڳم تہ تو زندگيءَ ۾ ڪو پڇتاءُ نہ ڪيو آهي“. هن اڳيان وڌي ڀاڪر پاتو.

”ڪلاڪار استرين کي ڪڏهن بہ هيٺ نہ ڪندا آهن. منهنجو هي ڀاڪر. انگلينڊ جو هندستان جي شرافت کي سلام آهي“.

بئگ ۾ بسترو ڪٽي نڪتس تہ هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن جي جسم جي گرمائش مون کي خاطري ڏني تہ جن سان پيار ڪجي، مان تن مان هوس. ان بعد ڪافي انتظار ڪيم تہ ڏيڍ سال جي نوڪريءَ جو ڪٽيل پراويڊنٽ فنڊ ۽ هر مهيني 15 روپيا هل اسٽيشن الائونس ضرور ملندو. پر اڄ تائين اهو مون کي نہ مليو آهي. شايد آفيسرن کي ليڪڪن بابت اهو تصور آهي تہ هو ڄاڻي ٻجهي ڪنگالپڻو گهري وٺندا آهن. باقي سڀ پگهار ڀاڀيءَ کي ڏيندو هوس. پر پهريون پگهار دادا کي ڏنو هئم تہ خوش ٿئي تہ پٽ ڪمائڻ شروع ڪيو هو. جڏهن بہ ٻاهر ويندو هوس تہ منهن تي هلڪيون ۽ سنهيون ٽڪون هڻندو هو تہ جيئن مون کي نظر نہ لڳي ۽ ڪيس هميشه ياد پوان. دادا جا پَير سُڄي پيا. هڪ دفعي لوڪل ۾ چڪر آيس. هو هڪ ڏينهن سخت بيمار ٿيو. هڪ ڊاڪٽر چيو: ڪيس بلڊ پريشر آهي. ٻئي چيو: هارٽ ٽربل اٿس. ٻنهي الڳ دوائون لکيون ۽ ان ئي شام 28 آگسٽ 1958ع ۾ دادا آخرين ساهہ ڪنيو.

گهر ۾ بجلي ۽ ٽي پلنگ اچي چڪا هئا. آخرين ساهہ ڪڻڻ وقت دادا جو منهن ڳاڙهو ٿيو ۽ ٿورا ڏند ڪرٽيائين. ڇڻ اندر ۾ شينهن جو مقابلو ڪيائين. پوءِ هو ٿڌو ٿي ويو. مان دادا جي بدن مٿان سمهي پيس: دادا.... منهنجا دادا.... دادا.

مون کي ياد آهي سال ٻن جو هوس تہ دادا مون کي هنج ۾ ڪٽي صدر وٺي هلندو هو ۽ چانديءَ جي رپئي جيڏو چاڪليٽ وٺي ڏيندو هو. ڀاڀيءَ بيروزگاريءَ وقت پنهنجو سون وڪٽي ڇڏيو هو ۽ سوچيو هئم تہ گهٽا پئسا ڪمائي ماءُ کي سون جون چوڙيون وٺي ڏيندس. پر هاڻ تہ اهي ڪيس پائڻيون نہ هيون. سمجهيم تہ هن دنيا ۾ جو ڪجهہ آهي جو گم ٿي ويو آهي. ۽ پوري سنسار جي سونهن مون لاءِ بي معنيٰ ٿي ويئي آهي. دوستن مان فقط آنچل ئي آيو. آنچل ڏاڍو وڏو انسان آهي. مان جڏهن 1968ع ۾ سخت

بيمار ٿيس ۽ ٽيويهه ڏينهن نئشنل هاسپيٽل بمبئي ۾ هئس تہ هو روز اتي ايندو هو. گنو هڪ نہ ٻئي ڏينهن. لعل پشپ هڪ دفعو آيو ۽ راجن چاولا هڪ دفعو بہ نہ. اتم ۽ سندري بہ پيا ايندا هئا، پر مالهي ۽ ڪيرت ڪڏهن نہ آيا.

جي-جي -هاسپيٽل ۾ نوڪري هئم تہ صبح جو ستين لڳي ڊگي گاڏي پڪڙڻي پوندي هئم. اٽڪل بہ ميل ڊوڙ. سو هڪ دفعي سخت بيمار ٿي پيس. آنچل کي خبر پئي تہ گهر آيو. مون کي پليورسي ٿي پئي هئي ۽ ڊاڪٽر ماڪيجاڻيءَ ڪيس چيو تہ موهن جو بچڻ مشڪل آهي. پوءِ جڏهن ويو تہ گهر ۾ ڪيس ڏيڻ لاءِ في نہ هئي. آنچل ڪيس پنهنجي واچ ڏيندي چيو: في الحال هيءَ رکو ۽ اسانجي دوست کي بچايو. پر ڊاڪٽر اها واچ ڪيس واپس ڪندي چيو: هن ديش جا ڪلاڪار اڪثر غريب ٿين. مان تہ اوهان سيني جو فئن آهيان. مان هن جو علاج مفت ڪندس. هو روز ايندو هو ۽ انجيڪشن هڻندو هو. ان ئي بيماريءَ ۾ ڊاڪٽر شيام پرساد مڪرجي گذاري ويو هو. ڪيس وڏا ڊاڪٽر بچائي نہ سگهيا، پر ڊاڪٽر ماڪيجاڻي مون کي بچائي ويو.

دادا جي موت وقت اهو سوال اٿيو تہ ڪفن وغيره لاءِ پئسا ڪٿان ايندا. مان پنڌ ڪري ٽئين نمبر ۾ هڪ بوڪ سيلر دوست هيراسنگهه وٽ ويس. جوئي نرگس اخبار جي چئين آني جي هڪ ڪاپي رپئي ۾ وڪڻندو هو. ۽ مون کي ڏاڍو وڏو ليکڪ مڃيندو هو.

”پر تون هميشه غريب -پئسا واپس ڪيئن ڪندين“؟

”منهنجي سيني ۾ بہ هڪ جارج واشنگٽن آهي. تون خيال نہ ڪر“.

هن سو رپيا ڏنا. پوءِ ڪڏهن پئسا اچن تہ هو ياد نہ اچي ۽ جي ڪيسا خالي هجن تہ اهو قرض ستائي. آخر مئي 1981ع جي هڪ ڏينهن هن وٽ ويس ۽ ڪيس سئو رپيا ڏنم. چوويهن سالن بعد. هٿ جوڙي چيومانس: ٻن رپين جي حساب سان ان جو وياج 567 رپيا ٿئي ٿو. مان تہ فقط توکي مور ٿو ڏيان.

هو وني ئي نہ. اها رات ويئي، اها ڳالهہ ويئي. پر مون زوريءَ اهو نوٽ هن جي ڪيسي ۾ وڌو ۽ هليو آيس.

مان وري بي روزگار. بہ چار اڇيون ڊريسون سبائي ورتيون هئم.

هڪ دفعي عزيز چيو ”سنڌي ۾ گهڻا شاعر آهن. پر شاعر لڳندو هڪ تون ئي آهين. ٻڌو اتم سندري اتم چنداڻيءَ سان. تنهنجو عشق آهي“

”اوهان کي ڪنهن چيو“؟

”يعني آهي“.

”نہ عزيز صاحب، دوست جي زال ماءُ سمانَ آهي“.

”ٻڌو اتم تہ سڄو سڄو ڏينهن هن جي گهر پيو هوندو آهين“.

”شايد اُتم چاهي ٿو تہ سندري مون کي ڪامريڊ بڻائي“ عزيز مشڪڻ لڳو.

هڪ دفعي رشيد پٽيءَ اڳيان شيخ اياز چيو ”تنهنجو اُتم سان ڪو بہ نظرياتي جهڳڙو ڪونهي. تون ڪيس هيٺ ڪري ڪائنس سُندري کسڻ چاهين ٿو“.

”ڪيئن“؟ مون پڇيو.

”تون ئي هندستان جو وڏو ليکڪ آهين. تون چاهين ٿو تہ سُندري اُتم جي نہ، تنهنجي زال ٿيڻ گهرجي“

”پر هوءَ منهنجي ماءُ آهي“.

”سچ!“

”ها اياز“.

سُندري ۽ مان مالهيءَ جي ڊرامن ۾ ريهرسل ڪندا هئاسين. ڪي-سي ڪاليج جي ڏاڪن تان لهندي ڪيس چيم ”اِهو ڊرامو هٿ ويندو، جنهن ۾ تون ۽ مان هيرو ۽ هيروئن هونداسين“.

”مان توکان عمر ۾ پنج سال وڏي آهيان“.

”مان توکان انيو ۾ پنج سال وڏو آهيان“.

هڪ دفعي سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ ريهرسل هلندي چيو مانس ”آخر تون منهنجي هيروئن ڇو نٿي ٿين“؟ سوال پڇي مان مشڪڻ لڳس.

”مان تنهنجي مُنهن ۾ هڪ معصوم ٻار ڏسندي آهيان“.

عجب گهڻا سال پوءِ ساڳي ڳالهہ مون کي ماهتاب محبوب بہ چئي ۽ هڪ خط ۾ پوپٽيءَ بہ لکي تہ ”موهن بحث ۾ جن، جلاد، قاتل، ظلمي آهي. اهو موهن جو هڪ روپ آهي. موهن جو هڪ ٻيو روپ آهي، تہ اجا بہ ٻار آهي. هن ۾ ٻار جي معصوميت آهي ۽ ان ۾ ڪو ڇل ول ڪونهي. موهن ڪلپنا جي پهرئين روپ پٽيان ٻئي روپ جو بنياد آهي، ۽ ان ڪري موهن سان سنڌ جو هر اديب ”پيار ڪري ٿو“. عجب تہ جولاءِ 1982ع ۾ دهلي آگري جي ياترا ۾ منهنجي نئين مسلم پيٽ گلشن بہ ساڳي ڳالهہ چئي.

هڪ دفعي سُندري دهلي ۾ آترس گلڊ ڪانفرنس لاءِ بمبئي سينٽرل اسٽيشن تي آئي. ڪيس ٽڪيٽ هئي، پر رزرويشن نہ هئي. مان چانهہ پيئڻ ويو هوس ڪيس جڳهہ نہ ملي. مالهي، گنو، لعل، موتي، ڪلا، پوپٽي، راهي ڪافي اديب ۽ مان هڪ گاڏيءَ ۾ هئاسين.

مالهيءَ پڇيس ”تون ويهندينءَ ڪٿي“؟

”ڪلپنا جي سيٽ تي“.

”۽ ڪلپنا“؟

”ان جو بندوبست هو ڪندو“.

مان آيس تہ قصو ٻڌايو ويو. مون ڪيس پنهنجون ٽڪيٽون ڏيندي چيو ”چيڪنگ ٽئي تہ ٻڌائج تہ منهنجو نالو موهن ڪلپنا آهي“. هن ڪليو.

ان کان اڳ ڪلا پرڪاش جي گهر ۾ ڪافي اديب گڏ ٿياسين: مالهي، شاد، راهي، موتي وغيره منهنجي شادي ٿي چڪي هئي ۽ ڏيءَ گيتا بہ وڏي ٿي رهي هئي. مون موتي پرڪاش سان چرچو ڪيو ”منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ مون کي مرد ليکڪن ۾ موهن ڪلپنا ۽ عورت ليکڪن ۾ ڪلا پرڪاش وڻندي آهي. ان ڏينهن سائين ملڪاڻيءَ ۽ هيري شيوڪاڻيءَ اڳيان مون ڪلا کي چيو: ڪلا، موتيءَ سان شاديءَ ڇو ڪئي؟ مون سان ڇو نہ ڪئي؟ ڪلا جون اکيون ڦاٽي ويون. ڪيس يقين نہ آيو تہ شاديءَ بعد منهنجي پريم جو مرڪز فقط منهنجي پتني ڪمل رهي آهي“.

”موتيءَ مشڪي چيو ”ڪلا مون سان ڳالهہ ڪئي. مون ڪيس چيو: توسان اهڙو نشپاپ چرچو فقط موهن ئي ڪري سگهي ٿو“.

دراصل سُنداريءَ ۽ منهنجي نزديڪيءَ جو ڪارڻ فقط اِهو نہ هو تہ اسين ايشيائي سطح جا مشهور ليکڪ هئاسين. اُتم نہ چاهيندو هو تہ مان ڇنڇر جي ڏينهن ايراني هوٽلن ۾ ادبي چرچن ۾ پنهنجو وقت وڃايان. مونکي لالا آرڪيٽيڪس ۾ نوڪري ملي تہ هن جي نزديڪ ٿيس. هو پراڻي سيڪريٽريٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. منهنجي دفتر ايندو هو. اسين هوٽل ۾ گڏجي ماني کائڻ ويندا هئاسين. اسين مغز ڪڙي کائيندا هئاسين. هن مون کان ڪرشن چندر جي ”گلدستو“ ڪهاڻي بہ ترجمو ڪرائي. سنڌي ليکڪ ڪرشن چندر کان تمام گهڻو متاثر ٿيل هئا. ڪرشن چندر جي رپورتاج ”صبح هوتي هئي“ ۾ هن تلنگانہ انقلاب جي فائدي ۾ نهروءَ ۽ چندن جي وڻن خلاف گهڻو لکيو هو. جڏهن جڳت آڏواڻيءَ کانئس ان جا سنڌي حق وٺڻ ويو تہ ڪرشن چندر نهروءَ خلاف لکيل ڪافي ٽڪرا ڪٽيا. رڳو هڪ ٽڪرو رکيائين: ڏکڻ هندستان ۾ مون تان ٻن چيزن جو جادو لٿو: چندن جي وڻن جو ۽ نهروءَ جو.

هڪ دفعي انجمن -ترقي پسند ۾ ڪرشن چندر ڪهاڻي پڙهي، هڪ نقاد چيو: ڪرشن چندر ڪهاڻي نٿو لکي، جادو ٿو ڪري.

راجندر سنگهہ بيديءَ چيو: جادو گهڻو ڪيو اٿائين، هاڻي چئوس ڪجهہ ڪهاڻي بہ لکي.

مان اُتم جي آشا ۽ بينا کي هنج ۾ ڪٽي پيار ڪندو هوس، هو مون کي ماما چونديون

هيون. هنن پوءِ ڪلاسيڪل ناچ ۾ تربيت ورتي ۽ تي-وي تي سنا پروگرام ڪيائون. ٻنهي سنڌيءَ ۾ ايم -اي ڪئي آهي ۽ اجا به ماما ڪري سڏيندیون آهن.

اُتم نہ ڪائيندو هو، پر مان ڳاڙها مرچ گهٽا ڪائيندو هوس. سو مانيءَ ڏيڻ وقت سُندري ڳاڙهن مرچن جي شيشي به اڳيان رکندي هئي. هڪ دفعي مان پلنگ تي ليٽيو پيو هوس. جو سُندري هڪ وڏي ڪينچيءَ کڻي آئي "تون ۽ اُتم سچ پچ عجيب ماڻهو آهيو. پنهنجي بدن جو خيال نٿا رکو. پنهنجن پيرن جا نَنهن ڏس، ڪا چوڪري توکي ڪيئن پسند ڪندي هان وٺ - پنهنجا نَنهن لاهه" .

سال ٻن بعد جڏهن اسان ٽيهن کن ليکڪن ممبرا کاريءَ ۾ سير ڪيو ۽ سڄي چنڊ ڏانهن منهن ڪري سُنديءَ پاڻيءَ ۾ پير وڌا تہ مون کيس چيو: تون ماءُ آهين. يا شايد چيم ڪو نہ پر من ۾ خيال آيم ۽ ڪٿي لکيم: هوءَ ماءُ آهي. سيني سان ڪيترو سنو هلي ٿي. اُتم جي نظر به تيز آهي. گذريل ويهن، پنجويهن سالن ۾ اُتم "نئين دنيا" جي پرچن ۾ منهنجون جيڪي به رچنائون ڇپيون آهن تہ پهرين سُنديءَ جي، پوءِ منهنجي ۽ ان بعد پنهنجي ڏني آهي يا سُنديءَ جي پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڏني آهي. شايد ان رام چاهيو تہ سيتا پرسان تير ڪمان وارو لڇمڻ هجي.

مون کي سنيهہ جي ڇايا جتي ڪٿي ملي آهي. گنو، راجو ۽ مان اسين ويهن سالن جا هئاسين جو راجوءَ چيو: دوستي اُها جو زال ننگي سمهي تہ دوست هن ڏانهن اک نہ کڻي.

هڪ دفعي گني چيو: تو وٽ وحشت ۽ دهشت آهي. پر مان توکي هڪ ڳالهہ جي خاطري ٿو ڏيان. شروعات ۾ ڇوڪرين کي مردن جون اِهي به وصفون وڻنديون آهن. پر دائمي پريم لاءِ ماڻهوءَ ۾ ڪجهہ ٺهر کپي. ڪلاسيڪي سورمن جيان سوچ جي گهرائي. اوچتو انترمڪ ٿي وڃڻ جيڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي زال ساڳي هجي تہ اِها توڏانهن اک کڻي نہ نهاريندي.

مان کلڻ لڳس.

"تنهنجي اِها کل بند ٿي ويندي".

"شرتچندر جي "جوالا" ۾ هڪ اچلا آهي، ان ۾ هڪ بابو آهي، تو وانگر انترمکي، هڪ سريش آهي، دهشتي - مون جيان، ۽ اچلا جڏهن سريش سان پڄي ويئي تہ مهيم هن جي ڳولا به نہ ڪئي ۽ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي انتر سوچ جي دنيا ۾ گم ٿي ويو" .

"۽ سندس اها پيڙا اچلا کي واپس ڇڪي آئي".

گني مشڪيو.

”مان عشق ۾ توکي چيياتي ڇڏيندس“.

”هاڻ سنڌين ۾ ڪير آهي جو بحث ۾ توکان ڪٽي سگهي ٿو“.

”تہ هار مڃين ٿو“؟

”نہ گنا “، مون چيو ”مان انهن مان آهيان جي پٽ تي ڪرڻ کانپوءِ بہ پنهنجي لڙائي جاري رکندا آهن“.

”تہ پوءِ اڄ اسين هڪ قسم ٿا ڪٽون“ .

”ڪهڙو “؟

”اسان مان جيڪو بہ پهرين شادي ڪري، اُها اسان ٻنهي جي زال ٿيندي“. اسان ٻنهي ڄڻن هٿ ملايو. مون چيو ”پوءِ مان بہ آڳر ڪٽي سگهندس؛ هي آهي منهنجي ۽ هن جو جسم منهنجو آهي. آتما منهنجي آهي. پلنگ تي رات جو پاسو ورائي ڏسندس تہ اِهو خالي تہ نہ آهي“.

”مان تنهنجي اِها آڳر ڪٽي ڇڏيندس“.

اهو بہ هڪ وقت هو هڪ دفعي هڪ ويد شاستريءَ چيو ”تون عورتن تي گهٽو ٿو لکين“.

”اوهان کي ڪو اعتراض“؟

”پنهنجي عورت تي لکڻ بي شرمي آهي. پرائي عورت تي لکڻ آدرم آهي“. حقيت ۾ ان نقطي کي وڏي معنيٰ آهي. ادب تہ تخليقي آهي. آتم - ڪٿا ۾ اهو نقطو هڪ سوال بنجي سامهون بيهي ٿو. لکڻو تہ سچ ئي آهي، پر ڪڏهن هٿ ۾ رکڙي ٻڌڻي پوي ٿي. يا اِها رکڙي اڪثر مون پنهنجي ٻانهن ۾ ڏني آهي. جڏهن بہ دوست جي زالن سان اڪيلو هوندو آهيان. شايد من ۾ ڪي پراڻا سنسڪار آهن. پر انهن جو هئڻ سچ آهي.

”نيا دؤر ۾“ گني چيو ”دليپ پنهنجي دوست اجيت کان پڇي ٿو؛ مان مندر ۾ ٿو وڃان. ٻڌاءِ، شو پڄوان کان تولاءِ ڇا گهران؟ اجيت چئي ٿو؛ جيڪو پنهنجي لاءِ گهرين، مون لاءِ بہ اُهو گهرج. ٻنهي جو وجينتي مالا سان پيار آهي. پوجا بعد وجينتي دليپ کان پڇي ٿي؛ تو پڄوان کان ڇا گهريو؟

دليپ؛ ڪجهہ بہ نہ. وجينتي؛ ڇو؟ دليپ؛ جيڪو مان پنهنجي لاءِ گهران ها، اُهو اجيت لاءِ بہ گهران ها ۽ مان تہ اِهو سوچي بہ نٿو سگهان“.

گني مُشڪيو ”اِهو آهي پيار، دوستي ۽ ذهني ايمانداري“

پيار تہ مون گهڻا ڪيا، ڄڻ عشق جو ٽرئفڪ پوليس مئن هوس، حسينائون جي موٽرون آهن، جي هٿ جي اِشاري سان بيهن ۽ هليو وڃن. گهڻو پوءِ مون ”مارچ جا گل“ هڪ ڪوتا لکي؛

ڪي گل ڪرن ٿا موٽرن تي گل نہ آهن،
خواب آهن-
ڪنهن حسين عورت جا-ڪاليج گرل جا!

نوس عشق پهرين راجوءَ ڪيو. گيتا راج سان. سڄو ڏينهن هن وٽ پيو هوندو هو. ٻنهي ڄڻن ڪهاڻيون لکيون. گيتا شڪل صورت ۾ ڪنهن بہ فلمي ائڪٽريس کان گهٽ نہ هئي. ڪلندي تہ لڳندي ڄڻ پهاڙيءَ چشمو آهي. پوءِ تہ ناٽڪ ۽ فلمن ۾ نائڪا بہ بڻي. ڪيس شيخ اياز هڪ ڪتاب منسوب ڪيو آهي. ڪڏهن جيئن ٿيندو آهي، ڪنهن ڳالهہ تي رسندي تہ پڄندي گني ڏانهن. گنو پوءِ شرٽ جي سويه- ساڇيءَ جيان استر تي ڪيس واپس راجوءَ وٽ موڪلي ڏيندو. راجوءَ کي اِها ڳالهہ نہ وڻندي هئي. اڄڪلهہ هو لنڊن ۾ هن ۽ هر ڇنڇر تي راجو گني کي فون ڪندو آهي.

گيتا جي مون تي وڏي سَند هئي. ڪيس شايد خبر هئي تہ موهن تي دفعا ساڳيو سوال ٻڌڻ بعد آخرين طور نہ ڪري نہ سگهندو.

”اڄ اسين ناگپور ٿا وڃون“. مُشڪي ”اوهان بہ هلو“. ”نہ“. اها تي پهرين ۽ پختي نہ.

”هن کي اوهان کان سواءِ مزو نہ ايندو، هلو“.

” نہ “. ارادي جي محڪمتا.

مون اجهل کي چيو آهي تہ هو اوهان جي گهر وڃي پاڻيءَ کي چوي تہ اوهين هفتو ناگپور ٿا هلو. هو ڪلياڻ اسٽيشن تي اوهان جا ڪپڙا ڪٽي ايندو. اوهين آفيس مان سڌو وڪٽوريا ٽرمينس ايندا. اها ”نہ“ اوهين ڪنهن ٻئي لاءِ روزو ۾ رکو“.

ايئرڪنڊيشن آفيس ۾ ڪرسيءَ تي منهنجي سامهون. مان چوندس ”چڱو“ ڪڏهن بيمار تي پوندس تہ راجوءَ کي موڪلي گهر گهرائيندي هئي. راجو دفتر هليو ويندو هو ۽ هوءَ مون کي چانهيون پياريندي هئي ۽ ”سريڪا“ ۽ ”نئين ڪهانيان“ ۾ پڙهيل ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي. هو جڏهن باندرا پالي هل تي ائڪٽرن پاسي وڃي رهيا ها تہ مان ڪافي بيمار تي پيو هوس-بيماري تہ ڪانہ هوندي هئي، رڳو من اداس رهندو هو. نراس. ڪجهہ نہ وڻندو هو. سوچيندو هوس تہ اڪيون ٻوٽي ڇڏيان ۽ بستري تي فقط گل پيا هجن.

استريءَ جو پيار مرد کي ڪافي مٿي ٿو ڪٽي. راجو ريلوي ۾ ڪلارڪ مان بلڊر ۽ فلم پروڊيسر ٿيو. بسو پٽا چاريه کي هن ئي فلم لائين ۾ آندو ۽ سندس فلم ”آس ڪي ڪهاني“ جي نائڪا راجيش ڪنا جي پهرين زال آنجو مهيندو هئي. راجيش ڪنا جڏهن سپر اسٽار ٿيو ۽ رستي تان ڪار ۾ لنگهڻ سبب ٻہ ٻہ ڪلاڪ ٽرئفڪ جئم ٿيڻ لڳي تہ هڪ رات ٻين لڳي راجو راجيش ڪنا کي گهر وٺي ويو. گيتا ڪيس گراموفون تي بيگم اختر جا اٺ رڪارڊ ڪٽي ويو. هڪ دفعي گيتا چيو ”راجيش بلڪل اوهان جيان آهي. شانت اداس، اوچتو مشڪندڙ ”امر پريم“ ۾ راجيش ڪنا ڪونهي. اوهين آهيو“.

راجوءَ ڪار ورتي. هو مون کي اڳيان ويهاريندو. گيتا، انيتا ۽ اميش پٺيان. هي دليپ جو گهر آهي. هي نرگس جو. راجڪپور هتي ڪڏهن نہ آيو آهي. توکي رڳو هڪ فل سوٽ جي ضرورت آهي. هزارين ڇوڪريون توتي مرنديون. موهن، تون هڪ سٺي ڪهاڻي تہ لکي ٿو سگهين. تون وٽ ڏهہ رپيا نہ آهن جو ڪنهن کي فلم ڏيکاري سگهين ۽ آئسڪريم ڪارائي سگهين“.

مان سنڌي ساهت منڊل جو سيڪريٽري هئس جو شيخ اياز ۽ رشيد پٽي هتي آيا. ڪافي ادبي محفلون لڳيون. هر روز ڪير سندن ماني ڪري پوءِ ٿيو ائين جو سفر جا پويان ڏينهن راجوءَ جي گهر رهيا ۽ راجو ٻہ اهڙو جو ڪار ڪٽي ڪين دهلي ۽ آگرو گهمائي آيو. گيتا جو پيار ۽ مهمان نوازي شاعر جي دل ۽ دماغ ۾ گهڙي ويا، ان ڪري سندس پروگرام گيتا ئي ناهيندي هئي. رات مان ۽ گنو راجوءَ وٽ هئاسين -سنڌ جو اداس روح پٽي ٻہ هو، گيتا بتيون بند ڪري ڇڏيون. هن چينيءَ جي وڏي پليٽ ۾، هڪ قطار ۾ چار وڏيون ميڻ بتيون ٻاريون. اياز جي اڳيان ٽيپ رڪارڊ رکيو. اياز رات جو ٻارهين لڳي ڪان صبح جو پنجين تائين ڪوتائون پڙهندو رهيو. چانهين جا.

دور ۽ ڪوتائون.

هئگنگ گارڊن تي جهرمر ۽ ٻنين جو ميل اڌ گول وارو رستو ڏسي اياز چيو ”جهڙو پڳل نيڪلس“ .

مون چيو ”جڻ اڌ ۾ ڇڏيل آزاد نظم“.

الهاس نگر سڳن آهوجا جي گهر ٻاهران هن مون کي پنهنجي پاسي کان ويهاريو. سجي ڪابي هٿ سان منهنجي ساڄي ٻانهن کي مهٽيندو رهيو. جڻ منهنجي ٻانهن ۾ ڪو ڪليات - شاعري، ڪو خزانو پريو پيو هو.

جوهو تي سنان ڪندي مون کيس چيو،

”اياز، تون شاعري ٿو ڪرين تہ لڳي ٿو، جڻ راڻا پرتاب جي تلوار تي هلي“.

”اِهو ڪيئن“؟

”راڻا پرتاب جي تلوار ڳري هوندي هئي، پر هو ڪيترو بہ لڙي، هن جي پهرئين ۽ آخري وار جو زور ۽ رفتار ساڳي رهندي هئي. راڻا پرتاب جلاوطنيءَ ۾ هو، جڏهن هن ڪنهن سامراج واديءَ کي ماريو، تي دفعا تلوار هلايائين. هڪ جهوپڙيءَ ۾ هڪ پيءُ ان تلوار جي زور جو آواز ٻڌي پٽ کي چيو: ٻاهر ڏس ”راڻو پرتاب بينو آهي!جو ساڳي زور سان فقط پرتاب ئي راجپوتانہ ۾ تلوار هلائي سگهي ٿو“.

هن بنگلي تي چيو ”موهن مون کي پنهنجو رايو منهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ڏي“. ريڊيو ڪلب مرحبا ۾ شروعاتي واقفيت وقت هن چيو ”منهنجو توسان جنم جنم جو ناتو آهي“.

۽ وڃڻ کان اڳ ڊائريءَ ۾ مون تي انگريزيءَ ۾ لکيل هي بيان پڙهي ٻڌايين ”موهن ڪلپنا -سنڌيءَ ٻوليءَ جي آخري اميد، هن جو حوص ڊيل آهي. هو ڊگهو ۽ قداوَر آهي ۽ ڪيس ڪشش ڪندڙ شخصيت آهي“. ۽ سنڌ مان خط لکيائين ”هندستان ۾ مون هڪ ست- منهون راوَڻ ڏنو، جنهن جو سِر ڪير ان ڪري نٿي ڪَٽي سگهيو، جو هن وٽ رام جي آتما هئي. مون اروڙ ۾ بہ هرڻ ڏنا جي اوپر طرف منهن ڪري سنڌ جي ڪماليت ڏسي رهيا هئا“.

هونءَ اياز عظيم شاعر هوندي بہ طنز جو ماهر هو. اُتم گهر ۾ وسڪي کولي تہ اياز چيس ”تون هڪ ٿهڪ ڏي تہ وِسڪي پيان“. اتم چيس ”چو، مون ٿيون ڏينهن جو مهيم بيچ تي ٿهڪ ڏنو هو“.

رشيد ڀٽي قوم پرست هو ۽ آهي. هن بہ ڪافي جيل ڀوڳيا آهن. چرچن ۾ استاد، ڪلي ائين ماڻ ڪندو، جڻ اِهي ڪنهن ٻئي ڪيا آهن. جوهو جي سِنانَ وقت هن چيو ”هندو ۽ مسلمان جي وحشت جو پتو فقط ڪٽڻ تي پوندو آهي“.

”اِهو ڪيئن“؟

”سنڌ ۾ راڻيپور کان ڏاڀر ڪوٽا بہ گاڏيون ويندیون آهن. هڪ گاڏي هڪ هڪ اسٽيشن تي بيهي ۽ ٻي سڌو ڏاڀر ڪوٽا. هندو شروع ڪندو، هلندو، بيهندو-وري هلندو. ۽ مسلمان “؟ ڀٽيءَ آواز کي وڏو ۽ ڳالهائڻ جي رفتار ميل جهڙيءَ ڪئي ”مسلمان شروع ڪندو. هڪ اِسٽيشن راڻيپور، ٻي ڏاڀر ڪوٽا، نانَ اسٽاپ. راڻيور ڏاڀر ڪوٽا، راڻيپور ڏاڀر ڪوٽا. راڻيپور-ڏاڀر ڪوٽا. مڙس پوءِ ساڻا ٿيو پون“. وات مان گجي نڪري آيس. اياز ڏاڍو ڪليو. مون بہ ڪلي ڀٽيءَ کي چيو ”اوهان طهر ٿا ڪرايو نہ، شايد ان ڪري اوهان جي گاڏي ڪٽي بيهي نٿي. ان ڪري ئي توهان وٽ شرنگار-رس گهٽ آهي“.

”اِها وري ڪهڙي رَس آهي“؟

”اوهان وٽ جلادن جو جهٽڪو آهي- اسان وٽ مينا ڪاري آهي“.

هڪ دفعي نشي ۾ رشيد پٽي وڃي گٽرن پاسي ڪان وينو.

راجوءَ چيس ”پٽي، هتي ڇا وينو ڪرين“؟

”پارت ماتا جي پوجا ٿو ڪريان!“

”هتي-گٽرن ۾“؟

”پارت جتي ڪٿي پارت آهي“. پٽيءَ چيس.

سڳن جي گهر ٻاهران رات گذاريسين. اهو منهنجي گهر ڪان هڪ منٽ پنڌ تي هو-جيئن تہ سڀ ڪنهن اياز کي ڇڪيو ٿي، مون اياز کي گهر هلڻ لاءِ نہ چيو. پر پٽيءَ چيو؛

”موهن-مونکي ڏاڙهيءَ لاهڻي آهي ۽ اِها تنهنجي گهر لاهڻي آهي“.

مان ڪيس گهر وٺي آيس. هو منهنجي غربت جو اندازو لڳائي ويو. افسوس جو ان ڏينهن آرسيءَ سان گڏ بليڊ بہ ڀڳل هو. صابڻ بہ ڪو نہ هو. هن ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ گهريو. ڀڳل بليڊ سان ڏاڙهي لاٿائين تہ ڪافي ڪٽيون آيس. اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس.

ڀاڀيءَ کي هٿ جوڙ ڪيائين تہ مون ڪيس چيو ”وڏو پٽ هوندي بہ مون ڪيس ڪو سک نہ ڏنو آهي. اسان وٽ اِها اونده اٿئي، پٽي.

پٽيءَ جذبي ۾ چيو ”ان اونده مان هڪ ڏينهن ڪير جهڙو سوجهرو ڦٽي نڪرندو“.

اسان جي حالت؛ آٽيون ۽ چاڙهيون ڏٽ ڏهاڙي سومرا! دادا جي موت بعد لڳم تہ هڪ وڏي جوابداري منهنجن ڪلهن تي پيئي آهي. ريلوي جي نوڪري ڇڏڻ بعد لالا سوٽن ويس، جن پهرين ڪلارڪ ۽ پوءِ سترنهن ڪمپنين جو مئنيجر ڪيو. انجنيئر سوٽ، ڪيول لالا مون کي هڪ شارڪ ۽ اسڪن جو اڇو ڪوٽ نهرائي ڏنو ۽ هڪ ڪاري پينٽ اياز ۽ پٽيءَ وقت گهٽائي دفعا اِهو ڪوٽ پاتم. پٽيءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ اهو ڇهاءُ هن وقت بہ محسوس ٿو ڪريان. مان شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ پٽيءَ جي شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيس. شيخ اياز جي مون سان قرب جا شايد پنج سبب هئا.

هڪ تہ مجيو ويو تہ مون سُنو ٿي لکيو.

ٻيو تہ ادبي ڪلاس ۾ ترقي پسندن کي شڪست بندر جون هوائون ڪارايون هئم. ٿيون تہ هري موٽواڻيءَ مون کي ان دؤر جو بهترين، خود دار، غير موقعي پرست، ايماندار فنڪار سمجهي مون کي ”ڪونج“ رسالي جو ايڊيٽر ٿيڻ لاءِ چيو هو ۽ مون ها ڪئي هئي. ڪونج هڪ پاسي سڳن، آنچل، گني، راهيءَ ۽ سنڌ جي اديبن جون بهترين رچنائون ڇپيون، ٻئي طرف ان وڏا ادبي بحث ۽ طوفان پئدا ڪيا. جنهن سبب ترقيءَ پسندن جا هنڌ هنڌ ڦهليل پانڪ ان جو اڀياس ڪندي ترقي پسندن کان بدظن ٿيڻ لڳا.

چوٿون ته مون به ٻين جيان سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ ڪم ڪيو ٿي ۽ مان ديوناگريءَ لپيءَ جي ديوتائن لاءِ مها ڪال هئس. ۽ هونءَ سنڌ سان محبت ڪيم ٿي. اتي هند جي مڙني اديبن کان مقبول هئس. جيل ۾ ويو هوس. گولين جو مقابلو ڪيو هوم ۽ مهراڻ رسالي طرفان ڪهاڻي -چٽاييٽيءَ ۾ اياز کان هڪ درجو مٿي انعام ڪٽيو هوم.

جيئن ته اسان ادب کي زندگيءَ کان وڌيڪ گنڀيرتا سان ڪنيو هو. ان ڪري "انوکا آزمودا " جهڙي خسيس ڪتاب تي جڏهن ساهت اڪادميءَ جو انعام مليو ته اسان ۾ جوش جاڳيو. تڏهن اسان انعام کي وڏي اهميت ڏني هئي. هاڻ ته اڪثر للو پنجو اهي انعام ڪٽن ٿا. بوٽ پالشون ڪن ٿا ۽ ڪميشنون ڏين ٿا. ان انعام سان گهڻيون بيهودگيون وابسته ٿي چڪيون آهن.

مون هڪ ميڙ سڏايو. اتي فيصلو ٿيو ته رام پنجواڻيءَ جي مرحبا جشن ۾ بغاوت ڪجي. مون زهر جون گوليون کائي اهو ڪتاب پڙهيو هو ۽ پاڻ کي گهٽا ڏيئي، گهٽا ڏيندڙ تنقيد لکي هئم. لعل پشپ اِها تنقيد پڙهي وڏيڪ جوش ۾ آيو ۽ هن وڏيڪ سخت تنقيد لکي. آرتوار ڏينهن اسان جو "آپريشن رام پنجواڻي" جو پروگرام هو. ان ڏينهن وري "هندواسيءَ "۾ اِها خبر ڇپي ته آل انڊيا سيا طرفان به رام پنجواڻيءَ جو سنمان ٿي رهيو هو. ان ڏينهن سيا جي ڪاروباريءَ ڪاميٽيءَ جو ميڙ جئه هند ڪاليج ۾ رکيل هو. مان ۽ رام پنجواڻي ان جا ميمبر هئاسين. پوڄراج ناگراڻي پرڌان ۽ اُتم جنرل سيڪريٽري مان "هندواسيءَ " جو اهو پرچو ڪڍي ان ميڙ ۾ ويس. اتي مالهي، ڪيرت ۽ پوپٽي ۽ ڪافي ٻيا اديب هئا.

"مون اخبار مٿي ڪري پڇيو "صدر صاحب -رام پنجواڻيءَ جي مرحبا جو فيصلو اوهان خود ڪيو آهي"؟

"ها"، پوڄراج ناگراڻيءَ فلڪ سان وراڻيو.

"اوهان اِهو ڪتاب پڙهيو آهي"؟

"نه" هن چيو "سَنمانَ ته انعام سبب آهي".

"سوال آهي ته بنا ڪتاب پڙهڻ جي اوهان سيا طرفان مرحبا جو اصول ڇو قبول ڪيو؟ ڇا اوهان مادرن ادب پڙهيو آهي؟ هن ۾ ته جاڏُن منترن ۽ ڪرامتن جون ڪهاڻيون آهن سيا ۾ اسين به آهيون. اوهان کي اسان جي راين لاءِ ترسڻ ڪپندو هو".

مان ان پوري ميڙ ۾ اڪيلو هوس، جنهن سيا جي فيصلي جي مخالفت ڪئي. پوپٽيءَ چيو "ڪلپنا برابر آهي. سيا کي پڪچر ۾ نه اچڻ ڪپندو هو".

مون چيو ”ڪنوينيئر لعل سنگهه اجواڻي آهي. مون ٻڌو آهي تہ ان انعام جي سودي ۾ رام پنجواڻيءَ بمبئي يونيورسٽي سنڌي بورڊ فار اسٽڊيز جي ڪرسي اجواڻي صاحب کي ڏيڻي ڪئي آهي“.

پوپٽيءَ چيو ”ڪلپنا بلڪل صحيح ٿو چئي“ .

پوءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ بہ منهنجو پاسو کنيو تہ ناگراڻيءَ مٿان ادبي ڦٽڪار جا فانوسا ڦٽا ڪيا ويا. رام پنجواڻيءَ جو مُنهن ڳاڙهو. اتي يڪراءِ فيصلو ٿيو تہ سڀا طرفان رام پنجواڻيءَ جو ڪو سَنمان نہ ٿيندو ۽ ناگراڻي ۽ اُتم استيج تي نہ، هيٺ ڪرسين تي ويهندا.

رام پنجواڻيءَ چيو ”ڪلپنا -هيڏانهن اچ“.

هو مون کي ڪتابن جي ٻن ٽن ڪٻٽن پنيان وني هليو ۽ هٿ جوڙي چيائين: موهن، اعتبار ڪر تہ ان ڪتاب جو وڏو معيار اٿئي- ۽ ان لاءِ مون ڪا سوديبازي نہ ڪئي آهي. مان تنهنجو وڏو ڀاءُ آهيان، ان ڪري تنهنجو فرض آهي تہ منهنجي عزت ڪرين ۽ هونءَ بہ: ڏڪين تون تہ ڏڪجي اگهاڙن شرم“.

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ هند سنڌ ولايت جي مشهور سنڌي پروفيسر جي حالت رحم جوڳي هئي، پر ان وقت مون لاءِ انعام وڏي ڳالهہ هئي جو اسان وٽ ادبي شفقت هئي.

”اوهين مون کي هٿ ڇو ٿا جوڙيو“؟

”شايد اڄ ميڙ ۾ ڪو دنگو ڪرين“.

”اِهو تہ ٿي سگهي ٿو“.

”اِن لاءِ ٿو هٿ جوڙ ڪريان، بس، تون چپ رهج، باقي مان سنڀالي ويندس“.

اسين باندرا جي هوٽل ۾ گڏياسين، آنچل، راهي، گنو، راجو، ڦتن، ايم -سڳن، وشنو ڀاٽيا، چترو ناگپال، لعل پشپ، برج موهن وغيره..

رستي تي نارايڻ پارتيءَ کي برج موهن گڏيو، پارتيءَ پڇيس ”ڪيڏانهن ٿو وڃين“؟

”رام پنجواڻيءَ خلاف مظاهرا ڪرڻ!“

”تو هن جو ڪتاب پڙهيو آهي“؟

”موهن ڪلپنا پڙهيو آهي“.

هوٽل ۾ مون کين چيو: شروعات مان ڪندس، گوڙ ٿئي تہ وشنو استيج کي پني ڏيئي راڪاسن وانگر رڳو ها ها ها واڪا ڪري. برج ڪابي تہ چترو ساڄي پٽ ڏانهن

مُنهن ڪري ڪيڪون ڪن. مقدمي جي دليل بازي راهي ڪندو، لعل پشپ مفت ۾ ”پرهه ڦٽي“ جا پرچا ورهائيندو.

نيشنل ڪاليج باندرا جو هال سڄو ڀريل، ترقي پسند اڳين بينچن تي وينا، جتي ڪي ديوناگريءَ وارا به وينا هئا. مالهي ”هندستان “ جي مئنيجر ٻلديوَ موٽواڻيءَ جي پرسان وينو هو. لڳ ڀڳ سڀ ليکڪ، ماستر، پروفيسر ۽ وڏا ماڻهو آيل هئا. ڪتاب اڃا پبلڪ ۾ ظاهر نه ٿيو هو. اسٽيج تي ٽي ڄڻا وينا؛ اجواڻي، رام پنجواڻي، سيتا رام پنجواڻي. رام پنجواڻيءَ جي اک ڪانو وانگر ٽي ڦري ۽ ڦري ڦري مون وٽ ڄمي ٽي بيني. هال ۾ عزيز ڪو نه هو، جنهن کي اڃا اِهو انعام ڪو نه مليو هو.

اجواڻي رام پنجواڻيءَ جي ڪتاب جي ساراهه ۾ شيرين آسڻ ڪرڻ لڳو ۽ چيائين ”رام پنجواڻيءَ کي انعام جنتا ڏنو آهي“.

مون اديبن کي هڪٻئي کان پري ويهاريو هو- جيئن انتظام مان بدانتظامي ڦهلائجي. ڏنم ته راهي اڃا ماڻ هو ۽ اُٿيو ڪو نه. مان ڪافي پنيان وينو هوس، مون اٿندي بلند آواز ۾ چيو ”جنتا اِهو ڪتاب ڏنو آهي“؟

سڀ سسيون اُبتيون ٿي منهنجو مُنهن تڪڻ لڳيون.

اجواڻيءَ به رڙ ڪئي ”يو ست ڊائون، مسٽر ڪلپنا“.

مون وڌيڪ رڙ ڪئي ”دس از ناٽ يوئر ڪاليج! يو ست ڊائون“.

سسيون وري اسٽيج طرف. وري واپس مون ڏانهن. سسين جي اِن انتظاميءَ ”ابائوٽ ٽرن، جي ايڪتا جيڪڏهن سنڌين ۾ اچي ته شايد ڪين ڪو به ڪٿي جهڪائي نه سگهي، حيرت ۾ سڀ اڪيون ڦاٽل“

هاڻ راهي دليل بازيءَ لاءِ اٿيو. مون ڪافي سوال جواب ڪيا. پر ان وچ ۾ وشنو، چترو ۽ برجوءَ اُهي رنيون ڪيون جو راهيءَ جو ليڪچر ٻڌڻ ۾ نه آيو. رام پنجواڻيءَ مائيڪ تي اچي، پنج ئي آڱريون نڪ تي رکي، هٿ وڌائي چيو؛ اوهان کي لج ڪانهي، شرم ڪونهي، حياءُ ڪونهي، اوهين غنڊا آهيو، غنڊا آهيو. هٿ نڪ تي ۽ وري ڪولي اسان ڏانهن ڪري. آواز بند ٿي ويس. پر ڦٽ لعنت جي ادا قائم رهيس. مون کي به لڳو جوش، سو اڳيان وڌي اسٽيج تي ويس ۽ به فوٽ مٿي ٽپو ڏيئي ٽيبل تي مُڪ هنيم؛ بند ڪريو هيءُ تماشو ۽ پوءِ ماڻهن ڏانهن مُنهن ڪري چيم؛ هي ليکڪ آهن؟ نڳ آهن. چور آهن. هنن ئي سنڌي ادب کي زوال تي پهچايو آهي. اديب اسين آهيون، اسان کي ٻوليءَ سان مُحبت آهي.

مان موٽيس تہ ٻلديو موٽواٽيءَ غصي ۾ چيو ”يو ڪميونسٽ“! رڙ ڪري چيومانس ”ڪال مي آءِ ڊاگ، بٽ نات ڪميونسٽ“! مالهيءَ جو مُنهن لهي ويو. ڄڻ اِها گار مون کيس ڏني. هن ئي هڪ چيو: موهن نئشنلسٽ آهي ڪاش سوشلسٽ ٿئي.

لعل پشپ بہ چيو: پڙهو رام پنجواٽيءَ جا ڪارناما. ائين چئي هن ”پرهه ڦٽي“ جا ڪيترا پرچا نوٽن جيان هوا ۾ ڦٽا ڪيا ۽ رام پنجواٽيءَ جا پرستار منگهي پير جي فقيرن جيان هيٺ جهڪي جهپا هڻڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کي ڏڪا ۽ ٺيلها ڏيڻ لڳا. ميڙ ڦٽي ويو. رام پنجواٽيءَ جو سَنمانَ ٿي نہ سگهيو، اَپمانَ ٿي ويو.

ان واقعي تي سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ سيني ليکڪن افسوس ظاهر ڪيو آهي ۽ انهن بہ جن بغاوت ۾ شرڪت ڪئي. هڪ مون ئي دڪ ظاهر نہ ڪيو آهي. رام پنجواٽي اسانجي قوم جي هڪ وڏي شخصيت آهي ۽ ڳالهہ بہ هڪ انعام جي هئي. پر مان دڪ ان ڪري نٿو ڪريان جو ان واقعي مان اسان جي پنهنجي ادب طرف صداقت ظاهر ٿي ٿئي. رام پنجواٽيءَ ادبي دنيا ۾ پرشٿا چار جي روايت قائم ڪئي. حق، لائقيءَ ۽ ايمانداريءَ موجب ڪنهن کي انعام عهدو ڪجهہ بہ ملي تہ مان ان جو قدر ڪندو آهيان. سنسٿا واد فنڪار جي انقلابي جذبن کي ڪچلڻ لاءِ ٿيندو آهي. فنڪار اهو جو پنهنجا جائز حق وٺڻ بعد ڳالهہ پنهنجي ڪري. هڪ خيال کان ڏک ٿيندو اٿم تہ رام پنجواٽيءَ جو اِهو ادبي حشر سندس پتني سيتا اڳيان ڪيوسين. مهذب شخص مرجاتا جي گهيري اندر رهندا آهن. پر اسان جي حالت پاندون جهڙي، جي ڏينهن جو ڪورون کي مارينداهئا ۽ رات جو اعذا پرسيءَ ڪندا هئا. سمجهان ٿو، هڪ غلطي ٿو ڪريان. اِهو واقعو شيخ اياز جي وجڻ بعد ئي ٿيو. ڳالهيون اڳيان لکان پا پٽيان، ان جو پنهنجو تسلسل آهي. ادب کا اسڪولي ڪتاب جي تاريخ نہ آهي، جتي سن واقعا يا سلسلا ڏنل هجن. مون کي جيئن ياد ٿو اچي تيئن ٿو لکان.

ڳالهہ گني ۽ منهنجي هئي تہ ٻئي شادي هڪ ڇوڪريءَ سان ڪنداسين. پوءِ ان احمقپڻي تي کلياسين، هن ديپتيءَ سان شاديءَ ڪئي، هو کيس شاديءَ کان اڳ انپورٽا چوندو هو. ديپتي ريلوي ۾ ۽ پاڻ بيروزگار. الهاس اسٽيشن پرسان، او- ٽيءَ پاسي نديءَ ڪناري ليٽيءَ ائدالف هٽلر جي جيوني پڙهندو هو. ديپتي ايندي، گهر ويندا، گني کي پوءِ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري مِلي، جتي هو هن وقت اندر سيڪريٽري آهي. شاديءَ جي سال ٻن بعد بمبئيءَ لڏي ويو. هن وقت چرچ گيٽ پرسان رهندو آهي. ديپتي ڏاڍي ڪِل مُک ۽ ذهين آهي. هڪ دفعي آفيس ۾ ڪنهن کيس چيو: يو آر اي فلاوَر. ديپتيءَ چيس: بٽ يو آر نات آءِ بٽر فلاءِ . (تون هڪ گُل آهين!-ها، پر تون پوپٽ نہ آهين).

لالا آرڪيٽيڪٽ آفيس. روز فرسٽ ڪلاس ۾ الهاس ڪان بمبئي سڳن گڏ هوندو هوم. اتان نيوا ايمپاير ريسٽارنٽ. صنوبر جي وڻن جي وچ ۾ چانهه. ادبي سوچون. هڪ دفعي ادبي ڪلاس ۾ جڳت آڏواڻيءَ جي زال پتليءَ چيو "موهن هٿ مٿي ڪر". مون هٿ مٿي ڪيو. هوءَ هڪ جوان ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ کي اتي وني آئي هئي. شايد ڪيس مڙس جي تلاش هئي ۽ مون کي زال جي. اسانکي پنهنجي گهر چانهه تي گهرايائين.

مون هن جو نالو راجڪماري رکيو، جا اجا به بمبئي اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا فورٽ ۾ نوڪري ڪندي آهي. جڳت آفيس. پتليءَ ٽيوشن تي ۽ اتي سندس سورهن سالن جي ڌيءَ شويا. راجڪماري ۽ مان. هڪ دفعي راجڪماريءَ شويا کي ڪلاڪ ۾ ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ در بند ڪري اچي پلنگ تي وينئي-

"تون روپ جو پوڄاري آهين يا آتما جو"؟

"شاديءَ کان اڳ روپ جو".

"ڇو"؟

"شادي ٿي. ڳالهه ختم. پوءِ آتما پرماتما جون ڳالهيون".

"توکي شايد ننڊ ٿي اچي".

"سو تنهنجي پرسان ليٽان اچي".

هن جو مُنهن شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو.

"تنهنجي پڳهار گهٽ آهي". هن شڪايت ڪئي.

"ٿي سؤ آهي". مون فخر مان چيو.

"رهين به اُلهاس نگر"؟

"تہ ڇا ڪريان".

"ڇاڇي کي چيمپور ۾ هڪ فلئٽ آهي، هو اُهو مون کي ڏيڻ لاءِ تيار آهي".

"تنهنجي لاءِ گهر ڇڏيان". ؟

"اڄ نہ سياڻ توکي اِهو ڇڏڻو پوندو".

مان چپ.

"تارا مير چنداڻي ڪير آهي"؟

"هڪ ليکڪا، بنارس ۾ رهندي آهي".

"تو "درد ۽ سپنا" ڪهاڻي هن تي لکي آهي"؟

"ها".

"ڪهاڻيءَ ۾ تون ڪيس هٿ به نٿو لڳائين.".

”هوءَ شادي شده آهي“.

”پر تون ته روپ جو پوجاري آهين“.

”ان روپ جي اگنيءَ ۾ جلي منهنجي سڄي آتما سوني ٿي ويئي آهي. پر هڪ شخص کي فقط بستري تائين محدود نٿو ڪري“.

”پائي تنهنجون ڳالهيون ته ڳوٽين ۾ پرڻ جهڙيون آهن “

”تون نٿي ڄاڻين راجڪماري“ مون چيو ”مون سڄي زندگي پنهنجو پيٽ ڪويتائن سان پريو آهي. توکي به بُک لڳي ته مون کان ڪوتائون گهرج“.

هو ڪلڻ لڳي.

پتلي سندس ماسي هئي ۽ جڳت منهنجي ڪهاڻي ”درد ۽ سپنا“ ڇپي هئي، جنهن لاءِ مالهيءَ چيو ته عورت -مرد تي ان سنبنڌ جي ڪا اعليٰ ڪهاڻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ نه پڙهي آهي. آنچل اِها ڪهاڻيءَ هڪ ئي وقت ٽي دفعا پڙهي.

تارائون به به آهن، هڪ اجميريءَ ۾ قيصر گنج ۾ پيڻ ليلا جي پرسان رهندي هئي. جيا پارتيءَ وانگر قد جي ننڍي. هن منهنجو گوئا وارو ڪتاب پڙهيو هو ۽ پنهنجي قد جي حصاب سان منهنجي قد جو اندازو لڳائي هن هڪ سوئيٽر مڙهيو هو، جو مون کي ڏنائين. راتيون راتيون ويهي ڪهاڻيون ٻڌندي هئي. اِهو سوئيٽر مون کي پورو نه ٿيو ۽ پوءِ اِهو پايي‌ءَ پائڻ شروع ڪيو.

تارا مير چنداڻيءَ جهڙي مونالزا. مون سان ڪافي گهري ٿي. ادبي بينڪ، ڪلچرل پروگرامن ۽ مشاعري ۾ مون سان گڏ رهي. هوءَ بمبئيءَ سميلن 1958ع ۾ آئي هئي ۽ هڪ شام هن چيو ته مون ۾ نهايت گهرو درد، پر چهري ۾ گوتم ۽ ڪرائيسٽ وارو نور آهي. مشاعري جي صدارت ساحر لڌيانوي کي ڪرڻي هئي ۽ ڪيس آڻڻ جي جوابداري مون مٿان. مان به چار دفعا هن جي گهر ويو هوس. مشاعري جي شام مان ڪيس ڪي-سي ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ وٺي ويس. تارا گڏ هئي. ساحر جو مزاج ڪافي خراب هو.

تارا لاءِ پڇيائين؛

”تنهنجي پتني آهي“؟

”نه- دوست آهي. “ مون چيو.

”دوست ئي ته پتنيون ٿيندیون آهن“.

”نه ساحر“ مون چيو”هوءَ شاديءَ شده آهي“.

ساحر پنهنجي غلطيءَ تي پشيمان ٿيو.

”اوهان جو مزاج ڪجهه خراب آهي“! مون پڇيو.

”ها دوست - اڄ مون زندگيءَ جو هڪ فيصلو ڪيو آهي“.

”ڪهڙو “؟ تارا پُڇيس.

”تہ فلم لائين ڇڏي ڏيان“.

”ڇو“؟ وري بہ تارا پُڇيس.

”اديب دوست چون ٿا تہ فلم ۾ اچڻ بعد مان ادبي نہ رهيو آهيان. اڄ وري ٿائيمس آف انڊيا ۾ مون تي سخت نڪتہ چيني ٿي آهي“.

”اوهان جو فيصلو غلط آهي“، مون چيو ”اوهان جي فلم ”پياسا“ جا شعر لکين ماڻهن کي اُردو سکڻ لاءِ مجبور ڪندا. فلمون ادب ڏانهن وڃڻ جو رستو آهن. اوهان جي فلمن ۾ اچڻ سان فلمن جي گيتن جو معيار وڌيو آهي. ٽئگور چيو آهي؛ ڪين موقعو ڏيو، نہ ڏيو. گلا ڪرڻ وارا اوهان جو ڪو ڪيس ڳولي ئي لهندا“.

تارا چيو ”موهن نيڪ ٿو چوي“.

هن اسان ٻنهي ڏانهن نهاريو. اسان جا چهرا ڏسي مشڪي پيو. پوءِ اُتم بہ اچي ڪيفي ۾ پهتو ۽ چانهہ ۽ سنبوسو ڪاڏائين. ساحر چيو ”اوهين صحيح آهيو. مان پنهنجو فيصلو بدلايان ٿو“. ان ئي شام هن اٽڪل ڏهن هزار سنڌين اڳيان پنهنجي هڪ لنبي ڪوتا ”تصورات ڪي پرڇايان، پڙهي:“

ان ڪو يه يقين هم ڪيي نہ بچڙين گي

مجهي يه گمان هم مل ڪر يي پرائي هين

تصورات ڪي پرڇايان اپرتي هئين

ان بعد نہ تارا گڏي ۽ نہ ساحر. ٻہ سال ٿيا تہ ساحر مري ويو. تارا ٻہ چار دفعا بمبئيءَ آئي آهي، مون سان گڏجڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. هڪ ٻہ دفعا فون بہ لڳائين. مون کي بہ دل ٿيندي آهي تہ بنارس ۾ گڏجي اچانس. اسان جون ڪيتريون ملاقاتون مون هوبهو ”درد ۽ سپنا“ ۾ ڏنيون آهن. ائين اسان جو صبح شام گڏجڻ گهٽن کي نيڪ نہ لڳو. منگهارام ملڪاڻيءَ پڇيو؛ ٻئي هڪٻئي سان ٻڌجي تہ نہ ويا آهيو؟ مون چيو؛ فنڪار تہ هڪ ٻئي سان هميشه ٻڌا پيا آهن- باقي اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي.

ان ڪو يه يقين هم ڪيي نہ بچڙين گي

مجهي يه گمان هم مل ڪر يي پرائي هين

هن نگاهن سان خدا حافظ چيو ۽ ان بعد سندس خدا منهنجي ڪافي حفاظت ڪئي آهي.

راجڪماري ۽ مان. صبح بہ پنهنجا تہ شامون بہ. ڪڏهن فلم تي، ڪڏهن آرٽ گئلريءَ، ڪڏهن عجائب گهر ۽ راڻي باغ. ڪڏهن مرين ڊرائيو جي ٿلهي تي ويهون. هڪ

دفعي ڏاڍي برسات پئي. هوءَ منهنجي چٽيءَ جي هيٺان اچي بيٺي. وڏيون اکيون ڪٽي چيائين ”منهنجا سائين“.

سندس اِهي لفظ ڏاڍا وڻيا. پوءِ تہ عادت پئجي ويس. چاهيندي هئي تہ ڪو ڏنڌو ڪريان. ڪار وٺان.

”پلا آڪاڻين ۾ ڇا آهي؟ پلا لفظن سان پيٽ ڀرجي سگهي ٿو؟ ڪا لپسٽڪ، پائوڊر هٽي سگهجي ٿو؟ زال ڪنهن جي بہ ٿجي، پر ليڪڪ جي نہ ٿجي. پر تون سنو آهين. تو مان ڪا ساڙهيءَ، چوڙين جي اميد رکي نٿي سگهان. لفظن جو طلسم آهي تو وٽ. بس، تنهنجو اِهو ڳالهائڻ ٿو مون کي ماري“.

”پر منهنجون ڳالهيون تہ ڳوٺين ۾ ڀرڻ جهڙيون آهن“.

”ڳالهين سان تہ ڳوٺيون ڀربيون، پيٽ ٿورو ئي ڀربا“.

”توکي خبر آهي، هندستان ۾ چاليهہ ڪروڙ ماڻهو آهن. جن کي بہ ويلا ماني نصيب نہ ٿيندي آهي“.

”هو پنهنجو پيٽ رامايڻ جي ڪويتائن سان ڀريندا آهن“.

”توکي خبر آهي- وان گو ڊبرٽيون ڪائي پيٽنگ ڪندو هو“؟

”ان ڪري جوڻهس ضرور ڏُکي هوندي“؟

”تہ ڇا ڪلا کي ڪا اهميت نہ آهي“؟

”ڪلا هڪ بلا آهي جا ماڻهن جو سُک ڳڙڪائي ٿي“.

”اِهو ڄاڻي بہ منهنجي زندگيءَ ۾ آئينءَ“.

”مون کي خبر آهي، شاديءَ بعد تنهنجو لکڻ بند ٿي ويندو“.

”شاديءَ بعد ليڪڪ لکڻ بند ڪندا آهن ۽ هنن جون زالون ليڪڪائون ٿي ويندیون آهن“.

”اِها فقط واندڪائيءَ جي وندر آهي“.

”ڇا “؟

”لکڻ“.

مون کي لڳو تہ شايد اسين گڏ هلي سگهنداسين، هونءَ هوءَ دفتر ۾ ايندي هئي. پٽيوالي کي رپيو خرچي ڏيئي چوندو هوس تہ ٻاهران لاڪ ڪري وڃ. اسين ايئر ڪنڊيشن آفيس ۾ هڪ ٻئي کان آزادي وٺندا هئاسين. هوءَ گيتاراج جي ساهيڙي بنجي ويئي ۽ هن کي چيائين تہ موهن حوص جي سوال ۾ ڏاڍو وحشي آهي. گيتا پڇيو ”پر اوهين اِهي لڳندا تہ نہ آهيو“؟

چيم ”هن منهنجي وحشت اجا ڏني تہ نہ آهي. منهنجي جسم ۾ لاوا آهن“. منهنجي آفيس جي رسپيشنسٽ هڪ انگريز مس بليڪ هئي.

اسين لنچ ٽائيم ۾ هڪبئي سان چرچا ڪندا هئاسين. هڪ دفعي هن چيو:

”تون شادي ڇو نٿو ڪرين“؟

”ڪندس“.

”ڪنهن سان “؟ هن مشڪيو.

”توسان “! مون بہ مشڪيو.

”تہ پوءِ هيئن تا ڪريون“. مس بليڪ چيو ”اسين ڇهن مهينن لاءِ شادي تا ڪريون. خوب موج مزا ڪنداسين ۽ پوءِ طلاق“ .

”طلاق ڇو“؟

”شاديءَ بعد زال مڙس هڪ ٻئي کي وڌ ۾ وڌ ڇهہ مهينا پيار ڪري سگهندا آهن. پوءِ پيار جون ڳالهيون ختم. سچا روپ ظاهر. ڪمليٽ يوردم .“

”تہ پوءِ شادي ئي ڇو ڪجي!“

”ڇو ڪجي“؟

هن چيو ”اوهين انڊين تہ هر ڳالهہ جو مرڪز شاديءَ بڻائيندا آهيو“.

شادي هڪ مدي خارج رسم آهي.

بس گڏ رهجي.

گهمجي،

ڦرجي،

ڪو بہ ٻنڌن نہ،

ڪي بہ واعدا نہ،

شروعات ۾ پنهنجون ڪمزوريون ۽ ناپسنديون ٻڌائي ڇڏجن.

”پيار ڪجهہ وڌيڪ ئي هلندو“.

”۽ ٻار “؟

”ٻار پنهنجي مرضيءَ سان تہ پيدا ٿين نٿا طلاق بعد هو سمجهندا تہ زندگي آهي ئي ائين“.

”تون لنڊن مان ڪڏهن آئي آهين“؟

”مان -بس سال بہ ٿيا. تون چئين تہ توکي بہ وٺي هلان“.

”۽ اتي ڇڏي ڏين“.

”تي سگهي ٿو“.

”تون سني آهين. تو ۾ ڇل ڪپٽ ڪونهي. واقعي مون کي تنهنجي رٽ وڻي ٿي.
پر تون ته ڄاڻين ٿي.“..
”توکي استيٽ بئنڪ مان روز هڪ فون ايندو آهي.
موهن، تون ان مينهن سان شادي ڪندين؟
”ڇا توکي ملڪ ڊائري کولڻي آهي“؟
هوءَ ڏاڍو ڪلي.
”ٿوري ٿلهي آهي“.
”توکي رات جو بيڊ تي سمهڻ جي ضرورت نه پوندي“ .
”ڇو“؟
”تون هن جي ٻانهن تي ئي ليٽي پئج!“
مون چپ ڊٻائي هن جو ڪن پٽيو ۽ سنڌيءَ ۾ چيومانس؛
”لچي“.
هڪ دفعي اول پارڪ ۾ راجڪماريءَ چيو،
”گيتا ڳالهه ڪئي ته تو ڇهن مهينن جي مسواڙ نه ڀري آهي“.
”مسواڙ ايڪيويهه رپيا آهي. بونس ملندو ته ڀري ڇڏيندس“.
”ٻڌو اٿم، مڪان مالڪ توتي ڪيس به ڪيو آهي!“
”اِهو ته پيو سال هلندو“.
”ائين ته نه ٿيندو جو ويڏيءَ تي اچي پوليس گرفتار ڪريئي“؟
”ائين ته فلمن ۾ ٿيندو آهي“.
”تنهنجي زندگي به ته فلمي آهي“.
”ته پوءِ ختم ڪري ڇڏيون “؟
”ڇا“؟
”پنهنجو سنبنڌ!“
”۽ اسان جو مڱڻو“؟
”اِهو به“.
”يعني تون مون کي دوکو ڏيندين.
دنيا کي خبر آهي ته توسان منهنجي شادي ٿيندي“.
مان چپ ٿي ويس...

ٻئي ڏينهن لالائن برلا منشري ۾ ڪو راڳ ناچ جو پروگرام رکيو هو... راجوءَ ۽ گيتا کي به نيندِ هئي ۽ راجڪماريءَ کي مون گهرايو. اتي مس بليڪ ۽ آفيس جا ٻيا ماڻهو به اچڻا هئا.

ان ڏينهن راجوءَ لنچ بئلرڊ پيئر جي هڪ دي گريٽ هوٽل ۾ رکي.

اتان هو گهر ويندا،

وري شام جو اسٽيٽ بئنڪ ۾ راجڪماريءَ کي لفٽ ڏيندا، جتي مان اڳواٽ ايندس.

هوٽل ۾ راجڪماريءَ چيو،

”موهن کي چئو ته اوهان وانگر بزنيس ڪري“.

”مون کي ان بزنيس ۾ آندو به موهن آهي.

پنهنجي دفتر ۾ ويهڻ ڏنائين.

مفت ۾ بلڊنگ جو پلان پاس ڪرائي ڏنائين.

پوپ جي هڪ ڪوتا آهي :

هڪ هيءُ گهر به:ائنڊ آ هائوس ٽولاج آ فريندِ)“. ۽ هڪ گهر، جنهن ۾ هڪ دوست کي رهائي سگهان مون مشڪيو.

هن چيو”:اوهان کي موهن جو ڪيترو خيال آهي.

ايترو خيال هو پنهنجو به نه ڪندو آهي“.

”موهن منهنجو ٻيو ساهه آهي،

راجوءَ مشڪيو .“

ماني اچي تيستائين مون سلاد مان پن وارو بصر ڪائڻ شروع ڪيو ۽ پوپ جو شعر دهرايم”:ائنڊ آءِ هائوس ٽو لاج آءِ فريندِ“. گيتا اکيون چمڪائي مون ڏانهن نهارڻ لڳي. تمام ٿورا ماڻهو زال مڙس، ٻنهي کي وڻندا آهن ۽ مان انهن ٿورن مان هئس.

به چار ڪلاڪ پوءِ گيتا راج جو فون آيو.

”توهان به ڪمال ٿا ڪريو!“

”ڇو“؟ مون حيرت مان پڇيو.

”اوهان مانيءَ کان اڳ بصر ڇو ڪاڏو“؟

”بصر !ڇو، اِهو نه ڪائبو آهي!“

”نه “ گيتا چيو ”اوهان جي راجڪماري چوي ٿي موهن کي ڪو ڪلچر نه آهي“. مان چپ.

”اوهان کان ڏاڍو ناراض آهي“.

مان چپ.

”اوهين ماٺ ڇو آهيو“؟

”شايد هوءَ برابر آهي“.

”پروگرام تي اچو ٿا“؟

”سڌو اتي ايندس“ .

”اسٽيٽ بئنڪ ڪو نہ ويندا “؟

”اِهو راجڪماريءَ کان پڇج“.

آفيس ۾ فون تي خانگي گفتگو ڪرڻ مشڪل آهي. پر مان مختصر ۽ گهٽ ڳالهائيندو هوس.

مون کي ڏاڍو صدمو پهتو. ڪيس پنهنجا رايا رکڻ جو حق هو، پر ان ريت هوءَ مون تي ڪو حملو ڪري نٿي سگهي. هن منهنجي لکڻ جو مذاق اُڏايو. مان چپ رهيس. غريبيءَ تي ٺٺولي ڪئي. تڏهن بہ برداشت ڪيم. هڪ ماءُ هئي منهنجي. ڪيترا سال بيروزگار هئس ۽ راتيون جاڳي سندن ننڊ ڦٽائيندو هوس، پائي نہ ڪمائيندو هوس. هن ڪجهہ نہ چيو. اوچتو ڏسان تہ ٽيبل تي چانهہ. واهہ ماءُ -ڪيترا دوست منهنجي گهر آيا. سڀ ئي ڪيس سنا لڳا تہ اهڙن دوستن جو دوست هوندي مان ڪيس سنو لڳو هوندس. جيڪڏهن ماءُ منهنجي لکڻ ۽ غريبيءَ تي هڪ حملو ڪري ها، مان ريل جي پٽن تي پاڻ کي ماري ڇڏيان ها ۽ سڪر جو آزمودو وساري ڇڏيان ها. ڪراچيءَکان وٺي مون گهر کي ڏنو ڇا پهرين سنگهہ ۽ گهر کان غائبي، پوءِ جيل، گوئا ۽ ادبي ڪلاس، پيءُ بہ ڪجهہ نہ چيو، پر هوءَ چئي وڃي ۽ گار ڏئي تہ موهن کي ڪلچر نہ آهي.

مون اسٽيٽ بئنڪ جو فون گهمايو ۽ آپريٽر رستي ڪيس سڏ ڪيم.

”مون ڏاڍي غلطي ڪئي جو هوٽل ۾ بصر ڪاڏم“.

”اوهان کي گيتا راج ٻڌايو هوندو“.

”مون ۾ ڪو ڪلچر ڪونهي“.

”هوٽل ۾ ماني کائڻ جا خاص اخلاق ٿيندا آهن-ايٽيڪيٽس“.

”اُهي مون ۾ نہ آهن. تون مون وٽ ڪڏهن بہ سڪي رهي نہ سگهندينءَ مان تنهنجي لائق نہ آهيان. بهتر آهي تون پنهنجي لاءِ ٻيو مڙس ڳولهين!“

”منهنجو مطلب اِهو نہ هو“.

”تون پنهنجا مطلب، آدرش ۽ سپنا پنهنجي پرس ۾ رک. آءِ هيٽ يو“! (مون کي توکان نفرت آهي) ۽ مون فون رکي ڇڏي.

برلا منشري هال ۾ امين ساهنيءَ جي ڪامينٽريءَ چالو هئي. راجڪماري راجو ۽ گيتا سان گڏ ويٺي ۽ پاسي واري ڪرسي خالي رکي هئائين.

منهنجو مزاج ڏاڍو خراب هو. مان آيس تہ هال ٻاهران هڪ اديب هڪ فلمي شاعر گلشن باورا سان واقفيت ڪرائي. مون چيو: شاعر آهي! هتي ڪيئن؟ پاسي ۾ گٽر تہ ڪونهي! ۽ مان اندر ويس. شاعر لال پيلو ۽ سائو ٿي ويو. شايد پهريون دفعو ڪنهن اديب سان بدتميزيءَ سان پيش آيس ۽ راجڪماريءَ جو لڳايل الزام صحيح ثابت ڪيم.

مون کي ڏسي راجو اڳيان وڌيو "هل نہ"

"ڪيڏانهن"؟

"پنهنجي راجڪماريءَ وٽ".

"مان هن جو مُنهن بہ ڏسڻ نٿو چاهيان".

"هوءَ روئي ويٺي".

"ٻڌ راجو هن ڌرتيءَ تي اِهڙو ڪو انسان پئدا ٿيو آهي جو موهن جي بيعزتيءَ ڪري سگهي ۽ پنهنجي عزت بچائي سگهي".

"ڳالهہ خسيس آهي!"

"ڳالهہ تمام وڏي آهي".

مون کي ڏسي بلئڪ اڳيان وڌي آئي ۽ اچي هٿ ملايائين. راجو وجي پنهنجي سيٽ تي ويٺو ۽ ڪيس ڪجهہ چيائين. هن مون ڏانهن نهاريو تہ مون مس بلئڪ جي چيلهہ ۾ هٿ وڌو "هل تہ ٻاهر ڪوڪ پيئون".

هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو"هل"

ٻاهر ڪوڪا ڪولا پيئندي بليڪ پڇيو "اڄ ڏاڍو خوش ٿو نظر اچين".

"اڄ پهريون دفعو ائڪٽنگ ٿو ڪريان. ڳالهہ هيئن آهي..".

مون ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائيندي چيو "تون ڪجهہ مدد ڪر. مون سان گڏ ويهہ".

"جيئن تون چاهين".

هڪ دفعي مون راجڪماريءَ کي چيو "منهنجي ياداشت ڏاڍي ڪمزور آهي".

"پوءِ تہ مان مري ويندس".

"ڇو"؟

"پوءِ تہ توکي تنهنجا واعدا بہ ياد نہ پوندا".

"واعدا وسري ويندا، پر ماڻهو تہ ساڳيو آهيان. ڪو بدمعاش نہ آهيان. وري بہ ساڳيا وعدا ڪندس".

هوءَ ڪلي. هڪ دفعي هن چيو "مون کي اوندهہ گهرجي".

مون ڪيس چيو ”مون وٽ اوندھ ئي تہ آهي. منهنجي گھر ۾، ادب ۾، ذهن ۾- منهنجين اکين ۾“.

مس بليڪ ۽ مان گڏ ويٺاسين تہ راجو وري آيو. ”موهن، غلطيءَ تو ڪرين“.

”مون کي مڪتي ڪپي. مون کي شانتي ڪپي، مون کي ڪويتا ڪپي. مان هن لاءِ اِهو سڀ ڇڏي نٿو سگھان.“

ان رات ٻين لڳي گھر پهتس. هري موٽواڻيءَ ”آئيني اڳيان“ ڪالم لکڻ لاءِ چيو هو. ان رات قلم ۾ زهر ڀري اهو لکيم-راجڪماريءَ سان ناتو ڪٽي ڇڏيم ۽ ڪڏهن سندس واٽ نہ ورتم.

اٽڪل ڏهہ سال اڳي وي-ٽي -ٽيڪسي اسٽينڊ گڏي. اسان ٻنهي جي الڳ الڳ طور شادي ٿي چڪي هئي. گفتگو مختصر ٿي؛

”ڪيئن آهيو“؟

”نيڪ آهيان!“

”ڪڏهن منهنجي ياد اچيوَ“؟

”ايندي آهي“.

”پوءِ ڪڏهن مون وٽ آيا نہ آهيو“؟

”ڪڏهن سوچيو نہ اٿم“.

”منهنجي هڪ خواهش آهي“.

”اجا بہ“؟

”بس -زندگيءَ ۾ هڪ دفعو اوهان چانهہ پيئڻ لاءِ منهنجي آفيس ۾ اچو“.

”نہ مان ديوداس آهيان، نہ تون پاروتي آهين“. مون چيو”تنهنجي اِها خواهش ڪڏهن پوري نہ ٿيندي“. مون ڪيس هٿ جوڙيا ۽ مان هليو ويس.

نہ، مان ڪنور نہ آهيان. پر رڳو موهي، جذباتي ۽ متوالو بہ نہ آهيان. مون ترقي پسندن سان نهايت ڪنور ٿي ٽڪر کاڌو. پر من منهنجو ئي ضربجندو هو. مون اِهائي ڪوشش ڪئي تہ جو صحيح سمجهان اِهو ڪريان، چاهي منهنجو اِهو صحيح سمجهڻ خود ۾ غلط ڇو نہ هجي. پيار مون گهڻا ڪيا آهن ۽ هر پيار ۾ صادق رهيو آهيان. اِهي سڀ پيار منهنجي من جي الڳ الڳ ڪنڊن ۾ زندهہ آهن. اڪثر مان عڪس انداز ٿيندو آهيان، پر ماضيءَ ۾ جيئڻ بدران حال ۾ نيون خوشيون خلقڻ جي جدوجهد ڪندو آهيان.

دڪ ٿيندو اٿم، پر من جا زخم ايترا گهرا اٿم جو مشڪل اڪ ۾ ڳوڙهو اچي. مان غم کي پي ويندو آهيان ۽ ان ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪئي اٿم. مون ”آئيني اڳيان“

۾ هڪ هنڌ لکيو: مان موهن جو دڙو آهيان، گريس جو اٿينس، چين جي ڊنل ديوار آهيان. من ۾ ڄارا آهن. ڪوريئڙا آهن، مان اندران ٽڪيو پيو آهيان“.

انهن ئي ڏينهن ۾ طارق اشرف آيو. مان تنها. مايوس. اداس هن مون تي هڪ ڪهاڻي لکي ”گوندر ڪڍيا گونچ“ جا ڪهاڻي سُني هئي، پر ان جي پڇاڙي خيالي هئي ۽ ذاتي طور مون سان لاڳو نه هئي. حقيقت ۾ مان هڪ خياليءَ عورت جي تلاش ۾ هوس ۽ جا ملي، اُها اِن خيالي عورت جي ابتڙ هئي. جا ملي اُها ڪمل هئي. مونکي لڳو آهي، منهنجي پيار جا سڀ درد ۽ شڪستون ڄڻ ڪيس پائڻ جون تياريون هيون. مون هن کي پنهنجون سڀ پريم ڪهاڻيون ٻڌايون آهن. هوءَ ڪلندي آهي. گنو اڪثر چوندو آهي: ليڪڪن ۾ زال تہ موهن جي. ڪمايان، گهٽ ڪمايان، هن دڪ سڪ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو آهي. سترنهن سال سنڌ ۾. سترنهن عشقن ۾ ناڪامي ۽ سترنهن سال ڪمل سان گڏ.

”ڪ“ اکر سان منهنجو هڪ اتفاقي ناتو رهيو آهي، ڪجهہ هن طرح:

1 جنم جو هنڌ ڪوٽڙي

2 پڙهائي ڪراچي

3 لڏ پلاڻ بعد ڪلياڻ پناهگير ڪئمپ

4 اسڪولي عشق ڪمل (بينا)

5 تخلص ڪلپنا

6 پهرين ادبي رسالي جي ايڊيٽري ڪونج

7 پتني ڪمل

8 پهريون شهر جتي سنمان ٿيو ڪلڪتو

9 بهترين ڪتاب ڪانءُ ۽ سمنڊ ، تڏهن سمجهيو هوم تہ ڪتي جو موت مرندس جو ان ۾ بہ تہ ”ڪ“ آهي. پر اتفاقن جو پنهنجو منطق آهي. جو ان ۾ ڪو بہ منطق ڪونهي.

قلم هٿ ۾ آهي ۽ ڪٿا، پنهنجي ۽ مان خود لکان وينو.

هڪ دفعي ڪلندي ڪلندي وري پيار جو تپ چڙهيو. ڪا ڪماري ”ش“ هئي ۽ ڀڳوان ڪپور ڪيس چاهيندو هو. ڀڳوان پوءِ فرانس ۽ آمريڪا ۾ پنهنجن چترن جا وڏا نماءُ ڪيا آهن ۽ هن وقت آمريڪا ۾ رهيو پيو آهي.

پئرس مان هڪ خط لکيائين. بہ ڳالهيون ڪجهہ هيئن هيون:

فرانس ۾ انديا جا بہ ڪتاب هر شوڪيس ۾ ڏسبا آهن:

ڪام سوتر ۽ ڀڳوت گيتا.

فرانس جي هر آرٽسٽ جي شخصيت ۾ فطرت تو جيان آهي. ذهين، تيز، حملا آور، بيپرواهه، مڪت ڪلندڙ، موهن، هتي مان فقط توسان ئي مليو آهيان.

اِها "ش" جنهن کي مان سندس خانگيت ۾ پنهنجي سهوليت موجب شبانا چوندس، مون کي پنهنجي پيءُ جي گهر ملي. جو خود فنڪار هو ۽ پڳوان ڪپور روز اتي ايندو هو. شبانا منهنجي "موهي-نرموهي" ڪهاڻي پڙهي. چيائين "تون آهين اهڙو. ڪڏهن من چاهي ته تنهنجا پير چُهان".

پڳوان ڪپور وائڙو.

چيو مانس "ان کان بهتر آهي تون ست نارايڻ جي ڪٿا ڪرين".

"پڳوان رنگن جو دوست آهي ۽ رنگ گونگا ٿيندا آهن. تنهنجي لفظ لفظ ۾ ساهه آهي".

"پڳوان چيو رنگ به ڳالهيون ڪندا آهن".

"تون آسمان ۾ بادل ڪڍندين ته ان مان برسات پوندي".

شبانا پڇيس.

"پر برسات جو وهم ته پئدا ٿيندو".

"يعني تنهنجا رنگ نظرن جو دوکو آهي!"

"ته لفظن ۾ ساهه ڪيئن ٿيندو آهي"؟

"اِهي ڳالهائندا آهن".

"ڇا ڳالهائيندا آهن"؟

"سچ ڳالهائيندا آهن".

پڳوان ڪپور کي خراب لڳو ۽ هو هليو ويو. هڪ شام شبانا چيو "هي مندر ڪيئن آهي"؟

ڏسان ته ڪاٺ جي شوڪيس ۾ شِو ۽ وِشنوءَ وچ ۾ منهنجو فوٽو پيو هو.

هڪ غريب ليکڪ جو فوٽو ۽ پڳوانن جي پرسان!

"تو اِهو فوٽو ڪٿان آندو"؟

"تنهنجي راجڪماريءَ ڏنو" .

"۽ مندر ۾ ڇو"؟

"ست نارايڻ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ." ..

۽ جڏهن گيتا راج مون کي زبردستي ناگپور وٺي هلي ته ڏسان گاڏيءَ ۾ شبانا به آهي. ڏاڍي خوشي ٿي. مالهي به هو پڳونتي به. ڪنهن اسٽيشن تان سترام روهڙا به چڙهيو. جنهن چيو ته سندس خواهش هئي ته هڪ فلم ڪڍي. مون چيومانس؛ سنڌين ۾

ڌرمي فلم هلندي بہ ڪهڙي؟ ست نارائڻ جي ڪٿا. پوءِ هن جيه سنتوشي ما، فلم ڪڍي ۽ ڪروڙين رپيا ڪمايا. فلم هنديءَ ۾ هئي. ست نارائڻ جو نالو ٻڌي شبانا ٿهڪ ڏئي ڪِلڻ لڳي.

ناگپور ۾ چيائين "مالهي رڳو ريهرسلون لڳائي وينو آهي تون مون کي ڪٿي گهمائڻ وني هل". مون گيتا راج کي چيو. هن چيو: مان بہ هلندس. گيتا الڳ رڪشا ۾ ويني مان هوءَ الڳ. شبانا چيو "هن کي ڇو ٿو وني هلين"؟

"اڙي -هن ۾ ڏاڍو موهه اٿم".

"مون کي نٿو وڻي".

"ڇا منهنجو موهه يا هن جو هلڻ"؟

"هن جو هلڻ".

"تہ مان ڇا ڪريان"؟

"تون مون کي وني هل - اتي جتي ڪو رستو نہ هجي. ڌرتي ۽ آسمان مليا پيا هجن. جتي ڪو بہ نہ هجي. فقط مان ۽ تون".

مون هٿ -رڪشا هلائيندڙ کي چيو: آهستي هل. ڪٿي بيهج نہ. جيترو بہ هلي سگهين، هل. وچ ۾ مينهن پيو. گيتا رڙ ڪئي: ڪيڏانهن موهن-؟ ڪيڏهن بہ ! پر اوندهه ٿي ويئي آهي! صبح تہ ٿيندو. تہ مان وڃان ٿي!

اسين بہ ايندا سين. ۽ گيتا موٽي ويئي. ڪلاڪ ٻن بعد رستي جي سامهون هڪ بند آيو. مينهن بند ٿيو هو. شبانا چيو: موهن، هن کي پئسا ڏيئي ڇڏ.

"پوءِ واپس ڪيئن هلنداسين"؟

"پنڌ".

"ڏاڍي بدنامي ٿيندي".

"سنو".

"ڇو"؟

"اسان ٻنهي جو نالو گڏ ڪنيو ويندو. پوءِ ان بدنمائيءَ کان بچڻ لاءِ شايد اسين شادي ڪنداسين" .

رڪشا وارو ويو تہ مون کانئس پڇيو: بند جي ساڄي روشني ۽ ڪابي اوندهه آهي. تون ڪهڙي پاسي هلندينءَ. هن چيو: اوندهه ۾ تون تارا ڏسج، مان توکي ڏسنديس. اٽڪل پنجاهه ڏاڪا مٿي چڙهياسين. پوءِ ڪجهه وقت هلياسين. هن هلندي منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ پنهنجو منهن منهنجي ٻانهن سان لڳائي هلڻ لڳي. ڪافي اڳيان وڌي مان

آسمان ڏانهن نهارڻ لڳس. هوءَ آهستي اچي مون سان لڳي بيني مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو"اهو نهايت سندر آهي".

"تہ پوءِ ڳالهاءِ نہ" .

مون چاهيو تہ ڪيس چمان. هوءَ بہ چمندي. پوءِ اسين اوندهہ ۾ مٽيءَ ۾ ليٽي پونداسين. پر نہ. اڄ مان هن جي اکين ۾ آڪاش جا تارا ڏسندس. فنڪار آهيان. ڪجهہ ٻين کان بلند ۽ مختلف آهيان.

اسين ڪلاڪ کن بند تي هئاسين ۽ واپس ورياسين تہ هڪ ٽي ويو هو. مون. "سرءُ جا پن ۽ پيلا پوپٽ" ڪهاڻي هن تي ئي لکي آهي.

صبح جو گيتا چانهہ جو ڪوپ کڻي اچي پاسي کان ويني ۽ ننڊ مان اٿاري چيائين "آخر توهان کي ڪڏهن سمجهہ ايندي"؟

"ڇو"

"رات ايترو دير سان آيا. ڪجهہ دنيا جو سوچيو. هوءَ بہ ڄڻ بيهوش ٿي سمهي پيئي آهي. ضرور اوهان ڪيس ريپ ڪيو آهي".

نظرون تيز هوندي بہ هن چانهہ جو ڊڪ پريو.

مون چيو "اهو تہ ڪنهن جي مرضيءَ جي خلاف ٿيندو آهي".

"يعني توهان ڳالهہ تہ اها ڪئي آهي. رڳو هن جي مرضي هٿ ڪئي اٿؤ".

"نہ -نہ "! منهنجي آواز ۾ ڄڻ پڙاڏو هو.

"توهان جي اکين ۽ چهري ۾ مون ايتري سونهن ڪڏهن نہ ڏني آهي".

"مان واسنا جي اگنيءَ ۾ جليو آهيان".

"هوءَ اوهان کان چوڏنهن سال ننڍي آهہ. ڪيس ڪا سمجهہ نہ آهي".

"سيتا جڏهن شادي ڪئي تڏهن هن جي عمر چوڏهن سال هئي".

"تڏهن تہ راوَڻ جي چنبي ۾ ڦاٿي".

"تہ مان راوَڻ آهيان!"

"نہ موهن- مون کي غلط نہ سمجهہ. اوهين رڳو پيار ڪريو.

هوءَ شاهوڪار ڪٽنب جي آهي. اوهان جو سڄو پگهار هن جي ڪاسميٽڪس تي خرچ ٿيندو!"

مان اٿي هٿ منهن ڌوئي آيس تہ ڏسان بہ ڪوپ چانهہ جا کنيو شبانا بيني آهي. هن پلنگ تي ويهندي چيو "اڄ بہ اتي هلنداسين".

"اتي ڪٿي"؟

”جتي نہ ڌرتي هئي ۽ نہ آسمان هو- نہ ماڻهو، نہ روشني هئي. فقط مان ۽ موهن .“

”موهن لڦظن جون ساڙهيون ڏيندءِ. پائيندينءِ“؟

گيتا پڇيس.

”موهن منهنجو سپنو آهي“ .

”موهن جو گهر ڏسندينءَ تہ “... گيتا جملو پوروڪري تہ موهن ڪيس ڪٽيندي چيو”، بيهوش ٿي ويندينءَ“.

”تہ اِهو گهر نہ ڏسنديس. هو منهنجي گهر ۾ رهندو. مون سان“.

”تنهنجا ماءُ پيءُ “؟

”اُهي ڪا ٻي جڳهہ ڪندا“ .

راجو بہ ڪرسي ڪٽي اچي ويٺو. مون کي ڏسي پيو مشڪي. شام ٿي تہ مالهيءَ چيو: ناگپور جا ڪي ڪامريڊ اچن ٿا. ڪافي تيز آهن. تون ڪيڏانهن وڃج نہ. ڏسج جيئن بحث ۾ هنن تي حاوي پئون. اِها رات بحث ۽ چرچن ۾ ختم ٿي ۽ مان شبانا سان وڃي نہ سگهيس. موٽندي گاڏي خالي هئي. شبانا چيو تہ هل تہ ڊائيننگ ڪار ۾ چانهہ پيئون گاڏي ٻہ ڪلاڪ هلندي رهي. مون هن جو هٿ ڏٺو. منهنجي ڪاٻي ۽ هن جي ساڄي هٿ جون ليڪون ساڳيون. هن جي ڪاٻي ۽ منهنجي ساڄي هٿ جون ريکائون بہ ساڳيون. يعني ان علم موجب. مون کي هن جهڙي زال، هن کي مون جهڙو مڙس ملڻو هو. منهنجي علم ۽ زندگيءَ جي ليڪن وچ ۾ وڏي وڇوٽي آهي. اِهي ساڄي ڇيڙي تي بہ الڳ آهن، جن لاءِ ڪتاب چوندا آهن تہ ڪلا ۽ ڪرانتيءَ جون ريکائون آهن ۽ ماڻهوءَ جي سوچ پوري دنيا جي ڀلي ۾ لڳي رهندي آهي. هوءَ پڪي گهريلو. ڪلاتمڪ سياءُ. سڪ درسي.

گاڏو سڄو خالي. مالهيءَ جو گروپ هڪ طرف، تہ منهنجو ٻئي طرف. راجو گيتا وڃي مٿي سمهيا. ساڄي بينچ تي ٻار-هوءَ منهنجي گود ۾ مٿو رکي ڪتاب پڙهڻ لڳي. مان هن جي وارن سان ڪجهہ هلڪو کيڏڻ لڳس. ڪڏهن اِهو سندس ڊگهي ڳچيءَ تي رکيم ۽ ڪڏهن آهستي، نزاڪت ۽ ڪن پل لاءِ ٿورو هيٺ ۽ اڃا بہ ٿورو هيٺ. ڪلاڪ ٻن بعد هوءَ اٿي. چيائين، ”ٿڪجي پيو هوندين اڄ“.

هوءَ اٿي ويني. مان هن جي گود ۾ ليٽيس. هن ڪاٻو هٿ وڌائي منهنجي منهن جي ڪاٻي پاسي لڳايو ۽ پوءِ اِهو هٿ وني وارن تائين آندائين. ان کن سوچيم تہ ايڏو سڪ، آنند، ڪڏهن بہ ڪٿي بہ نہ مليو اٿم.

بس، هلندي رهي هيءَ گاڏي. ڪڏهن بہ ختم نہ ٿئي. سفر ۽ رات. مان زندگيءَ جا سڀ ڏوهہ معاف ڪري ڇڏيندس. وري هن جو هٿ ساڄي ڳلي تي. وچ ۾ گيتا اٿي. هيٺ لٿي. ٽائيلٽ ويئي. آئي وري وڃي مٿي سمهي پيئي. هن ڏٺو مان شبانا جي پهلوءَ ۾ ليٽيو پيو هوس.

مان ڪافي راتيون سندس گهر ويس. هن کي شطرنج راند سيکاريم. پوءِ اتي ڪافي راتيون رهيس بہ. سر تي هڪ عجيب نشو. ڄڻ هوا ۾ تي هليس. ۽ پوءِ شايد هڪ غلطي ڪيم مون ۾ احساس ڪمتري جاڳي تہ مان ڪيس شاديءَ بعد سکي رکي نہ سگهندس. ائين نہ آهي تہ هوءَ ماديت پرست هئي. پر منهنجي مالي حالت اهڙي نہ هئي جو ڪيس سندس گهر جهڙو سک ڏيئي سگهان. سو هڪ صبح سندس ماءُ کي چيم "ايندڙ مهيني شادي ٿو ڪريان".

"ڪنهن سان "؟ هن پڇيو.

شبانا گارڊريج جي ڪٻٽ مان ڪپڙا ٿي ڪڍيا، جي ڏينهن ۾ چار دفعا ڪڍندي هئي، صبح، شام، رات. "ڪا آهي. بي- اي آهي. ست سؤ پگهار اٿس الهاس نگر ۾ رهندي آهي. شبانا ڄڻ ڪٻٽ ۾ سمائجي ويئي. هن مون کي پيار ڪيو. سنمان ڏنو. فوٽو مندر ۾ رکيائين. ڪڏهن بہ غلط نہ هئي. ڪافي گهري ٿي. شايد اها وڏي پل ڪيم. چئي نٿو سگهان.

منهنجي هر فيصلي جي ڪاتب منهنجي غريبيءَ يا ان جو من ۾ ويٺل هراس هو. ان بعد اتي نہ ويس. گهڻا سال پوءِ ٻڌم تہ هوءَ آمريڪا ويئي آهي.

چار پنج سال ٿيا تہ هتي آئي. ستيه سائين بابا آيو هو- ڪمل چيو : وٺي هل. مان پريس باڪس ۾ ويٺس ۽ ڪمل اڳيان، الڳ طور زالن ۾. اتي لک ڪن ماڻهو آيا هئا. جڏهن بابا ويو تہ هڪ آواز ٻڌم: موهن.

ڏسان شبانا بيٺي آهي. هٿ ملايائين.

"آمريڪا مان ڪڏهن آئينءَ"؟

"ڪلهہ ". مشڪي "ٻڌم تو شادي ڪئي".

"تو نہ ڪئي آهي"؟

هن ڪابہ ائڪٽنگ نہ ڪئي"شاديءَ !ڪجهہ بي معنيٰ لفظ آهي. تون ڪيئن آهين".

"تون پنهنجي ٻڌاءِ" .

"پنهنجو ڪجهہ ڪونهي. زال سان ملاقات تہ ڪراءِ!"

ڏسان تہ آنچل پيو اچي. مشڪي آنچل سان گڏيس. هو گڏجي هليو ويو"

مون سگريٽ دڪايو "ترس هتي ئي آهي." "ڪيئن آهي؟"

”ڏاڍي سني آهي.“

هن مشڪيو. ٿورو ترسي پوءِ هلي ويئي- ان بعد ٻڌم ته ڪنهن ايرانيءَ سان شاديءَ ڪئي اٿائين. آخر هن به ان بي معنيٰ لفظ کي ڪا عزت بخشي. ڪيس ڇڏڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيم. منجهيل هوس ته مون جو ڪجهه ڪيو، اهو غلط ڪيو يا صحيح. ٻي ڪا ڇوڪري ٻوڪري ته هئي نه. پر اهو فيصلو ڪيم ته بس هاڻ عشق ٻشق بند، هاڻ مان شادي نه ڪندس ۽ سڄي عمر ڪنوارو رهندس. ڪڏهن ته ڪيس خبر پوندي ته مون شادي نه ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن هن طرف منهنجو منهنجو فيصلو غلط هو ته باوجود ان جي هن طرف منهنجا ارادا نيڪ هئا ته مون ڪيس ايترو چاهيو ٿي جو مان اهو تصور ۾ به برداشت ڪري نٿي سگهيس ته هوءَ مون وٽ دکي رهي، پر جيئن ته هوءَ نهايت نيڪ هئي ۽ مون به ڪيس پيار ڪيو ٿي، تنهن ڪري جي هن سان شادي نٿي ڪيم ته ٻئي ڪنهن سان شاديءَ جو سوال به نٿو اٿي. بس پيو هوندس ڪٿ تي. آڪاش جا تارا ڏسندس ۽ محو- خواب ٿيندس. ڪڏهن تارن جي پيچري تان هوءَ منهنجي ذهن جي چانئڻ تي اچي بيهندي. پرمنهنجي ذهن کي ڪا چانئڻ نه آهي. نياضيءَ کان شبانا تائين من جون غفائون آهن، جتي ڪيتريون مورتون روشن آهن. ۽ اها، انگريز ڪويتا! منهنجي پريمڪا! مان تو لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿو، پر مان تو لاءِ ڪجهه نه ڪندس ۽ توکي خبر نه پوندي ته تو لاءِ ڪجهه نه ڪرڻ جي درد ۾ مون ڪيترو پوڳيو- ڪيترو سنو. لارينس به چيو آهي: تنهنجي پيار جو درد، پرين، منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي.

پڳونتي ناواڻي- سادي سودي ۽ سٻاجهي، نيڪ ۽ با اخلاق، مهذب. گهٽ ڳالهائو. هن لوڪ گيتن سان سنڌين کي سنگيت جي ستن سرن ۾ ٻڌي رکيو آهي. ناگپور ايڪسپريس ۾ هوءَ به هئي. پر هن مشڪي اها هوشياري نه ڏيکاري ته هوءَ شبانا ۽ منهنجو سٻنڌ سمجهي رهي هئي. اسين جڏهن پوپال کان سانچي (1961) وياسين ته مون گلي ۾ مفلر ۽ مٿي تي ڪنهن دوست جي جناح ڪيپ پاتي. پڳونتي چيو: سانچيءَ جق اسٽوپ به هزار سال پراڻا آهن. موهن، مونکي تنهنجي لمبي ڪويتا ”اجنتا جون غفائون“ ڏاڍي وڻي. مان سانچيءَ جي ڪلا تنهنجي معرفت سمجهڻ چاهيان ٿي.

اسين ڪلاڪ به اتي هئاسين. پوءِ لعل سنگهه اجواڻيءَ جي رهبري هيٺ ڏاڪڻ تان هڪ اسٽوپ تي چڙهياسين ته اجواڻي صاحب گائيڊ کي چيو، ”اسان جو آرڪيٽيڪچر ۽ اسڪلپچر ۾ ڪو چاهه ڪونهي. تون موٽي وڃ.“

مون چيو، ”اجواڻي صاحب، چار ڏاڪا مٿي بيٺا آهيو، ان جو مطلب اهو ناهي ته اسان کي هيٺ ڪريو.“

”تون هيٺ سنو آهين. “ هن جوش ۾ چيو، ”توکي ڪپي تہ گائيڊ کي تون وني وڃ.“

گائيڊ، پڳونتي ۽ مان.

گائيڊ چيو، ”سانچيءَ جا استوپ بہ هزار سال پراڻا آهن. گوتم ٻڌ مورتي پوڄا خلاف هو، ان ڪري هن جي پوئلڳن وڻ جي روپ ۾ ٻڌ جي ڪلپنا ڪئي. هيءَ عورت ڏسو. وڻ کي هٿ جوڙي بيني آهي ۽ هن جو ٻار، اهو بہ هٿ جوڙي بينو آهي، پر هن جي ڏنگائي، ماءُ جو نقل، هن جي معصوم بيهڪ مان ظاهر آهي. هي ٻڌ جو پتلو آهي. اهو ڪنهن يوناني شلپڪار ناهيو. ٻڌ جا وار گول، گهنڊيدار آهن. وارن جو اهو فيشن نج يوناني آهي ۽ هيءُ وڻ ڏسو. ان کي هوءَ ننگي عورت هٿ لڳائي بيني آهي. هوءَ اگهاڙي نہ آهي. چڱيءَ طرح ڏسو. موهن جي دڙي جي نرتڪيءَ جيان، ڪراين ۽ مرن وٽ پوشاڪ جا وڪڙ اٿس. يعني اسان وٽ اڳ اوچو ڪپڙو ٺهندو هو. پر چوڪري لڳي اگهاڙي ٿي. ڪيئن خبر پوي تہ هوءَ پاڪيزه آهي؟ اڳي ڪنهن بہ شريف عورت ۾ ماڻهن کي بدچلنيءَ جو شڪ پوندو هو تہ ڪيس هڪ خاص وڻ وٽ وني ويندا هئا. جيڪڏهن چوڪري وڻ کي هٿ لڳائي ۽ ان ۾ گل ڦل ظاهر ٿين تہ معنيٰ عورت پاڪيزه آهي. هن وڻ ۾ گل ۽ ڦل آهن. يعني پاپ اگهاڙپ ۾ نہ آهي. “

پڳونتي آهستي چيو، ”ڪاش اهڙا وڻ اجا بہ هجن. “

مون چيو، ”اهڙا وڻ مردن لاءِ بہ هجن، پاڪيزگيءَ جو اصول مردن سان بہ لاڳو هجڻ گهرجي. “

ايتري مختصر گفتگو ۽ طوفان مچي ويو. هڪ فوٽو گرافر دوست چيو: چوڪرين کي ڦاسائڻ ۾ تون جادوگر آهين.

چيومانس: شرم اچڻ گهرجيئي، ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي بدنام ڪرڻ کان بهتر آهي تہ پنهنجو ڏيان فوٽوگرافيءَ ۾ ڏين ۽ ڪي چڱا فوٽا ڪڍين. هڪ اديب بنا پڇڻ جي پڳونتيءَ جي وڏي ڀاءُ کي چيو تہ موهن هن لاءِ نيڪ رهندو ۽ پاڻ ئي ٻڌايائين تہ هن ڪيس چيو: موهن؟ هو تہ اوباش آهي. ڏينهن ڪٽي ۽ رات ڪٽي.

خبر ناهي ڀاڻهس ائين چيو، نہ چيو. پر جي چيائين تہ اِهو سچ هو. ائين شايد ان رٽ جي پڳونتيءَ کي بہ خبر پئي. مون ائين محسوس ڪيو. پر مون اڄ تائين ڪيس ڪنهن بہ قسم جي صفائي يا سمجهاڻي نہ ڏني آهي. اسين ٻئي ادب آداب سان گڏجندا آهيون. هڪ انٽرويو ۾ هن چيو: سنڌيءَ ۾ منهنجي پسند جا بہ ليکڪ آهن: گوبند مالهي - موهن ڪلپنا.

۽ مان ڏينهن ڪٿي - رات ڪٿي. ڪنهن اونداهيءَ ۽ تاريڪ رستي تي بہ هليو آهيان.

ايشيائي ليڪڪ سميلن ۾ اسين ڪي ليڪڪ رستو پلجي پياسين ۽ غلط رستي تي پياسين، جتي ڪي غلط عورتون بہ هيون. هونءَ نہ تہ رستا غلط ٿيندا آهن ۽ نہ عورتون اسان نظام جون لعنتون ماڻهن ۽ رستن مٿان وجهندا آهيون.

هڪ جوان ڇوڪريءَ ڪلهي کان جهليو "وجين ڪيڏانهن ٿو- اچ".

مون ڪلهو ڇڏائي چيو "هٽ".

بمبئيءَ ۾ ضيا ڪنهن فلم لاءِ گانا ڏيڻ هليو. اهڙي ڪنهن رستي کان لنگهيو. هڪ جوان ڇوڪريءَ اک هنئي.

ضيا پڇيو "ويندين"؟

"ڪيڏانهن"؟

"هن وٽ. پئسا ڪپني"؟

"اوهان وجو".

"مون وٽ هاڻي جواني ڪٿي!"

دهليءَ ۾ ڪن دوستن چيو: ڪناٽ طرف هڪ هوٽل آهي. پوري هندستان جي سونهن آهي اتي. مون بہ چاهيو تہ اِها دنيا ڏسان، جا ڪڏهن ڪٿي نہ ڏني هئم. خرچ جي جوابداري جيوت جوت ڪنئي. ڇڻ جواهريءَ جي دوڪان تي وڏن بلبن جي روشني. عمر سورهن، ارڙهن، ويهہ. ڪپڙا اوچا. صفائيءَ، سينگار، مشڪڻ ۽ اکين جو چمڪڻ. ٻيا سڀ شادي شدہ هئا، ٻاهر ئي پيسا ڏيئي مون کي اندر موڪليائون. مون هڪ پسند ڪيو. هڪ اندر ٿي، دروازو بند ڪيو تہ اتي نڪ نڪ ٿي. هڪ ماڻهو آيو. چي: روم جي مسواڙ ڏي. اِها تہ ڪنهن سوچي بہ نہ. مون وٽ چار پنج رپيا. بہ رپيا ورتائين ۽ هليو ويو.

هن دپٽو هوا ۾ ڦٽو ڪيو ۽ مون ڏانهن نهاريائين. مون ڪرسيءَ تي ويهي سگريٽ دڪايو ۽ هن ڏانهن نهاريم.

"تون پڙهيل آهين "؟

"ها - مئٽرڪ پاس آهيان".

"تہ پوءِ نوڪري نہ ٿي ڪرين"؟

"تون وني ڏيندين"؟

"مان تہ خود بہ بيروزگار آهيان".

"تو ۾ مون ۾ ڪهڙو فرق! ٻئي ساڳي جڳهہ تي آهيون".

”تون ڪيتري سهڻي آهين“.

”هاڻ پيار جو ناٽڪ نہ ڪريو. مون کي پنهنجي زال نہ سمجهو. وقت نہ وڃايو“.

”نہ - مان ان ڳالهہ لاءِ نہ آيو آهيان“.

”پئسا واپس نہ ملندئي“.

”تون پنهنجي سونهن جي سهاري جي سگهين ٿي. پنهنجو جسم نہ وڪڻ. مشين تي ڪپڙا سِب. محنت ڪر“.

”مان اِهو سڀ ڪنديس- تون مون سان شادي ڪندين“؟

مان هڀڪيس.

هن چيو ”هتي سڀ ماڻهو تو وانگر ئي ڳالهائيندا آهن. پريم ڪندا آهن ۽ پوءِ هنن جو ڪو پتو نہ پوندو آهي“. مون کي سرجوءَ جي ڳالهہ ياد آئي تہ ”آواره“ ناول اڌورو آهي. ڪتابن ۾ ئي جوان وئشيائن سان شادي ڪندا آهن ۽ شاديءَ بعد پئدا ٿيندڙ مسئلا نظر انداز ڪندا آهن.

ڪيس ٻئي هٿ جوڙي چيم”معاف ڪج- مون تنهنجي دل ڏکوئي. مان هڪ ڪمزور انسان آهيان. دراصل مان هڪ پرديسي آهيان. ڪيسا بہ خالي اٿم. مان تہ پنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ ڪري نٿو سگهان“.

مان هليو آيس. ان رات مون گني کي هڪ ڊگهو خط لکيو. سڄي گفتگو لکي مانس. پاونا ۽ مطلب اِهو ڇو جو ڪا بہ گفتگو لفظ بہ لفظ تہ مشڪل ئي ياد رهندي آهي. منهنجي گفتگو ۾ ڪابہ اڻ چيل ڳالهہ ڪانهي. لفظ بدليل ٿي سگهن ٿا. مان جيڪڏهن ڪورٽ ۾ ڪنهن هڪ ڳالهہ جي ڏهہ دفعا ساڳي شاهدي ڏيان تہ ڏهني بيانن جا ڏهہ ئي اظهار هڪ ٻئي کان مختلف هوندا، جيتوڻيڪ حاصل مطلب ساڳيو هوندو.

ان بعد لوناولا جي هوءَ ڪرسچن ملي، جنهن جي اکين ۽ زندگيءَ ۾ اوندهہ هئي ۽ مون سان ملي بہ اوندهہ ۾.

جيپور ۾ گهنشام پمناڻيءَ سان ناچ ڏسڻ ويس. واچ ۽ مُندي نارايڻ پارتيءَ کي ڏنم ۽ ڪيس پرچي ۾ پنهنجو ”واچ-مُندي سيڪريٽري سڏيم، جو پاڻ نہ هليو. اتي هڪ راجپوت نرتڪيءَ سنو ناچ ڪيو ۽ راڳ ڳايو:

بهت شڪريا - بڙي مهرباني

ميريءَ زندگيءَ ۾ حضور آپ آئي-

قدم چوم لون يا آنکين بچادون

ڪرون ڪيا يه ميري سمجهہ ۾ نہ آئي.

هوءَ پمناڻيءَ وٽ وينئي تہ هن چيس: هٽ. هتي نہ!مون چيومانس: تون مون وٽ اچ، هتي. هوءَ آئي. گوڏا کوڙي اڳيان وينئي. منيون مٿي طرف ڪندي، چيلهہ لوڏي هن نوننيون مون ڏانهن وڌايون. نظرن. پلڪن ۽ پرن سان قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. وري اُٿي. پنيان ويئي. هڪ چڪر کاڀي. هڪ ساڄي چڪر. پمناڻيءَ ۽ مون هڪ ٻئي مٿان رپئي رپئي جا ڪافي نوٽ گهوريا. ۽ پوءِ ٻي ڪوئيءَ مان هڪ ٻار جي روئڻ جو آواز آيو. هوءَ ٿورو ٽڙڪي ۽ پاڻ سنڀالي وينئي.

مون سوچيو: هن سنسار ۾ اِهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن اِهي عورتون پئسن يا معاشي سلامتيءَ جي لاءِ نہ نچنديون، جسم نہ وڪڻنديون. لعنت آهي مون تي مان هڪ عورت جي مجبوريءَ کي پنهنجي عياشيءَ جو شڪار بڻايان. مون تہ ڪا ٻي دنيا بنائڻ جو سوچيو هو. عورتن جي پوڄا ڪجي. عورتن سان پيار ڪجي. ڪا بہ مهرباني نہ. هڪ اُهو نظام جتي ڪين اقتصادي آزادي هجي. پنهنجي مرضيءَ سان هو ڪجهہ بہ ڪن.

”برسات“ فلم ۾ اهڙو ئي هڪ منظر آهي. راجڪپور پريمناٿ کي ٻاهر ٿو وٺي وڃي ۽ چوي ٿو: هوءَ ماءُ آهي.

مون ۾ بہ ساڳيو احساس جاڳيو. دنيا ڪڏهن ٿي بدلجي، اهو تہ دعويٰ سان چوڻ مشڪل آهي. پر مان اِهو يقين سان چئي سگهان ٿو تہ باوجود سماجڪ نابرابريءَ ۽ آرٿڪ غير سلامتيءَ جي ماڻهو پاڻ کي بهتر بڻائي سگهي ٿو. ان بهتريءَ جي آدم سان گڏجي نظام بدلائڻ جي شعوري ۽ اجتماعي جدوجهد ڪجي تہ وڏو انقلاب برپا ٿي سگهي ٿو. انقلاب جي شروعات ماڻهوءَ کي پاڻ وٽان ڪرڻي آهي.

نظام نٿي بدليو ۽ ائين مون لکنوءَ ۾ لعل پشپ سان، بئنگلور ۾ اڪيلو، ڪيترن شهرن ۾ ڪيتريون شامون ان تاريڪ دنيا ۾ گذاريون. مدن جماڻيءَ شڪيلا بابو پوپاليءَ سان واقفيت ڪرائي، جنهن ڪيس ڀاءُ بڻايو هو. شڪيلا ڳائيندي ائين ڪري، جڻ پٽ تي ريشمي رئو ڪريو. ان ڪري ”سرءُ جا پن -پيلا پوپٽ“ ۾ موهن پشپا کي چوي ٿو ”هو عورتون نہ آهن. لاش آهن. “ ۽ هڪ هنڌ ”مون هنن جو زهر ۽ هنن منهنجو رت پيتو آهي“.

ان طرح ڪيترن شهرن ۾ مون زهر پيئڻ جي خواهش ڪئي، ۽ ان ڪري مون ”آئيني اڳيان“ ۾ لکيو: ڪيترن حالتن ۾ مون زهر پيتو آهي ۽ مون اِهي گلاس بہ ڪاڏا آهن ۽ انهن شيشن سان منهنجو سڄو اندر چيرجي ويو آهي ۽ مون بہ مجاز جيان چوڻ چاهيو آهي:

اي غم - دل ڪيا ڪرون - وحشت - دل ڪيا ڪرون
زيست ڪو آواز دون - يا موت ڪو آواز دون!

مون کين ”هٿو، مون کان پري ٿيو“. ۾ ايوننگ وائيوز ۽ هڪ ڪوتا ۾ ”اڌ ڪلاڪيءَ پريتمائون“، ڪونيو آهي. مون ڪڏهن به هنن کان نفرت نہ ڪئي آهي ۽ منهنجو من هنن لاءِ رنو آهي.

شڪيلا بانو پوپاليءَ سينگار ٿي ڪيو. مدن جماڻي هن جي روم ۾ ويو. ڪيس مون بابت ڪجهہ چيائين ۽ پوءِ اپٿا جي ريهرسل لاءِ هليو ويو. مان اڌ ڪلاڪ ڪن اوطاق ۾ وينو هوس، جتي منهنجي واقفيت ڪن شاعرن سان ٿي. جي شڪيلا لاءِ ڪلام لکندا هئا. مون بابت ٻڌايائون تہ ليکڪ آهي تہ هڪ شاعر پڇيو ”سنڌي ۾ غزل ڪيئن ٿو لکيو وڃي“؟

چيومانس ”سنڌي شاعرن غزل مان مئنا ۽ ساغر، گُل ۽ بلبل، شمع ۽ پرواني، چنڊ تارن، ساقين ۽ رقيبن کي ڪڍي ڇڏيو آهي. سنڌي غزل ۾ تغزل بدران سوشلزم جو رنگ آهي“.

هڪ شاعر ڪرسيءَ تان ڪري پيو. ڪابي هٿ جون پنج ئي آڱريون ائين بند ڪيائين جڻ هٿ ۾ گلاس هوس. اِهو هٿ مٿي ڪري اڌ اکيون ٻوٽي چيائين ”غزل گلاب جي پنکڙيءَ جيان نازڪ ٿئي ٿو ۽ جا پنکڙي فقط شبنم جو بار کڻي سگهي ٿي، پر سوشلسٽن انهن مٿان ائٽم بم رکي ڇڏيو آهي“.

مون تمام وڏو ٿهڪ ڏنو. ان بعد ڪافي ڪليم. سوچيم اسان جي ادبي ڪلاس ۾ هجي تہ اسان جا ترقي پسند دوست سندس ڏڇيون اُڏائي ڇڏين. مان حملي کي اڪثر راندڪگر جي جذبي سان وٺان ۽ جلد تاءُ نہ کان. اندران هڪ عورت آئي ۽ جنهن مون کي جهڪي آداب ڪيو. مون به ڪيس ان انداز سان سلام ڪيو.

چيومانس: سالن کان تنهنجو غزل ٻڌڻ چاهيان ٿو. چيائين: هوءَ اندر آهي. اوهان کي اندر سڏايو اٿائين. هينئر اوهان پئي ڪليو نہ ؟

ماهتاب محبوب اڪبر علي دوڪان تان ڪافي چيزون ورتيون. هري موٽواڻي ۽ ڪلا جوهر به گڏ هئا. ڪيس حيدرآباد جي ڪنهن اديب لاءِ دوا ڪپندي هئي ۽ مان هوا ۾. ڪيمسٽ بدران جنرل اسٽور ۾ ويس، سيلسمئن مشڪي چيو ”هتي نہ - سامهون “! مون ان ريت ئي البتہ آهستي ڪليو هو، جو ماهتاب چيو ”ڪاش، ڪئيسٽ ۾ اوهان جي ڪِل پري وڃان“ شايد اهڙي ڪِل عصمت چغتائيءَ موهن راڪيش جي ٻڌي. جا ڳالهہ ٿي- وي تي ٻڌايائين.

مون سمجهيو تہ شڪيلا کي منهنجي اِها مڪت ڪِل وڻي هوندي. وري سوچيم تہ اعليٰ سماج ۾ زور سان ڪِلڻ کي بدتميزي سمجهيو ويندو آهي، سو شڪيلا شايد ناراض ٿي هجي. اسان وٽ باقي ڪِل ئي تہ بچي آهي. ڪِل درد جي زال آهي. درد من ۾

هجي تہ ڪنهن بہ ڳالھہ تي ڪِل اچي. هن اردو شاعر ائٽم بم جي ڀيانڪتا کي پنڪڙيءَ جي نزاڪت جي ضد ۾ پيش ڪيو، جڻ خطرو ان جي بار مان آهي. خطرناڪ بارود مان نہ.

مان چپ چاپ شڪيلا جي سامهون بيٺس. منهن تي ڪا بہ مشڪ نہ. اکين ۾ سادگي. جڻ ڪا وڏي تمنا پوري ٿي هئي.

هن هٿ اڳيان وڌايو ۽ مون هٿ ڏنومانس تہ ان کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري اکين ۾ ائين نهاريائين جڻ امبر محل ٿي ڏنائين.

شايد ڪيس ڏاڍو سنو لڳس.

چيائين ”اڄ ولي ڀائي پٽيل اسٽيڊيم ۾ منهنجو پروگرام آهي. تون مون وٽ اچج. مان تنهنجي سامهون ويهندس. توکي غزل مٿان غزل ٻڌائيندس“.

پوءِ مون سان گڏ ئي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿي. ڪار ۾ ويٺي. خدا حافظ چيائين ۽ ائين بہ: پنهنجو خيال رکجو.

مان هڪ ڪنگال. هن کي تہ مون مان ڪجھہ ملي نٿي سگهيو. مدن جماڻيءَ، اسٽيج آرٽسٽ جي چوڻ تي ملي. پر ان ادب آداب ۽ دعا جو ڇا؟ انهن چند لمحن ۾ مان هن کان ڏاڍو متاثر ٿيس. پنهنجو خيال رکجو.

ڪيڏي تهذيب - ڪيڏي شفقت.

ائين لعل پشپ ڪنهن شاردا نالي پرائيوٽ وي- آءِ پي سان واقفيت ڪرائي ۽ هڪ دفعي هن چيو ”ماڻهو اسان وٽ ڇو ٿا اچن؟ اِهو سڀ تہ ڪين گهر ۾ بہ مِلي ٿو. پر اتي ان رشتي جي ماضيءَ، کي جوابداريون آهن. جنهن سبب ماڻهو اڪثر پاڻ کان خفا رهن ٿا. هتي نہ ڪلھہ جي شڪايت، نہ سياڻ جي جوابداري. نہ موهہ، نہ ان جو درد. هتي ڪجھہ بہ ڳالهائڻ ۽ ڪرڻ جي آزادي ماڻهو ان چيز جو قدر ڪن ٿا ۽ اسان وٽ اچن ٿا“.

”اِها تہ هڪ طرفي آمدرفت آهي. تون ڪجھہ ڪرين ٿي ٻڌين ٿي. ڇا هميشه ان ۾ تنهنجي مرضي شامل هوندي آهي“.

”اسين تہ لاش آهيون. اسين هر رات جنم وٺون ۽ هر صبح مري وڃون. اسانجي ڪابہ مرضي نہ ٿئي. اسان جي ڪا بہ خواهش نہ آهي. اسان کي ڪو خواب، ڪا اميد نہ آهي. اسان وٽ ڪنهن جو انتظار ڪونهي، ڪو بہ اسان وٽ نہ ايندو. اسين آريسون آهيون، جتي ماڻهو پنهنجون تنهايون ڏيو وڃن. هو اسان سان نہ، پنهنجين تنهائين سان ڳالهائيندا آهن. هو پاڻ سان مشغول رهندا آهن ۽ خوش ٿيندا آهن“.

۽ هِن مُشڪي ڏنو هو.

مون ڏٺو آهي تہ هر ماڻهوءَ کي پاڻ ۽ زندگيءَ لاءِ ڪو نظريو ضرور هوندو آهي. ڪارل مارڪس چيو آهي تہ هر ماڻهوءَ جو شعور، هن جو سماجڪ وجود طئه ڪري ٿو. جيڪڏهن سماج جي تبديليءَ جي اصول تي ٻڌل نہ هجي تہ سڀ ماڻهو ساڳيون ڳالهيون ڪن. ۽ جيئن تہ سماج ۾ ماڻهو الڳ پيشن ۾ ورهايل آهن تہ هنن جو شعور بہ هڪ ٻئي کان الڳ ٿئي، ان ڪري ئي شايد تلسيداس چيو: تلسي اس دنيا ۾ ڀانت ڀانت کي لوگ!موچي جوتن، حجام وارن، جي ڳالهہ ڪندو. شراب وڪڻندڙ چوندو: مان ماڻهن کي ننڊ ٿو ڏيان. پر زندگيءَ جي الڳ شجن ۾ ماڻهوءَ جو ڪهڙو شعور بيهندو؟ چيخوف جي ”ڊارلنگ“ ڪهاڻي ان جو مثال آهي. هن پنج اٺ مڙس بدلايا ۽ هر مڙس جي فلسفه - حيات کي، ان گڏ گذاريل وقت ۾ پنهنجو فلسفو ظاهر ڪيو. اسين فنڪار تہ سچ جي تلاش ۾ نڪري پئون ۽ الڳ الڳ جڳهين تي الڳ الڳ انيو حاصل ڪريون. فنڪار کي پوليس وارا نہ آهن جي ٽاٽي مان ڏنبو ڪٽي نڪرندا ۽ چور کي پڪڙي کيس ڏنڊا هڻي پنهنجي ڏوهن جو اعتراف ڪرائيندا. هو اهي جڳياسو آهن جي جبلن ٽڪرن تي ساڌوءَ مهاتمائن جا قدم جهلي امر سچ جا گفتا ٻڌندا ۽ ڪرتارٿ تي ويندا. فنڪار زندگيءَ کي ڏسڻ ماڻڻ چاهيندا آهن ۽ هو پوڳيندا آهن. هو جڳياسو آهن. سندن دل دماغ هميشه ڪليل رهندا آهن. اصول هڪ تہ سچ سمجهڻو آهي. اصول خود ۾ ڪو سچ ڪونهي. مون کي اهي ماڻهو لنگڙا لڳندا آهن، جي زندگيءَ ۾ هڪ اصول جو ڏنبو ڪٽي هلندا آهن. ڪوبہ واءُ يا نظريو زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ڪري نٿو سگهي. زندگي ايتري وسيع، ايتري ڦهليل ۽ پيچيدي آهي، جو ان جا مختلف روپ ڏسڻ، ان جا ضد، اختلاف ۽ بيهودگيون سمجهڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي. مون ”رچ ۽ پاچا“ جي مهاڳ ۾ فقط هڪ سٽ لکي: زندگي ائين آهي، جيئن آهي. مون ان ۾ زندگيءَ بابت سڀ ڪجهہ چيو آهي ۽ ڪجهہ بہ نہ چيو آهي، ڇو تہ اِها جيئن ۽ تيئن، پر آهي. پنهنجي حالت ائين تہ خرچ ڪاءُ ۽ ڏئي الله ! آهي تہ ڪڍ، ناهي تہ روزو. آفيس طرف اچ وڃ ٽئڪسيءَ ۾ ڪريان. پاڙو هڪ ميل جو اٺ آنا. روز رپيو ان تي خرچ. آفيس ۾ چانهہ سنئڪس مفت. چار رسالا باسلسلي پڙهڻ لڳس:. اينڪائونٽر، ٽائيم، ريڊرس ڊائجيسٽ ۽ انٽرنيشنل افيئرس. ڪيترا سال رسالو”دي پرابلمس آف ڪميونزم“ پڻ ونڻ لڳس ۽ راڄنيتي ۽ انٽرراشٽريءَ مسئلن ۽ سوالن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيم. ڪڏهن ميران ٽئڪسيءَ ۾ لفٽ ونندي هئي. هڪ دفعي کيس چيم تہ هاڻ گهڻو وقت ڪنوارا رهيا آهيون- اچ تہ هڪ ٻئي سان شادي ڪريون. هوءَ ڏاڍي ڳاڙهي ٿي ويئي. هن چيو”مون کي ان مڙس جي تلاش آهي، جيئن توکي چيو اٿم، جو ڇهہ فوٽ ڊگهو هجي ۽ هن جو سورهن سؤ رپيا پگهار هجي“. مان بہ پنج فوٽ ڏهہ انچ هئس. پر پگهار فقط ٽي

سؤ. ڏک ٽيم تہ شبانا کي ڇڏڻ بعد پنهنجي فيصلي تي قائم نہ رهيس تہ مان ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندس. ٻن چئن مهينن کان پوءِ ميران منهنجي آفيس ۾ آئي. چيائين لنچ کاراءِ. مان ڪيس ڇايا ريسٽارنٽ فورٽ ۾ وٺي ويس. اتي هن چيو، هوءَ مون سان شاديءَ لاءِ تيار هئي. مون چيومانس"ڇڏ ميران -اسين دوست ئي سٺا آهيون." شايد هن کي پنهنجي خواب کان منهنجي صداقت وڌيڪ اثرائتي لڳي. شايد مون چاهيو تہ هوءَ پنهنجي ان خواب سان وفادار رهي. مون وٽ پنهنجي ان وهنوار جي ڪابہ منطقي سمجهاڻي نہ آهي.

الهاس نگر ۾ ضيا صدر ۽ پارٽي سيڪريٽري. پارٽي قائم، ضيا جي موت بعد آنچل صدر. آخر ۾ سڳن صدر ۽ مان سيڪريٽري. پوءِ سنڌي ساهت سيا گوبند پاٽيا جي هٿن ۾ ويئي ۽ ديال آشا ان جو دائمي سيڪريٽري. ان سيا جو ڪم ورسي ملهائڻ رهيو ۽ اِها ساهت بدران ورسي سيا ٿي ويئي. گوبند پاٽيا بہ طرح طرح جا پکي پالڻ شروع ڪيا. سندس اوطاق ۾ ادبي ڪلاس بدران پکيءَ ڪلاس لڳڻ لڳا.

اسان ٻي سنسٽا سنڌي رائيٽرس گلڊ ناهي ۽ ليکڪن کي سندن رچنائن تي اُجورو ملي، اِهو سوال هٿ ۾ ڪنيوسين. مان سيڪريٽري. صدر نائب صدر ڪير بہ نہ. آنچل. ڦتن ۽ ايم سڳن، گنو، راجو سڳن آهوجا ان ۾ ڪافي سرگرم رهيا. بمبئيءَ جي هڪ ميڙ ۾ موتي پرڪاش سني تقرير ڪئي "اوهين پنو ونڻ لاءِ واپاريءَ کي، ڪمپوزنگ لاءِ ڪمپازيٽر کي ڇپڻ لاءِ پريس واري کي، جلدبنديءَ لاءِ بائنڊر کي تہ پئسا ڏيو ٿا پر ليکڪ کي ڇو نہ؟ ڪو بہ پبلشر گهاٽي ۾ نہ آهي. سڀ ليکڪ استرائيڪ تي ويندا، جي اوهين اُجورو نہ ڏيندا. اسين اوهان کان ڪي لک تہ نٿا گهرون. اسين ادب رستي روزي نٿا گهرون، پر ايترو اُجورو تہ ضرور ملڻ گهرجي جو ٻيو نہ تہ ٻارن لاءِ ڪجهہ وٺي سگهون. جيڪو بہ رسالو اسان کي اُجورو نہ ڏيندو، اسين ان کي پنهنجي رچنا نہ ڏينداسين. اسان جو فيصلو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنج رپيا ڏنا وڃن". اِهو اصول اي- جي اُتم قبول ڪيو. پر متان مٿس الزام لڳي تہ گلڊ جي تحريڪ جي اثر هيٺ آيو آهي، ان کان بچڻ لاءِ پنجن بدران چار رپيا ڏيڻ شروع ڪيائين. هڪ دفعي لعل پشپ مون ۽ گني وٽ آيو. چيائين: اُتم کي ادب جي وڏي ڄاڻ آهي. مون ڪيس ڪهاڻي ڏني. هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اِهو خاڪو آهي ۽ ايندڙ پرچي ۾ ڇپي ٿو. گني ڏاڍو ڪِليو ۽ چيائين: چريا، اُتم کي ڄاڻ ڪونهي، يا تون بيوقوف آهين. هن توکي بنائي پنهنجا چار رپيا بچايا آهن ۽ جيئن ٻِلي بجي تي، تيئن تون ان تي خوش تہ تنهنجي رچنا نئين دنيا ۾ ڇپجي ٿي! لعل بہ استاد آهي. چيائين: اِهي چار رپيا ڏاڍا مهانگا پوندس. دنيا کي چوندو آهي تہ لعل پشپ ليکڪ ڪونهي. هاڻ پنهنجي ڏنڌوڙيءَ ذهنيت سان

پنهنجي پرچار کي پاڻ ٻنجو ڏيندو ۽ ٻلي جيڪڏهن هڪ بجي سان خوش ٿيندي آهي تہ ڪيس چار ڏيڻ سان مون کي ڪو نقصان نہ پوندو.

مان ڪونج جو ايڊيٽر ٿيس تہ مون هر شاعر کي پنجويهہ رپيا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ٻي رچنا لاءِ ڏهہ رپيا. 1960ع مون هڪ پرچي ۾ فقط هڪ شاعر کنيو ۽ ان جا اٺ ڏهہ شعر کنيا. پهرين آنچل. پوءِ راهي کنيم. ائين شيخ اياز ۽ تنوير عباسيءَ جا بہ شعر ڇپيم. راهيءَ جي شعرن ۾ ڪي پروفن جون چڪون ٿيون تہ ساڳيا شعر وري ڇپيم. پوءِ مون گني ۽ راجوءَ کي بہ پاڻ سان کنيو. مون سوال جواب جو ڪالم سڳن آهوجا کي، تحريڪ جو ڪالم نارايڻ پارتيءَ کي، ادبي شخصيت جو ڪالم پاڻ کي ڏنو. مون جڳت آڏواڻيءَ منگهارام ملڪاڻيءَ، عزيز، ڪيرت، اُتم تي ڪافي سنا خاڪا لکيا، پر مالهيءَ، شيام، سڳن ۽ آنچل تي لکڻ جو ارمان رهجي ويو. پوءِ سڳن تي ڪتاب ۽ مالهيءَ تي ليک لکيم. باقي شيام ۽ آنچل تي لکڻ جو ارمان اجا پورو نہ ٿيو اٿم.

گوبند مالهيءَ سان گفتگو ۾ راجن چاولا ادب ۾ طوفان پئدا ڪيو. گني، ادب تي ڪميونسٽ پرچار جي غلط عناصر خلاف با دليل زبردست سمپادڪي ليک لکيا ۽ ڪرشن راهيءَ جڏهن هند- چين سرحد تي اوچي معيار جو ليک لکيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقي پسنديءَ پنهنجي مناسبت وجائي ڇڏي ۽ ٻہ سال پوءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ اُتم، سنڌوءَ ڌارا ۽ نئين دنيا ۾ منهنجي خلاف وڏا ليک لکيا تہ مون "سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش" ڪتاب لکيو، جنهن کي پرم ابيچنداڻي سنڌي تحريڪ جو بائبل سڏيندو آهي. اِهو ڪتاب پڙهي ڪيرت تي مهينا بيمار ٿي پيو، اِهو ڏسي اُتم ڪتاب پڙهيو ئي ڪونہ - ۽ سندس چوڻ موجب هن اجا تائين اِهو ڪتاب نہ پڙهيو آهي.

هري موٽواڻي منهنجي ذهانت ۽ جرئت سبب مون ڏانهن ڇڪيل هو. پر وڏا اُجورا ڏيڻ سبب ڪيس نقصان هڪ طرف، تہ ترقي پسندن جي پڇ لٽڪائڻ جي بڇ ٻئي طرف پريشان ٿي ڪيو. هري موٽواڻي ننڍي هوندي اُردو ليکڪن جي دوستيءَ ۾ رهيو ۽ سنڌيءَ ۾ سڳن آهوجا ۽ جيوت چاولا سان گهڻو وقت گذاريائين. ان ڪري هن ۾ تمام سٺو ادبي ذوق پئدا ٿيو ۽ هن ڪونج پبليڪيشن طرفان تمام سنا ڪتاب ڇپايا آهن. منگهارام ملڪاڻيءَ جي "سنڌي نثر جي تاريخ" راهيءَ جو "ڪماڇ" گني جو "اپراجتا" ۽ مالهيءَ جو "پيار جي پياس" ساهت اڪادميءَ جا انعام حاصل ڪري چڪا آهن. ڪونج ۾ ڪيس جيوت چاولا هڪ بہ اشتهار روسي ايلچي خاني مان وٺي ڏيندو هو، پر جو ظاهري ليک لڳندو هو.

ڪيرت هڪ دفعي ادبي ڪلاس ۾ ڪونج تي بحث رکايو تہ ان ڪيئن ادب ۾ غير ترقي پسند لاڙا پيدا ڪيا. ڪيرت چيو: مان ڳالهائيندس. مون چيو: مان بہ

ڳالهائيندس. ڪيرت منهنجي چهري جو ٿامو ڏسي چيو ته مون کي ڳالهائڻو ڪونهي، مان فقط ٻڌائيندس ته مان ڇو ڪونج تي ڳالهائڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مون چيو ته مان جواب ڪو نه ڏيندس، پر ٻڌائيندس ته مان ڇو ٿو جواب ڏيان. ڪيرت ڪِلي چيو: تون سڌرندين ڪو نه. مون چيو: نديءَ ڪناري رهي واڳن سان ويرِ نه رکجي، ته بهادري ڪهڙي! مالهيءَ چيو: تون پٽيءَ جي هيٺان ڏڪ ٿو هڻين. چيومانس: مون تي چيتو حملو ڪندو ته مان ڪيس گولي هڻي مارينديس ۽ مان اِهو نه ڏسندس ته ڪيس اِها گولي پٽيءَ جي هيٺان ٿي لڳي يا مٿان.

مان هڪ سال منگهارام ملڪاڻيءَ ٻيو سال ليکراج عزيز جي صدرپڻي هيٺ منڊل جو سيڪريٽري ٿيس. ادبي ڪلاس ۾ جدا جدا ڪمن لاءِ جدا جدا ڪاميٽيون ٺاهيم. ناٽڪ ڪاميٽي: ڪنوينر ڪرشن راهي، ساهت اڪادمي ڪاميٽي: پوپٽي هيرانداڻي. اُجورو ڪاميٽي: راجن چاولا، هند سنڌ فنڪار گشت ڪاميٽي: سنڌي تسليمي ڪاميٽي، وغيره. پارتيه گيان بيٺ سان لکپڙهه ڪئيسين ته اِهي سنڌيءَ ٻوليءَ کي به هڪ لک انعام لاءِ تسليم ڪن وغيره.

منڊل بمبئيءَ ۾. مان پهريون پناهگير هوس جو ڇانوٽيءَ ۾ رهندي منڊل جو سيڪريٽري ٿيس. مون ليکڪن جون شامون ملهائڻ شروع ڪيون. پوءِ ان جو عنوان شامت بنجي ويو. سڳن آهوجا جي شام وقت عزيز صاحب سڳن تي سخت تنقيد ڪئي. هن سڳن جي زبان، فن ۽ گرامر جون چڪون ٻڌايون. سڳن شعر پڙهيو:

منهنجي غم جي توکي خبر آ-
حال نه پڇ، گر اڄ بهتر آ!

عزيز چيو "ڇا بهتر آهي، حال، يا غم؟ هن شعر ۾ اهام آهي". لعل پشپ چيو"اهام سان شعر صديون زنده رهندو آهي".

عزيز جوش ۾ "توکي ٻوليءَ جي خبر آهي"؟

لعل پشپ ڪِلي "مون کي ٻوليءَ جي خبر هجي ها ته مان ليکڪ ڪيئن ٿيان ها"؟

"تون ليکڪ آهين؟ اجا طفل مڪتب آهي".

لعل پشپ ماٺ ٿي ويو جو ڪيس شايد طفل مڪتب جي معنيٰ نه آئي ۽ شايد اهو مطلب ڪڍيائين ته عزيز جي راءِ ۾ هن ادب ۾ اجا طبلا ٿي وڃايا. جا ڳالهه شايد ڪيس غلط طور صحيح لڳي. لعل لا جواب ٿيندو آهي ته سگريٽ دڪائي ڪنگهڻ شروع ڪندو. عزيز چيو "سڳن شاعري ٿو ڪري يا هاٿيءَ تي چڙهي ڇيڻا ٿو ميڙي!" مون، راهي ۽ گني، سڳن جي ڪلام جي اهميت ٻڌائي پر عزيز چوي ته اوهين جاهل آهيو. اجا اوندهه ۾ ٿاڦوڙا پيا هڻو. عزيز چيو "اهام چئن قسمن جو ٿيندو آهي". هڪ لفظ

بہ معنائون ٻڌائي ”مرهم ڪي لئي گئي مرهم پي گئي“. اتي شعر چٽو آهي. هڪ لفظ هڪ هنڌ ملم تہ ٻئي هنڌ اسين مري وياسين آهي. ٻيو اهام اظهار جو خبر نہ پوي تہ شاعر چوڻ ڇا ٿو چاهي. جيئن سڳن جو شعر آهي تہ حال بهتر آهي. ٿيون اهام نڪتن جو ٿيندو آهي تہ آخر شاعر خيال ڪهڙي نڪتي تي ٻڌو آهي. چوٿون اهام بيان جي اهميت تي هوندو آهي. مثلاً ؛ هن هفتي عزيز بيوس تي سخت نڪتچيني نہ ڪئي! يعني اڳيئن هفتن ۾ ڪئي هئائين. اهو شعر جو سقم آهي“.

عزيز جي ڄاڻ بہ زبردست تہ شخصيت بہ. ان ڪري ڪڏهن ارهہ زورائي بہ ڪري. آنچل جو هڪ شعر آهي؛

تو جڏهن تڙپندو ڏٺو هوندو مون کي

تو منهنجي ميز کان تصوير هٽائي هوندي.

عزيز چيو ”پهرين ڳالهہ تہ تصوير پت تي ٽنگبي آهي. ان ڪري اِها اتان لاهبي آهي. ۽ ٻي ڳالهہ تہ عاشق معشوقا کي موڪليو ڇا آهي؛ تصوير يا ميز؟ جي تصوير تہ ڇو ٿو چوي تہ تو منهنجي ميز تان تصوير هٽائي هوندي. منهنجي لفظ تصوير سان وڃڻ گهرجي. منهنجي ميز لکڻ مان لڳي ٿو تہ شاعر ڊڪڻ جو ڪم ڪندو آهي ۽ معشوقا کي ان قسم جو نذرانو ڏنو اٿائين .“

سڳن آهوجا بہ ”روشن ڇانورو“ جي مهاڳ وارا ٻہ چار نڪتا سنڌي شاعريءَ بابت پيش ڪندي ظاهر ڪيو تہ هن عزيز کي سُنو شاعر ۽ سُنو نقاد تہ ڇا پر سُنو. پاڻڪ بہ نٿي سمجهيو. عزيز صدر جي عهدي تان استعيفا ڏني تہ منڊل جي هڪ ميمبر سندس بيعزتي ڪئي آهي. مون اِهو رخ ورتو تہ جهڳڙو صدر ۽ ميمبر وچ ۾ نہ، پر هڪ نقاد ۽ شاعر وچ ۾ آهي. ڪاروباري ڪاميٽيءَ استعيفا منظور ڪئي. ڪيرت آئين جي ڪنهن فقري موجب رڪئيزيشن وڌي تہ ان استعيفا جو فيصلو جنرل بادي ڪري سگهي ٿي. اِهو ميڙ بہ ٿيو ۽ هڪ شاهي تاريخي بحث بعد جنرل بادي هڪ ووٽ جي گهٽائي سان عزيز جي استيعفا منظور ڪئي. ان بعد منڊل ڪيئن بند ٿيو، ان جو احوال ”نظرياتي ڪشمڪش“ ۾ مون لکيو آهي تہ ترقي پسند منڊل ڇڏي هليا ويا ۽ جڳهہ ڪسجڻ بعد مون ان جا ميڙ اوول پارڪ ۾ سڏائڻ شروع ڪيا.

سڳن ۽ مان عزيز جي گهر پوءِ بہ ويندا هئاسين. عزيز جي موت کان فقط هڪ ٻہ ڏينهن اڳ بہ مان اجهل سان هن وٽ ويو هوس. هن ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ڪيس گوشت مڇي کائڻ کان منع ڪئي هئي. ”پلا گوشت مڇي نہ کائجن ۽ ائين رکو جيئجي تہ ان جيئڻ کي ڪا معنيٰ ڪانهي. اِهي کائجن. موج مزا ڪجن، پوءِ پل مري وججي“.

آخرين سوال جو ڪنهن اديب کائنس پڇيو، سو منهنجو هو، ”سنڌي سنڌ ويندا“؟

چيائين، ” ڏسان ٿو، آسمان ۾ قافلن جا قافلا سنڌ وڃي رهيا آهن“.

عزيز جي موت تي هڪ به اسڪول، هڪ به ڪاليج بند نه ٿيو. عزيز روايتي شاعر هو، صحيح آهي: پر مسلمان نقادن هندن ۾ ڪيس ئي وڏو شاعر مڃيو. خود پير حسام الدين راشديءَ مرحوم ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ ۾ ائين لکيو آهي. سڳن به ائين گمناميءَ ۾ مري ويو-سندس صرف ڪهاڻين جو هڪ ئي ڪتاب نڪتو ۽ ڪوتائن جو مجموعو ۽ ناول پوءِ اُتم ڇپايس. ضيا مئو ته اسڪول ۽ دڪان سڀ بند ٿيا جو ڪاليج ته هتي هئا ڪين- ماڻهن کي گُل نه ملن جو ضيا کي مالهائون چاڙهين. ضيا عوامي شاعر هو ۽ عوام ۾ مشهور هو. ماستر چندر به سندس گهڻو ڪلام ڳايو آهي.

ادبي هلچل ۾ منهنجو هڪ هراس هو ته هڪ هيءُ شخص آهي، جو ذهين ۽ بيباڪ آهي ۽ منصوبابنديءَ جي خلاف آهي. ادب ۾ هن ڪنهن به واد جو نعرو نه هنيو آهي ۽ فن سان انساني من جي تتل حصن کي چٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين.

مان المست. مان جيترو نوڪرين جي پٺيان ڊڪندو هوس، ڇوڪريون مون کي اوتريون حسين لڳنديون هيون. ڇوڪرين پٺيان پوندو هوس ته نوڪريون ڇڏائجي ويندیون هيون. ان ڀڄ ڀڄان کان بچي ساهي پٽڻ جو مون وٽ رڳو هڪ رستو هو: لکڻ. ٻي چيز جنهن پاڻ ڏانهن ڇڪيو، اُها هئي قدرت، آڪاش، تارا، بادل، پهاڙ، واديون، دريا جا ڪپ، بن، ڪيت ڪٿ به ٻه هٿ پٺيان ڪري، ان مٿان مٿو رکي ليٽي پوندس. سڀ تارا اولهه ۾ لهن ٿا، پر سپت رشي تي ابتا ٿي به قطب تاري جي چوڌاري ڦرن. اونداهيءَ رات ۾ تارا ائين نڪري اچن جڻ جلاوطن ٿي ڪنهن پناهگير ڇانوڻيءَ ۾ ڏاڍو ڪيو هجين. پرڪرتي منهنجي ماءُ آهي. ڌرتي پرڪتيءَ جي هنج آهي. اتي وڏو سڪون آهي. عجب، اسان پرڪرتي ڏانهن نهارڻ ڇڏي ڏنو آهي. اهڙا گهڻا ماڻهو آهن، جن وٽ زبردست بئنڪ بئلنس آهي، پر جن چوڏينهن جي چاندوڪيءَ جو امرت نه پيتو آهي. سمنڊ کي پنهنجو مزاج، پهاڙ کي پنهنجي شخصيت، پرڪرتيءَ کي ماڻ جو سنگيت آهي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ ڪا انڪم ٽيڪس نه پرڻي پوندي آهي.

مون اوندهه ۾ قلم کنيو ۽ تنهاين ۾ آڪاش ڏانهن نهاريو. منهنجي گهر طرف نظر نه ويئي جا منهنجي پنهنجي دنيا هئي. ڪمل سان پريم ڪيم، لالائن جي نوڪري ڇڏي وڏي پڳهار تي رام دادلاڻيءَ وٽ ويس ۽ ان دوران منهنجي خانگي زندگيءَ ۾ ٽي حادثا ٿيا، جن منهنجي دماغ جي نسن کي ٽوڙي ڇڏيو. مان 1965ع کان 1970ع تائين سنڌي تحريڪ کان الڳ ٿي ويس، ان جا ٽي سبب هئا. سڳن آهوجا جو موت، گهر ۾ گهوٽالو ۽ هڪ لنبي بيماري.

هڪ دفعي سڀ ڪان ننڍي ڀيڻ آشا چيو ”ڀائو، تون تہ وڏو ليکڪ آهين. منهنجو هڪ ڪم ڪر. ”هوءَ فقط سورهن سالن جي. جوان ۽ سهڻي. خط ۽ خال ڪشش ڪندڙ. ڪملا کي ڀاڀيءَ ان شخص سان شادي ڪرائي، جنهن کي اسان جي غريبيءَ جي ڏک کان وڌيڪ ان ڳالهہ جي خوشي ٿي تہ سندس سالا ڏاڍا سنا هئا ۽ هڪ تہ ليکڪ بہ هو.

”ڪهڙو ڪم“.

”مون کي فلم ۾ ڪم وٺي ڏي“.

”ائڪٽنگ ڪندينءَ“؟

”ها“.

”بيوقوف، ڪڏهن مون بہ ائڪٽر ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. راجن چاولا سان گڏ مون اسٽوڊين جا چڪر ڪاڌا. آخر اسان کي مِٽي چَٽِي پَئي. ائڪٽنگ ڪرڻ ڇا چرچو آهي“؟

”نرگس جو ڪندي آهي“.

مون ڪيس ٻانهن کان جهلي چيو”آشا- نرگس تمام وڏي ڪلاڪار آهي. “

”ڀائو“، هن چيو ”تون ڏسج- مان ڇا ٿي ڪريان. منهنجو سڄي هندستان ۾ نالو نڪرندو. توکي جام پئسا ڏيندس. تون آرام سان لکج“.

ڏاڍو ڏک ٿيم. بس رڳو پئسا ڪمائڻا آهن؟ تہ مان ڇو ٿو لکان؟ آهي ڇا اِن ۾. ڇڏي ڏيان لکڻ. ڪجهہ وڌيڪ ڪمايان. ڪيس ڪجهہ آرام ڏيان. چيومانس ”تون بي فڪر ٿي. مان راجڪپور سان گڏجندس“.

ڀاڀيءَ پوءِ ڪيس پاسي واري گهر ۾ سلائيءَ جو ڪم سکڻ ۽ پرڻ تي رکيو. پوءِ خبر پيم تہ اِن مائي گونگي ڪيس پنگ ۽ ڏاتورو ڪائڻ سيکاريو هو. اِن ڪري ڀاڀيءَ ڪنهن هنڌ هن جو مڱڻو ڪري ڇڏيو. شاديءَ رات ڏسون تہ اڌ بوتل شراب پي اچي ويني آهي. گونگيءَ ڪيس شراب پياريو هو. هوءَ لڏي لمي پيئي، مڙس شاديءَ رات تہ غم پي ويو، پر صبح جو ڏسان تہ نئين گهر جي ٻاهران بينو آهي. چيائين ”اوهان جي ڀيڻ پاڳل آهي. رات جو پيرن ۾ ڇير پائي چنبا ڪٽي مون کي ڏڪائڻ لڳي تہ هٿ نہ لڳاءُ. بئگ مان بہ ڏاتورو ۽ پنگ نڪتي اٿس. شايد ڪيس پوت آهي. اوهين ڪيس وٺي وڃو. پڳوان جو قسم مون ڪيس ڇهيو ڪونهي“. لڳم تہ ڇاتيءَ ۾ ڇرو ڪپي ويو. مان هن سان وڃي آشا کي وٺي آيس. ڀاڀي، جا پهريون گهر ڇڏي، ڀائو گلوءَ سان ٻئي هنڌ رهڻ لڳي هئي، اتي وٺي ويو مانس. اکين ۾ اجا بہ نشو هئس؛ سمجهائين پئي تہ مڙس ڪيس ڇڏي ڏنو آهي. مون ڪيس چيو ”آشو- گهبراءِ نہ. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي. ڏس ڏاهي ٿي. اسان جي خاندان

۾ ڪنهن بہ نشو نہ ڪيو آهي. غريب آهيون، پر عزت مانَ وارا آهيون. تون اِهي نشا ڪرڻ ڇڏي ڏي. پوءِ مان تنهنجي ٻي شادي ڪرائيندس“.

هن ها ڪئي- ان سال پاڻيءَ ڪيس هڪ ٻئي جوان سان شادي ڪرائي. جنهن کي ٻہ ٻار هئا ۽ زال جوانيءَ ۾ گذاري ويئي هئس. ڪيس سڀ ٻڌايائين.

هن چيو: شاديءَ بعد پهرئين هن جو علاج ڪرائيندس ۽ پوءِ ڪيس گرهست ۾ آڻيندس ۽ هن ائين ڪيو. هاڻ آشا اُتي آهي ۽ خوش آهي.

وري انهن ئي ڏينهن ۾ باقي هڪ ئي ڪنواريءَ ڀيڻ چيو ”ڀائو - هڪ مدد ڪر مون لڪي شادي ڪئي آهي. منهنجو مڙس بيروزگار آهي، چوي ٿو: نوڪري مِلي تہ شادي ڪري گهر وٺي هلانءِ. انٽرميڊيٽ آهي“.

”پيٽ سان تہ نہ آهين نہ“؟ مون پڇيو.

هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو ”ٽيون مهينو آهي“.

”ٻڌڻ ياد نہ آيئه“؟

”ڀائو - قيمتي حياتي وڃائي ڇڏيان !هڪ غلطيءَ جي ڪري“.

”مون گهر ڏانهن ڏيان نہ ڏنو تہ تو شرم حياءُ ڇڏي ڏنو“.

هن روئڻ شروع ڪيو-وري سوچيم: انسان آهي خطا ڪئي اٿائين. چيومانس ”چڱو، ڇوڪري کي سيٺ منهنجي آفيس ۾ موڪلج“.

ٻئي ڏينهن اُهو جوان آفيس ۾ آيو.

”ڏس - هي ڪهڙو پريم آهي تنهنجو جو پنهنجي پريمڪا جي حياتي تباه ڪري رهيو آهين؟ تون ستن ڏينهَنَ جي اندر هن سان شادي ڪر، نہ تہ مان هن جو آپريشن ڪرائي ڇڏيندس. مون ۾ ايڏي طاقت آهي جو ڀيڻ جي عزت بچائي ويندس“.

”غلطيءَ لاءِ معاف ڪريو-مون کي هڪ نوڪري وٺي ڏيو“.

مون بہ سوچيو هن شادي تہ ڪئي آهي. رڳو بيروزگار آهي. مدد ڪيانس تہ شايد زندگي نهي پئيس. مون اُتي ٽائيم ائڊور ٽائيزرس ڪمپني کولي هئي. پگهار پنج سؤ هئم ۽ الڳ اسي رپيا ان جي لکپڙهہ جا ملندا هئا. مون رام دادلاڻيءَ سان ڳالهہ ڪئي. هن ڀلي مانس ان ئي ڏينهن ٻن سؤ جي پگهار تي رکيس. ۽ هنن ٻنهي هفتي اندر شادي ڪئي. مون آفيس مان ٻن مهينن جو پگهار ائڊوانس ورتو ۽ پاڻيءَ کي ڏنم. ان هڪ رات مون کي ڏاڍو ڪمزور ڪيو. مون ڪڏهن بہ قلم کڻي فهرست نہ بڻائي تہ شاديءَ ۾ ڇا ڪبو، وٺبو آهي. ڪل ساڍا ٽي هزار رپيا خرچ اچي ويو. جو اجمير واري ڀيڻ ليلان کان قرض ورتم ۽ بہ بہ سؤ ڪري سالن بعد کيس واپس ڪري سگهيس. هن جو مڙس رام ڪشن زميندار هو. بہ لک ڪٽي هندستان آيو هو. پوءِ خط مٿان خط تہ پئسا واپس

ڪر. هڪ دفعي تار آئي تہ ليلان مري ويئي آهي. اِهو صدمو مان برداشت ڪري نہ سگهيس. تمام گهڻي ڏک سبب گاڏيءَ ۾ ننڊ اچي ويئي- اکيون کولي ڏسان تہ دنيا ۾ ڪجهہ ٻيو بہ آهي، جو دادا جيان گم ٿي ويو آهي.

وري ڏسان تہ هفتي بعد رام ڪشن آفيس ۾ وينو آهي.

”ليلان کي ڇا ٿيو“؟

”سال ٿيو آهي تو قرض واپس نہ ڪيو آهي“.

”مان اوهان کي هن مهيني کان ٻہ سؤ هر مهيني موڪليندس. ڏياريءَ تي سڄو بونس موڪليندس. وشواس ڪجو“.

”مالڪ کان لکائي ڏيندين“؟

”عزت ويندي“.

”مان چوانس“.

”ڇا اوهين رشتي ناتي جو لحاظ نہ ڪندا “؟

”ڇا جو رشتو، تون تہ ڀيڻ جي موت جو ٻڌي بہ اتي نہ آئين“.

”هوءَ تہ رهي ڪانہ. اتي ڇا اچي ڪريان ها!“

”مون ليلان کي چيو؛ تار پڙهي بہ موهن نہ ايندو“.

”ليلان کي چيو؟ ڇا ليلان جيئري آهي!“

”ها- مون کيس ڏيکارڻ ٿي چاهيو تہ موهن ڪيترو خود غرض آهي“.

”توهان کي خبر آهي تہ ڀاڀيءَ ڪيڏو رنو آهي“.

هو چپ.

”۽ گلوءَ ۽ راجوءَ“.

”سيني رنو- پر تو ڪو نہ رنو“.

”ڏاڍا ڪريل ماڻهو آهيو اوهان. زميندار آهيو. اوهان ئي صدين کان سنڌي مسلمانن کي لٽيو ۽ آخر اسان کان سنڌ ڇڏائي. مان توهان کي اوهان جي پئسن جي گئرنٽي دادلاڻيءَ کان وٺي ٿو ڏيان. لکت ۾ ڪپيوَ.“

هو روز گرو گُڙ جو پاٺ ڪندو هو ۽ شاستر واڻيون بر زبان ياد هئس. چيائين ”زبانيءَ بہ ڪم هلي ويندو.“

دادلاڻيءَ مون ڏانهن نهاريو. پر هن جون نگاهون پهاڙ نہ بڻيون، جتان مان ڪري سگهان. چيائين تہ سڀ پئسا ڏيانس“.

”نہ “، مون چيو ”فقط خاطري ڏيو“.

”هن ڪيسي مان هزار رپيا ڏيندي چيو ”موهن، تون آهين منهنجو مئنيجر، پر تون منهنجو آدرش آهين. توکي خبر ڪانهي تہ مان بہ ساڳي اسڪول ۾ پڙهندو هئس، جتي تون تقريرون ڪندو هئين. تو لکڻ پسند ڪيو ۽ مون ڏنڏو. مان تنهنجي حالت سمجهي سگهان ٿو“. مشڪي چيائين ”همت نہ هار، هزار رپيا بونس وقت ائڊجسٽ ڪندوسانءِ“.

رام ڪشن کي هزار رپيا ڏنم. هو دادلاٽيءَ جي الڳ روم ۾ اندر نہ هليو. ان بعد قسطون ڏيڻ شروع ڪيون مانس. ڪڏهن گسان تہ لکندو؛ مان تنهنجي گهر ٻاهران بک هڙتال ڪندس. ماڻهو جمع ڪندس. هن جي شڪل ڏسندو هوس، سمجهندو هوس، هفتو بستري تان نہ اٿندس- ۽ ٿيندو بہ ائين هو. هن جو قرض لٿو تہ تندرستي بهتر ٿي. هڪ سبق سڪيس تہ غريبيءَ ۾ فاقا ڪيجن، ڳرجي، مرجي، پر قرض نہ وٺجي.

دهلي ايشيائي سميلن ۾ سنديءَ ڏنو تہ موهن ڪجهہ ڪائي نٿو، سگريٽ نٿو ڇڪي ۽ چانهہ بہ نٿو پيئي، پاسي کان اچي بيٺي ۽ منهنجي پينٽ جي پٺئين کيسي ۾ هڪ نوٽ وڌائين. چيائين؛ ڪامريڊ، اسان جي الڳ برادري آهي! پوءِ نارايڻ پارتيءَ ڪٿي لکيو آهي تہ ڪنهن ننڍڙي ميڙ ۾ اِهو ذڪر نڪتو تہ موهن ڪهاڻيون تہ سٺيون لکي ٿو وڃي، پر هن اجا سنديءَ کي ڏهہ رپيا ڪو نہ موٽايا آهن. اتي ڏاڍي ڪِل ٿي. پارتيءَ لکيو؛ پر جڏهن رات بستري تي ليٽيس تہ مون کي ڏاڍو روئڻ اچي ويو. موهن هن کان پئسا ورتا ڇو-؟ اسان موهن تي ڪِليو- شايد ان ڪري جو موهن اسان کان سٺو ٿو لکي.

منهنجو پراڻو گهر ۽ ان جو پتو هند سنڌ جي سنڌي اديبن ۾ مشهور هو. هڪ دفعي موتي جوتواڻيءَ چيو؛ هيءُ هڪ سرشتا جو گهر آهي. هيءُ هڪ مندر آهي. مان هن کي نمسڪار ٿو ڪريان. هتي هڪ ڪلاڪار، هڪ رَشي ٿو رهي.

مڪان مالڪ سنڌ جو هڪ سنڌ وَرقي هو، جنهن جو اڪبر عليءَ پرسان شاليمار نالي هڪ وڏو دڪان هو. ان جو هڪ ملازم سڳن آهوجا جي پاسي کان رهندو هو ۽ مون کي خبر نہ هئي تہ منهنجي گهر ۾ اک هئس. مون کي وڪيل جو نوٽيس آيو. ڌيان ڪو نہ ڏنم. ڪورٽ جو سمن بہ نہ مليو ۽ ايس ڊڪري پاس ٿي ڪڙڪي گهر ۾ آئي. سڄو سامان ٻاهر ڦٽو ڪيائون - پوليس گهر کي پنهنجو قلف لڳايو. ڊسمبر جون ٽڏيون راتيون. اجا آشا ۽ مايا جي شادي نہ ٿي هئي. گلو آفيس ۾ ڪڏهن بہ نہ آيو هو. هن نون ورهين جي عمر کان نوڪري ڪئي ۽ گهر هلايو هئائين. مسواڙ فقط ايڪيهہ رپيا هئي. پر بہ چار مهينا پري نہ سگهيو هوس. ٻڌو هوم تہ قاعدي موجب مسواڙيءَ کي اُٿاري نٿو سگهجي. ان ڪري اينڪائونٽر وغيره مخزون وني پنهنجي دنيا ۾ گم سم رهندو هوس.

گلوءَ ڳالهه ٻڌائي. وايون بتال تي ويون. چيومانس ”تون گهر وڃ- مان مالڪ سان گڏجي اچان ٿو“.

گلو ويو تہ مون آفيس مان موڪل ورتي. لفٽ تان هيٺ لٿس ۽ ميڊوز اسٽريٽ مان هلڻ لڳس. مون کي لڳو تہ منهنجي سڄي زندگي بي معنيٰ هئي. مون ڪو بہ ڪم سوچي سمجهي نٿي ڪيو. مون پنهنجي حيثيت نہ سڃاتي آهي. ڏک ئي نہ ڏنو آهي. ٻُک، بيروزگاري، ڇا سوچيندي پاڻي ! منهنجو پٽ ايشيا جو وڏو ليکڪ آهي ۽ عزت اِها جو گهر جا ٽپڙ ڪٽي ٻاهر ڦٽا ڪيا اٿائون. اڄ هن پار يار هن پار، لڪاپتيءَ جو پٽ، پاڻ کي سمجهي ڇاٿو. چوندومانس:

پڙا پالا فلڪ والون کا دل جلون سي نهين
جلاڪي خاڪ نہ ڪردون تہ داغ نام نهين.

وري لڳم، ائين هلندي، هلندي پٽ تي ڪري پوندس. ختم تي ويو موهن ڪلپنا. پوري دنيا کي ستايو اٿم. ۽ ٿيندو ائين:

ذوق ڪي مرني کي سن ڪر پهلي تو سي رڪ گئي
قر ڪها تو يون ڪها منهن قير ڪر اڇا هئا!..

پوءِ پنهنجي سوچ تي غالب پيس. ٿاءِ نيڪ ڪيم. قميص پينٽ ۾ ناهي وڌم. هڪ سگريٽ دڪايم. ڇڪي پورو ڪيم. پوءِ دڪان ۾ اندر گهڙيس. عاليشان دڪان جي مالڪ جي سامهون بيهي انگريزيءَ ۾ چيم ”مون کي مسٽر ڊئش سان گڏجڻو آهي“.

”مان آهيان- ويهو“.

مون ويهي چيو ”اوهان کي ڪا ماءُ ڪا پيڻ، ڪو ڀاءُ آهي“؟

”سي آهن“. هن عجب مان پڇيو ”ڇو“؟

”وڏو ڪاروبار آهي اوهان جو. هزار ٻن جي تہ اوهان کي پرواهه نہ هوندي“ .

”برابر - پر ڇو“؟

”پوءِ اوهان کي ڪهڙو حق آهي تہ اوهان منهنجي گهر پوليس موڪلي سڄو سامان ٻاهر ڦٽو ڪرايو؟ گهر کي تالو لڳرايو؟ ڊسمبر جي ٿڌين ۾ اسين ڪيڏانهن ويندا سين“؟

هن هاڻ مشڪيو ”تہ تون ئي ليکڪ موهن ڪلپنا آهين“؟

”اوهان ليکڪن جي ڪهڙي عزت ٿا ڪريو، اِها تہ اڄ خبر پئي“.

”تو منهنجي ماڻهوءَ کي ڪپ ڇو ڏيکاريو“؟

”ڪپ- مون ! ڪنهن کي“؟

هن سڳن آهوجا جي پاڙيسريءَ کي سڏ ڪيو. هڪ دفعي ٻارن جي ڳالهه تي هن سڳن آهوجا کي بجو ڏنو هو. سڳن مون کي چيو؛ موهن، تو هن کان منهنجو بدلو ضرور وٺج. هڪ ڏينهن هو مون کان مسواڙ وٺڻ آيو، چيومانس؛ تون ڪير آهين- مان توکي ڪو نہ سڃاڻان. چيائين؛ پينٽ پائين ٿو، پر مسواڙ نٿو ڀرين. مون کي سڳن جي ڳالهه ياد آئي. ٿلهي تان هيٺ لهي چيومانس؛ ڪتي جا پٽ -بيهه اتي بيهه تہ اِها پينٽ هٿ ۾ ڏيان. هو وڃي ڀڳو. پنيان بہ ڪو نہ نهاريائين ۽ ضرور ڪٿي منهن ڀر ڪريو بہ هوندو.

مون ڏانهس نظر ڪئي ۽ مالڪ کي چيو "هي شڪل جو بہ ڪارو آهي ۽ من جو بہ. اوهان کي ڪوڙ ٻڌايائين. ڪپ تہ مون ڪڏهن هٿ ۾ نہ ڪنيو آهي. هن کي هڪ چماٽ هڻان تہ هڪدم پري پهچي ويندو".

"تون بدتميز آهين. توکي هٿ ٻڌي معافي وٺڻ گهرجي".

"اوهين وڏا لارڊ جا پٽ آهيو". مان اٿي بيٺس. مون پنهنجو پير مٿي ڪيو ۽ سندس منهن ڏانهن جوتو ڪري چيم "توهانکي ڏيکاريندس تہ توهان جي شان ۽ شوڪت کان، اوهان جي دڪان ۽ دولت کان منهنجي جوتي جي مٿيءَ جي وڏي اهميت آهي". مان هليو ويس.

حق تي وڏن چيو آهي؛ سُجو ماڻهوءَ الله کان ڏاڍو. مون نہ ڳالهايو ڄڻ منهنجي سچائيءَ ڳالهايو. يا شايد منهنجي غيرت ڳالهايو ۽ مان ڊپلومئٽ نہ ٿيس ۽ هيٺائين نہ ورتم. مون سندس سُٺن جذبن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گفتگو هڪ بيهودو پلٽو کاڌو. مٿان ڪمل سان شادي بيٺي آهي. هوءَ ڇا سوچيندي؟ پاڙي ۾ بدنامي ٿيندي. شايد هيءَ شادي رد ٿيندي. منهنجي شادي ٿيندي ڪٿي آهي! رد ئي تہ ٿيندي آهي. نيڪ آهي. مان غلط آهيان. ڀليل آهيان. ڪمزور آهيان. معزور آهيان. پر ڪڏهن ڪنهن کي نقصان ڪو نہ پهچايو آهي مون. مون تہ ماڻهن کي زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سيکاريو آهي. راجڪماريءَ نيڪ چيو هو. ائين نہ ٿئي تہ تون ويڏيءَ تي وينو هجين ۽ پوليس اچي گرفتار ڪريئي. مون تہ سوچيو هو؛ سُنو لڪندس تہ ماڻهو ڪلهن تي کڻندا: موهن ڪلپنا زندهه باد. موهن ڪلپنا زندهه باد. موهن ڪلپنا... دادا بعد سڄي جوابداري منهنجي هئي.

ڪويتائن سان مسواڙ نٿي ڀري سگهجي. ڪويتائن سان پوليس کان بچي نٿو سگهجي.

مونجهه جي احساس سان گهر پهتس. مون پاڀيءَ کي هٿ جوڙيا "ماءُ، تون مون کي معاف ڪر".

هن جي اکين ۾ پاڻي آيو. چيائين ”پٽ، مون کي تہ ڪو ڏک ڪونهي. پڻهين بعد مون کي ڪجهہ سنو نہ لڳندو آهي. مونکي تہ تنهنجو خيال هو. چنتا نہ ڪر. مون ٻي جڳهہ مسواڙ تي ڪئي آهي. ساڳي ايڏي وڏي آهي. مسواڙ بہ چاليهہ رپيا“.

”سڄي عزت مٽيءَ ۾ ملي ويئي“.

”عزت شرافت ساڻ جيئڻ ۾ آهي“. ماءُ چيو.

”نہ ڀايي - زمانو شرافت جو ڪونهي. مون بہ تنهنجو ڪير پيتو آهي. ائين بيعزتو ٿي هتان نہ نڪرنداسين“.

وي- ٽيءَ کان سوائين ستين لڳي ڪلڪتا ميل پڪڙي هئي تہ جيئن گهر جلدي پهچان-پر رستي تي گاڏي ڪلاڪ ڏيڍ بيهي رهي. مان يارهين لڳي گهر، يعني ان ٻاهران پهتو هوس. گلوءَ ڪجهہ نہ ڳالهايو. رت جي، رشتن جي مضبوط اندروني ايڪتا ٿيندي آهي.

مان سڌو اديب گوبند ڀاٽيا وٽ ويس، جو هاءِ ڪورٽ جو وڏو وڪيل هو. شراب ڪو نہ پيئندو هو. پر رات جو بيوس جي ڪويتا پڙهي سُني ننڊ ڪندو هو. اٿاريومانس تڏهن بہ ننڊ جي نشي ۾ هو. مون چيو ”پوليس منهنجي گهر کي تالو هنيو آهي“.

”ڇو“؟

”مون مسواڙ نہ ڀري. سيٺ مون تي ڪيس ڪيو. ڪيس ڪٽيائين، اڄ ڪورٽ اٽئچمينٽ آرڊر ڪيو آهي“.

”تون ڪيس لڙئين“؟

”نہ!“

”ڇو“؟

”مون کي ڪيس جي خبر ئي نہ هئي“.

”مون سمجهيو. تون ڪلف ڀڃي وڃي گهر ويهہ. سيٺ مان پاڻهي منهن ڏيندس“.

”اوهانجي فيءَ“؟

”يارن کان ڪهڙيون فيون“. هن مُشڪي چيو ”تون گوئا ۾ وئين - ڪتاب لکئي، ڪنهن تنهنجا هٿ چميا؟ مون.

”ڏک اٿم جو تون بيوس کي سُنو شاعر نٿو سمجهين“ .

سندس شريمتي گفتگو تہ نہ ٻڌي، پر چانهہ رکيائين. ساڊا يارنهن تي ويا هئا. مان چانهہ پي نٿو سگهان. ڪيس اِهو سمجهائڻ ۾ منٽ کن لڳي ويو ۽ ”ورق“ انعامي ڪتاب جي ليکڪ ڀاٽيا صاحب کي ننڊ ڪٽي ويئي. ٻاهر نڪري مون وڏو پٽر ڪنيو ۽ ڊڪ پاتم. گهر پهچي ڪلف ڀڳم. سڄو سامان اندر رکايم. سوچيم، گوبند ڀاٽيا سپريم ڪورٽ ۾

بہ ڪيس لڙندو آهي. مان ان سوئر جي پٽ سان پڄي رهندس. منهنجو هڪ سالو گوئا ۾ هو، باقي ٽي اتي پهچي ويا جو ڪين ڪنهن ڳالهہ ڪئي.

هنن بہ چيو تہ ڪيس لڙبو.

ٻئي ڏينهن آفيس ڪو نہ ويس پر نياپو موڪلي ڇڏيم. صبح جو گوبند پاتيا وٽ ويس. چي "اڄ موهن - ڪيئن آيو آهين"؟

"مون ڪلف پيجي ڇڏيو!"

"ڇا جو"

"پنهنجي گهر جو".

"پنهنجي گهر جو - چريو ٿيو آهين ڇا"؟

"سائين، رات جو اوهان وٽ آيو هئس!"

"خواب ٿو لهين".

"پاڻيءَ کان پڇو".

پاڻيءَ چيس "رات اوهان "شيرين شعر" پڙهي سمهيا تہ موهن آيو".

هن پنهنجي ياداشت تي ڏک ظاهر ڪيو ۽ سڄي ڳالهہ نئين سر ٻڌايائين چيائين، "ڳالهہ ڏاڍي خراب ٿي. توکي تالو نہ پيجڻ کپندو هو. ڪيس تہ مان ڪٽندس پر ڪٽڻ جي پڪ نٿو ڏيان،..

"پرواهہ ناهي سائين. هاڻ جڏهن اُکرين ۾ منهن وڌو آهي تہ مهرين کان ٿوروئي ڏکندس".

مون ٻاهر اچي هڪ سگريٽ دکايو. هڪ ڏينهن ۾ ڇا ٿي ويو.

ليکڪ مليو ليکڪ سان ٻيڙي غرق! منهنجي گهر جا پاتي بي گهر ۽ شاعر صاحب بيوس تي پيو ڳالهائي ۽ صبح ياد ئي نہ پيس تہ رات گڏيو هومانس. پر جو هن رات چيو، اهو صحيح آهي. مون ڪلف پنهنجي گهر جو نہ، پر پنهنجي گهر تان هڪ سيٽ جو ڪلف پڳو آهي. گوبند مالهي نيڪ چوندو آهي تہ بورجئا خواهہ نيم بورجئا طبقي جو ڪردار نہ ٿيندو آهي. هنن وٽ ڪا انسانيت نہ ٿيندي آهي.

شام جو چار پوليس وارا گهر آيا. ٽي ٻاهر بيٺا ۽ هڪ اندر آيو. مون ڪيس ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ مايا کي چانهہ ناهڻ لاءِ چيم.

"حڪم ڪريو - ڪيئن آيا آهيو"؟

"اوهان کي گرفتار ڪرڻ آيا آهيون".

"منهنجو ڏوهہ"؟

”اوهان پرائي گهر جي حد دخلي ڪئي آهي. ۽ اوهان هتان سامان چورايو آهي“.

”سامان تہ سڀ اسان جو آهي. ان ۾ چورائڻ جهڙو ڪجهہ ڪونهي ۽ پنهنجو سامان تہ ڪير بہ چوري نہ ڪندو. گهر اسان جو آهي، فقط مالڪي ڪنهن ٻئي جي آهي“.

”اوهان شاليمار دڪان جي مالڪ کي خون جي ڌمڪي بہ ڏني آهي. اسان کي بمبئيءَ جي پوليس ڪمشنر جو اهڙو ليٽر آيو آهي“.

”ڇا توهانکي منهنجي شڪل مان لڳي ٿو تہ مان چور يا خوني آهيان يا ٿي سگهان ٿو“.

”اوهين بلڪل شريف ٿا لڳو، شريفن تي ئي اهڙا الزام لڳندا آهن. پر اسين ڇا ڪريون“.

”اوهين مون کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهندا “؟

”ڪير اوهان جو ضامن پوندو“؟

”ڇا جو“؟

”پنجن هزارن جو“.

”يعني اوهان وٽ پنج هزار جمع ڪرائڻا پوندا“.

”نہ ڪو بہ ماڻهو، جنهن کي پنهنجي جائداد هجي، لکي ڏئي تہ اوهان جي ڀڄي وڃڻ جي حالت ۾ هو پنج هزار ڀري ڏيندو“.

”مان ڀڄي ڇو ويندس“؟

”مون اوهان کي قاعدو ٻڌايو“.

”هڪ مصيبت مان نڪري ٻئي ۾ ڦاٿو آهيان. بچڻ جو اوهان ئي اُپاءُ ٻڌايو“.

”چڱو - اسين اوهان کي گرفتار نٿا ڪريون. تون ڪلاڪ اندر ضامن جو بندوبست ڪري هل- لائين پوليس اسٽيشن تي اچ. اسين اوهان کي لاڪپ ۾ بہ نہ رکنداسين. سڄي زندگي چورن ڊاڪن کي پڪڙن ۾ گذاري اٿائون - اوهان اهڙا نہ آهيو“.

هو ۽ تي پوليس وارا هليا ويا. رات وانگر ٻاهر کي ماڻهو گڏ ٿيا ۽ کين خوشي ٿي تہ پوليس هتين خالي موٽي وئي. ٿوري وقت بعد منهنجو چترڪار سالو چندو آيو. ان سان ڳالهہ ڪيم. چيائين”، اسان جي جڳهہ ڪمل جي نالي سان آهي. تون اتي هل- اسين پهچي ٿا وڃون. ڪمل پائرن سان پوليس ٿاڻي تي آئي. هن منهنجي ضمانت ڏني. چندرو پنهنجي دوست فوجداري وڪيل روچي ۽ روپي کي ڪيس ڪڻڻ لاءِ چيو. روچيراڻيءَ شاليمار جي مالڪ کي لکيو تہ اوهين جيڪڏهن موهن تي لڳايل ڪوڙا الزام واپس نہ وٺندا تہ اوهان جا فرشتا بہ اوهان کي بچائي نہ سگهندا. سيٺ ضد ۾ ويو. بمبئيءَ جو وڏو وڪيل ڪيائين. ان مون تي الهاس نگر ۾ ڪيس ڪرڻ لاءِ هتي بہ مڪاني وڪيل

ڪيا. اهي بہ پوليس اسٽيشن تي هئا ۽ ڪلي ڪلي چيائون تہ توکي ست سال جيل ۾ نہ وجهايوسين تہ وڪالت ڇڏي ڏيٺاسين. مون چيو مان ”اوهان ڪوڙا ڪيس ڪڍو ٿا. وڪالت ڇڏيندا تہ شريف ماڻهن جي عزت رهجي ايندي. اوهان منهنجي مجبوري تہ ڏسي ڇڏي آهي. هاڻي طاقت ڏسجو. خود ئي گهر معافي وٺڻ ايندا“.

ڪمل کي چيم ”تو ضمانت ڏني، ڏاڍي خوشي ٿيم. ان کي ئي تہ رفيق- حيات چئبو آهي. مون تہ سمجهيو تہ تون شايد منهنجون مجبوريون سمجهي نہ سگهين ۽ مون کي ڇڏي ڏين“.

”مجبورين کي منهن ڏئي سگهبو آهي ۽ انهن کان بچي سگهبو آهي“.

”ڪيئن“؟

”اِهو اوهان کي شاديءَ بعد سيکاريندس“.

”ڇا لکڻ بند ڪرائيندينءَ“؟

”نہ- اوهان جو لکڻ مون کي وڻندو آهي“.

”سگريٽ ڇڪڻ ڇڏائيندينءَ“؟

”نہ - اوهين سگريٽ ڇڪڻ وقت مون کي ڏاڍا وڻندا آهيو“.

”تہ ڇا سيکاريندينءَ“؟

”ڪجهہ دنيا داري“.

مان اتان ٿي ڪمل جي گهر ويس. اتي ان پهريون ڪاميابيءَ تي وِسڪي جي بوتل کوليائون. مون بہ پيگ پيتو. مون کي لڳو تہ مصيبتون ختم ٿيڻ کان اڳ واڳوءَ وانگر پڇ جو ٽڪاءُ ڪري رهيون آهن.

ٻئي ڏينهن مون جئرامداس دولترام کي دهليءَ جي پتي تي خط لکيو. مڪان مالڪ جو پتو بہ لکيومانس. هن جي سياسي نظرئي، ڪارج ۽ سندس ديوناگريءَ لپي خلاف تہ مون تمام گهڻو سخت لکيو هو. مون ڪيس پنهنجو سڄو مقدمو لکيو ۽ ڪيس چيم تہ اميد تہ ان سماجڪ ڪم لاءِ اوهين سياسي مت پيدن کي خيال ۾ نہ آڻيندا.

شري جئرامداس بہ تارون ڪيون. هڪ مڪان مالڪ کي. ان جو نقل رام پنجواڻيءَ ۽ مون کي. ٻي رام پنجواڻيءَ کي ۽ ان جو نقل مون کي. پهرين تار ۾ لکيائين: موهن ڪلپنا خلاف ڪو بہ قدم نہ ڪڍو. وڌيڪ اوهان کي پروفيسر رام پنجواڻي سمجهائيندو. رام پنجواڻيءَ کي لکيائين: رام ڏسج، جيئن موهن جيل ۾ نہ وڃي ۽ مٿس ڪو ڪيس نہ ٿئي. هو اسان جو بيحد پيارو ليکڪ آهي.

پهريون دفعو مون کي جئرامداس لاءِ شرڌا جاڳي، چاهي سندس مرڻ تائين. مان سندس نظريه سياست شامل ٿي نہ سگهيس. گنو وري عزيز سان گڏيو. حيدرآبادي سنڌ

ورقيءَ، عزيز کي گرو ڪري مجيندا هئا. عزيز گني کي چيو ”موهن آهي بي خيالو. ان ڏينهن ميٽرو ٻاهران هلندڙ بس مان لهي پيو. پر چئينس، عزيز جي هوندي تنهنجو وار وِنگو نہ ٿيندو. چرين پنج اٺ سؤ رپين لاءِ ايڏو هنگامو مچايو آهي“. گني منهنجي شڪل ڏسي چيو ”مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ توکي نروس ٿيندي نہ ڏٺو آهي. گهبراءِ نہ. سڀ ٺيڪ ٿيندو“.

رام پنجواڻي مڪان مالڪ جي دڪان تي ويو. مان مالڪ جي وڪيل وٽ. هن جي آفيس بہ ميڊوز اسٽريٽ ۾ هئي. پنهنجي واقفيت ڏيڻ بعد چيومانس، اوهان وڪيلن وٽ ڇا دل نہ ٿيندي آهي!“

ڪافي پڙهيل هو چيائين ”جي دل جو سوچيان ها تہ ”آرٽس“ ڪٽان ها”-لا“ نہ ڪٽان ها“.

”جيڪڏهن آرٽس ڪٽو ها تہ پنهنجي ڪلائينٽ کي غلط صلاحون نہ ڏيو ها“.

”مون ڪيترن ليڪڪن جون جيونيون پڙهيون آهن. سڀ ائين هوندا آهن. گولڊ سمٿ کي مڪان مالڪ جيل ۾ وجهايو تہ ڪيس بچائڻ لاءِ جانسن هڪ گني موڪلي. مگر ضمامت ڏيڻ بدران گولڊ سمٿ گني پڙ تي رکي. جڏهن جانسن جيل ۾ گڏجڻ ويو تہ ڏٺائين هن جيلر سان جُوا وينِي ڪئي“.

”اوهان انهن جيونين مان ڪجهہ سکيا بہ آهيو“؟

”اوهان جهڙن ماڻهن کي سهوليت سان جيل موڪلڻ جي ڄاڻ ملندي آهي“.

”اوهان ۽ وئشيائن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ وئشيائون جسم وڪڻڻ ۾، وڪيل پنهنجو وويڪ“.

”ڳالهاءِ ٻچا- آخر تنهنجي جنازي جي سرگس ۾ مان ئي شامل ٿيندس“.

”ڏسجو“ ڪٿي مون بدران اوهانکي ڪلهو نہ ملي وڃي-“

ٻئي ڏينهن رام پنجواڻيءَ جئه هند ڪاليج ۾ پنهنجي روم ۾ گهرايو ۽ ارجن شاد اڳيان چيائين ”مون کي ڏسي پائي حيران ٿي ويو. ڳالهہ ڪئي مانس. چي؛

”ليکراج عزيز بہ ٿي ويو آهي. آخر اِهو آهي ڪَهڙِي بَلا جو جئرامداس جهڙي بزرگ نيتا هن لاءِ تار ڪئي آهي. ۽ اوهين منهنجي دڪان تي چڙهي آيا آهيو؟ مون چيو مانس؛ موهن ڪلپنا اسان جو پيارو ليکڪ آهي. خوددار آهي. ذهين آهي. بيباڪ آهي. ٿورو گستاخ بہ آهي، پر ڏنگو ماڻهو اصل ڪونهي. چي؛ منهنجي عزت جو سوال آهي. هن مون کي جوتو ڏيکاريو. پنجواڻيءَ صاحب، بيئرر چيڪ ڪٽو. جيترا پئسا ڪپن، ان تي لکو. پنج هزار، پنجاهہ هزار. اسانکي توهان لاءِ عزت آهي. پر اسين هڪ غريب، ليکڪ هٿان هار ڪائڻ لاءِ تيار ناهيون. چئو تہ سڄو دڪان لکي ڏيانوَ. مون چيو مانس؛

منهنجي ڳالهه نہ مڃيو تہ باقي منهنجي ڪهڙي عزت ڪيئي. آخر هو جهڪيو - ان شرط تي تہ ٻي جڳهه ملڻ تي تون اِها خالي ڪندين. هو سڀ ڪيس واپس وٺندو“.

هي اُهوئي رام پنجواڻي هو، جنهن کي مون دنيا استيج تان ڀڄايو هو. چاهي ها تہ ٿورو وڌيڪ مصيبت ۾ آڻي سگهي ها. سنڌي ماڻهو تہ ڪيس پوڄيندا آهن. مون لاءِ هن ڪيتري تڪليف ورتي. هاڻ مان جيل نہ ويندس. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. سندس مهرباني مڃيم. پر اِن احسان جو الائونس ڪيس مون ادب ۾ اڃا تائين نہ ڏنو آهي. نہ يا عمر ڏيڻ وارو آهيان. ساڳئي وقت سندس اِن احسان لاءِ ذاتي طور سندس زندگيءَ ڀر شڪر گذار رهندس. هڪ فراخدل دوست چيو ”موهن، مان جيل ۾ وڃڻ پسند ڪريان ها. پر جئرامداس جو احسان نہ ڪٽان ها“.

چيومانس ”واهہ، ڇا شان آهي! تون جيل ۾ بہ ڪو نہ وئين ۽ اِهو بہ ثابت ڪيئي تہ تون مون کان وڌيڪ خوددار آهين“.

شاديءَ کان اڳ. اِهو تناءُ. سڳن آهوجا جي بيماريءَ ۽ موت، شاديءَ بعد هڪ ڀيڻ جي موت جي ڪوڙيءَ خبر، ڀيٽوئي صاحب جو پئسن جي سوال تي سوڙهو گهٽڻ، هڪ ڀيڻ جو پاڳل ٿيڻ ۽ ڪيس هڪ رات ۾ طلاق ملڻ، ٻي ڀيڻ جو پيٽ سان هئڻ جو درد مان سهي نہ سگهيس. هڪ ڏينهن آفيس ۾ ڏسان تہ اکين ۾ اڇي روشني ۽ تارا پيا ڏسڻ ۾ اچن. ڄڻ انڌو پئي ٿيس. هڪدم پاسي ۾ بمبئيءَ ڪلينڪ ۾ ويس. مٿو ڦرڻ لڳو. ساهه منجهڻ لڳم. سسٽر کي چيم: مون کي بچايو. پر اندران ڊاڪٽر چيو: يو ويٽ پليز. مان بينچ تي ليٽي پيس. اڃا شاديءَ ڪئي سال مس ٿيو هو. بس خدا - اِها تنهنجي زندگي! سمجهان تہ بدن ۾ طاقت نہ اٿم. پگهر سان گڏ ڄڻ ماس بہ وهڻ لڳو آهي. پورو ڪجهه ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ٿوري هوا ڪپي. بس، مان ائين مري ويندس-نہ ! مان اٿيس ۽ ڊوڙڻ شروع ڪيم. سينٽرل لئبريري. پرنس آف ويلز ميوزم. اوول پارڪ، فائونٽين. ٿوري ٿوري طاقت ايندي وڃي. آخر گاڏيءَ ۾ ڪنڊ کان وڃي وينس. هوا لڳي ۽ هڪ دفعو وري مون کي ننڊ ڪٽي ويئي.

هوش ۾ آيس تہ ڏٺم ڪن ماڻهن سس پس ٿي ڪئي. پر گاڏيءَ ۾ ڪير بہ نہ هو. تن ڏينهن ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ڪو مشڪل ئي هوندو هو. مون کي من ئي من ۾ پاڻ سان ڳالهائڻ جي عادت هئي. پر موت جي منهن ۾ ويندي منهنجو وات ئي بند ٿي ويو. ڪير ٿا ڳالهائن؟ ڏٺم تہ بنا منهنجي دماغي اجازت جي، ذهن اندر ڪا گفتگو جاري هئي. مان ٿورو گهبرائجي ويس. ڇا مان پاڳل ٿي رهيو هوس! وري چاهيم رڙ ڪريان لڳم تہ سامهون ڪو ماڻهو وينو آهي جنهن کي تہ ضرور منهنجو ڏڪ لڳي ويندو. ڏٺم من ۽ بدن تان ضابطو ٽٽندو ٿو وڃي. مان آڪاس ۾ نهاريندو هوس تہ لڳندو هو تہ جيڪڏهن

مان نظرن جو زور هلايان تہ پوري قدرت جي سرشتي کي ٽوڙي سگهان ٿو. هينئر دريءَ کان ٻاهر نهاريان تہ تارن جي روشنيءَ جو بار سهي نٿو سگهان. ڏاڍو بيوسيءَ جو احساس ٿيم. هن پرڪرتيءَ جو مان هڪ خسيس ساهه وارو آهيان. وري ڏسان تہ چار ٽنگون تي ويون اٿم. پنيان پڇ نڪري آيو اٿم بدن مينهن جيان تي پيو آهي. مان سانُ تي پيو آهيان. بدن کي ڏٺم. ٽنگون ٻانهون سلامت هئم. ڇا مان سچ پچ پاڳل تي رهيو آهيان! پر مون کي شاديءَ ڪئي اجا ڏيڍ سال بہ نہ ٿيو آهي. مان وڏو ليکڪ بہ نہ ٿيو آهيان. ڪيترا ليکڪ پاڳل ٿيا آهن. پر هنن ادب ۾ نالو ڪڍيو. مان تہ اجا ادب جي پهرئين ڏاڪي تي آهيان- ادب جي ڏاڪڻ تہ آسمان ڏانهن وڃي ٿي. مان پهرين ڏاڪي تان ڪري پوندس. مان ڪليان ۾ لٿس. مون کي لڳو ماڻهو مون ڏانهن نهاري رهيا آهن. ڏٺم تہ ڪنهن نٿي نهاريو. سمجهيم تہ ڏاڍي پيڙ آهي ۽ مان هلي نٿو سگهان. مون کي ذلت جو احساس ٿو ٿئي. اڌ جواني ٻہ ويلا پيٽ پري ماني کائي نہ سگهيو هوس. چمڻا ڪٽي جڳهہ مان ڪڍي ڦٽو ڪيائون، ڄڻ ميونسپالٽيءَ ڪنهن ڪتي کي جهليو. من ۾ خوف آهي، مان اندروني طور ٽٽي رهيو آهيان ۽ منهنجي هستي ختم ٿي رهي آهي. مان ڇا ڪريان، مان ڇا ڪريان؟ گهر وڃان ۽ اتي دؤرو پوي تہ ؟ مندر ۾ وڃان ۽ پرپوءَ جي مورتيءَ سامهون ڪري پوان. بخش مون کي پڳوان! يا هليو وڃان شمشان پومي- اتي ليٽان ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيان. کيل ختم. ڇا ڪريان مان؟ هڪ دفعو وري ڊوڙڻ شروع ڪريان. مان ڊوڙندو رهان. ڏينهن راتيون. صبح شام. اوهہ ڪوٽڙي. منهنجي پياري ڪوٽڙي. هيءَ سيوهاڻي گهٽي. ۽ هيءُ ڪرڻ. ساهہ بند ! ويهہ سال ٿيا آهن وطن ڇڏي. ڇا ان کي ڏسڻ بنا مري ويندس!چنڊ جهڙي ڏيءُ کپي مون کي. ڪمل اميدن ۾ آهي. پنجن ڇهن مهينن کانپوءِ ڪيس ٻار ڄمندو. ڇا ڪيس پيءُ جي چمي بہ نصيب نہ ٿيندي. جيڪڏهن مون کي ايترو جلدي مرڻو هو تہ شادي ڇو ڪئي. ڇا منهنجيءَ پتنيءَ کي سڄي عمر جو درد ڏيئي ڇڏيندس. مون ۾ تہ ڪا طاقت ڪانهي. پوءِ ايڏي طاقت ڪٿان ايندي جو دنيا ڇڏي هليو ويندس. مان شايد سوچيان گهڻو ٿو. شايد دماغي رڳون منهنجي سوچ جو بار ڪٽي نٿيون سگهن. مون گلاب جي پنکڙين تي سوچ جا ائٽم ڇو رکيا آهن. مان يوگ پچايان؟ سوچڻ ڇڏي ڏيان. پر اتي بہ تہ مان بيوس آهيان.

مون ٽئڪسي ڪئي. ٽئڪسيءَ ۾ ننڊ ڪٽي ويم. ڏسان سمهيو پيو آهيان ۽ ڪا ڌاري طاقت بدن ۾ گهڙي رهي آهي. مان هٿ پير هلائي نٿو سگهان. آواز ڪڍي نٿو سگهان. مان نستو ٿيندو وڃان ٿو. شرير مٿان زور وڌندو وڃي ٿو. مان آتما جو پورو زور لڳائي چوان ٿو: او- م.... اوم! اوم نمرشوا. اوم نمو شوايه ! آهستي آهستي ان ڌاريءَ طاقت جو اثر گهٽجي ٿو. منهنجون اکيون کلن ٿيون. ڏسان ٿو تہ ٽئڪسي ڦاٽڪ

ٻاهران بيني آهي. ٽئڪسيءَ واري سگريٽ ڏڪائي آرسيءَ مان مون ڏانهن ڏٺو. مون مشڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ڏٺم تہ مشڪي نٿي سگهيس. مان ڪابي هٿ سان منهن جو هيٺيون حصو مهٽڻ لڳس. لڳو تہ هاڻ بهتر ٿيندو ٿو وڃان. لڳم تہ اِهو ڦاٽڪ ڪڏهن ڪلندو ۽ مان منزل تي ڪڏهن نہ پهچندس. مون کي لڳو تہ اِها ٽئڪسي اتي بيني هوندي ۽ ميڻ جيان رجڻ لڳندي. مان ٽئڪسيءَ جي دروازي کولڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ کولي نہ سگهندس. رستو تلاءُ بڻجڻ شروع ڪندو، ۽ مان پنهنجي مرضيءَ خلاف آهستي آهستي ان ۾ ٻڏندو ويندس. اکين ۾ تارا چمڪڻ لڳندا ۽ مان ڪجهہ ڏسي نہ سگهندس.

”ڀائي - هيءُ ڦاٽڪ ڪلندو يا نہ ڪلندو“؟

”ڪهڙو ڦاٽڪ سائين“؟

ڏسان تہ ٽئڪسي هلي رهي آهي. ڇا اِهو بہ خواب ڏٺم. ڀلا هاڻ بہ ٽئڪسيءَ ۾ وينو آهيان يا اِهو بہ خواب آهي؟ مون پرارٿنا ڪئي، اِهو بہ خواب هو؟ سچ ڇا آهي. جبل ڏانهن ويندڙ هڪ شاهي رستو، اوندهہ سنسناهٽ. او ٽئڪسيءَ وارا ٽئڪسيءَ کي بيهارين نٿو. رستو بہ تہ نٿو ڪٽي اوهہ... جبل جي چوٽي ۽ ٽئڪسي بولاٽيون کائي هيٺ ڪِري رهي آهي. مان ڪرندو ٿو وڃان. ختم ٿيندو ٿو وڃان.

جڻ سَنڌن جا اِسڪرو ڍِلا ٿي رهيا آهن. ماس وَهي رهيو آهي. هيٺ اُيو سمنڊ آهي. ان جي چوڌاريءَ آسمان کي ڇُهندڙ گولائيءَ ۾ شاهي ديوارون آهن. سمنڊ ۾ فقط چُنو آهي. هيءَ ڌرتيءَ چوني جو هڪ گول ٽب آهي ۽ هڪ ٻِلي ان جي اندر ڪِري رهي آهي. اندر پيئي وڃي- ٻاهر پيئي نڪري ۽ مان هيسجڻ لڳان ٿو.

مان ڊاڪٽر ماڪيجاڻيءَ وٽ ويس. جنهن اندر چڪاس روم ۾ وهاريو. پيڙ گهٽ هئس. هن ڪئپسٽن سگريٽ دڪايو ۽ هڪ مون کي ڏنو. ان بعد هن وٽ جڏهن بہ ويس، هن بہ سگريٽ ڪڍيا. هڪ پاڻ ڪٽي هڪ مون کي. بہ ٽہ سال. ٿيا تہ هو ڪار جي حادثي جو شڪار ٿيو. ڪي مهينا جيئرو رهيو ۽ هڪ ڏينهن مري ويو.

مون ڪيس پنهنجي تن من جي سڄي حالت ٻڌائي، هن چيو ”موهن، گهڻو سوچي ۽ يورپيئن مخزنون پڙهي تو پنهنجو نروس سسٽم ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. تنهنجي دل نيڪ آهي. بلڊ پريشر بہ نيڪ اٿئي. وري بہ خاطريءَ لاءِ ريڊ ڪراس مان ڪارڊيو گرام ۽ ايڪسري ڪڍائج. تنهنجي رڳن کي ناهڻو پوندو. گهبراءِ نہ. تون اسان گهڻن کانپوءِ مرندين. هن بہ گوريون ڏنيون. هڪ ايڪيوبرام ۽ ٻي يونيڪائيزم. چيائين ”تنهنجي دماغ جون رڳون پنهنجي سڄي تناءُ کي ائسڊ بڻائي تنهنجي آندي ۾ گئس ٿيون پيدا ڪن. پهرين گوري دماغي رڳن کي طاقت ڏيندي تہ اِها تناءُ کي پاڻ ۾ جذب ڪري. ٻي گوري آندي اندر اِن تناءُ کي اندر گهڙڻ نہ ڏيندي. ڪيس سئڪو بائلاجيڪل

آهي. اڄ يورپ جي هر ڏهين ماڻهوءَ کي اِها تڪليف آهي. گهبراءِ نہ. ٽرنڪيولائيزرس گوريون سڄي تنتي سرشتي کي انتظام ۾ آڻين ٿيون. موهن، پندرهن سال اڳ مون جڏهن تنهنجو علاج ڪيو تڏهن مون کي ڊپ هو تہ تون شايد نہ بچين. تو ان وقت ڪليو ٿي. ۽ هاڻ جڏهن سڄ پڄ توکي ڪو خطرو ڪونهي تہ تون ڊڄي ويو آهين.

مان ايڪيوبرام جي هڪ گوري وٺي گهر ويس ۽ ٻي ماڻيءَ بعد ورتم. ڪمل سان ڳالهہ نہ ڪيم. پر مون ڏٺو تہ هر خميس جي ڏينهن مون کي ان قسم جي تڪليف ٿي ٿِي. اکين ۾ اوچتو ڏنڌ وانگر سوجهرو. منهنجو نستو ۽ ٻي همٿو ٿيڻ. مون اجهل جي چوڻ تي بمبئيءَ جي نوڪري ڇڏي ڏني. تلريجا ڪاليج ۾ سينئر ڪلارڪ جي نوڪري وٺي ڏنائين. پگهار فقط ٽي سؤ ايڪٽيهہ رپيا. احمد آباد مان هيرو شيوڪاڻي بہ الهاس نگر آيو. اسان جي نوڪريءَ تي چڙهڻ جي ساڳي تاريخ بيٺي. پهرئين ڏينهن ئي رستي تي تڪليف ٿي ڊاڪٽر وٽ ويس. دوا ورتم. گهر هليو ويس. ڊاڪٽر جي اسپتال ڪاليج جي سامهون هئي. اجهل ڪاليج ۾ اڪائونٽنٽ هو. شيوڪاڻي ليڪچرار. نارايڻ پارتي بي- اي جو شاگرد، جو پوءِ ايم - اي سنڌيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو. پي- ايچ - ڊي ڪيائين ۽ هاڻ ان ئي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي. اتي چڱيون ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون. مون پگهار تہ گهٽ ٿي ڪنيو، پر ڪاليج ۾ اديب پهرين مون سان ئي گڏجڻ ايندا هئا. ايڪسري ۽ ڪارڊيو گرام ڪا خرابي نہ ڏيکاري. ڪمل سان ڳالهہ ڪيم. هونءَ پاڻيءَکي هر مهيني پوٽا بہ سؤ رپيا ڏيندو هوس تہ ڪاليج ۾ اچڻ بعد ڪيس فقط منو سؤ ڏيڻ لڳس. مان ڪڏهن سوچيندو هئس تہ ڪراچيءَ ۾ هجان ها تہ ساڳئي شهر ۾ نوڪري ڪريان ها. لوڪل ۾ چار ڪلاڪ وڃائڻا نہ پون ها. ڪاليج ۾ نوڪري ملڻ سان اِها خوشي ٿيم تہ ساڳئي شهر ۾ ڪم هو. رام دادلاڻيءَ وٽ بہ فون ۽ وڏي ٽيبل هوندي هئم. اڪثر ڪم ۾ مشغول. اڪثر چار گراهڪ سامهون وينا هوندا هئا. ڏهين کان ڇهين تائين سخت مشغول. هڪ دفعي لعل پشپ شيوڪاڻيءَ کي وٺي آيو ۽ شڪايت ڪيائين تہ تون ڪم ۾ ايترو مشغول آهين جو اڌ ڪلاڪ رڳو اسان ڏانهن نهارڻ ۾ لڳايو اٿئي. آنند ڪيماڻي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پهريل اتي آيو. سمجهيم تہ ڪو سوشل ورڪر آهي. ان ڪري ڏيان ڪو نہ ڏنو مانس. پوءِ جڏهن واقفيت ڏنائين تہ مون مُشڪيو. چيومانس؛ اهو تہ تون لڳين نٿو. آنند تہ زبردست ذهين آهي. تون ڪجهہ سادو پيو لڳين. آنند پنهنجي موجودگيءَ مان ڪنهن کي بہ نڳي سگهندو آهي. ماڻهو زياده وشواس سان هن سان ڳالهائين ۽ پوءِ جڏهن آنند ڳالهائي تہ لڳي نرسنگهہ پڳوان هرناڪس جا آندا چيري رهيو آهي. دادلاڻيءَ وٽ مون اِهو قاعدو ڪڍيو تہ هر سنڌي مخزن کي هر مهيني هڪ اشتهار ڏنو وڃي. جڏهن ٻيا صفحي جا پنجويهہ رپيا ڏيندا هئا تہ مون پنجٽيهہ ڏيڻ شروع ڪيا.

ڪاليج ۾ تہ منهنجي ڪا هستي نہ هئي. ڪڏهن چانهہ سگريٽ پيئڻ تي دل ٿيندي هئي تہ اجهل ڪان ڳاڙهو ووچر صحيح ڪرائي پنج ڏهہ رپيا ائڈوانس ڪٽندو هوس. مون کي اسڪالرشپ سيڪشن ڏنو ويو. جنهن جا قاعدا قانون پڙهي ڪافي هوشيار ٿيس. ڪاليج جي مينس هاسٽل لاءِ ڪاليجيئٽ بورڊ ميونسپالٽيءَ کي پلانس ڏنيون هيون، پر اِهي پاس نٿي ٿيون. سپرنٽنڊنٽ ٻالاڻيءَ جي چوڻ تي پرنسپال اي- آر ڪلڪرنيءَ مونکي پاڻ وٽ گهرايو تہ تو ڏهہ سال آرڪيٽيڪٽ جي آفيس ۾ مئنيجر جي عهدي تي نوڪري ڪئي آهي. تون اِهي پلانس پاس ڪرائي ڏي. اهڙي اختياري بہ ڏنائين. مان ان ئي ڏينهن چيف آفيسر گهنشام تلريجا وٽ ويس. هن چانهہ گهرائي. چيائين ”منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو تون مون وٽ آيو آهين. سنڌيءَ ۾ منهنجا بہ فيوريٽ ليکڪ آهن. هڪ تون ۽ ٻيو لعل پشپ“. ڪلاڪ ۾ پاس ڪري ڏنائين. ڪلڪرني حيران تہ جي پلانس آرڪيٽيڪٽ ٽن سالن ۾ پاس ڪرائي نہ سگهيو، مسٽر الا هڪدم پاس ڪرائي آيو. هن پوءِ امتحانن لاءِ مون کي اسسٽنٽ سينيئر سپروائيزر مقرر ڪيو. فقط پاڻ منهنجي مٿان شيڊولڊڪاسٽ، ٽرائيس، نوماڊ وغيره جا فارم جاچيندو هوس. خود ڊرافٽ ناهيندو هوس. ڪلڪرني مشڪي صحيح ڪندو هو. چوندو هو: تنهنجي انگريزي منهنجي ڪاليج جي ڪيترن ماسترن کان سُني آهي.

هيرو شيوڪاڻيءَ جي شخصيت ڪشش ڪندڙ آهي. ذهين ۽ بيباڪ آهي، پر حساس گهٽ آهي. هن گني جي ”ايمان“ تي جديد نقطه نظر کان تنقيد لکي، نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن ۾ نالو ڪڍيو، پر جا تنقيد سخت وڏيڪ. صحيح گهٽ هئي. گني کي ”اپراجتا“ تي جڏهن انعام مِليو، تڏهن هن هڪ هنڌ لِکيو تہ گني جي انعام پٽيان، گني جي سنڌي تحريڪ ۾ شرڪت آهي. اِهو الزام غلط هو، ڇو جو گني سنڌي تحريڪ ۾ حصو نہ ورتو هو ۽ لکنوءَ سميلن ۾ تماشبين ٿي هليو هو. البتہ ليکڪن سان سُنا ناتا هئس، پر گنو ۽ خوشامد ڪري. اِها ڳالهہ گني جي فطرت ۾ نہ هئي. شيوڪاڻيءَ جي جديد سوچ: چي سڀ روايتون ختم ڪريو. زبان جون نسون ٽوڙيون، پر ڪيس اِها ڄاڻ نہ هئي تہ زبان جي نسن ٽوڙڻ لاءِ خود زبان جي ڄاڻ هئڻ لازمي هئي، نہ تہ نسون ملنديون ئي ڪيئن!

هڪ دفعي ادبي ڪلاس ۾ موتي پرڪاش هڪ سانيٽ پڙهيو، سڳن چيو: اِهو سانيٽ جو فارم ئي ڪونهي. موتيءَ چيو: مون ان جي قاعدن کي ڀڳو آهي. سڳن چيس قبلا، سانيٽ جا قاعدا ڀڃڻ لاءِ بہ ان جي قاعدن جي ڄاڻ ضروري آهي. مون هيري شيوڪاڻيءَ ۾ بہ وڏيون خوبيون ڏنيون تہ هو پنهنجي جدت سان ايماندار هو ۽ تنقيد ڪندي دوستيءَ مخالفت جو لحاظ نٿي رکيائين. اجهل ۽ پارتي سندس اِن سوچ تي

چڱي نڪته چيني ڪندا هئا. ايم -ڪمل جي گهر وڃو نہ تہ ڪمل چوندس؛ حضور، اوهين دروازي کان ڪيئن آيا؟ اوهان کي پت ٽپي اچڻ گهرجي. پٽ کي چوندو؛ بابا، گلن جون ڪونڊيون ڪڻ، ڏسين نٿو، جديد نقاد آيو آهي. تن ڏينهن ۾ شيوڪاڻي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي غصو ڪندو هو. آنچل جي ڪتاب تي سخت تنقيد ڪيائين ۽ ان جو جواب مون ڪيس ڏنو، جو وڌيڪ سخت هو. مون ڪيس اِهو پڙهڻ لاءِ ڏنو، هو ڏاڍو جوش ۾ اچي ويو. اسين هيٺ هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ وياسين. هن چيو؛ موهن، تون مجين ٿو تہ مون ۽ هريش واسواڻيءَ سنڌيءَ ۾ نئين تنقيد جا درسگاهہ کوليا آهن“.

”مجيان ٿو“ مون چيو ”۽ اِها نئين تنقيد پهرين هريش واسواڻيءَ منهنجي ڪتاب ”چاندوڪي ۽ زهر“ تي ڪئي. هريش پنهنجي سوچ موجب صحيح هو، ان ڪري ان جي تعريف ۾ مون ڪيس لکت ۾ رايو ڏنو. مان شامل راءِ نہ هومانس، پر جواب نہ ڏنو مانس جو اِها منهنجي ڪتاب تي لکيل هئي. آنچل جو ڪتاب جو آهي منهنجو ڪونهي“.

”تون جيڪڏهن اها ڇپائيندين تہ اسان جي دوستي ختم!“

تمام سختيءَ سان چيومانس”ان جي ڪنهن کي پرواهہ آهي. ادب ۾ دوستي دشمني ڪجهہ نہ ٿيندو آهي. تون ٻين جي ڪتابن تي سهوليت سان نڪته چيني ڪرين ٿو، پر پاڻ تي هڪ لفظ بہ برداشت ڪري نٿو سگهين“.

هن چانهہ پيئندي چتائي منهنجي منهن ۾ نهاريو. چيومانس ”مون کي غلط سمجهين تہ جواب ڏج. هلندو هل، جيستائين هلي سگهين“.

هن ان ليک جو ڪو جواب نہ ڏنو. بلڪہ ”ڇوليون“ رسالي ۾ ڪنهن فرضي نالي هيٺ اعتراف ڪيائين تہ هيرو شيوڪاڻيءَ موهن ڪلپنا کي جواب ڏيڻ ۾ اسمرٿ رهجي ويو آهي. سندس ان بيان مون کي ماري ڇڏيو. ان لاءِ وڏو ڪليجو کپي ان بعد مون هميشہ هن جي عزت ڪئي آهي، چاهي اسان ۾ وڏا مت -ڀيد رهيا آهن. هو پهرين فنڪار آهي. ٻوليءَ ۽ ادب سان بي پناهہ محبت اٿس. ادب ۾ منصوبا ڪو نہ سٽي، جو صحيح سمجهي، لکي، ڪنهن کان ڏڪي ڪو نہ. تمام گهڻو اڀياس ڪيل اٿس. سندس ويچارن سان شامل راءِ نہ هوندي بہ مون هن لاءِ لِکيو آهي تہ سنڌي قوم هيري شيوڪاڻيءَ جي معيار جو نقاد پئدا ڪرڻ ۾ پنجاهہ سال لڳايا آهن. مان پنهنجي ان جاءِ تي اجا بہ قائم آهيان. هيل تائين هن بہ سنيون ڪهاڻيون لکيون آهن ”پورٽريٽ هڪ پيءُ جو“ ۽ ”زندگي ۽ ڪئڪٽس“. ادبي محفلن ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو ڀرپور احساس ڪرائي سگهندو آهي.

رام ڪشن جو قرض اجا ٿورو چڙهيل هو، سو اِهو بہ ٻہ پٽ وني مهيني ٻي ڪاليج ايندو هو. هن منهنجو سُنو گهر زال جو مٽيو، اسان جو شان شوڪت ڏنو، سو

سمجهايائين تہ لک اٿم، پر هن دفعي بيهودگي نہ ڪيائين. ايندو هو تہ جڻ تپ چڙهندو هوم. ڪيس آسرا ڏيئي لنوائيندو هوس. ۽ ٻئي سال هڪ ڏڪ ۾ قرض لاهي ڇڏيو مانس. ٻئي سال مان بمبئيءَ ۾ هڪ انگريزي اخبار جو سمپادڪ ڪيو ويس. پگهار ڇهہ سؤ پوءِ اِها اخبار مون کنئي ۽ مهيني ۾ سراسري طور اڍائي هزار ڪمائڻ لڳس. اِها ڪهاڻي 1969ع کان 1975 ع جي مارچ مهيني تائين هلي.

بيمار تہ پوءِ بہ پوندو هوس. ڪاليج ۾ سپرنٽينڊنٽ سينٽرل هاسپيٽل ۾ ڊاڪٽر وٽ موڪليو. ڊاڪٽر پڇيو: ڇا ٿو سمجهين. چيومانس. ڪڏهن ڪڏهن ڪرنگهي ۾ سور جي سَٽ اچي. چيائين: قميص گنجي لاهي مٿي ليٽ. هن ڪرنگهي تي اسپرنگ يا ڪا دوا هنئي. ڏوڏن مان نڪ نڪ ڪيائين. وچ ۾ ٿورو هيٺ پرو آواز ڪجهہ مختلف لڳو. چيائين: اتي ڪرنگهو پولو آهي. اسڪرو ڊرائيور جيان هڪ تيز اوزار ڪڍي آيو. نہ هم نہ تم، اندر گهيڙي ڇڏيائين. مون کان رَڙ نڪري ويئي: اللہ !

هي شاعر ڪيئن لکندا آهن، تنهنجي نظرن جي تيرن گهايل ڪيو آهي.... ڇاتيءَ ۾ خنجر لڳا آهن. سور ناقابل برداشت هو.

ڊاڪٽر پڇيو "هندو آهين، مسلمان آهين"؟

"هندو آهيان".

"مان سُک ۾ هِندو، دُک ۾ مسلمان آهيان".

دوائن تي بحث هجي تہ ڳالهائي بہ سگهي. ليڪڪن سان ٻيون تہ ڪيتريون تعديون ڪري سگهجن ٿيون، پر ڪين بحث ۾ هيٺ ڪرڻ لاءِ وڏو حوصلو ڪپي. اتي هنن جي سلطنت آهي. لفظن جا ڪاڪ محل آهن، جن جا محل ڪوڙ پر ڪاڪ سچا هوندا آهن.

ڊاڪٽر چيو "ننڍي هوندي راند ڪندي ڪو وار ٻاهر اُسري نہ سگهيو آهي ۽ اندر گهڙي ويو اٿئي. ان وار تنهنجي ڪرنگهي جي ان حصي جو ٽڪر ڪائي ڇڏيو آهي. تون ان جو آپريشن ڪراءِ. زخم جهونو اٿئي. ڇهہ اٺ مهينا ترسي ڪرائين تہ حرڪت ناهي".

ڪمل نئشنل هاسپيٽل مهيم جي فرسٽ ڪلاس روم ۾ هئي. سامهون سندس ماسيءَ سندري شهاڻيءَ جو گهر هو. جا پوپٽي هيرانندانيءَ سان سال بہ گڏ پڙهي هئي. منهنجي سالي سنيال لاءِ اتي وڃي رهي. وسپت 12جولاءِ 1968ع تي صبح جو سادي پنجين گيتا جنم ورتو. مون کي ڪاليج ۾ ٽرنڪ ڪال آيو. مان هونءَ بہ روز چئين لڳي ڪاليج ڪان ڇٽي، بمبئيءَ زال وٽ ويندو هوس. مون هڪ فوٽو گرافر دوست کي اڳواٽ موڪلي ڇڏيو تہ منهنجي زال ۽ ڌيءَ جا ڊزن بہ فوٽا ڪڍي، جي ڪڍيائين. مون ڌيءَ کي هنج ۾ کڻي ڪيس پيار ڪيو. مٿي تي چمي ڏيئي، آهستي "ڪن ۾ چيومانس: شل خوش

رهين. جواني ماڻين. آڏيءَ ٻڍي ٿين. پر ڪجهه به ٿج. ليڪڪا نه ٿج. ڊاڪٽر ٿج. غريبن جو مفت علاج ڪج.“

اڇا ڪپڙا ڪيسا خالِي، ماڻهن ليکي ملڪ جو والِي. اتي سورهن سؤ بل نڪتو، جو ساليءَ ڀريو ۽ جو ٻئي سال چڪايو مانس. ڊسمبر ۾ مون به آپريشن ڪرايو. ٿيويهه ڏينهن اسپتال ۾ هئس، آپريشن ڊاڪٽر سرجن موٽواڻيءَ ڪيو. پهرين ڪرنگهي ۾ هڪ وڏي سُئي هنيائون. ڏاڍو سور ٿيو. ان بعد حاتم طائي جيان هينئين اڌ جسم ۾ ڄڻ ڪو ساهه نه رهيو. مون کي ليٽايو ويو. منهنجون اکيون ڪليل هيون ۽ سامهون رکيل نئين ٿين مان ڏنو ته ڊاڪٽر موٽواڻي ڇُري ڪٽي منهنجي ماس کي چيرڻ لڳو. ڳاڙهو ڳاڙهو ڪافي رت نڪتو. سور بنهه محسوس نه ٿيو. پر ڏسڻ سان ٿورو گهبرايس ٿي. آپريشن چاليهه منٽ هليو. اڌ ڪلاڪ وني هلڻ ۾ لڳايائون. اڌ ڪلاڪ هيٺ لاهڻ ڪل چوٽيهه ٽوپا لڳا. اسٽريچر تان جڏهن هيٺ آندائون ته ڪمل انتظار مان نهاريو. مون ڪيس مشڪيو، جيئن سمجهي ته ڄڻ باغ مان گهمي آيو آهيان.

ان ئي دؤر ۾ جئرامداس ديوناگريءَ ۾ ڪتاب آڻڻ لاءِ وڏي رقم جي آڇ ڪئي. مون اِها قبول نه ڪئي. اسين مري وڃون ته ڀلي پر اسين پاڻ کي بچائي ٻوليءَ کي مرڻ ڪيئن ڏينداسين. جئرامداس کي شايد اِها خبر هئي ته جڏهن آزاديءَ کان اڳ ڪانگريس سيني ٻولين لاءِ ديوناگريءَ جو اصول قبول ڪيو ته اردو ڳالهائيندڙ لڪين شخص ڪانگريس کان ڪٽجي ويا. جنهن سبب پڻ مسلم ليگ انڊيا ۾ زور ورتو. مان آدرشن لاءِ جي رهيو هوس ۽ جيئن جيئس ٿي، ان ۾ پڻ آدرش شامل هئا.

ان بعد جسم ۽ من جا گهٽائي دک ڏنا اٿم. پر بيماريءَ جو اهو ڏيڍ سال ڏاڍو خراب گذريو. مشڪل سان اهڙو ڏينهن هوندو جڏهن اهو خيال نه آيو هوندو ته اڄ مان خلاص ٿيندس. سو موت ته اٽٽر آهي ئي. ان کي سهج سياويڪ قبول ڪجي، جيڪڏهن اهو سهج سياويڪ اچي. پر اڪثر ائين ٿئي نٿو. البيئر ڪاموءَ هڪ هنڌ لکيو آهي ته اها انساني زندگيءَ جي ڪيڏي ائبسرڊٿي آهي، جو هو جنهن زندگيءَ کي معنيٰ بخشڻ چاهي ٿو، اها بنا اطلاع جي اوچتو ختم ٿي وڃي.

ان بيماريءَ ۾ مون هڪ چيز وڃائڻ شروع ڪئي. مٿي جا وار. مان نٿو سمجهان ته منهنجي انتر من ۾ ڪي خانداني عناصر هوندا. جن منهنجو مقدر طئه ڪيو هوندو. دادا ۽ بابا کان ٻڌو هوم ته لالا خاندان جو پهريون پٽ پنجٽيهن سالن ۾ پير رکڻ بعد ٽڪلو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. ٻي ڳالهه اها ٿي جو ڏيڍ سال اڪثر هر وسپت تي جو سورداس ٿيڻ جو وهم پوندو هو ۽ اکين ۾ ڏنڌ ڦهلجندو هو، سو نظر گهٽ ٿيم ۽

چشمو پائڻ شروع ڪيم، پرين نظر اجا بہ تيز اٿم خبر ناهي وياس ۽ ڪاليداس بنا چشمن جي لکين ڪوتائون ڪيئن لکيون.

هڪ دفعي ميران چيو: تنهنجي لاءِ ڪمل سني ٿيندي. مون ڪمل جي گهر طرف رخ رکيو. هڪ دفعو ڏنومانس. ميران کي چيم : اها زال ملي تہ پاڻ کي خوش نصيب سمجهندس. چيائين: ڏاڍي نيڪ ۽ با اخلاق آهي. ڪتابن جي شوقين ڪنهن جي وڏائي جي رعب نہ چڙهيس. چيومانس؛ ٻيلي ڪو ٻوٽو ٻار. عشق ۾ منهنجون مڙيئي ناڪاميون ڪيس پائڻ جون تياريون آهن. ميران ڪمل سان ڳالهہ ڪئي. ڪمل چيس؛ اڄڪلهہ جا ڇوڪرا هلڪٽ ٿين ٿا. ذهين ڇوڪريءَ لاءِ شادي ڪرڻ مشڪل آهي. پر مان. ڪيس ڏسان. هڪ دفعي هن مون کي سئلون ٻاهران اخبار پڙهندي ڏٺو. ميران چيس: ڏاڍي سني سياڻ جو اٿئي. ٿورو غريب آهي. ڪمل چيس: اِهو ڪو عيب ڪونهي. هڪ دفعي نيتاجيءَ تي ڪمند جي رس وينئي پيتم. ان ڏينهن شيڪسپيئر جو ڪمپليٽ سيٽ ورتو هئم. خبر نہ هئم تہ مسواڙ نہ پرڻ سبب شيڪسپيئر مهانگو پوندو. هوءَ پنهنجي. پيٽ سان اتي آئي. سانوري، ڪٽيل وار، سلوار ۽ ڪرتو ڪجهہ گنڀير ۽ شانت. مون من ۾ چيو؛ يا خدا- بس، اها ڏي زندگيءَ ۾ تنهنجو ٻانهو ٿي رهندس. درگاهن تي پوڄا ڪندس. مندرن ۾ جاپ ڪندس. بس، پاڻ سان وينو ڳالهايان. من ۾ ڏاڍا ڪومل ڀاو پئدا ٿين ٿا.

چندرو بہ فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪندو هو. مون فوٽو گرافر دوست کي چيو تہ چندروءَ کي تيار ڪر تہ ماٿيران پڪنڪ ڪجي. ڀل فئملي سان هلي. ماٿيران معنيٰ موهن. سنو گائيڊ آهي. ماڻهو بہ ماشاءَالله لکن ۾ هڪ آهي.

فوٽو گرافر منهنجي ماٿيران جي ساراهہ ۾ سيٽ تان ڪري پيو. چندروءَ پڇيو؛ تون اسان کي وني هلندين؟ مون چيو: هڪ شرط تي. ڪهڙو؟ اوهين مون سان وڏا وڏا پنڌ ڪندا. اسين 13 فيبروري 1965ع تي مٿيران وياسين. 16 صبح جو موٽياسين. مان ڊارڪ ڪلر جا ڪپڙا پائي ويس. اتي وجي هڪ بنگلو مسواڙ تي ڪيم، جو پوءِ ڪنهن گجراتيءَ خريد ڪيو ۽ جو هاڻ گجرات ڀون جي نالي سان سڏجي ٿو. ريگل پنيان - مولانا آزاد روڊ تي. مان ڏاڍو خوش. شبانا وارو فيصلو خيال ۾ آيم تي-ايس- ايليٽ جي ڪوتا بہ؛ "ڀل ۾ وقت آهي، بصارتون ۽ فيصلا، جو ڀل برعڪس ڪندو".

نيزل کان گاڏي ننڍي. تيرنهن ميل واڪا ڪائي مٿي چڙهي. ڪنهن کي ڪپي تہ هيٺ لهي، باندر کي پاپڙي ڪارائي، يا پاڻ کي ان کان چڪ پارائي، ڊڪ پائي وري اچي ان ۾ چڙهي. ڪالڪا کان سملا جا ريل ويندي هئي سان بہ ايڏي ننڍي.

مون کين گاڏيءَ ۾ بہ ڪوتائون ٻڌايون. هڪ جپاني هائڪو.

عدن جي باغ ۾ لڪيل آهي تہ هتي گل پٽڻ جي منع آهي:
پر هوا پڙهي نٿي سگهي.
هڪ بورس پيسٽرنڪ جي:
زندگيءَ سرءُ جيان، پنهنجن تفصيلن ۾ گهري آهي.

اتي سنان پاڻي ڪري لڪنوء جو چوغو ۽ پتلون پاتم. پيرن ۾ اڇي موجري. ماٿيران جي مٿي ڳاڙهي. رستن تي ڏامر ڪو نہ ٿئي. موٽرن ڪارن جي اتي اجازت نہ آهي. اوچا پهاڙ، ميدان، ساوڪ، پکي، پولڙا، گهوڙا، گُل، خاموشي، ٿڌي هوا.

ٽوليءَ ۾ فوٽو گرافر ۽ سندس ڪا پريمڪا، چندرو ۽ جوڻهس، جانڪي، ڪمل ۽ سندس بہ ٻيا پائر گوبندر ۽ نانڪو ۽ سندن پريمڪائون. گوبند جو اهو فيصلو هو تہ جيستائين پنهنجي پيٽ جي ڪنهن سني چوڪري سان شادي نہ ڪرائيندو، پاڻ اوستائين ڪنوارو رهندو. اسين ڪپڙا مٽائي ٻاهر هوٽل ۾ آياسين. چانهہ پيئڻ شروع ڪئيسن. ڪمل اجا تائين هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو. نہ هن مون ڏانهن گهڻو ڏيان ٿي ڏنو. پر ڪيس خبر هئي تہ مون کي خبر هئي تہ ڪنهن اسان ٻنهي سان اسان ٻنهي جي شاديءَ جو ذڪر ڪيو هو.

گوبندي چيو "اڄ تہ گهوڙن تي چڙهون".

مون چيو "نہ".

"چو"؟

"شينهن تي چئو تہ چڙهان، چو تہ شينهن تان ڪرندس تہ ڪچو ڪائي ويندو، جا ڪا وڏي ڳالهہ نہ ٿيندي. مان نہ هوندس تہ منهنجا مسئلا بہ ختم ٿي ويندا پر جي گهوڙي تان ڪريس تہ ٽنگ، ٻانهن ڀڄي پوندي. پوءِ مون سان شادي ڪير ڪندو"؟

سڀ ڪليا مان بہ ڪافي ڪليس. سوچيم تہ هاڻ پراڻا طريقا ڇڏيان. سو اتي ٻاهر ويس. اندر آيس. ڪمل ڪان هڪ ڪرسي پري وينس. ٻي چانهہ جو حڪم ڏنم. پڇيو مانس "تو منهنجو ڪو ڪتاب پڙهيو آهي"؟

"هڪ پڙهيو اٿم. موهي-نرموهي".

"ڪيئن لڳئي"؟

"سٺو".

"اوهان کي ڪتاب سنا لڳن ٿا، ليڪڪ سنا نٿا لڳن"؟

هن پهريون دفعو چتائي نهاريو. آهستي چيائين "اوهين بہ سنا آهيو".

ڪين رات جو شاروليٽ ليڪ تي وني ويس. ان جڳهہ تي جتي "رچ ۽ پاچا" جا وندنا ۽ ڪمار وينا هئا. اتي زبردست سيءُ هو. آڪاش ۾ چنڊ. شاروليٽ ۾ چنڊ. سامهون

بينچ تي چنڊ. هڪ وقت تي چنڊ. جوڙا چادرون پائي خوابن ۾ گم ٿي ويا. ڪمل ۽ مان آمهون سامهون. الڳ چپ هن اولهه طرف منهن ڪيو جتي وادين ۾ چانڊوڪي ۽ گيت تري رهيا هئا. مون اوپر ڏانهن منهن ڪيو. مٿي چنڊ هيٺ چنڊ ۽ بن چندرمائن وچ ۾ ڪمل جو ٻهڪندڙ مُک. اتي ايندي چانڊوڪي وڻ ۾ اُلجهي، تڙپي، ان جي وٿين مان ڪسڪي هيٺ ڪري. اسين انهن چانڊوڪين جي لزرائيندڙ ٽڪرين تي پير رکندا اتي پهتاسين. نه ڪيس چادر، نه مون کي چادر.

مان اتي هلڻ لڳس. ياد آيم: رابندر ناٿ ٽئگور چيو آهي؛

ايڪلا چلو - ايڪلا چلو

اوري اوري اياڳا

اوهه اياڳا آهستي آهستي هل. مان ان ڪوتا جي مارگ تي هلڻ لڳس. واپس موٽي آيس. ساڳيءَ جڳهه تي ويٺس. مان هن جي سامهون ويٺو هوس پرڪيس اِها ڳالهه مان سمجهائي نٿي سگهيس. هوءَ چپ. ڌرتي چپ. آسمان چپ. البت هوا جي جهوٽي سان وڻن جي پنن مان ائين آواز ٿي آيو، جڻ تيز برسات ٿي پئي، پر ڪير پسيو نٿي. ان ڏينهن هوٽل ۾ گفتگو ٿي. پر ٻئين ٽئين ڏينهن ڪا به گفتگو نه ٿي. شايد هو پنهنجي ماڻ جي وال سان منهنجي تهذيب جي گهرائي ماپي رهي هئي ۽ هن جي ان ماڻ مون کي ٻڌايو ٿي ته هوءَ من ۾ فقط مون تي سوچي رهي هئي. ٻين سان به گهٽ ٿي ڳالهايائين. اسان اتي پتي راند ڪئي. بير پيتو. هڪ ٻئي سان چرچا ڪيا؛ پر هن ۽ مون بس جو هوٽل ۾ ڳالهايو سو ڳالهايو.

آخري ڏينهن سامان ٻاهر ڪيوسين. سيني چيو موهن گهمايو ته ڏاڍو، پر ٽڪايو به اٿائين. ڪٿي پنوراما پائنٽ، ڪٿي آلميا ۽ ون ٽري پائنٽ. هتي ته ڪوڪا بير جا ڪٿي مهينو به آرام اچي ڪجي.

عادت موجب مان بنگلي اندر ويس. ڏٺم ته سنان -جاءِ ۾ هڪ درِيس پيئي آهي. ٻاهر ڪٿي آيس پڇيومانس "ڪمل ڏس هيءَ درِيس تنهنجي آهي".

هن مون ڏانهن نهاريو. چيائين "ها- اوهان جي مهرباني".

چيومانس "منهنجو اِهو احسان ياد رکج".

گهر وڃي ڏسان ته چادر گم آهي. ٻئي ڏينهن آفيس مان سڏو ان جي گهر ويس. غلطيءَ وچان چادر هنن وٽ هلي وئي. مان ويس ٿي ته ڪمل چيو "ويهو- چانهه پي وڃو". گهر ۾ فقط هڪ نوڪرياڻي هئي پائر اجا ڪم تان نه موٽيا هئس. هن چانهه ڏني ته مون چيومانس "تون منهنجي چادر ڪٿي آئي آهين يا منهنجو مستقبل "؟

"اوهان ته اهڙيون گهڻيون چادرون وڃايون هونديون".

”مون کي لڳي ٿو، اِها پهرين آهي“.

هن پهريون دفعو مون سان مشڪيو. ٻاهر نڪتس تہ چندرو گڏيو، موهن تون؟ هل هل. اِها هل هل پورو سال هلي. روز ڪمل جي گهر. روز رات جو اتي ماني. روز رات جو ٻارهين واپس.

ان وچ ۾، ماٿيران مان موٽي ٻئي ڏينهن ڪيس هڪ لنبو خط لکيم، جو پنجاهہ صفحا هو. هفتي بعد ٻيو خط لکيم جو ستيتاليهہ صفحا هو ۽ گهٽو پوءِ هڪ ٽيون جو فقط اناويهہ پر لنبا صفحا هو. اهي سڀ پڪي جلد جون ڪاپيون هن مندر ۾ رکيون آهن ۽ ڪڏهن پڙهندي آهي. ڪڏهن مان بہ پڙهندو آهيان. مون ڪيس لکيو تہ مون ماءُ کي مجايو آهي، مان هڪ جڳهہ مسواڙ تي وٺندس ۽ پنهنجو گهر الڳ ناهيندس. مان غريب آهيان ۽ نہ آهيان. مون وٽ آدرشن جي پونجي ۽ ڪلا جي جائداد آهي. هن ڪنهن بہ خط جو ڪو جواب نہ ڏنو، نہ ان جو ذڪر ڪيو.

هڪ شام جو ڪيس نيتا جي ٽيڻ واري ڀاڄائي ديوڪيءَ سان ڏٺومانس. چيومانس؛ تو ۾ هڪ منٽ ڪم آهي. تون مون سان هلندينءَ؟ ديوڪيءَ چيو؛ هلڻ ۾ ڪجهہ ڪونهي. پل هلو. مان ڪيس هل- لائين روڊ جي هڪ ڪنڊ وٺي ويس. ديوڪي ٿلهي تي ويٺي. مون همٿ کان ڪم وٺي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ”مون ڪڏهن فيصلو ڪيو هو تہ مان ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندس. پر توکي ڏسي فيصلو بدلايو اٿم. هاڻ شادي ڪندس تہ توسان نہ تہ ڪنهن سان نہ ڪندس. مان تنهنجي ها جو انتظار ڪري ٿڪجي پيو آهيان“. مون هن جي ڪلهي تي زور ڏنو ”مون کي خبر آهي-مان توکي وڻان ٿو. ڇا تون پاڻ فيصلو ڪري نٿي سگهين؟ مون کي جواب ڏي؛ تون مون سان شادي ڪندين“؟

”ها“، ائين چئي هن هٿ هٽايو ۽ ديوڪيءَ سان هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن ڀاڻهس فون ڪيو ۽ پڇيو تہ ڪهڙيءَ گاڏيءَ ۾ ٿو موٽين. مان ڇهين لڳي سندس واچ ايمپوريم ۾ ويس. هن چيو ”رات اسان فيصلو ڪيو آهي. اسان کي رشتو منظور آهي. پر هڪ شرط آهي“.

”نہ -شرط تہ مان ڪو منظور نہ ڪندس“.

”اسان جي جڳهہ جي پاسي ڪان وڏو پلاٽ آهي. اسان جو پنهنجي ڀيڻ ۾ ڏاڍو موهہ آهي. آهي اسان کان ننڍي پر هن اسان کي ماءُ جيان پاليو آهي. تون بہ ليکڪ آهين، پيو ڪانفرس وغيره ۾ وڃين. پر پٽ جو خيال نہ ٿيندو. يار- هي زمانو دوستيءَ ياريءَ جو آهي. اسين ڪا بہ اڃ وچ نہ ڪنداسين“.

مون سگريٽ دڪائي ان سوال تي غور ڪيو ۽ ڪيس ها ڪيم. جڳهه نهڻ ۾ سال لڳي ويو. ڪين به گهڻو پئسو نه هو. پر مڇيءَ ماني‌ء وارا هئا. مان هر شام ۽ سڄو آرتوار اتي.

رام دادلاڻيءَ بهتر پگهار جي آڇ ڪئي ته لالائن جي پراڻي نوڪري ڇڏيم. هاڻ فقط دفتر ۽ ڪمل.

منهنجي پراڻي گهر ۾ هڪ پراڻي تصوير ٽنگيل هئي. اتي منهنجو سنڌ جو هڪ پراڻو فوٽو ٽنگيل هو. اتي جهرڪين پنهنجو آڪيرو ناهيو هو. جنهن ڏينهن، ناهه موجب اِها جڳهه ڇڏڻي پئي، ان صبح جون جهرڪيون اِهو آشيانو خالي ڪري ويون. فوٽو به هيٺ ڪري پيو ۽ ان جو شيشو ڀڄي پيو.

ان بعد ان گهر ۾ ڪير به ٻن ڏينهن کان وڌيڪ رهي نه سگهيو آهي. چون ٿا؛ اتي جن آهي، رات جو جن ماڻهن کي ڏڪائيندو آهي ۽ ماڻهو ڀڄي ويندا آهن. ان پاڙي جي هڪ لوڪ ڪٿا آهي. چون ٿا اتي هڪ مهاپرش رهندو هو. پوءِ ڪن بدمعاشن ان مهاپرش کي اتان لوڏي ڪڍيو. ان گهر ۾ ان مهاپرش جي آتما آهي.

اِها لوڪ ڪٿا ٻڌي مان ڪلندو آهيان، ڇو ته اهو "مهاپرش" مان آهيان. هو ڳالهه ائين ڪندا آهن. ڇڻ صديون اڳ جي آهي.

بيمار پوڻ جي ٿئين ڏينهن جڏهن ڪمل کي مون چيو؛ مون کي ڪجهه ڪونهي، پر ٽيون ڏينهن هيڏي تڪليف ٿي ته چيائين "تون خيال نه ڪر. مان به ساوتري آهيان. مان تولاءِ ڪال سان وڙهندس". مون کي هن جو اِهو وشواس ۽ ايمان ڏاڍو وڻيو. مان ڪلاڪار هوس. زندگيءَ ۾ هوءَ منهنجي صلاحڪار ٿي.

موهن ڪلاڪار. ڪمل صلاحڪار. زندگيءَ جو ڇڻ ختم هاڪار. هن جون صلاحون منهنجي ادب لاءِ ته هيون. هن ڪڏهن به لکڻ ۾ دست اندازي نه ڪئي آهي. نه صلاح ڏني آهي ته هيئن جا هونءَ لک. ڪيس خبر آهي ته منهنجو لکڻ معنيٰ خاموشي ۽ چانهه. هوءَ گهر جي ڪم ۾ مشغول رهندي يا ڪو ڪتاب رسالو پڙهندي. گيتا ننڍي هئي ته هٿ مان پين ڇڪي ڀڄي ويندي هئي. هاڻ چوڏنهن سالن جي وڏي، ڊگهي متاري آهي. ڪو ڪم هوندس ته اچي ڪرسيءَ مٿان ويهندي هئي. ماءُ کي چوندي؛ "اجائي وڏائي ٿو ڏيکاري ته مان به لکڻ ڄاڻان". ڪيس خبر آهي ته لکڻ وقت ٽيبل پرسان ان جي ڪرسيءَ تي مان ڪنهن کي ويهڻ نه ڏيندو آهيان. پوءِ هوءَ اکين تان چشمو لاهيندي وري ڀڄندي ڀلا بنا چشمي مان ڪيئن لکان. ڪڏهن سِنائَ ڪري وار ٽيبل پرسان ڇنڊيندي پاڻيءَ جا به چار ڦُڙا پني تي ڪرندا. دوست سمجهن مون اِهو خط ڪين روئي لکيو آهه. چوندي پاپا تنهنجا دوست سرڪاري پاڻيءَ کي تنهنجا ڳوڙها سمجهندا. ڪڏهن ڏسان ته پنا غائب. هِند

سِنڌ مان روز ٻہ چار جيڪي خط اچن تہ ان ۾ اڪثر هڪ سِٽ ساڳي هوندي آهي: ڪمل ڪي سلام- گيتا ڪي پيار. ايلچي خانن، صوبائي مرڪزي ادارن يا ٻين هنڌان دعوت ناما اچن تہ گيتا چوندي ٻيا مڙئي گشتا پتا لڪين وينو سيني ڪي بيوقوف بڻائين. ڪير ڪائنس پڇي: تنهنجو نالو؟ چوندي: گيتا لال. ڪڏهن ٻہ ڪا نہ چوي: گيتا موهن ڪلپنا. بس، پيا ڪي اخبارن ۾ نالو ڪپي. ان ڏينهن ٽِي-وِيءَ تي ڪِلي ائين پيو ڄڻ اميتاب بچن جو چاچو آهي. نہ نہ. ڄڻ دليپ ڪمار آهي!

ڪمل ئي منهنجا سڀ خط ڪوليندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن خط سخت هوندا آهن. ڪي شخصي هوندا آهن. ڪيس لعل پشپ ۽ ماهتاب محبوب جا خط ڏاڍا وڻندا آهن. لعل پشپ لڪندو تون هتي آهين. ماٿيران آهين يا ٻئي هنڌ آهين حرامي خبر اٿم تہ ڪٿي آهين. هڪ تون ئي آهين جو هڪ ئي وقت هتي، ماٿيران ۾ ۽ ڪٿي ٻہ ٿي سگهين ٿو! هڪ دفعي لکيائين: موهن ڪي نہ ملي ۽ گني سامتاڻيءَ ۽ لعل پشپ ڪي ساهت اڪادميءَ انعام ملي تہ لعنت ڏيڻ وارن تي آهي. شاهہ لطيف بعد موهن ئي سنڌين جو وڏو ليکڪ آهي. منهنجي پٽ شبوءَ چيو: ڊئڊي، جيستائين موهن انڪل ڪي انعام نہ مليو آهي تيستائين سمجهندس سرڪار توهان سان چرچو ڪيو آهي. ڪجهہ ان طرح هو گهر ايندو. ڪمل سان هٿ ملائيندي چوندو: ڪملا ڪيئن آهين؟ سندس ڪلهي تي هٿ رکي چوندو: هاڻ موهن ۽ مان، وسڪي ۽ گشا. اسين ٻئي ڏاڍا لچا آهيون. رامجي ۽ ٽي نڳ:

وڇڙي ڪي ڪتو ثابت ڪري ڏيکاريون. پر گنو نڳ نہ ٿي سگهيو آهي. ماهتاب ٻہ سنڌ جي اديبن، رسالن ۽ ڪانفرنسن جا اهي تفصيل لکندي جو ڪمل پئي ڪلندي.

جڳهہ نهڻ ۾ فقط هڪ سال لڳو. پر گذرندي اهو سال لنبو ٿي ويو، وچ ۾ گنو ٻہ چار دفعا اتي آيو. تمام شان سان ڪرسيءَ تي ويهندو. ٿيون چانهہ جو ڪوپ پيئندي چوندو: مان تہ چاهيندو آهيان سڄو سمنڊ چانهہ ٿي وڃي. پوءِ حيدرآباد سنڌ، هردوار، رشيڪيش ۽ گنگا جون اهي ڳالهيون ڪندو، ڄڻ مهاڪوين جا الڳ ٽڪرا مرتب ڪندو هجي.

دروازو ڪليل هوندو تہ ڪلڪتي مان لڪمي ڪلاڻي بمبئيءَ ويندي پهرين سڌو مون وٽ ايندو. سڌو اندر. ڪو راڳ جهونگاريندو ايندو. ڄڻ هفتي ڪان گهر ۾ رهيل آهي ۽ ٻاهر ڪمپائونڊ ۾ ڇولا ڪائي اندر آيو آهي. گنو، لعل ۽ لڪمي هميشه گيتا لاءِ بسڪيٽ، چاڪليٽ يا ڪو ڪتاب، پين ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪڍي اچن.

اُتم دروازي ڪان گهڙندو تہ هميشه پنهنجو تڪيه ڪلام پيش ڪندو: فلاڻو؟ ڪتي جو پٽ -پئسي جي گپ ۾ ڦاسي پيو آهي. ڪمل جي ماني ڪائيندي ڪيس پنهنجي

ماءُ ياد ايندي آهي. ڪيرت اڪثر گنڀير رهندو يا وقتي ڪمل سان چرچو ڪندو؛ هاڻ ڪيس پنهنجي زلفن جي پيچ و خم مان آزاد ڪر تہ ڪجھ سنڌي هلچل ۾ اڳرو ٿئي. مالهي گهٽ اچي، پر اچي ڪڏهن پڳونتيءَ ۽ ڪلاڪارن سان.

ڪيترا دوست آهن جن جا خلوص ۽ شفقتون، رامايڻ ڪان پهريون، بائبل ڪان منيون آهن. سنڌ جي سابق وزيراعليٰ خان بهادر کهڙي مرحوم جي ناني ڊاڪٽر انصاريءَ ڪمل جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو؛ ادي، اوهان جي قرب اسان کي ماري ڇڏيو آهي. ٻئي سال مان زال کي وني ڪار ۾ لاهور وارو رستو وني مهينو اوهان وٽ اچي رهندس.

ابراهيم منشيءَ چيس؛ ادي، مون تہ پاسپورٽ تي ايڊريس ئي موهن جي لکائي. هن لاءِ اجرڪ آندي اٿم. سنڌ جي پهرين اجرڪ موهن ڪلپنا- پر توکي ٿو پايان. ۽ پوءِ هن جڏهن ٻہ ڪلاڪ پنهنجو ڪلام ٻڌايو تہ اکين مان پاڻي وهيو ڪجھ نہ پر لڳو درياھ وهي رهيو هو.

شاھ لطيف جي گديسر شاھ نثار حسين لطيفي ڪيس چيو؛ مون کي اوهان جي گهر ۾ لڳو تہ سنڌ ۾ ئي آهيان. هيءُ گهر سنڌ آهي ۽ اوهان جي شفقت سنڌو درياءَ آهي. پاڻ ڪار ۽ جيپ ۾ آيو. ست بادي گاردِ گڏ هئس. سگريٽ دڪائي مشڪي تہ لڳي لطيف جو بيت پڙهي رهيو آهي. چي؛ سنڌ اچو. اوهان کي سڄي سنڌ گهمايون.

ماهتاب محبوب ڪمل کي ڀاڪر پائي ملي. ڇا اوهان کي حيدرآباد جا منگھ ياد نٿا پون؟ اچو تہ ڀٽ جي ميلي تي قربن جون ڪچهريون لڳايون.

اهي ئي تہ اسان جا خزانا ۽ سلطنتون آهن. اسين ان جا بي تاج بادشاھ آهيون. البتہ ڪي اديب گلائن جا تاڪيا کولڻ شروع ڪن. ڪمل اڪثر اٿي وڃي ۽ مان کلڻ لڳان. مان نٿو سمجهان تہ مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن جي گلا ڪئي هوندي. مان نڪتہ چيني ڪندو آهيان. جا ڳالھ منهن تي چئي نہ سگهان، اُها پرپٺ ڪڏهن نہ چوان. بلڪہ اڪثر منهن تي نڪتيچيني ۽ پرپٺ تعريف ڪريان.

آزاد سنڌو هلچل جا ميڙ، ياترائون، اخبار "سوجهرو" ۾ لڳاتار مضمون، نئين ڪم جي ڪمائي، تن مان اڍائي هزار، پوءِ، ٻہ، ڏيڍ، هڪ، پنج سؤ ۽ آخر ختم ٿي وئي. هڪ وڏو انقلابي، پر ڪڏهن بس جو پاڙو نہ هجي جو گهر وڃي سگهان.

ڪاليج ۾ اجهل ڪنهن چڪر ۾ اچي ويو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪيس بچايس نٿي تہ ممڪن هو سڌو جيل ۾ وڃي ها. مان تن ڏينهن ۾ اڪثر بيمار رهندو هوس ۽ ڪاليج مان ڪافي گسائيندو هوس. اجهل چيو؛ احمد آباد ۾ فساد ٿيا آهن. سو جئرامداس دولترام، گورنر سريمن نارايڻ وٽ سندس بنگلي تي لٿو آهي. جيڪڏهن تون لعل پشپ

سان رات اتي وڃي، صبح ڪم ڪري سيارڻ رات موٽي اچين ته ڪنهن کي خبر نه پوندي. لعل پشپ ته محمد تغلق روڊ دهليءَ ۾ وٽس گهڻائي دفعا زيارت ڪري آيو. مون چيو: نيڪ آهي، پر گهر هڪ وڳو ته ڪٽڻ وڃان. چي، نه! پنهنجي قميص لاهي ڏنائين. چيائين: هيءُ قميص به ڏينهن ميري نه ٿيندي. مون ڪيس پنهنجي لاهي ڏني. هن گهر وڃي ڪمل کي چيو ته موهن به ڏينهن ڪاليج جي ڪم سان پوني ويو آهي. ۽ مان لعل سان احمد آباد. جئرامداس سان گڏياسين.

جئرامداس جي زبردست شخصيت، صاف، اجرو، موجودگيءَ ۾ وڏي قد جو احساس ڪندڙ. وچ ۾ چوندو: چو موهن، لڄ ٿو ڪرين- سگريٽ ڇڪ. اڌ ڪلاڪ ٿيو آهي توکي ٽائليٽ ۾ وڃڻ جو خيال نه آيو آهي؟ ڀلا- هان- چانهه پي. ڏاڍو متاثر ڪيائين. سوچيم ته حق تي ليکڪ چريا ٿيا اٿس. ڳالهه ٻڌي چيائين: تنهنجي دوست کي شڪ جو فائدو ڏئي سگهجي ٿو.

ڪاليج اختياريءَ وارن کي تار ڪيائين ته هن تي ڪو قدم نه ڪٽو. ڪاليج جي پرسرام پارومل کي، جنهن کي انديا جو پهريون فوڊ منسٽر هوندي ڪنڊ جون پرمٽون وغيره وٺي ڏنيون هئائين، ان کي به تار ڪيائين. سو اجهل بچي ويو.

ڪم جي پڪ ڏيڻ بعد هن لپيءَ جو بحث ڇيڙيو. مون ڪيس چيو ته لپيءَ جي مسئلي سنڌين جو ٻيو ورهاڱو ڪيو آهي. هن ڪافي تفصيلن سان ڳالهايو. مون ڪيس چيو: اِهو اصول ته يا عمر قبول نه ڪندس. چيائين: ويهه سال پوءِ تون منهنجو نظريو سمجهندين. چيومانس: ٽيهه سال اڳ به اوهان اِها ڳالهه ڪئي هئي. لعل پشپ به چيس ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي لپي ئي موزون آهي. ديوناگري لپي ٽنگن ڀڳي آهي.

اجهل عزت سان نوڪري ڇڏي ته چيائين ته تون به ڇڏ. ڪاليج ۾ ڪنهن کي پتو نه پيو ته اجهل کي ڪنهن بچايو ۽ جئرام داس کين ڪيئن تار ڪئي. مون به نوڪري ڇڏي ڏني. مون کي بمبئيءَ مان رايل ويسٽرن انديا ٽرف ڪلب جي ريس سان واسطو رکندڙ انگريزي اخبار جي ايڊيٽريءَ جي آڇ آئي. پگهار ڇهه سؤ ۽ فرسٽ ڪلاس ٽڪيٽ مون کي فقط اِهو ٻڌائڻو هو ته ريس ۾ ڪير ڪٿندو. ٽي مهينا اڀياس ڪيم- پوءِ اِها اخبار مون پاڻ ڪنئي ۽ ڇهه سال هلايم. مهيني ۾ اڍائي سؤ رپيا ڪن بچيا ٽي. گهوڙن جي صحت، خاندان، بار ڪٽڻ جي طاقت، فاصلي ۽ ڊڪڻ جي صلاحيت، ٻين گهوڙن سان ڀيٽ وغيره ايم ڏبي -لالا جي نالي سان سڄي هندستان ۾ نالو ڪڍيم. منهنجي اخبار جي ٽپس تي ماڻهن لکين رپيا ڪمايا. مان ته خود پهرئين هفتي سترنهن سؤ رپيا هارائي ويس، جي لاهڻ ۾ وقت لڳم. پوءِ قسم ڪنيم ته سڄي ڏينهن ۾ سٺ رپئي ڪان وڌيڪ راند نه ڪندس. ريس ۾ ماهوار ڪمائي جي ڏهين حصي ڪان وڌيڪ نه لڳائڻ گهرجي.

هونءَ شوق جي خيال کان راند ڪيم تي جو محبوبا سان ملجي ۽ هن جو منهن نہ چمجي تہ ضرور ڪا ڊاڪٽري خرابي هوندي.

مون پهرئين مهيني کان تار ديو ايئرڪنڊيشنڊ مارڪيٽ ۾ مسواڙ تي آفيس ورتي. مسواڙ بہ سؤ چاليهہ رپيا ۽ ٽن مهينن جي ڊپازٽ. آفيس ستين ماڙ تي. هيٺان هڪ ڪلارڪ رکيم. منهنجي آفيس جي هيٺان راجن چاولا جي آفيس هئي، جا لنڊن وڃڻ بعد جلال آغا، شيام بينگل ۽ ساڌوءَ مهر کي ڏنائين. جن انڪور، نشانت ۽ ٻيون ڪافي تجرباتي فلمون ناهيون آهن.

مون ٽرف ڪلب جي قاعدن ۾ ڪافي سڌارا آندا. هڪ دفعي اسٽيوردس لاءِ لکيم: هي پنهنجن غلط فيصلن تي ائين لٽڪندا آهن. جيئن باندر ٽاريءَ تي. منهنجو ڪلب ڏانهن ساڍا سورنهن سؤ رپين جو ٻِل رهيل هو. اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ ۽ ڪلب جي جج گهرايو تہ ڪاميٽيءَ ۾ راجائون مهاراجائون، تيل ڪمپنين ۽ ڪارخانن جا مالڪ آهن. هڪدم معافي وٺ، نہ تہ ٻِل نہ ملندئي. مون چيو: معافيءَ جو تہ سوال نٿو اٿي، ۽ ٻِل مان ڪورٽ رستي وصول ڪري سگهان ٿو. چيائين: اسان جو وڪيل نانا پالڪيوالا آهي. لک رپيا خرچ ڪنداسين، پر ٻِل نہ ڏيندس. چيومانس: سنڌي ٻچو آهيان، اخبار بند ڪندس، پر معافي نہ وٺندس. مون کي ڪلب مان ڏهن، پندرهن هزارن جا اشتهار ملندا هئا. ڇهہ ڇهہ سؤ جا بہ اشتهار ڪلڪتو، بئنگلور، دهلي، حيدرآباد ۽ مدراس ٽرف ڪلبون بہ ڏيندیون هيون. فقط هڪ ڊربي پرچي مان پندرهن هزار فائدو پوندو هو. ضد ۾ مون اخبار بند ڪري ڇڏي، معافي نہ ورتم.

هونءَ ڪم تي ڏينهن. بہ ڏينهن پريس ۽ هڪ ڏينهن ريس ڪورس تي. ريس ڪورس تي ماڻهن جو هڪ مجموعو منهنجي پٺيان. مسٽر لالا-مسٽر لالا، بس هڪ سالڊ ٽپ. گواليار جي مهاراجا ساڌوراءِ جي گهوڙي اسٽارم تي ڪروڙن جي راند ٿي. مون ڊربي پرچي ۾ لکيو: اسٽارم کي سنجيو خان جو گهوڙو پرنس خارطوم ڪتو ڪري مارينڊو. اوهين اِن تي پنهنجي قميص لڳايو-اُگهاڙا واپس نہ موٽندا. سڄي هندستان جي اخبارن ڊربي لاءِ مهاراجا جو گهوڙو پسند ڪيو. مان اُن ڏينهن گني کي ريس تي وٺي ويس. منهنجي سيني پوئلڳن پرنس خارطوم تي شرط لڳايو. هزار تي ساڍا ٽي هزار فائدو. گهوڙي کٽيو، ريس بعد سنجيو سان گڏيس گنو گڏ هو. هن ڀاڪر پائي مون کي ٻن هزار رپين جو اشتهار ڏنو. اشتهار مون ڇپيو، ٻِل نہ ڏنائين. هڪ دفعي فون بہ ڪيومانس، جوڻهس چيو: تپ اٿس. پوءِ خبر پئي تہ پاڻ مهاراجا جي گهوڙي تي راند ڪئي هئائين ۽ شايد ويهہ لک رپيا هاريا هئائين. جا ڪي ڊبليو سوربرن بہ مون سان گڏيو. چيائين: اوهان جي ججمينٽ پرفيڪٽ آهي. مالڪ بہ، پر مون لک رپيا اُن گهوڙي

تي هنيا. ان وقت سنجيو فلم ائڪٽر ۽ مان ساڳئي دڪان تان ڪپڙا سبائيندا هئاسين. اسان جو قد بت ساڳيو. ڪٿي ويو ته اتان ڇهه قميصون نه ڪنيائين. درزيءَ کي چيائين؛ وڪڻي ڇڏ. هڪ ڳاڙهي، هڪ پيلي، هڪ ڪاري، هڪ خاڪي، هڪ واڳٽائي ۽ هڪ اڇي. هن اهي مون کي وڪيون. گواليار جي مهاراجا سان سني واقفيت ٿيم. هن جي ٽرينر ميجر ويءَ-ايم لاڊ کي خبر پئي ته مان هڪ مشهور ليکڪ به هئس ته مون کي چيائين؛ بهتر آهي ته تون گواليار جي مهاراجا جي چونڊن ۾ ڪم ڪرين. مون انڪار ڪيو. هو هن وقت به پارليامينٽ جو ميمبر آهي. پر دوستي الور جي مهاراجا يوراج پرتاب سنگهه سان ٿيم. 1970ع ۾ الور سميلن وقت مون کيس فون ڪيو. هن چيو؛ هينئر اچ. وشنو ياٽيا کي ٽانگي ۾ چاڙهي اتي ويس. ڦاٽڪ کليو. اسين پنڌ اندر وياسين. ڏسون ته پنج هاٿي بيٺا آهن. مهاراجا جي ماڻهن هاٿين جي سلامي ڪرائي. وشنو حيران. چيائين؛ مون ڪنهن سنڌي ليکڪ جي ايڏي عزت نه ڏني آهي. مون چيومانس؛ پنج هاٿي بيٺا آهن. ڇهون تون به وڃي سندن پاسي کان بيهه. مهاراجا وڏي عزت ڏني. سورهن سؤ رپين جو اشتهار ڏنائين. چار سؤ ائڊوانس ڏنائين ته مان ڪمل ۽ گيتا کي هردوار ۽ رشيڪيش مان گهمائي آيس. هن پوءِ اشتهار جي قيمت به هزار ڪئي. مان جڏهن به دهليءَ وڃان ته الور ضرور وڃان. الور جو مائو سڄي هندستان ۾ مشهور آهي. مهاراجا چئي ته محل ۾ رهه، مان انڪار ڪريان. مهاراڻي به سني نموني پيش ايندي هئي.

هڪ دفعي مهاراڻيءَ تاج محل هوٽل مان پريس ۾ فون ڪيو. چيائين؛ تنهنجي لاءِ ٻين هزارين جو ڊرافٽ آندو اٿم. وني وڃ. اچي چانهه به پي. مون کي وقت ڪو نه هو. سو مون پنهنجي سالي جي سيڪريٽريءَ پشپا، جا مون کي پريس ۾ پروف ڏسڻ ۾ مدد ڪري رهي هئي، کي ٽئڪسيءَ ۾ تاج موڪليم ته فلاڻي سرٽ ۾ يوراج پرتاب سنگهه رهيل آهي، هن کان ڊرافٽ وني اچ.

هن تاج ۾ بٽڻ دٻايو. مهاراڻي ٻاهر آئي.

پشپا پڇيس "يمراج جي آهي".

هاڻ يمراج ته ان کي چئبو آهي جو نوڙي ڪٽي ماڻهوءَ جو ساهه ڪڍندو آهي ۽ مينهن تي چڙهي، ماڻهوءَ کي گهليندو سرڳ نرڳ وني ويندو آهي.

"يمراج! ڪير يمراج"؟

"مون کي مسٽر لالا موڪليو آهي". ڪيس منهنجو ڪارڊ ڏنائين، جنهن تي هڪ سٽ لکي هئم. رت جو ڊڪ پي مهاراڻي ڪيس اندر وني ويئي ۽ ڪيس ڊرافٽ ڏنائين. ايمرجنسيءَ بعد اخبار ۾ خبر ڇپي ته مهاراجا آپگهات ڪيو آهي؛ پر پوءِ دهليءَ ۾ خبر پيم ته هن هند سرڪار کي اُلٽ ڪرڻ لاءِ دهشت پسندن جي هڪ زير زمين فوج ٺاهي ۽

هڪ فوجي مقابلي ۾ مارجي ويو. سچ جي تہ ڪا خبر نہ پئي آهي. جوان هو ۽ مون کان عمر ۾ پنج ست سال ننڍو هو. منهنجا ان سال ٻہ هزار رپيا رهيل هئس. مون مهاراڻيءَ کي همدرديءَ جو خط لکيو پر بل جو ذڪر نہ ڪيومانس. سوچيندي منهنجو مڙس مري ويو آهي ۽ هي ويٺو بِل لاءِ لکي. ليکڪ هئڻ ناتي مون انساني جذبن کي ڪافي سمجهيو آهي. ڪلب سان ضد اچڻ سبب اخبار بند ڪيم. ان بعد چار پنج دفعا دهليءَ ويو آهيان. الور اتان پنجن ڪلاڪن جي بس مسافري آهي اتي سنڌ وانگر اٺ گهڻا آهن- ميدانن تي موڙ بہ ڏاڍا. پر فقط ٻہ ڳالهيون سوچي نہ ويندو آهيان. هڪ تہ هوءَ اڪيلي آهي. منهنجو کيس گڏجڻ الائي ڪيئن لڳي ۽ ٻيو اِهو خيال نہ اچيس تہ پنهنجو بِل وٺڻ آيو آهي. ڏاڍي ڀلي ۽ شيرين. هڪ دفعي چيائين؛ مون کي بمبئيءَ مان ٺڳيءَ جا پتا آڻي ڏي. پڇيومانس؛ مون ڪو نہ ڏٺا آهن- اهي ڇا ٿيندا آهن؟ چيائين؛ ڪن پتن تي ڪي خاص ڇپيل نشان رهندا آهن. مهاراجا کي خبر نہ پوي تہ مان راند ڇو ٿي کٽان!

”مهاراڻي جي-اوهان کي تہ سڀ ڪجهہ آهي، پوءِ ٺڳي ڇو“؟

”تو شادي ڪئي آهي“؟

”ها ۽ هڪ ڌيءَ اٿم“.

”پوءِ کيس هتي محل ۾ وٺي اچ نہ“.

”نہ مهاراڻي - اسين ڏاڍا ننڍا آهيون“.

”ڀلا ماڻهو تہ ڪڏهن ننڍا نہ ٿين. ڀلا، اوهان جي زال اوهان کي ڪڏهن بہ بيوقوف نہ بڻائي“؟

مشڪي چيومانس ”بيوقوف ان کي بڻائبو آهي، جو نہ هوندو آهي. جو هوندو ئي بيوقوف آهي، تہ فقط بيوقوف ثابت ڪبو آهي. بيوقوف تہ بيهڻ مان ئي بيوقوف لڳندا آهن“.

بمبئيءَ ۾ مهاراجا سان گڏ گهوڙا وڪڻڻ آئي. گواليار جي راجڪماريءَ سان بيٺي هئي. مان ويومانس.

”چئو تہ اُها تاش آڻي ڏيانوَ“.

”تاش؟ مان تاش کي ڇا ڪنديس“! ٿورو پرڀرو ٿي چيائين ”ڀائي صاحب -اُها گهر جي ڳالهہ هئي، راجڪماري ڇا سوچيندي!مون کائنس معافيءَ ورتي.

سردار پٽيل هندستان جون ڇهہ سؤ رياستون هندستان ۾ شامل ڪيون ۽ اندرا گانڌيءَ راجائن جون پرسون ڪٽيون تہ راجائن، مهاراجن هوٽلون ۽ گهوڙن جا اسٽڊ کوليا. مون ان ماحول تي الڳ ڪهاڻي ”گهوڙن جي شرط “ لکي آهي.

راجا، مهاراجا، اڳواڻ، وزيراعظم، ساڌو، طوائفائون، شاگرد، سرمائيدار، ليکڪ، ماستر، ڊاڪٽر، مزور، طرح طرح جي ماڻهن سان مليو آهيان. ماڻهو جيڏو وڏو، ايترو مون کي پيش اچڻ ۾ سهوليت.

هڪ دفعي يوڄراج ناگراڻيءَ نارايڻ پارتيءَ کان پڇيو ته تو ڪرشن چندر جي "مهالڪشميءَ جي پل" ڪهاڻي پڙهي آهي-پل جي ڪابي پاسي غريب آهن. ساڄي پاسي شاهوڪار آهن. تون ڪهڙي پاسي ويندين- اِهو سوال خود ڪرشن چندر پڇيو آهي. پارتيءَ چيس: مان غريبن جي پاسي ويندس. مون کان پڇيائين: تون موهن؟ تڏهن منهنجي عمر ويهه سال مس هئي. چيومانس "مان ساڄي پاسي بورجئا سوسائٽيءَ ۾ ويندس. غريب مان آهيان. مون غريبن جي زندگي ڏٺي آهي. مان اميرن جي زندگي ڏسڻ چاهيان ٿو. انهن جا تضاد سمجهڻ چاهيان ٿو." ڪامريڊ يوڄراج جو وات ڦاٽي ويو.

مهالڪشمي ريس ڪورس ۾ ٽي ڪلاس آهن. ميمبرن جا فرسٽ ۽ سيڪنڊ اينڪلوزر، ميمبر پيڊڪ کان جوڪي رنگ ۾ ايندا. هزار پنج هڻندا. چاهي ڪيتري به گرمي هجي. فل سوٽ ۾ هوندا. وات ۾ چروٽ. چپ چاپ دونهان ڪڍندا ويندا. خوبصورت زالون، ائڪٽر، راجڪپور، محمود، ارونا، ايراني، بندو، وحيده رحمان، ڪين اتي ڪير نه نهاري. گهوڙا، اگهه، رڙيون، سمجهو به گهوڙا آهن. هڪ جو نالو: آيو لعل، ٻئي جو نالو جهولي لعل. پنجن هزار ماڻهن آيو لعل ۽ ٻين پنجن هزارن جهولي لعل تي لکن جي راند ڪئي آهي. گهوڙا ڊڪندا، وڪڙ ڪائي ڇهه سؤ ميٽر ميدان ۾ ايندا. پوءِ هڪ پنج هزار ماڻهو چوندا. آيو لعل، ٻيا پنج هزار ماڻهو چوندا: جهولي لعل- جهولي لعل اوچتو ٽيون گهوڙو ايندو: رام رام رام رام اوچتو آواز بند. ماڻهو جهڙا هسٽريا جا مريض. ٽنگون، ٻانهون هلائيندا ۽ اوچتو غلط فيصلي جي صليب تي مسيح جيان لٽڪي پوندا. اهي ساڌو مهاتمائون به وقتي گيڙو رتا ڪپڙا پائي اچن. ڪي ڪروڙ پتي ٻاهر پل تي بيهن، جن ريس ۾ ڪارخانا لڳائي ڇڏيا هوندا. ۽ هاڻ اندر اچڻ جا ڪين پئسا نه هجن. مون هڪ انٽرويو ۾ ريس ڪورس جو نالو "اگر تگر چٽ ميدان" رکيو آهي. هڪ دفعي هيرو شيوڪاڻي ۽ اجهل هليا. مون سؤ چاليهه رپيا کٽيا. هنن گهوڙن جا سنا نالا ڏسي راند ڪئي ۽ پندرهن پندرهن رپيا هارايا. ٻاهر اچي شيوڪاڻيءَ نڪ تي آڱر رکي جانا پرڻ لڳو توبهه، ساهه ئي نڪري ويو. چيومانس: خوشي اٿم ته ريس توکي سنڌي بڻائي ڇڏيو آهي.

مرڻ کان هڪ به ڏينهن اڳ عزيز به چيو "ٻڌو اٿم ريس ڪندو آهين". "ها عزيز صاحب".

”شينهن جو پٽ آهين“. عزيز چيو”هن ڪان اڳ سنڌي اديبن ۾ فقط مون ريس ڪئي آهي. ان انگريز عورت سان جا روز ريس تي هلندي هئي. ورهاڱي ڪان اڳ جي ڳالهه آهي. هوءَ انگلينڊ ويئي ۽ پوءِ مون سان شادي نه ڪئي“.

منهنجي شاديءَ تي هتي جا لڳ ڀڳ سڀ ليکڪ آيا ۽ راجن چاولا به آيو، جو ڪنهن ڳالهه تي رُسي ويو هو ۽ به ٽه سال ڳالهائڻ بند ڪيائين. ساڳئي هند آفيس هئڻ سبب اسين گڏجندا هئاسين. هن به مون سان ريس تي هلڻ شروع ڪيو. هڪ دفعي اسان اڏو اڏ ڀائيواري ۾ اسي رپئي جو چئڪ پاٽ ڪڍايو؛ يعني پنجن ريسن ۾ اسان جا چونديل گهوڙا ڪٽن ته جئڪ پاٽ لڳي. پهرين ڪٽيو. سؤ تي هزار فائدو. ٻئي ڪٽيو هزار تي ڏهه هزار فائدو. ٽئين ڪٽيو، ڏهن هزارن تي به لک ملن فائدو. چوٿون فوٽو فنش ۾ ٻيون نمبر ٿيو ۽ پنجين ڪٽيو. ڪل اسي رپين ۾ انيتاليهه لک فائدو. پر اسان جو چوٿون نمبر گهوڙو نڪ جي پڇڙيءَ تان هار ڪائي ويو. ان ڪري پائي به نه ملي. فقط ٽن گهوڙن جي ٽربل ڪريون ها تڏهن به لک ملن ها. اسين مڪائيءَ جا سنگ وٺي گاهه تي ليٽِي پياسين. ڏاڍو افسوس پئي ٿيو. اوندهه تي ويئي پر راجوءَ اٿڻ جي نه ڪري. ڪاش چوٿين گهوڙي جي مچ اڳيان ٿئي ها. ان ڏينهن بعد راجن وري ريس ڪورس تي نه آيو.

لالائن جي ڏينهن راجن چاولا منهنجي ڪيسي ۾ پندرهن سؤ رپيا وڏا ته سٺا ڪپڙا نهراءِ. قرض وغيره لاهه. مون ڪائنس اِهي پئسا ورتا. پوءِ ڪيس ڏنڌي ۾ لک ٻن جو نقصان پيو ته گهريائين. مان مخزنون وغيره ته وٺندو هوس. پر مسواڙ ڀري نه سگهندو هوس. شاديءَ لاءِ ٻيو قرض پڻ ڪنيم. ان بعد زندگيءَ جون هئبتناڪ تڪليفون ڏٺم. هن ڪي انهن ڳالهين جي خبر نه پئي. اهو شخص جو ڪڏهن جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان مون وٽ اچڻ بند ڪيو. شاديءَ تي آيو. ڪلاڪ ڪن وينو. هٿ ملايائين. هليو ويو. گيتا جا مون ڪي فرشتو سمجهندي هئي، اها شاديءَ تي نه آئي. ”ائنڊ آءِ هائوس ٽو لاج آءِ فرينڊ“.... اهو راجو.

ٽن سالن بعد راجن دفتر ۾ آيو. چيائين ”مون ڪي خوشي آهي ته تو پنهنجي آفيس ڪولي آهي.“

”تنهنجو قرض لاهيندس“! ٽن سالن بعد اسان جي پهرين گفتگو.

”هاڻ ضرورت ڪانهي. جڏهن هئي تون چپ رهئين“.

”مان ڳالهائي نه سگهيس. منهنجي منهن تي ماٺ جا دستا لڳا. سڀ ڏند ڀڄي ويا. رَت اندر ئي وهيو. ٻاهر ڪنهن ڏٺو نه. “

هن چتائي منهنجي منهن ۾. مون سندس منهن ۾ نهاريو.

هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. چيائين، ٽي سال موهن، تو کان سواءِ مون اڪيلائيءَ ۾ گذاريا آهن. مون تنهنجو انتظار ڪيو“.

مون ڪجهه وقت هن جي ڳوڙهن کي ڏٺو. منهنجو جاني دوست، چيومانس ”مون ٽيويهه ڏينهن اسپتال ۾ تنهنجو انتظار ڪيو“.

وقت آهستي گذرڻ لڳو. چيائين ”هل- گهر تا هلون. گيتا کي وشواس ئي نه ايندو آهي ته به دوست ائين الڳ ٿي سگهندا آهن. هاڻ سمجهي ٿي تون اسان وٽ ڪڏهن به نه ايندين“.

”مان سچ پچ نه ايندس“.

”ڇو“؟

”گيتا منهنجي شاديءَ تي ڇو نه آئي“؟

”ڇا اسين پنهنجي ناراضپي ۾ ايماندار ٿي نٿا سگهون“؟

”پوءِ تون ڪيئن آئين“؟

”ڪو نه اچڻو هوس. مگر هيءَ دل..“..

”چڱو اُٺ. هلون تا“، مون به پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکيو. گيتا چيو ”اوهين ۽ هتي؟ اسان به اوهانکي ياد ايندا آهيون؟ اسين ته اوهان لاءِ مري وياسين- پوءِ ڪيئن آيا. رڪارڊ ٻڌو. وسڪي پيو. پر اوهان کي منهنجي چانهه نه ملندي“.

مون ڪرسيءَ تي ويهي سگريٽ دکايو. راجو هٿ منهن ڌوئڻ هليو ويو.

”اوهان کي ڪمل بوتل ۾ بند ڪيو آهي! ڪنهن ڪانفرنس سيمينار ۾ نٿا اچو“.

”مان ان چيچ جي تلاش ۾ هئس، جنهن ۾ مان مندي بڻجي پئجي وڃان“.

”۽ انهن کي وساري ڇڏيو، جن توهان کي سنيهه جا گل ڏنا، ڏکن کان پناهون ڏنيون“.

”سڀ ته نه چئبو آهي گيتا- ۽ تون ئي چوندي ويندينءَ“.

”وجو - هتان وجو. مون کي خبر آهي ته اسين اوهان کي نه ڪپون“.

”ڪير ڪنهن کي ڪيترو ٿو ڪپي، اِهو تون نه سمجهي سگهندينءَ“.

”هن مشڪيو. هوءَ پنهنجي فنڪار دوست، ڏير کي سُجاڻي ويئي. نه بدليو آهي موهن، موهن ئي ته آهي جو بدلجي نٿو سگهي. راجو جو اچي ته ڏسي مار!گيتا ۽ موهن وينا چانهه پيئن ۽ ڪلن. اکين ۾ ڳوڙها به اٿن. گيتا کي چيائين، بس- هاڻ ٻڌاءِ، ٻيو ڇا ڪپيئي“؟

”بس- ٻيو ڪجهه نه ڪپي. موهن هوندو آهي ته ٻيو اسان کي ڪجهه ڪپندو به ڪونهي“. اِها شام ڏاڍي ملهائتي هئي.

پوءِ هو هڪ دفعو اسان جي گهر بہ آيا. راجو پوءِ لنڊن ويو ۽ پوءِ گيتا ۽ ٻارن کي اُتي گهرايائين. گيتا هڪ دفعو چيٽي چنڊ جي ميلي تي باندرا ۾ ملي. ٽئڪسيءَ ۾ گهر وٺي هلي. چانهہ پياريائين. چيائين ”هر شام سج لهندو آهي. من اداس ٿيندو آهي. دل ۾ ڏاڍو درد ٿيندو آهي“.

”جن جا صبح روشن، تن جا من تہ اڪثر شام جو اداس ٿين“.

”اوهان جون ڪجهہ سڪون راجيش ڪنا لاٿيون. بلڪل ئي اوهان جيان آهي. اڪثر اداس، شانت، اوچتو مشڪي ڏيندڙ“ .

”مينا ڪماري مري ويئي تہ مون کي ائين لڳو، ڄڻ منهنجي من جو ڪو حصو ڪٽجي ويو آهي“.

”اوهان شايد سوچيو؛ گيتا راج مري ويئي آهي“.

”تون مينا لڳندي آهين، ان ڪري ائين محسوس نہ ڪيم“.

”ٻڌم تہ مينا پنيان بہ پيا“.

”مان ئي رڳو پنيان نہ پوندو آهيان“.

”نہ-مينا ڪماري پوندي آهي“.

”اياز سان تون ۽ مان مينا وٽ هليا هئاسين. گهڻو پوءِ هن ڪمال امروهيءَ کي ڇڏيو. هڪ دفعي ڪئپيٽال ٻاهران هڪ ڪار چيڪاٽ ڪري بيهجي ويئي. مان سندس ڪار هينان اچڻ کان بچي ويس. پر ڪو هراس پئدا نہ ٿيم. ڏٺم تہ مينا ڪماري هئي. مون کيس ڏسي مشڪيو.

”هن پوءِ اوهان کي لفٽ ڏني“.

”لفٽ تہ مون زندگيءَ کي ڏني آهي“.

”تہ پوءِ ٿيو ڇا“؟

”پوءِ راجوءَ چيو تہ مينا شراب ٿي پيئي. مينا کي هڪ مڙس کپي. ڊگهو، قداور، بهادر، آرٽسٽ ۽ اهو تون آهين“.

”اوهان کي هن وٽ وٺي هليو“.

”نہ“.

”ان جو ارمان اٿو“؟

”نہ مان خوش آهيان“.

”تہ پوءِ اوهان جي من جو حصو“؟

”ان کي حصا گهڻا آهن“.

”اوهين ايندا اسان وٽ لنڊن“؟

”ايندس“.

شايد ڏهه سال ٿيا آهن، هو لنڊن ۾ آهن. انهن ڏهن سالن ۾ مون وٽ راجوءَ جو فقط هڪ خط آيو آهي. گيتا اهو بہ نہ لکيو. کين انڊيا اچڻ جو ڪو خيال ڪونهي. مان لنڊن وڃڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهان.

منهنجو دفتر ادبي ڪلاس آهي. هيرو شيوڪاڻي پهريون سال روز اتي اچڻ لڳو. پوءِ مون سنڌوءَ دل کوليو تہ اچڻ گهٽايائين. مون وشنو ڀاٽيا کي ڪم تي رکيو. 1978ع ۾ دهليءَ ويس. ان کان اڳ جنتا سرڪار اندرا گانڌيءَ کي جيل ۾ وجهڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ان تي اعتراض طور اندرا ڪانگريس ۾ شامل ٿيس ۽ انگريزي اخبارن ۾ جنتا سرڪار خلاف ۽ اندرا جي فائدي ۾ ڪافي خط لکيم. مون کي تعلقه ڪانگريس جو سيڪريٽري ڪيو ويو. مان دهليءَ ۾ اندرا گانڌيءَ سان گڏجي واپس موٽي بلڊنگ ۽ پنهنجو دفتر ڇڏيم. سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏنم. وري بيروزگار، وري سالي جي چوڻ تي فلم ڊسٽريبيوشن ۾ آيس. هڪ فلم کنيم ”ميري همدم ميري دوست“ سال ۾ ڪئي ڪمائي چٽ ڪيم. هڪ ڪهاڻيءَ لکيم ”ڦاسي گهاٽ“ جا ڪونج ۾ ڇپي. منهنجي هر پيشي، هر پيار، بيروزگاريءَ، زندگيءَ جي ناڪاميابين، ذلتن، بيوسين مونکي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪهاڻي ڏني ٿي. وري اهي ئي غير مسلسل روزا. ڀارتيءَ سونيئر آرڪيٽيڪٽ وٽ نوڪري وٺي ڏني. مون ٽن ڏينهن ۾ سونيئر جون ٻہ بلڊنگون وڪيون. شهر ۾ نالو نڪتو. پاڻ هڪ ننڍي موٽر سائيڪل وٺي ڏنائين. ماهتاب محبوب آئي تہ مون هن وٽ نوڪري ٿي ڪئي. ان ڏينهن تائين ستن مهينن ۾ هڪ ڏينهن بہ موڪل نہ ڪئي هئم. ان بعد پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو اٿم.

پوڻا ٻہ سال ٿيا آهن، ٺيڪ آهي، دال روٽي مِلي پيئي. هونءَ بہ اسين کائڻ لاءِ تہ جيئون نہ ٿا. باقي پنهنجو فلئٽ اٿم. ٻيون بہ سهوليتون اٿم. فون آهي، فرج آهي، گرام آهي، رڪارڊر، اسپيڪر آهي، موٽر سائيڪل آهي، سون، بئنڪ بئلنس آهي. پر اِهي سڀ سُک آهن. خوشي من سان واسطو رکي ٿي. گهر جي خوشي اٿم، پر هڪ درد ۽ هڪ خواهش اٿم. درد اِهو تہ سنڌ وڃي نٿو سگهان ۽ خواهش اِها تہ مرڻ کان اڳ، فقط هڪ دفعو ئي سهي، سنڌ وڃان. حيدرآباد پاسي پُٺِي ڏيئِي، ڪمل ۽ گيتا سان سنڌوءَ ۾ پير وجهي ان کي پرڻام ڪريان. پٺيان ڪمل جي حيدرآباد، اڳيان موهن جي ڪوٽڙي. وچ ۾ ٻنهي جي ڌيءَ آهي، جا آهي، سنڌي، پر هن سنڌ ڏٺِي ئي نہ آهي ۽ هڪ وصيعت ٿو ڪريان. جيڪڏهن منهنجا اديب دوست، هِند ۾، سِنڌ ۾، ائين ڪري سگهن تہ مهرباني. مرڻ بعد منهنجي رَک کي سنڌوءَ يا گنگا ۾ ڦٽو نہ ڪيو وڃي. ڪوٽڙيءَ ۾ ڪٿي بہ ڪنهن ٽين جي دٻي ۾ وجهي زمين ۾ پوريو وڃي.

مرڻ جي ڳالهه تي ماءُ تي ياد اچي. هن آڪٽوبر 1976ع ۾ ساهه ڇڏيو. اسپتال ۾ ائين مئي، جيئن ”جلاوطنيءَ“ ۾ ٻه سال اڳ هڪ ماءُ جو موت بيان ڪيو هوم. هن ساهه ڇڏيو ۽ پوءِ گئس سئلينڊر ڏنو ويو. جو به خالي هو. هڪ سوشلسٽ انديا ۾ ٻيو تي به ڇا ٿو سگهي. ڪجهه ڪري نه سگهيس ۽ ماءُ جي پيرن تي ڪِري پيس. ڪمل ۽ گيتا به اتي هيون. ان کن لڳم، هاڻ مان يتيم تي ويو آهيان. هاڻ آسيس جو ڪو هٿ منهنجي مٿي تي نه ايندو. انهن پيرن ۾ ڪِري مون ڏاڍو رُنو. ڪڏهن به ته نه روئندو آهيان مان. چيم: ماءُ، تون مري وئين.

ان بعد هڪ ٻِي ماءُ هئي جا به مري ويئي. طارق اشرف جي امِي. منهنجي خواهش موجب، سنڌ مان سنڌ جي مِٽي ۽ اُن جو جَل ڪٽِي آئي. مون کي چيائين: تون منهنجو ٻيو وڏو پٽ آهين. هميشه دعائون سلام موڪليندي هئي. طارق اشرف منهنجي ڪتاب ”جلاوطني“ سبب ڏاڍو سَنو هو ۽ حڪومت جي اک ۾ هو. اِن ڪري هن امِي جان جي موت جو اطلاع نه ڏنو. مون کي خبر پئي ته مون طارق کي هڪ خط لِکيو، پر هِن ان جي پهچ به نه ڏني.

مون ذوالفقار علي ڀٽي کي هڪ خط لِکيو. ڪن ماڻهن کي چيائين ته موهن ڪلپنا خط لِکيو آهي. مون کيس چيو: سنڌ ۾ اچڻ لاءِ اتي ڪنهن رت جي رشتي جو مائٽ هئڻ گهرجي مان سنڌ ڪيئن اچان؟ تون به سنڌي آهين. مان به سنڌي آهيان. سنڌ اسان ٻنهي جي ماءُ آهي، ڇا اسان جو اِهو سنٻنڌ گهٽ آهي جو مادرِ وطن سنڌ اچي نه سگهان؟ جواب نه ڏنائين البته خبر اٿم ته ”جلاوطني“ جو انگريزي ترجمو پڙهيائين ۽ وسڪيءَ جي نَشي ۾، منهنجي هڪ دوست قربان علي شاهه کي چيائين: بڪواس آهي اِها جنهن کي ڪو ڪلچر، ڪو اتهاس، ڪا پرمپرا نه آهي. پر ان غلطيءَ کي درست ڪرڻ ۾ وقت لڳندو. قربان علي شاهه اِها ڳالهه روبرو مون کي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ پرشوتم سانولاڻيءَ اڳيان چئي.

پُٽي منهنجو خط پڙهيو، نه پڙهيو ”جلاوطني“ ڪتاب پڙهيو نه پڙهيو، مون کي اِن جي ڪا ذاتي ڄاڻ نه آهي. پر اڳواڻ پنهنجي ٻوليءَ جي ليکڪن کي پڙهندا ضرور آهن ۽ مون کي پنهنجن دوستن تي اوشواس ڪرڻ جو حق ڪونهي.

گجرات کان الڳ مهاشترا لاءِ هتي وڏي هلچل هئي. پوليس ڪافي ماڻهو ماريا. جڻ اِها گُهر ڪري ڏوهه ڪيائون جنهن حڪومت جي پوليس هنن کي ماريو: ان ئي حڪومت فلورا فائونٽين ۾ انهن شهيدن جو يادگار قائم ڪيو. مان نٿو سمجهان ته انگريز لنڊن ۾ هيمو ڪالاڻيءَ جو يادگار قائم ڪندا.

هتي حڪومت جي نظر ۾ ڏاريو.

هڪ دفعي ديشمُک پارليامينٽ ۾ ٻوليءَ وارن فسادن تي زبردست تقرير ڪئي. نهروءَ ڪلي اڪبر الهه آباديءَ جو شعر چيو:

هم آهه پرين تو هوتي هئين بدنام،

وهه قتل پي ڪرين تو چرچا نهين هوتا.

ديشمُک اتي بيٺو. چيائين ”شايد نهروءَ جو مطلب اِهو آهي تہ بمبئيءَ ۾ قتل مون ڪرايا آهن.

نهروءَ جنم ڏينهن جو جشن ٿيو. سهراب موديءَ جي زال نهروءَ کي هار پاتو. ماهتاب چيو: خوش رهو هزار برس.

نهروءَ چيو: اور هر برس ڪي دن هون پچاس برس.

سهراب مودي حيران تہ ڇا غالب ايڏو وڏو شاعر آهي، جو نهروءَ حوالو ڏنو اٿس. اتي ئي ظاهر ڪيائين تہ هو مرزا غالب جي زندگيءَ تي فلم ڪڍندو ۽ فلم ڪڍيائين جنهن ۾ ثريا رت روئي راڳ ڳايا آهن. البتہ هن سوال تي بحث هليو تہ جڏهن غالب ٻڍاپي ۾ ڏاڙهي رکائِي ۽ هتي پارت پوشڻ جوانيءَ ۾ ڪيئن منهن ۾ جهنگل کڻي پيو گهمي.

غالب تہ واقعي وڏو شاعر آهي. پر اڳواڻ اديبن کي، ننڍن کي ۽ وڏن کي پڙهندا آهن. جان ڪئنيڊي، آمريڪا جو جوان ۽ جارحانہ صدر، خود ليکڪ هو، پر صدر ٿيو تہ خواهش ڪيائين، جشن وقت رابرٽ فرلسٽ هڪ ڪويتا پڙهي. فراسٽ جشن ۾ آيو. پر ڪويتا گهر وسري ويس. پر هو درٻاري شاعر نہ هو. اتي ڪا ڪويتا ضرور پڙهيائين.

يونان جي هڪ بادشاهه هڪ شاعر کي چيو: تون هيڏو وڏو شاعر- پر جڏهن بہ توکي ڪنهن مدد جي ضرورت هوندي آهي، تون منهنجن پيرن تي ڇو ڪرندو آهين؟

شاعر چيس: اِن ڪري جو بادشاهه سلامت جا ڪن سندس پيرن ۾ هوندا آهن.

تي سگهي تو پُٽي ائين نہ ڳالهايو هجي. هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪئين پيرا المستائيءَ جون گهڙيون اچن ٿيون. ڪارل مارڪس جو گڏهه تي چڙهي بورجئا ڪلاس کي ستائڻ ان ۾ شامل آهي. ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ميڙ ۾ ڪنهن کي ننڊ اچي تہ نهرو طول کڻي ان مٿان ڦِٽا ڪندو.

المستائيءَ جون اِهي گهڙيون من هيٺ دٻيل خواهش کي ظاهر ڪنديون آهن. ڪلا جو سرجڻ گهڙيون من اندر دٻيل دنيا جا دڙا کوٽي ظاهر ڪن ٿيون. اِهو ڪم شراب ۽ جواني بہ ڪري. ڪو بہ جذبو. اکيون بند ڪريان تہ حيدرآباد جا منگهه سلامي پيا ڪن. سائين پلي ڪري آيا! رستن تي ٿانڊا. وطن وجان تہ ٿانڊا گل ٿين.

اوچتو ڪنهن غائبانہ ٻت سان ٽڪر ٿي وڃي. يا مان انڌو ٿي وڃان. هٿوراڙي ڏيئي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪريان. اِها ديوار منهنجي قد کان شايد وڏي آهي.

ڏسان ٿہ موٽرون پيون وڃن. رڳو انهن جا ڦيٽا آهن. موٽرون الائي ڪٿي آهن. دروازن جا چير. اندر اوندهہ ۽ دروازي جي ان مختصر وٿيءُ مان ايندڙ روشنيءِ ۾ جوان عورتن جا اگهاڙا شرير جاري ٿي رجهيل گلاس ۽ خالي ٿيل شراب جون بوتلون. پٽ ٿي رت جا داغ ۽ وساميل سگريٽون. ٻاهر مايوسين جا پردا، دلاسن جا جلسا، اميدن جا ڦاها. هڪ گهري ڦهليل رج ۽ ان ۾ ڊڪندڙ ڀڄندڙ ڦهليل پاڇا. ٿي -وي اسڪرين تي ڄڻ ست فلمون هلن. هڪ ٻئي ۾ سمائجِي ويل. چوڏهن چهرا. چوڏهن گفتگو. رنگ رنگن سان مِلي رنگ بدلائين. ڄڻ قوميت جا نظريا آهن. ڪلهہ جتي هوس اهو هندستان هو، پوءِ اهو پاڪستان ٿيو.

جڏهن مان جوان ٿيس ٿہ مون کي ٻن ماڻهن سان گڏجڻ جي زبردست خواهش جاڳي.

آئنسٽائن ۽ جواهر لال نهرو. نهروءَ جي سامهون ٿيس. پر ڪا گفتگو ٿي نہ سگهي. آئنسٽائن تمام پري هو. ڪائنس پڇان ها ٿہ هن پرڪرتيءَ کي نيم سان هلائڻ واري نظام ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي زبان ۽ ذهن سان ڪو واسطو آهي. نہ آهي. ۽ تو ائٽم بم جي گهڙت ڪيئن ڪئي. ڇو ڪئي. پاڻ نہ ڪري ها، ڪو ٻيو ڪري ها ٿہ ان کان سوال پڇان ها! ان جو استعمال ٿہ انسانيءَ ترقيءَ سان وابستہ ٿيڻ گهرجي. ڪلاڪار ۽ وگيانين کي هڪ ٿيڻ گهرجي. وگيان دنيا کي هڪ شهر ۾ تبديل ڪيو آهي. پر سياست ٻن ڀائرن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪيو آهي. ڪلا ٿہ ٻن دشمنن کي هڪ ئي ٿلهي تي ويهاري ٿي. جيڪڏهن ڪلاڪار ۽ وگياني هڪ ٿي وڃن ۽ مختلف سياسي نظامن جا تضاد ۽ لچايون ظاهر ڪن ٿہ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ٿئي ۽ پوءِ راڄ ڪاروبار جون واڳون مائرن کي ڏنيون وڃن. دنيا ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون وهن، نہ وهن، پر ڪٿي جيڪر جنگ نہ لڳي. سرحد تي بحث ٿئي ٿہ هاڪي مئچ ڪن. جا ٿيم، ڪٿي، ان کي ٻہ چار ڳوٺ ڏين. پر هارائيندڙ ٿيم جا ماڻهو اتي وڃي سگهن. ڪرڪيٽ ڪن. ساسر ڪن. اِتي ڏڪر راند ڪن.

مون آگري اسٽيشن تي ٽڪر جي گلاس ۾ ڪير پيتو، گلاس ڦِٽو ڪيم ٿہ هڪ ٻار ان کي ڪنيو ۽ ان کي چٽڻ لڳو. ڪپڙا ڦاٽل. هڪ ٻار او هنيري جي چترڪار ڏٺو، ڪيس ٻہ چتر ڪڍيا هئا، هڪ ان ٻار جو جنهن ۾ مسيح جي منهن جي معصوميت هجي، جيئن هو ان کي خدا ڪوٺي. هڪ ان وحشيءَ مرد جو، جيڪو شڪل مان شيطان لڳي.

هن هڪ ٻار ڏٺو، ڪيس اسٽوڊيو ۾ وني ويو، ڏهه ٻارنهن ڏينهن محبت ڪيائين. خدا جو چتر تيار. پوءِ پندرنهن ويهه سال ڪو ماڻهو نه مليس جو ڪيس تسلي ڏئي ته هن جي شڪل شيطان جهڙي آهي. آخر هڪ ڏينهن ڪيس اهڙو ماڻهو به مليو ڪيس ساڳئي اسٽوڊيو ۾ وني آيو. ساڳي ويهڻ جي جڳهه.

ماڻهوءَ پڇيس "سائين، پندرنهن ويهه سال ٿيا، اوهان ان ئي اسٽوڊيو ۾ هڪ ٻار جو چتر ڪڍيو، اهو ڪير هو"؟

"اهو منهنجو خدا هو".

"منهنجو چتر ڪهڙي نالي هيٺ سڏبو"؟

"شيطان".

"سائين -مان ئي اهو ٻار آهيان".

او هنيري ڪجهه ان ريت اتي ڪهاڻي ختم ڪئي آهي. هو ترقي پسند نه هو جو لِکي ته ٻار غريب ۽ يتيم هو. هن کي حالتن خدا مان شيطان بنائي ڇڏيو. اسان جي لڙائي حالتن سان آهي. حالتون بدلايو. هڪ به ڪنگال، اٽپڙهيل ۽ بيمار ٻار يا ڪو ماڻهو نه هجي هن دنيا ۾.

ماڻهوءَ کي پهرين پاڻ سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي ته مان حالتن جو مقابلو ڪندس ۽ پنهنجي خدائي فرشتن جيان هلندس. ڪا وڏي قرباني نه آهي. اوندهه دور ٿي ويندي ۽ رستا صاف ٿي ويندا. هزار سال لڳي ويندا. مالهي ته پنهنجن ٻوٽن لاءِ به وڻ پوکيندو آهي.

جو ڌرم، مذهب، سياسي نظام، فلسفو يا وادڪا به جماعت، ڪي به شخص، انسانن، قومن، جاتين، فرقن، رنگن ۽ جنسن جا فرق ٻڌائين ته ڪين نه ٻڌو. اوهين اڳيان نٿا هلي سگهو ته ان ماڻهوءَ پڻيان پئو جو هر طرح جي برابريءَ، انساني برادريءَ، امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جو حامي آهي. جي ماڻهو فقط به چور آهن ۽ اوهان کي انتخاب نه آهي ته ننڍي چور پڻيان هلو. اهو ننڍو چور جڏهن اوهان کي ڏسندو ته ڪيس پاڻ بدلڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو.

پر جي ٻئي ماڻهو سنا آهن ته وڏيڪ سني ماڻهوءَ پڻيان هلو. گهر ۽ گهٽيون سنيالبا ته شهر ۽ ملڪ نهي پوندا ۽ دنيا آرام سان ساهه کڻي رهڻ لائق ٿيندي.

سپنن ۽ حقيقتن ۾ وڏو فرق آهي. حقيقتون اڪثر سپنن کي مار ڪڍن. سڄو ادب ان مار جي شاهدي آهي. پر حقيقتون سپنن ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون. روس جو آڪٽوبر انقلاب مارڪس جي هڪ خواب جو تجربو آهي ۽ تاريخ ۾ روس جي انقلاب جي وات مان اڃا ڇڻيءَ جو ڪير وهي رهيو آهي. اهو انقلاب خود انسان جي آزاد سوچ

جو محافظ ٿيندو. جو اڃا نہ ٿي سگهيو آهي. جو ان انقلابيءَ ٻار چوڏاري واڳو وات کولي بيٺا آهن. اهي واڳو ڌرم، مذهب، اڳئين جنم ڪي ڪرم، قيامت جي خوابن وغيره جا چهرا پائي اسانکي ٺڳي رهيا آهن. اها ڳالهہ اسان کي ضرور سمجهڻ گهرجي. هي سڄي ڌرتي خوبصورت ۽ سڀ ماڻهو ڏاڍا سٺا آهن. پر مختلف نظامن جي اثر هيٺ اسين سڀ هڪ ٻئي لاءِ گونگا ٻوڙا ۽ انڌا آهيون. جرمن مري ويا يا انگريز، ماڻهو ٻہ ٿا مرن. قوميت، تاريخ جي بيهودگي آهي. اسين پت جي ڪنهن خسيس نشان تي نظر ڄمائي تاريخ تي ڪجهہ غور ڪريون تہ ان نشان مان هڪ آدرش جو جنم ٿي سگهي ٿو ۽ ان آدرش لاءِ ڪيل جدوجهد اسان جي زندگيءَ کي معنيٰ بخشي سگهي ٿي.

ذاتي زندگيءَ ۾ مون ڏٺو تہ دنيا نہ، تہ هندستان لاءِ هڪ اندرا گانڌي آهي. جا ماڻهن جو پلو ڪري سگهي ٿي. پر جنتا سرڪار ڪيس جيل ۾ وجهڻ لاءِ آماده آهي. سوچيم تہ ان عورت جا هٿ مظبوط ٿيڻ گهرجن. ڄار ۾ ڦاٿل شينهن کي ڪڏهن ڪوئا ٻہ ڪم ايندا آهن.

ڪا تہ انتر راشٽريه سازش ضرور هئي جو شيخ مجيب جو خون ٿيو. انديا ۽ سريلنڪا ۾ اندرا گانڌي ۽ سريمائون بندرا نائيڪي جوراڄ ختم ٿيو ۽ اسان جي پاڙي ۾ ٻہ اهڙا واقعا ٿيا. اهو سڀ اٽڪل ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ ٿيو. انهن چئني ملڪن ۾ جمهوريت جو راڄ هو ۽ چارئي ملڪ آمريڪا ۽ روسي بلاڪ کان ٻاهر هئا. چئني ملڪن جا اڳواڻ عوام ۾ نهايت مقبول. ۽ مان اندرا گانڌيءَ سان گڏيس. پهرين اندرا گانڌيءَ کي الهاس نگر وٺي آيس ۽ پوءِ سندس گهر ونسينٽ ڪريسنٽ ۾ گڏيس. مارچ 1978ع ۾ مهاراشٽرا ۾ اسيمبليءَ جون چونڊون هيون. الهاس نگر مان پرچو وديارٿي ٿي اميدوار بيٺو.. هتي جنتا لهر... اندرا گانڌيءَ کي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ٿي گاريون مليون... مان اندرا ڪانگريس جو سيڪريٽري. هتي جي صدر بمبئيءَ لکي موڪليو تہ جي اندرا هتي اچي تہ اسين ڪيس ست هزار رپين جي ٿيلهي پيش ڪنداسين. اِهو، نائب صدر ۽ مان ڪار ۾ بمبئيءَ اليڪشن آفيس ۾ وياسين، جا سي سي آءِ چئمبرس ۾ هئي. مون ٻنهي ليڊرن کي چيو تہ اندرا کي الهاس نگر آڻڻ لاءِ مان ڳالهائيندس. باقي ڳوٺريءَ وغيره جي ڳالهہ اوهان ڪجو. اتي صدر رام راءُ ادڪ ۽ مهاشٽر اليڪشن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري موهن پنجابي ويٺا هئا، جن ٻنهي سان مان ڪڏهن گڏيو نہ هوس.

اوهان کي ڇا ڪپي“؟ رام راءُ پڇيو.

”اسين چاهيون ٿا تہ شريمتيءَ اندرا گانڌي الهاس نگر اچي“. ”هوءَ بمبئيءَ اچي ٿي. سندس گشت ۾ الهاس نگر جو پروگرام ڪونهي“. هن خنڪيءَ مان چيو. مون تيز ٿي پڇيو ”ڇو“؟

هو وائڙو ٿي ويو.

”ڇو اندرا گانڌيءَ جو الهاس نگر پروگرام ڪونهي؟ ڇو تہ اسين پناهگير آهيون؟ الهاس نگر سڄي انديا ۾ وڏي رفيوجي ڪئمپ آهي. ڇو اڄ تائين اتي هندستان جو ڪو بہ وزير اعظم، منسٽر نهرو، لعل بهادر شاستري ۽ اندرا گانڌي نہ آيا آهن- ڇا اسين انديا جا سيڪنڊ ڪلاس سٽيزن، هڪ بي گهر قوم آهيون- ڇو اوهان کي سنڌين جي جذبات جو قدر نہ آهي“؟

هو چپ. موهن پنجابيءَ پڇيو”اوهان جو نالو“؟

”موهن ڪلپنا“.

”اوهين تہ اسان جي ٻوليءَ جا وڏا ليکڪ آهيو!“

”اوهان جو نالو“؟

”موهن پنجابي“ .

”اوهان بہ تہ ڪراچيءَ ۾ ڪتاب گهر کوليو ۽ ڪافي انقلابي ڪتاب ڪڍيا“. هو خوش ٿيو. مون کي ڀاڪر پاتائين صدر ادڪ کي چيائين ”هِن جي دليل ۾ وزن آهي. سندس ڳالهہ مڃو“.

”مون کي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ هزار ماڻهو کپن. فئبروريءَ جون ٽڏيون آهن. اندرا جي رات جو ڏهين کان اڳ اچي نہ سگهندي“.

”مان لک ماڻهن جو بندوبست ڪندس“.

سو ها ڪيائين. چيائين ”اوهان وڏي چندي لاءِ لکيو هو“.

چيومانس ”اندرا اچي ٿي، مون لاءِ ايترو ڪافي آهي. باقي ٻين ڳالهين لاءِ هنن ٻن سان ڳالهايو.“ هنن بہ جذبي ۾ ست هزار ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ٻن ڏينهن بعد اندرا الهاس نگر اچڻي هئي. اڳواٽ ئي مون گول ميدان بوڪ ڪرائي ڇڏيو هيو. جتي ٻن لک ماڻهن جي ويهڻ جو بندوبست هو. تاريخ اُهائي. جنهن تاريخ تي اندرا اچڻي هئي. جو اندرا جي گشت جا پروگرام مهينا اڳ طئہ ٿيندا آهن: مون ساڳي بمبئيءَ گشت جي تاريخ واري تاريخ لکي. پنيان جنتا پارٽيءَ وارن پرڏيهي وزير باجپاءِ لاءِ بہ ساڳيو ميدان. ساڳي تاريخ، ساڳئي وقت بوڪ ڪرايو ۽ ان جي ڏاڍي پبلسٽي ڪيائون. واپس موٽي اسين ٿيئي ميونسپل ائڊمنسٽريٽر سان گڏياسين. مون ڪائنس وڙهي. تحريڪ هلائي الهاس

نگر ۾ شاهه لطيف جي نالي رستو ورتو هو. چيائين ”ڪلهه اِهو گرائونڊ جنتا پارٽيءَ وارن باجپاءِ لاءِ ورتو آهي. راڄ هنن جو آهي. مان ڇا ڪريان“؟

چيومانس ”هي منهنجو خط ۽ پنهنجي رسيد ڏس. اسان ميدان اڳواٽ بوڪ ڪرايو آهي. اسان جو ميڙ اتي ٿيندو. هڪ وقت ۾ ليڊر ساڳي جڳهه تي ايندا ۽ لڪين ماڻهوءَ هڪ هنڌ جمع ٿيندا تہ ڪافي دنگو فساد ۽ مار ڪٽ ٿيندي. غلطي تنهنجي ظاهر ٿيندي.

نوڪري ۾ وڃائيندين ۽ شايد جيل ۾ وڃين“.

صدر دينچند ڪالاڻيءَ چيس”اسين اڄ ئي توکي گهيرائو ڪنداسين ۽ اخبارن ۾ خبرون ڏينداسين“. نائب صدر هريرام بهراڻيءَ چيس ”راڄ برابر جنتا پارٽيءَ جو آهي. پر اسين مقابلو ڪنداسين. هوش کان ڪم وٺ ۽ انصاف موجب هل“.

هن جنتا پارٽيءَ وارن کي لڪي موڪليو تہ ميدان اندرا گانڌيءَ جي ماڻهن اڳواٽ بوڪ ڪيو آهي. شهر ۾ ٽرٽلو مچي ويو. باجپاءِ کي لاچار چاندي ٻائي ڪاليج ٻاهران وڃي تقرير ڪرڻي پئي. مان پبلسٽي انچارج ۾ هئس. مون سنڌيءَ ۾ هڪ پتر لکيو ۽ ان جو هنديءَ، مراٺيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرايم. چاليهه کن آٽو رڪشائون هڪ ڏينهن لاءِ ڀاڙي تي ڪرايم ۽ ڊومبليوي، پيونديءَ، ڪلياڻ، الهاس نگر، امبرناٿ ۽ ڳوٺن ۾ موڪليم. ان شام اتي اٽڪل ۾ لک ماڻهو جمع ٿيا. باجپاءِ جو پنهنجو جادو آهي، سو وٽس پنج ست هزار ماڻهو ويا، جنهن لاءِ چيائون تہ پندرنهن ويهه هزار ماڻهو آيا. اسين اسٽيج تي فقط ڇهه ڇڻا. پرچو وديارٿي، دينچند، هريرام، سٽيزن فرنٽ جو گوپ بهراڻي، جنهن وديارٿيءَ کي مدد ڪئي. والنٽير پارٽيءَ جو نارايڻ ڪالاڻيءَ ۽ مان. مهاشٽرجا ٻيا ڪافي اڳواڻ، هاڻوڪو وزير اي-پي شرما ۽ مهاراشٽر جو سابق مکيه وزير وسنت دادا پاٽل ۾ آيو ۽ ڏوتين ۾ هٿ وجهي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿا ۽ چڙهيا ٿي. آسمان ۾ هڪ گونج: اندرا گانڌي زندهه باد! اندرا آگي بڙهو، ديش تمهاري ساٿ هئه!!

ڇهين لڳي کان ماڻهن اچڻ شروع ڪيو. انين لڳي ۾ لک ٿي ويا جو تخمينو ۾ ٽائيمس آف انڊيا جي ضلعي انچارج پترڪار سهسر لڳايو. ماڻهو ماڻهن سان لڳي وينا هئا. رستا ماڻهن سان ڀريل. ٽڏ ۾ ماڻهن کي هلڪي ٿيڻ جو خيال اچي تہ اتي نہ سگهن. اسان ۾ مختصر تقريرون شروع ڪيون. هر ڪو پنج ڏهه منٽ ڳالهائي. اٽڪل ويهن ڇڻن ڳالهايو. ڳالهائيندڙ کٽي ويا پر اندرا جو پتو نہ نهي. اسٽيج تي ماڻهو تقرير ڪرڻ بعد اتي ويهندا وڃن. اسٽيج کي ويهه کن ماڻهن کڻڻ جي طاقت هئي. زمين کان ويهه فوٽ مٿي. هيٺ اُڀا ڏنڊا ۽ بينچون. جيئن تہ اسٽيج ڏڏڻ لڳو، سو مون نارايڻ ڪالاڻيءَ جي انقلاب پارٽيءَ جي ڪن جوانن کي چيو تہ اندرا ايندي تہ ڪي ٻيا ۾ ماڻهو مٿي چڙهندا

۽ شايد ڪي مخالف زور لڳائي اسٽيج هيٺ ڪيرائي ڇڏين، سو اندرا اچي تہ اوهين بئنچن مٿان ويهي پنهنجا مظبوط ڪلها اسٽيج کي ڏجو. جيئن اندرا ڪري تہ ڇا لڏي بہ نہ. اندرا گانڌي رات جو بہ لڳي ويهن منٽن تي آئي. اٽڪل ڏيڍ لک ماڻهو اِهو سوچي تہ هوءَ ڪڏهن هتي نہ آئي آهي. هاڻ بہ نہ ايندي، موٽي ويا. سندن گهر بہ پري هئا ۽ ٽڏ سب شايد ٽائليٽ بہ وڃڻو هئن. ڪٿي هلڪو ٽيڻ جي جڳهہ ئي نہ بچي. ماڻهو پاڻ خراب اثر ڪٽي ويا تہ سندن قيمتي وقت وڃايو ويو آهي. پر اِهو نہ سوچيائون تہ هوءَ هڪ عورت ٽڏ ۾ آڏيءَ رات جو آئي تہ سهي. اتان چيمبور ۾ صبح جو چئين لڳي تقرير ڪيائين ۽ صبح جو جهاز ۾ چڙهي هلي وئي.

هوءَ آئي تہ ڏاڍا نعرا هنيائون. دينچند ڪالاڻي ڪيس ونڻ لاءِ هيٺ لهي ويو. مٿي مان ڪيس نمسڪار ڪري گڏيس. هن جي پرسان بينس ۽ وينس. ڪافي فوٽا بہ نڪتا. هوءَ جڏهن مائيڪ اڳيان بيني تہ مون چيومانس ”اندرا جي، سڄو ديش اوهان سان گڏ آهي. اسين ڪڏهن بہ اوهان کي ڪرڻ نہ ڏينداسين“.

مون ڏانهن نهاري چيائين ”ڏسو هيءَ اسٽيج ڏڏي رهي آهي“. چيومانس ”اسان اسٽيج هيٺان بہ ماڻهو ويهاريا آهن. اسان جي پارت ماتا هيٺ نہ ڪرندي “. شايد هڪ ڪن هن مون ڏانهن گهور ڪري نهاريو ۽ شايد منهنجي چهري جي اُڪار ريڪا پنهنجي من جي ڪنهن خالي حصي ۾ اتاري ڇڏي. جو جڏهن دهليءَ ۾ گڏيومانس تہ هن مون کي ڏسي مشڪيو ۽ مون سان بي تڪلفيءَ سان اُهي ڳالهيون ڪيون، جن مان ڪي انتر راشٽريه اهميت رکن ٿيون ۽ اجا تائين ڪٿي ڇاپي هيٺ نہ آيون آهن. اندرا گانڌيءَ بہ فقط نو منٽ تقرير ڪئي. ڪافي ٽڪل هئي. ڪيتريون راتيون جاڳي هئي ۽ بعد ۾ بہ جاڳي آهي. ماڻهو بہ هن تي چريا آهن. پر سندس اوسي پاسي گهٽائي گهٽ دماغ ماڻهن جي آهي. ڪيس عام ماڻهن جي درد جو احساس آهي. وڏو دماغ، ڇٽي سوچ. جرئت. ظرافت ۽ بي ڊپائي هن جون خاص خوبيون آهن. هن جي شخصيت کي پنهنجو جادو آهي. من جي ڳالهہ مشڪل چوي. ڪسنجر ۽ نڪسن بہ هن جو من پڙهي نہ سگهيا. خود برزنيف بہ ڪيس صحيح معنيٰ ۾ پرکي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ هندستان ۽ روس ويهہ سال دوستي ۽ صلح جو عهدنامو ڪيو آهي. هندستان ۾ پنٽي سوچ واري جنتا پارٽي راج ۾ آئي تہ ان راج آڻڻ ۾ ڪجهہ برزنيف جو بہ هٿ هو. پر ڪيس پنهنجي ان غلطيءَ جي خبر تڏهن پئي هوندي . جڏهن جنتا سرڪار جي پرڌان منتريءَ ڪانفرنس ۾ چيو، ”اسان جي پرڏيهي نيتي سچي پرڏيهي نيتي ٿيندي“.

جا اڃائي ٻٽاڪ هنيائين ۽ پنهنجي مختصر راج ۾ نهروءَ گانڌيءَ واري بنهہ ساڳي پرڏيهي نيتي قائم رکيائين. ڇهن مهينن جي اندرا ڪانگريس جي ميمبريءَ دوران

ميونسپل اليڪشن ۾ بينس. گهر گهر ويس. تقريرون ڪيم. ان وقت گيتا ڏهن سالن جي هئي. هن به آٿو رڪشا ۾ ويهي مائيڪ تي تقريرون ڪيون-ٻين اميدوارن رات جو گتا کوليا. ووٽ خريد ڪيائون. منهنجو خرچ فقط ست سؤ چاليهه رپيا آيو. سمجهيم ته ڪٽندس ڪو نه ۽ هٿ کڻڻ تي مون کي سنن پئسن جي آچ به ٿي. جا مون قبول نه ڪئي ۽ مون اليڪشن هارائي.

مون کي افسوس ٿيو ته پارٽيءَ طرفان اتي هڪ به ميڙ نه ٿيو ۽ ميمبرن جي گهٽائي چڱن ماڻهن جي نه هئي. ان ڪري دهليءَ کان موٽي استعيفا ڏنم. انڪري جو پاڻ سان وعدو ڪندس. اهو پورو ڪيم ته اندرا سزا کائي جيل ۾ نه وڃي. اندرا شاهه ڪميشن ۾ قسم کڻڻ کان انڪار ڪيو ته پارٽ جي پرڏان منتريءَ هوندي مون وڏان موجب ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ رازن کي ڳجهه ۾ رکڻ جو قسم کنيو آهي. ان ڪري مٿس ڪا ڪاروائي ٿي نه سگهي ۽ هوءَ عوام کي پنهنجي پاسي ڇڪي ويئي. ڪيس چونڊن ۾ زبردست ڪاميابي ملي. ان بعد هوءَ اجا پارٽ جي پرڏان منتري آهي.

1978ع سيپٽمبر ۾ مسوريءَ ۾ سيمينار ٿيو. مان گيتا ۽ ڪمل کي به وٺي ويس پر اهڙيون زبردست ٻوڏون پيون جو پليون پڄي پيون. اسين دهليءَ ۾ ڦاسي وياسين. اتان آگري، مٿرا ۽ برندابن وياسين. جتي به ڏهه ڏينهن هئاسين ۽ تاج، آگري جو قلعو، سڪندر آباد، ديال باغ، فتح پور سڪري ۽ ٻيا تاريخي آستنا ڏٺاسين. مٿرا جا دوراڪا درويش مندر به ڏاڍو وڻيو.

دهليءَ ۾ هفتو ڪن هوس. مان ته هونءَ ودرپ نيما ڏوتيءَ وٽ رهندو هوس. دهليءَ ۾ هريڪانت ۽ راڌا ڪمل گيتا کي پنهنجي گهر وٺي ويا. راڌا جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي.

هن ۾ تمام گهڻو پيار موهه ممتا آهي. هريڪانت شاعر نه هجي ها ته راڌا سبب ٿي پوي ها.

سيمينار مسوريءَ بدران دهليءَ ۾ ٿيو ۽ ٿي ڏينهن هليو. شايد 11 تاريخ هئي. ساڍي نوين لڳي شروع ٿيڻو هو. مون اندرا گانڌيءَ کي ڪافي خط لکيا هئا. جن مان ڪيترن جا جواب سندس سيڪريٽريءَ ۽ ٻن جا جواب پاڻ ڏنا هئائين. مان سيا جو جنرل سيڪريٽري، سوا نو ٿيا هئا، مون کي خيال آيو ته پنهنجي پارٽ ماتا اندرا گانڌيءَ سان گڏجان. ان وقت ٽيليفون ڊائري ڪڍي هن جو فون نمبر ڪڍيم ۽ لڳايم.

”اوهين ڪير“؟

”منهنجو نالو موهن ڪلپنا آهي، الهاس نگر مان آيو آهيان. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ليکڪ آهيان. مون کي اندرا گانڌيءَ سان گڏجڻو آهي. چيائين: ترس، فون تي چيائين”اندرا ڏينهن جو دهليءَ کان ٻاهر ٿي وڃي. چوي ٿي پندرهن منٽن ۾ پهچي وڃو“.

مون سيا جي صدر ڪيرت کي چيو ”مان اندرا سان گڏجي ڪلاڪ اڌ ۾ اچان ٿو“.

”پر سيا جي ڪاروائي توکي هلائڻي آهي“.

”منهنجو هڪ سپنو آهي. ڪيرت- مون کي وڃڻ ڏي“.

گني سامتاڻيءَ ڪيرت کي چيو ”موهن کي وڃڻ ڏي“.

گني سامتاڻيءَ ڪيرت کي چيو”موهن کي وڃڻ ڏي. اهڙا موقعا زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ملن نہ ملن“.

مون آٽو پڪڙيو. نو پنجويهه ونسينٽ ڪريسنٽ پهتس، جو ٽين مور تي مارڳ پرسان. پنج منٽ سيڪريٽريءَ سان ڳالهايم. ٻاهر هڪ ڪنڊ ۾ پارليامينٽ جا ڪي ميمبر، ٻي ڪنڊ ۾ هڪ فوٽو گرافر، دروازي پاسي گاهه تي ڪي هاري اڳواڻ وينا هئا. اڇو محل. هڪ زمين تي. هڪ مٿي ماڙو. هوءَ هيٺ هال ۾ وينٽي هئي. سيڪريٽري فائيل مان ڪي خط پڙهي رهيو هو. ڪيس چشمو پيل هو. مٿان نهروءَ جو مشڪندڙ فوٽو شيرواني ۾ ڳاڙهو گلاب جو گل. مون ڪيس دروازي وٽان هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو. هن سيڪريٽريءَ کي وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ٻاهر دروازي تي اچي بيٺي ۽ پاڻ به نمسڪار ڪيائين. گفتگو انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ ٿي.

”هتي ڳالهايون يا اندر هلي ويهون“؟ اندرا گانڌيءَ پڇيو.

مون سوچيو متان فوٽو گرافر پنهنجي ليکي، سياويڪ هڪ سندر فوٽو ڪڍي، جو ڪٿي نہ ڪڍيو، مون چيو،

”اندرا جي، هتي ئي نيڪ آهيون“.

هوءَ اڏول ٿي بيٺي. قد ۾ مون کان ننڍي، سنهي، اکين ۾ ڪشمير جي وادين جي گهرائي ۽ اوڃاڳن خواهه گهري سوچ جي تلخي. ساڄي پاسي کان، ڪارن وارن وچ ۾، اڇن وارن جي ڪهڪشان. منهن ايترو سندر جڻ مکڻ ۾ چاندوڪيءَ سان گڏ گل به گهوٽي لڳايا هئائين. ڇاتي ساڙهيءَ ۾ ڍڪيل پر لڳي ائين جڻ چاليهن جي قريب آهي. اکيون چمڪندڙ ۽ پرؤن سنهيون. ڇڪ ٿي ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايان. بيلچيءَ ۾ ڪن ناڪرن هريجنن کي جيئري جلائي ڇڏيو. اتي ڪنهن کي همت نہ ٿئي تہ وڃي سگهي. ڪو به وزير اتي نہ ويو. اندرا ويئي تہ رستي تي ڪار خراب ٿي پيس. اتان هڪ ماڻهو هاٿيءَ تي چڙهي لنگهيو. اندرا هن کي التجا ڪئي تہ مون کي بيلچيءَ پهچاءِ ۽ سڄي هندستان ۾ هڪ عورت، اندرا گانڌيءَ، هڪ ماءُ، سڄي رات هاٿيءَ تي چڙهي،

جاڳي بيلچيءَ پهتي. هاٿيءَ تي اندرا کي ڏسي لکين ماڻهوءَ اتي اچي جمع ٿيا تہ هن ملڪ ۾ غريبن جو ڪو ڌڻي سائين آهي تہ اها اندرا گانڌي ئي آهي. ۽ مون کي خيال آيو تہ ڪيئن پوليس کيس زبردستي گرفتار ڪيو. هڪ رات جيل ۾ بند ڪيائون ۽ کيس ماني تہ ڇا هڪ ڪوپ چانهہ جو نہ ڏنائون، جا کيس سنجيه ۽ مينڪا پياري ويا. وري چاهيم تہ سندس پيرن تي هٿ رکان تہ ماءُ هي سر تنهنجو آهي.

”اوهان ليکڪن مٿان وڏي جوابداري آهي. هن ديش جا ماڻهو وهمن ۽ وسوسن ۾ جيئن ٿا، سندن اهي وهم ۽ سنسا دور ڪيو. پر ماڻهن ۾ ايڪتا جو هڪ رهسيه آهي، اوهين خود ان کي سمجهو ۽ ماڻهن کي سمجهايو“.

مون کي اڇي پتلون ۽ چوغو، پيرن ۾ ڪولها پوري چمپل. شايد منهن ۾ آتم وشواس. اندرا جي آواز ۾ هلڪي گونج هئي. ڄڻ بند ڪمري ۾ مائڪ اڳيان ڳالهائيندي هجي ۽ ان جو هلڪو پڙاڏو بہ ان جو پيڇو ڪندو هجي.

”اندرا جي، اوهين چئو ٿا تہ غريبي هٽايو. پر جيستائين پونجيءَ جو ورهاڱو نہ ٿيو آهي غريبي ڪيئن دور ٿيندي“.

”روسي انقلاب، چيني انقلاب نہ هندستاني انقلاب ۾ هڪ وڏو فرق آهي. اسان جو پنهنجو هڪ الڳ اتهاس ۽ قومي هلچل آهي. بندوق سان انقلاب تہ ايندو. سڄي طاقت ماڻهن جي پنهنجي اڇا شڪتي آهي. اسان زمينداري دور ختم ڪيون. ريلون، جهاز، جيون ويما، بئنڪون قومي ملڪيت بڻايون. راجائن جون پرسون کسيون. اوهين جو چاهيو ٿا اهو خود ويهہ سوتري پروگرام ۾ موجود آهي. هڪ عجيب ٽرئجڊي آهي. اسان جا ماڻهو غريبن جون حالتون ڏسي هنن جا طرفدار ٿين ٿا، پوءِ کانئن جڏهن ووٽ وٺي مٿي اچن ٿا تہ کائن اهي غريب وسري وڃن ٿا، جن کين طاقت ۾ آندو آهي“.

”مان توهان جي اندرا ڪانگريس ۾ شامل ٿيس جو اوهان هڪ تقرير ۾ چيو تہ اوهان طبقائي ڪشمڪش کي مڃو ٿا. پونجيءَ تي حق مزدورن ۽ هارين جو ٿيڻ گهرجي“.

”مون اِهو ڪرڻ چاهيو، پر پوءِ شاهوڪارن پنهنجو ڌن جنتا پارٽيءَ جي چونڊن ۾ لڳائي، اسان جو راڄ ختم ڪيو“.

”ان حالت ۾ اِهو طبقو ختم ٿيڻ گهرجي“.

مون ان طرح مشڪيو، جيئن هوءَ ها ڪري.

”ان ۾ وقت لڳندو، پر ڪافي پئسو آمريڪا خرچ ڪيو“.

”ڇا اهو سچ آهي تہ جنهن رات اوهان ايمرجنسي ظاهر ڪئي، ان رات صبح جو چئين لڳي، اوهان کي خون ڪرڻ جو منصوبو هو“.

”ها ۽ مون رات جو قدم ڪٽي، سيني مخالفن ۽ ڪن فوجين کي گرفتار ڪيو“.

”اوهان وٽ اِن جو ثبوت ته هوندو“؟

”اهي ڪم زباني ٿيندا آهن. شيخ مجيب کي خون ڪيو ويو. ان جي ڪيس هڪ ڏينهن اڳ خبر پئي. مون کي به پئي. پر اسين ڪيس بچائڻ ۾ ڪامياب نه ٿياسين. مجيب وٽ ڪو ثبوت نه هو. جيڪڏهن هو نه مري ها ۽ چئي ها ته ڪيس مارڻ جو منصوبو هو، ته ٿورا ماڻهو اعتبار ڪنس ها. چليءَ جو مثال سامهون آهي“.

”اوهان کي خاطري آهي ته اوهان جي هار ۾ سي-آءِ-اي جو هٿ آهي“.

”ها ۽ ڪجهه روس جي ڪي-جي-بي جو به“.

مان سخت حيران ٿي ويس.

”پر روس ته اسان جو دوست آهي“. مون چيو.

”روس هندستان جو ضرور دوست آهي، پر روس نه چاهيو ته ڪانگريس مظبوط ٿئي. روس چاهيو ته مون کي پارليامينٽ ۾ ايتريون گهٽ جڳهيون ملن جو مون کي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا تي ڀاڙڻو پوي، جيئن 1969ع ۾ ٿيو. ثبوت ان جو به ڪونهي ۽ ڪڏهن اِها ڳالهه ڪٽي چئي نه اٿم. برزنيف شايد سوچي نه سگهيو ته مرڳو اسان جو راڄ ئي ختم ٿي ويندو .“

”ڪجهه مون کي چوڻ جي اجازت ڏيندا“؟

”چئو“.

”معاف ڪجو، ڪجهه شخصي ٿو چوان. مان به ماڻهن ۾ اٿان ويهان ٿو. شري سنجيه گانڌيءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي سخت نڪته چيني ڪئي، جڏهن ته ان پارٽيءَ ايمرجنسيءَ کي سپورٽ ڪيو. شايد روس ان ڳالهه تي ناراض ٿيو. مون ٻڌو ته آر -ايس-ايس تي بندش پئي ته ان جا گهڻا والنٽيئر يوٽ ڪانگريس ۾ شامل ٿيا ۽ نسبنديءَ وقت هنن ئي مسلم ڀائرن سان زيادتيون ڪرايون. ان جا مقصد هئا. هڪ ته اسان جا مسلمان ڀائر ڪانگريس کان ڪٽجي وڃن ۽ ٻيو ان تحت اوهان جو راڄ ختم ٿيندو. تي مهينا ڪنڀ جو ميلو لڳو. اتي هندستان جا چارئي جڳت گرو گڏ ٿيا. اتي ان دؤر ۾ پنج چهه ڪروڙ هندو سنگم ۾ ٽپي ڏيڻ لاءِ آيا، تن کي چيو ويو: اندري بچائو-اندرا هٽايو! ثبوت مون وٽ به ڪونهي. هندو به اوهان کان ڪٽجي ويا. ڏسو ڏکڻ هندستان ۾ ڪانگريس کٽيو جو اتي آر-ايس-ايس لڳ ڀڳ آهي ئي ڪو نه“.

ڳالهه ٻڌي ڪيس ڪجهه عجيب لڳو ۽ ڪا خوشي به ٿي ته سندس ۽ ڪانگريس جي هار ۾ انتر راشٽريه سازش سان گڏ قومي منصوبا بندي به هئي.

”اِهي سڀ ڳالهيون ماڻهن کي سمجهائڻيون آهن“.

”اندرا جي، اوهين خانگي ملڪيت جي خاتمي جو اصول قبول ڪريو.

اسان جو ملڪ شاهوڪار آهي، پر اسان جا ماڻهوءَ غريب آهن. هڪ ماڻهو روز ٻہ لک ٿو ڪمائي، ٻيو ٻہ رپيا ٿو ڪمائي. ڪمائيءَ جي وچوٽي فقط پنجوٽي هجي. پئداوار ۽ ورهاست جا سڀ وسيلا سرڪار ڪٽي. شاهوڪارن جون شاهوڪاريون ختم. اوهين مخالفت ۾ آهيو. شاهوڪار ٻہ ڪم ڪن. ڪين ٿورو عيوضو ڏيو. مان تہ ليکڪ آهيان ۽ ارٿ شاستر جو ماهر نہ آهيان. اِهو اصول شري جواهر لعل نهروءَ قبول ڪيو، پر شري نهروءَ پهرين هندستان ۾ قومي استقامت قائم ڪرڻ چاهي، لڳي تہ حڪومت آهي ۽ اِها ڪم ڪري ٿي“.

”اوهان ڳالهہ صحيح چئي. ان قومي استقامت سبب مون ڪي ٻہ تڪڙا قدم نہ ڪنيا. پهرين هندستان جي سلامتي ۽ ايڪتا آهي. اهي شاهوڪار ويندا ڪيڏانهن؟ ٻاهرين طاقتن جي منصوبن کان ساوڌان رهڻو آهي.“

مون ٻئي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪري چيو ”اوهان تاريخ جا تمام وڏا ماڻهو آهيو. اوهان مون کي پنهنجو قيمتي وقت ڏنو. ان لاءِ اوهان جي وڏي مهرباني“.

هن مشڪي فوٽو گرافر ڏانهن نهاريو جو شايد سمجهائين تہ مون آندو هو. فوٽو گرافر ڪنڌ هيٺ ڪري بوٽ جا ڏاڳا ٻڌي رهيو هو. اندرا گانڌيءَ چيو ”اوهين ڪڏهن ٻہ فون ڪري مون وٽ اچي سگهو ٿا. پر هڪ ڳالهہ سمجهو. اوهين ليکڪ آهيو. جڏهن قلم کڻو تہ ياد ڪجو هندستان جي ماڻهن کي وهمن ۽ سنسن کان بچائڻو آهي. ياد ڪجو تہ ڪٿي ڪو غريب ڳوڙهو ٿو ڳاڙهي“. هن ٻہ هٿ جوڙيا.

مون چاهيو تہ مان وڃان تہ سندس پيرن کي ڇهندو وڃان. پر ائين مان ڪري نہ سگهيس. اکين ۾ ٿورو پاڻي آيو ۽ مان آهستي سندس محل کان ٻاهر هليو ويس. اها رات، هريڪانت جي گهر، گني، راڏا، ٻارن، گيتا ۽ ڪمل منهنجون ڳالهيون ٻڌيون. مون ۽ اندرا گانڌيءَ واچ جا پورا پندرنهن منٽ هڪ ٻئي سان ڳالهايو.

هڪ لنبي ياترا بعد واپس موٽي مون اندرا کي خط لکيو جنهن ۾ اسان ٻنهي جي ٽيل گفتگو جي روبڪار لکيم. جنتا سرڪار جو راڄ ختم ڪرڻ جون ڪي صلاحون ڏنيون مانس. پاڻ جواب نہ ڏنائين، سندس سيڪريٽريءَ ڏنو ۽ چيائين تہ شريمتيءَ اندرا گانڌيءَ فيصلو ڪيو آهي تہ اوهان جو خط سوچ هيٺ آڻڻ لاءِ آل انڊيا ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ايندڙ ميڙ ۾ رکي. سندس اهو خط مون سنڀالي رکيو آهي، ڇو تہ جا اندرا ۽ منهنجي گفتگو ٿي ان ۾ د- رنگي حال جو ذڪر آهي.

مان گيتا ۽ ڪمل کي وٺي تاج ايڪسپريس ۾ آگري ويس. ٻنهي چاهيو ٿي تہ ڪيس هردوار ۽ رشيڪيش وٺي وڃان. اتي وسيع گنگا. شام جو ماڻهوءَ دونن ۾ گل ۽

ڏيئا رکي گنگا ۾ وجهن. ان دونن چوڌاري روشنيءَ جا گهيرا. گنگا ۾ اوندهه، ڌرتيءَ تي، آسمان ۾، جڻ انساني تاريخ ۽ اهي ڏيئا ائين لڳن جڻ اهي اتهاس جا مهاپرش آهن. جن کي پنهنجي سوچ جي روشنيءَ جا گهيرا آهن.

تاج ايڪسپريس ۾ اندرا گانڌي به هئي. ڏاڍا ماڻهو جمع ٿيا. مان مٿرا اسٽيشن تي لهي به گاڏا پاسي ۾ اندرا وٽ ويس. هن مون کي ڏسي مشڪيو ۽ گيتا جي منهن ۾ نهاري ڪيس هٿ لوڏيائين. گيتا ڏاڍي خوش ته اندرا ڏانهن نهاريو ۽ پيار مان هٿ لوڏيو. آگري ۾ سامان اسٽيشن تي ڇڏي ڪمل کي به هن وٽ وڃي ويس. ڪمل ڪيس پرسان لنگهندي ڏٺو. اتي ماڻهو پلئٽ فارم تي، رستن تي ڪارن، وڻن ۽ ڇتين مٿان چڙهي بيٺا.

لڳو هو پشيمان ٿيا ته هنن اجايو اندرا کي طاقت جي تخت تان لاٿو. هن کي ئي راڄ ڪرڻ گهرجي. هن وقت اِها ئي ته آهي جنهن کي پورو هندستان سڃاڻي ۽ دنيا به هن جي عزت ڪري ٿي.

گاڏيون بمبئيءَ نٿي ويون. رستا اجا بند هئا. مون ڏهه ڏينهن دير سان دهليءَ مان بمبئيءَ رزرويشن ڪرائي ڇڏي. اهي ڏهه ڏينهن اسين تاج جي ايوان ۾ ويناسين. انارڪلي جتي سنان ڪندي هئي. اتي ويناسين. فتح پور سڪريءَ جي هڪ ديوار تي هٿ لڳائي ته فرلانگ پريان ٻي پٽ مان ان جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. اندر جوڏا ٻائيءَ جو گهر ۽ مندر، ڪاٻي اڪبر محل، جتي پوءِ جهانگير رهڻ لڳو. وچ ۾ حضرت خواجه شيخ سليم چشتيءَ جي سنگ مرمر جي تربت، چون: ان درويش کان جيڪو گهر، اُهو مِلي.

پاسي ۾ به ننڍيون قبرون.

اڪبر بادشاهه کي ٻار ڪپندو هو ۽ اهو به پٽ. هن شيخ سليم چشتيءَ اڳيان گوڏا کوڙيا. پر شيخ ڪيس نهاري ئي نه. چو ته سندس خيال ۾ اڪبر کي پٽ ٿيڻو ئي نه هو. شيخ سليم چشتيءَ جي پٽ اڪبر چيو: مان تو اوهان کي دعا ڏيان ته اوهان کي پٽ ٿيندو. ڪيس هٿ ۾ هڪ طوطو هو، شيخ چشتيءَ غصي مان پٽ ڏانهن نهاريو ته هاڻ تون ئي اڪبر جو پٽ ٿيندين جو تو دعا ڏني اٿس. پٽس امالڪ اڪيون ٻوٽيون. اهو ڏسي طوطو به سندس هٿن مان ڪري پيو ۽ اِهو به مالڪ جو صدمو برداشت نه ڪري مري ويو.

ان ياترا ۾ مون کي سنڌ جي ياد ڏاڍو ستايو. مون کي جهانگير جي ان قدم تي خوشي ٿي ته هن ان ٻار سان گڏ طوطي جي به سماڌي نهرائي هئي. آهه! اهي ئي جذبا آهن جي زندگيءَ کي معنيٰ بخشين ٿا.

مون به شيخ سليم چشتيءَ جي درگاهه ۾ گوڏا کوڙيا:

”اي درويش تنهنجي مٽِي بہ پوڄا لائق آهي. ان مٽِي کي بہ وڏي طاقت هوندي. منهنجي ٽن جو ڪٽنب ٺيڪ آهي. هڪ آرزو آهي منهنجي. مرڻ کان اڳ پنهنجو ملڪ ڏسان. اهو ڏيکار. ان بعد تنهنجي درگاهہ ۾ اچي ڪرندس ۽ تنهنجي چائنٽ جو هڪ هڪ ڏاڪو چمندس“.

گوبند مالهي چوي ٿو تہ هو سنڌ واپس موٽڻ کان اڳ ڪڏهن نہ مرندو. مون کي اهڙي ڪابہ خوش خيالي نہ آهي. مان ائين جلاوطنيءَ ۾ ئي ڳري سڙي ختم ٿي ويندس ۽ پوءِ شايد ڪي ماڻهو ڳالهہ ڪندا ”هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا، ٻنهي هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ڪئي- پر مِلي نہ سگهيا !“

موهن ڪلپنا

سومر 21 جون 1982ع

جوڙ ڪٽ

جمع 16جولاءِ 1982ع

ڪٿا اجا اڌوري آهي.

ڪو بہ ڪتاب ٻہ دفعا پڙهيو نہ ويندو آهي. ڪو بہ هڪ ڪتاب ٻہ دفعا پڙهندي ساڳيو نہ لڳندو آهي. وقت جون نسبتون ۽ پڙهندڙ جو اندروني سنسار بدلجندا رهندا آهن. نيڪ ان طرح ڪو بہ ڪتاب مڪمل نہ هوندو آهي ۽ ان ۾ ڪجهہ جوڙڻ جي گنجائش قائم رهندي آهي.

منهنجي آتم ڪٿا ”بک، عشق، ادب“ ڪتاب بہ اڌورو آهي. نہ ان ڪري تہ مان جيئرو آهيان، ان ڪري تہ اِهو مڪمل ٿي نہ سگهيو آهي.

مون پنهنجي ڪٿا 1975ع جي شروعات ۾ لکي. دوست مدد علي سنڌيءَ اِها پريس ۾ ڏني پوءِ خبر نہ اٿم تہ ڇا ٿيو، جو اِها نہ ڇپي. مدد ان جو هڪ ٽڪرو ڪٿي الڳ ڇپايو. تڏهن مرحوم پير حسام الدين راشديءَ کي اهو ڇهي ويو. هن صاحب اصل دستخط پڙهڻ چاهيو مون پيٽ دوست ماهتاب محبوب کي درخواست ڪئي تہ مدد کان اهو وٺي ۽ هن شايد بزرگ دوست محمد ابراهيم جويو جي معرفت اهو حاصل ڪيو ۽ دوست جئويو معرفت پارت ڏياري موڪليو.

مون سان مصيبت اها آهي تہ مان ڪا بہ ڳالهہ ساڳئي نموني ٻيهر لکي نہ سگهان. ڪا ڪهاڻي، ڪا ڪويتا نہ لکي سگهيو آهيان. مون وري قلم کنيو ۽ آتم ڪٿا کي 1978ع جي ارد گرد اڌ ۾ ڇڏيم يا ڇئجي تہ پورو ڪيم. هونءَ پوري زندگيءَ ٿيندي آهي، ڪتاب نہ ٿيندو آهي. ان ڪري ان ۾ اجا بہ گهڻو ڪجهہ اڻ چيو رهجي ويو آهي. هونءَ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اڻ چيو مون اڪثر پسند ڪيو آهي. اهو عيب آتم ڪٿا ۾ بہ هوندو. ماهتاب محبوب تي خاص طور ڪجهہ لکڻ چاهيم، پر هن مون تي ايترو تہ لکيو آهي جو ان سلسلي ۾ قلم ضد ڪري بيٺو تہ ٿورو ترس.

ٽي سال اڳ پيٽ گل ٽالپر پنهنجي وڏي پٽ ارشد ۽ ساهيڙين سان گڏ انديا آئي. بس ڳالهيون هيون ۽ سفر هو -اسين دهلي ۽ آگرو گهمي آياسين. ڪيس تاج محل ۽ لعل قلعو ڏيکاريم ۽ امرتا پريتم سان بہ ملايو مانس، جا سندس خواهش هئي.

هن چاهيو ۽ مون ڪيس پنهنجو نئون دستخط ڏنو. ارمان اٿم تہ ان سندر ياترا ۽ هن پياري پيٽ گلشن جو پڻ ان ۾ ذڪر ڪونهي.

مان دوست شوڪت حسين شوري جو مشڪور آهيان جنهن موجوده ماحول کي خيال ۾ رکي ڪتاب کي صحيح نموني ايڊٽ ڪيو آهي.

موهن ڪلپنا

جمع 24 آگسٽ 1984ع